# ماستر هريام جو ٻئنڪاڪ وچڻ

(هيروڊيٽس، ٽالسٽاءِ ۽ موپاسان جي لکڻين سان
وڌايل نئون ڇاپو)

الطاف شيخ

روشني پبليڪيشن
ڪنديارو
1999ع

Roshni Book No. 139

ڪتاب جو نالو: ماسٽر هريام جو بئنڪاڪ وڃڻ
مترجم: الطاف شيخ
ڇاپو ٽيون: © روشني 1999ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

**MASTER HARYAM JO BANGKOK WAJAN**
(Short Stories)
Translated by: Altaf Shaikh
Composed by: Habib Qadir Qureshi
Roshni Composers, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
3rd Edition © Roshni 1999

# فهرست


- انتساب – مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ
= ترجمي جو سفر – نجم عباسي
1. خوش نصيب وڇوڙو
2. گرميءَ جي لهر
3. ٽيون ڏاڪو
4. قوناط جي خوشين ڀري مختصر زندگي
5. سفيد گلاب
6. ماستر هريام جو ٻئنڪاڪ وڃڻ
7. آخري ڪِلڪو
8. ضدي
9. شادي
10. ٽئڪسي ڊرائيور جي ڪ هاٽي
11. ماتا ڪچنگ
12. پيار جو آڪيرو
13. نيڪلس
14. ذهين ترين
15. وفا جي پتلي
16. حقيقتن جي چاڙ
17. قيدي

# انتساب
# مخدوم محمد زمان ’طالب المولى‘ نالي

مخدوم صاحب جن کي ڏاڍو مس ڪيان ٿو. تعليم توڙي نوڪريءَ دوران ٻاهران ٿي، پنهنجي ڳوٺ هالا اچڻ تي مخدوم صاحب جن سان ضرور ملندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن اهو سوچي ته سندس طبيعت صحيح نٿي رهي، ڪين ڪيترائي ڪم آهن ۽ مصروف ٿا رهن، منهنجي وڃڻ ڪري هنن جي آرام ۾ رُخنو نه پوي، آئون نه ويندو هوس ته ڏينهن ٻن بعد پاڻ ئي ماڻهو موڪلي مون کي گهرائيندا هئا، ۽ منهنجي لکڻين ۾ نَون ڇپيل ڪتابن بابت پڇندا هئا ۽ وڌيڪ لکڻ لاءِ تمام گهڻي همت افزائي ڪندا هئا. اهو سندن ادب لاءِ چاهه هو، جو مون جهڙن جي عزت افزائي ڪئي ويندي هئي.

ملائيشيا وڃڻ کان اڳ ۾ پاڻ مون کي ان پاسي جي ملڪن جي شاعريءَ تي ڪجهه لکڻ يا ترجمو ڪرڻ لاءِ صلاح ڏنائون. شاعري پڙهڻ يا سمجهڻ مون لاءِ ڏکيو سبجيڪٽ رهيوآهي. البت ملئي، ٿائي، سنگاپوري، انڊونيشي اديبن جا جيڪي افسانا پسند آيم ٿي، سي ترجمو ڪندو پئي ويس. اهڙيءَ طرح هي ڪتاب ’ماستر هريام جو ٻنڪاڪ وڃڻ‘ وجود ۾ آيو. 1987ع ۾ ملائيشيا کان موڪل تي ڳوٺ آيس ته هي ڪتاب ’نيوفيلڊس پبليڪيشن‘ طوفان ڇپجي چڪو هو ۽ مخدوم صاحب جن کي پيش ڪندي چيم: ”شعر ته نه پر افسانا ترجمو ڪيا اٿم.“ پاڻ افسانن جا عنوان ڏسي مرڪندا رهيا.

اڄ ڏهاڪو سالن بعد ان ساڳي ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ’روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو‘ ڪڍي رهيو آهي. ٻهرين ڇاپي وانگر هي وڌايل ڇاپو پڻ مخدوم صاحب جن کي منسوب ٿو ڪريان. پر افسوس جو هي ڪتاب کين پريزنٽ ڪري نه سگهندس جو پاڻ اسان کان جدا ٿي چڪا آهن.

مخدوم محمد زمان ’طالب المولى‘ صاحب جن تي گهڻو ڪي ڪجهه لکي سگهجي ٿو، پر هتي سيد مرتضى ڏاڏاهي جو مخدوم صاحب جي شخصيت بابت فقط هي جملو ورجائيندس ته، ”پاڻ نهايت ئي درگذر ڪرڻ وارا، صابر، شاڪر، سهڻا سڀاجها، ماڪيءَ کان مٺا، ملنسار ۽ مهربان طبيعت جا مالڪ هئا.“

پاڻ سنڌ ۽ مشهور شاعر، ممتاز اديب ۽ بااصول سياستدان هئا. سياستدانن جي خبر نه اٿم پر اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن تي ڏاڍو مهربان هئا. هالا ۾ ننڍي هوندي کان شعر و شاعريءَ جون محفلون ڏٺيونسين. پاڻ بزم طالب المولى سميت ڪيترين ئي ادبي انجمن جي سرپرستي ڪيائون، ويتر سندي ڳالهه اها آهي ته ادبي محفلن ۽ شعر و شاعريءَ سان لڳاءُ سندن فرزند مخدوم ’امين فهيم‘ ۽ سندن پوٽي مخدوم جميل الزمان ’جميل‘ ۾ پڻ تمام گهڻو آهي.

اڄ جي دور ۾ جڏهن تعليم ۽ ڇپائي عام ٿي وئي آهي، تڏهن به سنڌ جي ڪيترن وڏن شهرن ۾ ڇپائيءَ جي ڪا پريس نظر نٿي اچي، پر هالا جهڙي شهر ۾جيڪو اڄ کان اڌ صدي اڳ هڪ

ڳوٺڙو هو، اتي مخدوم صاحب جن ’الزمان‘ نالي پرنٽنگ پريس 1948ع ۾ لڳرائي، جڏهن پاڻ اٺاويهين اوڻٽيهن ورهين جاهئا. ان پريس مان ان وقت ’پاسبان‘ ۽ ’الزام‘ هفتيوار اخبارون نڪرنديون هيون. 1950ع ۾ هالن مان هڪ ماهوار رسالو ’فردوس‘ سندن سرپرستيءَ هيٺ جاري ٿيو. ’فردوس‘ سڄي سنڌ ۾ تمام مشهور ٿيو. ان ۾ شعر، افسانا، سوال جواب ۽ فلمي فوٽو ۽ خبرون هونديون هيون، ۽ لکڻ وارن جي گهڻائي جو تعلق هالا سان هو. بلڪه هن پريس، هن رسالي ۽ مخدوم صاحب جن جي همت افزائيءَ هالا جي ڪيترن ئي ماڻهن کي اديب ۽ شاعر بنائي ڇڏيو. اسان جيئن ئي لکڻ پڙهڻ سکياسين ته پرئڪٽس لاءِ ’الوحيد‘، ’فردوس‘، ’نئين زندگي‘ ۽ ’گلستان‘ اخبار ۽ رسالن جي صفحن کي پڙهڻ لڳاسين. فردوس هالا ۾ ڇپبو هو، گهر گهر ۾ نظر ايندو هو. ان ڪري سڀ کان گهڻو ان رسالي سان واسطو پيو. اڄ به ان رسالي ۾لکندڙ ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن جا نالا دماغ ۾ ڦري رهيا آهن: الهه بچايو ’فيروز‘، عبدالحي ’سليم هالائي‘، انور هالائي، شفيع محمد ’شهنشاهه‘، علي احمد ’گل چين‘، عبدالرحمان ’انجم‘، ’اختر هالائي‘، شوڪت ابڙو ’شوڪت‘، عبداللطيف ’ساقي‘ وغيره وغيره. ان کان علاوه مخدوم صاحب جا شعر، غزل، گيت، ڪافيون پڻ ان ۾ ڇپبيون هيون. سندن ڪافيون ۽ وائيون نه فقط پڙهندڙن ۾ پر ڳائڻ وارن ۾ پڻ مقبول ٿيون. اسان به ”تو دلڙي يار ڏتاري، پو ير ڪانه ڪيئي پوئواري“ جهڙيون ڪافيون پهرين ڳوٺ جي صدا بهار ڳائڻين: قدم، گلزار، آمون شيدياڻي ۽ ڦاپو مڱڻهار کان ٻڌيون، پوءِ ريڊيو پاڪستان ۽ ٽي ويءَ تان ۽ هاڻ هر بس ۾ رونا ليلى جي آواز ۾ ڪئسٽ وڄندا رهن ٿا:

”تنهنجو ’طالب مولا‘ آهي،
ٻي ساڻ پلا ٻيو چاهي؛
رس تنهن کي قرب مان ڪاهي،
ٻيا لڳ لاڳاپا لاهي؛
ڇڏ وير ورهَ جي واهي،
ڪير سينو توسان ساهي؛
اها طاقت ڪنهن کي ناهي،
اڄ مون وٽ گاهي ماهي؛
لاءِ بره جي يار بهاري!
الا ير ڪانه ڪيئي پوئواري!

سائين طالب المولى جن جي ٻي هڪ ڪافيءَ جا خوبصورت ٻول جيڪي هن وقت ياد اچي رهيا آهن:

جيڪي برهه ۾ بيپرواهه دليون- اهي آهن شهنشاه دليون،
جيڪي پورن ۾ پيون روز پچن- جيڪي بره جي باهه ۾ ڏار ڏڳن،
جيڪي دردن جو درمان نه ڪن، سي سهڻن جون ٿيون ساهه دليون.
جيڪي محبت ۾ ٿيون مست مڇي، جيڪي طالب المولى ڪن نه ڪچي،

والله چوان ٿو سچ به سچي، اهي ڪن ٿيون ڪونه گناهه دليون.

1952ع ڌاري مخدوم صاحب جن جي سرپرستيءَ ۾ حيدرآباد مان نڪرندڙ ”شاعر“ رسالو پڻ تمام مشهور ٿيو ۽ معياري سمجهيو ويو ٿي.

مخدوم صاحب جن 1950ع ڌاري سياست ۾ ڀهرو وٺڻ شروع ڪيو، سندن رهنمائي چاچي مخدوم غلام حيدر جن ڪئي. 1953ع جي چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبري تي بنا مقابلي جي چونڊجي آيا. پاڻ ان بعد مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ نه بيٺا. مارشل لا ڪانپوءِ نئين آئين جي چونڊ ۾ پاڻ مرڪزي اسيمبليءَ تي ميمبرچونڊجي آيا.

بقول جي ايم سيد صاحب جي، ”مخدوم محمد زمان ’طالب المولى جن جي طبيعت جو اصل لاڙو ادب ۽ ثقافت طرف زياده رهيو؛ پر مڪاني ضرورتن ۽ وقتي مصلحتن جي بنا تي پاڻ مجبوراً سياست ۾ حصو وٺندا رهيا.“

پاڻ پهرين مسلم ليگ ۾ هئا پر 1967ع کان ڀٽي صاحب جي قائم ڪيل پيپلزپارٽيءَ جا باني ميمبر ۽ سينئر وائيس چيئرمين رهيا. پاڻ 1970ع ۽ 1977ع ۾ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر منتخب ٿيا.

مخدوم محمد زمان طالب المولى جن 9 محرم 1338 هجري بمطابق 26 سيپٽمبر 1919ع آچر تي هالا ۾ جنم ورتو. سندس والد بزرگوار جو نالو مخدوم غلام محمد هو. مخدوم صاحب ايشيا کنڊ جي نامور عالم دين، مبلغ حضرت غوث الحق المعروف مخدوم نوح سرور رح جي گاديءَ جو سترهون سجاده نشين هو. مخدوم نوح سرور رح پنهنجي وقت جو غوث، مجدد،وڏو عالم ۽ ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس اصل نالو لطف الله هو ۽ سندن والد صاحب جو نالو مخدوم نعمت الله هو. مخدوم نوح سرور رح ننڍي کنڊ (پاڪ وهند) جو پهريون عالم هو، جنهن فارسي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو هو.

مخدوم صاحب جي زباده تعليم ۽ تربيت سندن والد بزرگوار غلام محمد ۽ چاچي مخدوم غلام حيدر جن جي خدمت ۾ ٿي. قرآن شريف جي تعليم انهيءَ وقت جي عالم ۽ درگاهه شريف جي مجاور حافظ ولي محمد کان حاصل ڪئي. سنڌيءَ جي تعليم استاد حاجي عبدالغفور وڪيلائي ۽ استاد عبدالرحمان انجم هالائيءَ کان ورتائون. فارسي عبدالحي نيڙهي واري پڙهائين ۽ انگريزي ۾ سندن استاد غلام رضا پٺو صاحب هو.

مخدوم صاحب جن جو وڏو فرزند مخدوم محمد امين فهيم هالا جي اسڪول ۾ مون کان چار سال ڪن سينئر هئا. پيٽارو وڃڻ کان ٽي سال اڳ جيڪي هالا جي اسڪول ۾ پڑهيو هوس، اتي اسان جو هيڊ ماستر سائين غلام رضا پٺو صاحب هو (سندن وڏو فرزند نواز علي پٺو، رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي اسان کان سال جونيئر هو.) اهڙيءَ طرح مخدوم صاحب جن جو انگريزيءَ جو استاد غلام رضا پٺو صاحب اسان جو پڻ استاد ٿي رهيو. سندن ٻئي استاد صاحب: انجم هالائي جن سان پڻ منهنجا ويجها تعلقات رهيا، جوانجم صاحب جو ننڍو فرزند عبدالرزاق پرائمري اسڪول کان وٺي انگريزي تائين منهنجو ڪلاس ميٽ رهيو ٿي. ۽ هو اسان جي پرواري گهٽيءَ ۾ رهيا.

مخدوم صاحب جن جا ڪيترن ئي موضوعن تي ڪتاب لکيل آهن. جهڙوڪ؛ رباعيات طالب، خود شناسي، شيطان، اسلامي تصور، امام غزاليءَ جا خط، ياد رفتگان، مثنوي عقل و

عشق، ڪچڪول، شان سرور، ڪافي، چپر ۾ چڙيون، ديوان طالب، ٻي پير اکيون وغيره وغيره.

مخدوم صاحب جن ٻه شاديون ڪيون هيون. پهرين شادي 1937ع ڌاري 18 سالن جي ڄمار ۾، اچ شريف تعلقي ٽنڊوباگو (ضلعي بدين) جي پيرن مان ڪئي هئائون جيڪا هن علائقي جي ناميارِي شخصيت علي بهادر شاهه جي ڀڳي هئي. اها ٽن سالن بعد 1940ع ڌاري گذاري وئي. جنهن مان مخدوم جن کي هڪ فرزند امين فهيم آهي. ٻيو نڪاح ڊسمبر 1941ع ڌاري مولانا فضل احمد غزنوي صاحب جي نياڻيءَ سان ڪيائون. ان مان کين مخدوم خليق الزمان، مخدوم رفيق الزمان، مخدوم شفيق الزمان، مخدوم سعيد الزمان ۽ مخدوم نويد الزمان اولاد آهي. مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ چاليهي جي موقعي تي فيبروري 1993ع ۾ مخدوم امين فهيم کي گادي نشين بڻايو ويو. اهڙيءَ طرح مخدوم امين صاحب ارڙهون نمبر گادي نشين آهي. پاڻ سياست جي ميدان ۾ سدائين سرخرو رهيو آهي. اسيمبلي ميمبريون ۽ وزارتون ماڻيندو رهيو. مخدوم امين صاحب پڻ اديب ۽ شاعر آهي. پڙهيل ڳڙهيل، سياستدان، اديب، شاعر ۽ سنڌ جي باعزت خاندان جو فرد هجڻ ڪري، کين ڪيترن ئي ملڪن توڙي غير ملڪي اهم ۽ مشهور ماڻهن سان ملڻ جا موقعا مليا. آهن. ايوب خان ۽ ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺي شيخ اياز ۽ جميل الدين عالي تائين، جي ايم سيد ۽ پير پاڳاري کان وٺي غلام محمد گرامي ۽ ابن انشا تائين، سنگاپور جي لي ڪئان يو ۽ ملائيشيا جي مهاتر کان ياسر عرفات تائين، هو چاهي ته پنهنجي زندگيءَ جون يادگيريون قلمبند ڪري ادب جي وڏي خدمت ۽ عوام کي پڙهڻ لاءِ دلچسپ مواد ڏئي سگهي ٿو. ملائيشيا ۾ 1989ع ۾ ٿيندڙ ڪامن ويلت جي ليڊرن جي گڏجاڻيءَ ۾، سندن انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ ۽ ملائيشيا جي بادشاهه ازلان شاهه سان گڏ تصوير ڪڍڻ وقت، مون کيس اهڙي صلاح ڏني هئي ۽ هينئر به منهنجي اها خواهش آهي ته هو پنهنجو ڪجهه وقت ان قسم جي ملاقاتن ۽ يادگيرين کي قلمبند ڪرڻ لاءِ ڪڍن. ان حساب سان سندن فرزند ۽ مخدوم صاحب جو وڏو پوٽو جميل الزمان سياست سان گڏ چڱو وقت لکڻ پڙهڻ کي ڏيئي رهيو آهي؛ ۽ سندن هينئر ئي ٻه ڪتاب نثر ۽ نظم جا اچي چڪا آهن.

مخدوم طالب المولى جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا طور کين تمغئه پاڪستان 1990ع ڌاري، هلال امتياز ۽ 1991ع ڌاري حڪومت سنڌ طرفان شاهه عبداللطيف ايوارڊ پڻ ڏنو ويو. سنڌ جو سڄاڻ سخنور مخدوم محمد زمان طالب المولى 11 جنوري 1993ع تي ٽيهتر سالن جي ڄمار ۾، علم ادب جي مشعل کي روشن رکندي راهه رباني وٺي ويو. دعا آهي ته شال رب پاڪ کين جنت الفردوس ۾ اعلى مقام عطا فرمائي- آمين.

آديسي اٿي وَيا، وَيا وطَنؤن ڏُور،
قائم جن سان ڪچهريون، زنده هيون ضرُور،
اُهي مرد نه مُور، ٿيندا پيدا ٿَري چَوي.

الطاف شيخ
10 جولا 1998ع
ڪراچي.

# ترجمي جو سفر

ٻين ٻولين جا ڪي ڪتاب پڙهندي خيال ايندو آهي ۽ اتساهه اُڀرندو آهي، ته ان ۾ ظاهر ڪيل ويچار، نظريا ۽ واقعا يا ان جي لکڻ جو وڌندڙ ڍنگ، اسان جي ٻوليءَ وارا به پڙهي ۽ ڄاڻي سگهن. ان لاءِ ان کي ترجمي ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو جاڳندو آهي. يا وري ٻين ٻولين جي ڪن ڪتابن ۾ سياسي، سماجي ۽ قومي مسئلا، تعليمي، تهذيبي، اقتصادي ۽ نظرياتي حالتون اهڙيون بيان ڪيل هونديون آهن ۽ انهن جا حل پڻ پيش ڪيا ويندا آهن، جي اسان جي ديس جي مسئلن ۽ حالتن جهڙا هوندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾، ان جي ترجمي تي دل چاهيندي آهي، جيئن اسان جي پنهنجي عوام جي ماڻهن جو انهن مامرن ۾ ذهني ۽ قومي سوچ ڄاڻڻ لاءِ به انهن ملڪن جي ٻولين جا ڪتاب ترجمو ڪرڻ ڪارائتو ڪارج آهي. اهي آهن منهنجا پنهنجا خيالات ۽ لاڙا ترجمي بابت.

الطاف شيخ جي ترجمو ڪيل هنن ڪهاڻين مان ائين پيو لڳي ڄڻ اسان جي ديس ۽ سماج جون ڪهاڻيون آهن، ۽ انهن جا ڪردار اسان جا ڏٺل وائٺل آهن. ماحول ۽ ڪردار اهڙا آهن، جو جي ماڻهن ۽ شهرن جا غير سنڌي نالا نه هجن ته ترجمي هجڻ جو گمان ئي نه پوي.

ڪهاڻي ”خوش نصيب وڇوڙي“ ۾ ليکڪ مزاح ئي مزاح ۾ ڪيترن ئي سماجي اوڻاين طرف صاف ۽ چٽو اشارو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ دولتمند يا نوڪر شاهي طبقي جي تصوير چٽي آهي ۽ اهو ڏيکاريو آهي ته پئسن جي زور تي مُلن ۽ ڪورٽن مان پنهنجي مرضي موجب ڪم ڪڍائي سگهجي ٿو. اهڙا مثال اسان جي ملڪ ۾ به آهن. البت ٻئان لنگ جهڙيون جرئتمند ۽ اڳتي وڌيل ڇوڪريون هتي گهٽ ملنديون .

”گرميءَ جي لهر“ ڪهاڻيءَ واري لورين جهڙيون سڪايل ڪنواريون هر ملڪ ۽ اسان جي ملڪ ۾ به آهن، جن لاءِ چادر ۽ چوديواري بي معنى بنجيو وڃن، پر هتي لورين وانگر اڳتي وک وڌائڻ جو حوصلو پورو سارو ائن.

”ٽيون ڏاڪو“ ڪهاڻيءَ ۾ ڏسجي ٿو ته ملائيشيا ۽ سينگاپور ۾ سنڌ وانگر، جي شهري ۽ صنعت تي زندگيءَ ۾ نه. ته به گهٽ ۾ گهٽ جاگيرداري سماج ۽ ٻهراڙيءَ ۾، پوڙهن جي عزت ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪنهن به نموني هنن جي دل دکائڻ کان پاسو ڪيو وڃي ٿو. پر غريب ۽ پورهيت طبقي ۾ جڏهن پوڙهو بيڪار ۽ اپاهج بنجيو وڃي، تڏهن هنجي ٿهل ٽڪور آزار ۽ هن جو گذران ۽ علاج ڪٽنب لاءِ سهڻ کان ٻاهر بوجهه بنجيو پوي، ۽ پوءِ هو سوچڻ لڳن ٿا ته پوڙهو نه مري ٿو ۽ نه منجو ٿو ڇڏي. پوءِ جهالت ۽ وهم پرستيءَ ڪري ۽ خاص ڪري اقتصادي بدحاليءَ ڪري هو پوڙهي جي علاج واسطي ڦيڻن ڦوڪن ۽ تعويذن تي ٻاڙين ٿا. حقيقت ۾ هنن جي اها جهالت ۽ وهم پرستي به غربت ڪري آهي. البت هن ڪهاڻيءَ ۾ پوڙهن جي سنڀال جو ڪم حل ڪونه ٻڌايو ويو آهي. حل ته اهو آهي ته غير طبقاتي سماج قائم ٿئي، جتي پوڙهن جي سنڀال ۽ ٿهل ٽڪور جي ذميواري عوامي حڪومت تي هجي.

”قوناط جي خوشين ڀري زندگي“ ۾ ڏيکاريل آهي ته انڊونيشيا جو عوام به سنڌي عوام يعني هارين، مزدورن، شاگردن ۽ ڪلارڪن وانگر انقلاب چاهي ٿو ۽ ان واسطي سياسي جلسن ۾ جنون ۽ جذبي جو اظهار ڪري ٿو. پر اتي عوام به پاڻ مان اڳواڻ پيدا ڪرڻ بدران خانداني، جاگيرداري، رجعت پرست ۽ روايتي اڳواڻن ۾ اميد رکيو ويٺو آهي. ۽ اهي ليڊر به عوام کي ڍڳا ڍور يا رڍون سمجهن ٿا، جن جي ڌڻ کي هو جيڏانهن چاهين اوڏنهن هڪلي سگهن ٿا ۽ تقرير ڪري، نعرا هڻائي ۽ لکن ماڻهن جا ميڙ گڏ ڪرڻ سان پنهنجي ليڊري پيا چمڪائين ۽ جيڪي انقلاب جو نعرو ته هڻن ٿا پر انقلاب جي واٽ تي هڪ وک به نٿا وڌائين. هو پرمار طبقي جا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر جي بورجوا ذهنيت به ظاهر ڪئي ويئي آهي، جو پورهيت جي پيٽ ۾ هڪ وزير کي بچائڻ ۾ پنهنجي آئيندي جي ترقي ڏسي ٿو.

”ماستر هريام جو بئنڪاڪ وڃڻ“ ڪهاڻي ۾ سرمائيداري دور ۽ شهري زندگي جي پيٽ جاگيرداري نظام ۽ ڳوٺاڻي جيون سان ڏاڍي اثرائتي ۽ دلچسپ نموني ڪئي وئي آهي ۽ پڙهندڙ سرمائيداري دور کي مٿانهون سمجهڻ ۾ ڪابه هيڪ محسوس نه ٿو ڪري. اسان وٽ به ڀنهي سرشتن جا نظارا ساڳئي وقت موجود آهن.

”سفيد گل“ ڪهاڻيءَ جي ماسترياڻيءَ ۽ ڪارٽنيءَ وانگر اسان وٽ به ڇوڪريون تعليم پوري ڪندي ڪندي ڪافي عمر جون ٿي وينديون آهن. پوءِ ڪا چڱي ملازمت ملندي اٿن ته پنهنجي تعليم ۽ عهدي جي گهمنڊ ۾پنهنجن مائٽن يا سماجي طرح پنهنجي طبقي وارن سان پرڻجڻ ۾ گهٽتائي محسوس ڪنديون آهن. ۽ پوءِ انهيءَ آسري ۽ خوشفهميءَ ۾ ته ڪو مالدار ۽ سماجي طرح اوچي طبقي جو نوجوان اچي ساڻن لائون لهندو، هنن جي عمر وڌي ويندي آهي ۽ هو شاديءَ جي عمر کان چڙهي وينديون آهن ۽ ساري ڄمار Miss يعني ڪنواري ٿي ڪاٽينديون آهن.

ڪهاڻي جي پرک جو منهنجو هڪڙو ماپو اهو به آهي ته ان ۾ طبقاتي سماج جي اپٽار ڪيتري آهي. الطاف شيخ جي ترجمو ڪيل هنن ڪهاڻين ۾ گهڻو ڪري هر هڪ ۾ طبقاتي سماج جي ڪنهن مسئلي کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جيئن مون مٿي ڪن جي چنڊڇاڻ ۾ ڏيکاريو آهي. انهن ڪهاڻين کان سواءِ اهو به ڏيکاريوويو آهي ته سچائي ۽ اڻ هوند ڪري ڪنهن نوجوان جي شادي نه ٿيڻ (ڪهاڻي: ضدي) يا سترهن سالن جي نوجوان نينگريءَ جي ستر سالن جي ڪروڙپتي ڪراڙي سان شادي ٿيڻ (ڪهاڻي: شادي).

اسين ڏسون پيا ته سنڌ ۾ به ساڳيون سماجي برايون آهن.

انهن ملڪن، جتي جي ڪهاڻيڪارن جون هي ڪهاڻيون الطاف کنيون آهن، اتي سامراج جو ڪافي غلبو آهي، ۽ مون کي پڪ آهي ته ڪن ليکڪن سامراج دشمن ۽ قومي آزادي لاءِ به ڪهاڻيون لکيون هونديون، پر الطاف شيخ جي هن چونڊ ۾ ڪا اهڙي ڪهاڻي نظر ڪانه ٿي اچي.

ترجمو ٿيل ڪم تي، ٿيل ترجمي جي خوبين ۽ خامين تي پنهنجو خيال ظاهر ڪجي، يا اصلي لکٽيءَ جي مواد تي؟ پڌرو آهي ته مواد لاءِ ذميوار ان جو اصل ليکڪ آهي.

الطاف جي ترجمي جي ٻولي سادي، سليس، روان، لذيذ، صاف سٿري ۽ ڏوتل پوتل آهي. هن دنيا جي ڪن سٺين ڪهاڻين سان سنڌين کي آشنا ٿيڻ جو موقعو ڏنو آهي. هنن ڪهاڻين پڙهڻ مان

اهومعلوم ٿئي ٿو ته انهن ملڪن ۾ مقصدي ساهت لکيو وڃي ٿو، جنهن ۾ عوام جا مسئلا آهن ۽ جن ۾ فني لحاظ کان چٽائي، ڪهاڻيپڻو ۽ دلچسپي ڀرپور نموني موجود آهن. اهڙين ڪهاڻين جي چونڊ تي الطاف شيخ جي رويي کي ساراهڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي. هي ڪهاڻيون دنيا جي ٻين ٻولين ۾ پلين ڪهاڻين ۾ ڳڻي سگهجن ٿيون.

مان سمجهان ٿو ته الطاف شيخ جو هي ڪتاب سندس ساهتي ڪاوشن ۾ خوشگوار تبديلي ثابت ٿيندو. سندس شروعاتي سفرنامن کي ماڻهن ان ڪري به وڏي شوق سان پسند ڪيو جو انهن ۾ "سنڌيت" کي چڱو خاصو حصو مليل هو. ٻوين سفرنامن ۾ هڪ ته ورجاءُ آهي ۽ ٻيو انهن ملڪن جا جاگرافي، پنهنجن سنگتن، واقفڪارن ۽ شين جي خريداريءَ جا غير ضروري تفصيل ڏنا آهن. هڻ ائين ڪيي جو انهن ملڪن جي سماجي جوڙجڪ جي چند چاڻ ڪئي وڃي ۽ اتي ظالم ۽ مظلوم يا پرمار ۽ پرماريل طبقن جون حقيقتون هٿ ڪري ڏنيون وڃن، ۽ جيڪي مظلومن ۽ پرماريلن جون هلندڙ تحريڪون آهن، انهن کي انقلاب جي روشنيءَ ۾ اجاگر ڪيو وڃي. خاص ڪري ان حالت ۾ جڏهن ماڻهوءَ کي اتي وڃ عرصو ترسڻ جو وجهه ملي ٿو..... جيئي سنڌ!

نجم عباسي

8- اپريل 1987ع

# خوش نصيب وڇوڙو

اخبار نويس مان تعلقات عام آفيسر ٿيڻ، ۽ پوءِ ان اشاعتي ڪمپنيءَ جو مئنيجر ٿي ڪم ڪرڻ، مون لاءِ ڪو گهڻو مٺي جو سور نه هو. ڪُميءَ وانگر صابر ۽ مانيٽي طبيعت جو آئون به ڪونه هوس جنهن ڪان ايري غيري ڪڪڙ ڏاڪو ڇمائي زندگيءَ جي بازيءَ ۾ گوءِ کٽي وڃي. ڪُميءَ ۽ ڪڪڙ جي ڳالهه ته ٻڌي هوندَوَ ته ڪمي هڪ ئي وقت ڏهه هزار بيضا لاهي ٿي، پر ماٺ مٺوڙي ۾ لاهڻ ڪري ڪنهن کي خبر به نٿي پوي. هوڏانهن ڪڪڙ فقط هڪ بيضو لاهڻ لاءِ ڪيڪري ڪيڪري سڄي جهان کي اطلاع ڪري ٿي، ڇڻ ته ڪو وڏو ڪم سرانجام ڏيئي رهي هجي. نتيجي ۾ ڪُمي ڪنهن به حساب ۾ نٿي آئڙجي ۽ سڀ ڪو ان کي ڏڪاري ٿو ۽ هوڏانهن ڪڪڙ کي هرڪو مانُ ڏئي ٿو. ان مان ظاهر ٿيو ته اشتهاربازيءَ ۾ وڏا گڻ سمايل آهن.

سو اشتهاربازيءَ کان مون به گهٽايو ڪونه ٿي. خاص ڪري پنهنجي اخباري ڪالم مان پورو پور فائدو وٺندو رهيس ۽ نئين عهدي جي حساب موجب جهٽ پٽ اهو سکي ويس ته عوام ۽ پنهنجي فرم وچ ۾ ڪيئن سمجهوتو قائم رکجي. ان کان علاوه ڪاغذن تي حساب ڪتاب ڪرڻ، ڏيئي ليتي ۽ نفعي نقصان جو ڇيد ۽ اپت ڪرڻ ۽ ناٽي کي ڇڳّيءَ ريت ڪتب آڻڻ جون راهون ڪيڻ جهڙا ڪم ڪرڻ نه رڳو ڳولي ورقم پر انهن کي ڇڳّيءَ ريت سرانجام پڻ ڏيڻ لڳو هوس.

پر مون کي اها ڄاڻ هرگز نه هئي ته آفيس واري ڪم ڪرڻ کان علاوه ماڻهن جي دلي مسئلن جا منجهيل سٽ سلجهائڻ جي پڻ مون ۾ ڏات موجود آهي. اهاڳالهه تڏهن ظاهر ٿي جڏهن ڪمپنيءَ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد احمد تاج الدين، جنهن کي سندس دوست فقط MAT (مت) سڏيندا هئا، مون کي ڪنهن اهم ڪم لاءِ اڪيلائي ۾ سڏايو . ڪمپنيءَ جي پي. آر. او (تعلقات عام آفيسر) جي حيثيت ۾ مون اهي پلي پت ڄاتو ٿي ته ڪمپنيءَ جي مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻ پي. آر او جو ئي ڪم آهي. ان ڪري جڏهن وڏي صاحب محمد تاج الدين عرف ’مت‘ ٻڌايو ته هن جي اڳيان هڪ مسئلو آهي ته مون کي بنهه تعجب نه لڳو ۽ سمجهي ويس ته روز مره جي عام مسئلن مان ئي هڪ هوندو. جيڪي اسان جهڙي وڏي ۽ مشهور فرم کي ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ درپيش اچي سگهن ٿا.

”سائين توهان بلڪل فڪر نه ڪريو،“ اهو سوچي ته مزورن جي يونين جا ليڊر ئي سندس جان پٺيان آهن، مون ڪيس آٿت ڏني، ”موجود يونين جا مڙيئي نمائندا پاڻ سان ڳجهيءَ طرح تهيل آهن. ڪوبه اهڙو ڦڏو ناهي جيڪو هنن سان اوري نه سگهجي.“

پر ’مت- صاحب‘ منهنجي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇيو ته مسئلوان نوعيت جو نه آهي. پوءِ ڪلراٺي ڏرتيءَ تي اجايا گهٽا هر ڏيڻ بدران هن هڪدم ڳالهه ڪئي ته هن جي هڪ گرل فرينڊ آهي. ۽ اها پيٽ سان ٿي پيئي آهي.

آئون اهو ٻڌي هڪو ٻڪو ٿي ويس. خير ايترو ته سمجهيم ٿي ته ڪيترائي شادي شده مرد ڪڏهن ڪڏهن پٽي تان لهي ويندا آهن ۽ پنهنجين زالن سان ڪانفرنسن ۽ ميٽنگن جا بهانا ڪري ڪلب، بار يا سئنيما هالن ۾ دل وندرائي وٺندا آهن ۽ اسان جو صاحب، مت يعني مسٽر محمد احمد تاج الدين به ڪو اهڙو ساڌ پات نٿي ٿي سگهيو جيڪو بنهه ڪنڌ هيٺ ڪري گهر کان آفيس ۽ آفيس کان گهر پهچي. پر سندس واتان اهو ٻڌڻ ته هن جي هڪ سريت آهي ۽ سا به بان- چِت! (ملئي لفظ: معنيٰ پيٽ سان.)

”سائين هن کي مسئلو ته چئي نٿو سگهي،“ آخر هوش سنڀالي مون ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ”هيءَ ته تباهي چئبي.“

منهنجو مطلب آهي- صاحب اسان وارو شادي شده هو ۽ سندس شريف زال کي ته اها بنهه خبر نه هئي ته سندس مڙس ڪي اهڙا ڪذا ڪم به ڪري سگهي ٿو. هن کيس هيڪاندو شريف سمجهيو ٿي ۽ مت پڻ چاهيو ٿي ته سندس زال اهڙيءَ ئي غلط فهمي ۾ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ هجي. چو جو زال کي جي معلوم ٿي ويو ته هوءَ بيحد غمگين ۽ رنجيده ٿيندي.

”سائين مون کي ڇا ڪرڻو آهي؟“ مون نيٺ پنهنجو پارٽ پڇيو ۽ هن ٻڌايو ته هو جڏهن پينانگ ۾ هو ته هن چيني ڇوڪريءَ- مس يئان لِنگ سان سندس ملاقات ٿي هئي ۽ هاڻ هوءَ نازڪ حالت ۾ آهي. کيس سگهوئي پينانگ کان هتي ڪوالالمپور آندو وڃي ته سٺو...... پر سوال اهو هو ته ڪوالالمپور ۾ کيس ڪٿي رهايو وڃي.

مون انگريزي اخبار The Malay Mail جا تازا ۽ پراڻا پرچا ڪڍي اشتهار وارا صفحا ڦهارڻ شروع ڪيا. آخرڪار برڪفيلڊ (Brickfield) واري علائقي ۾ جالان برهالا تي هڪ خالي فليٽ جو ڏس ملي ويو. مت صاحب هڪ مهيني جي اڳواٽ مسواڙ، ڪجهه ڊپازٽ ۽ ڪجهه ڇيتيون فرنيچر جون ڏنيون. پوءِ مس يئان لِنگ ڪوالالمپور گهرايو ويو.

جيئن ته محمد تاج الدين کي پينانگ کان ايندڙ، پيٽ سان چيني ڇوڪريءَ سان ريلوي اسٽيشن تي وڃي ملڻ جي همت نه هئي، ان ڪري هن اهو ڪم به مون کي سونپيو. هو ملئي هو آئون وري به چيني هوس ۽ هڪ چيناڻ سان ملندي ڪنهن جي نظرن ۾ کٽڪي نٿي سگهيس.

ريلوي اسٽيشن تي پهچي هيڏي خلق ۾ مس يئان لِنگ کي سڃاڻڻ اهڙو سولو ڪم هو جهڙو ساٽي، (ملئي ٻوٽي ڪواب) کائڻ، گاڏيءَ مان لهندڙ مسافرن مان مون کي فقط اها ڇوڪري ڳولڻي هئي جيڪا اڪيلي هجي. ۽ ظاهر آهي جنهن سان گڏ فالتو ڦيٽو پڻ هجي.

يئان لِنگ کي اهوڏسي افسوس ٿيو ته کيس وٺڻ لاءِ سندس يار محمد تاج الدين پاڻ ڇو نه آيو. پر ان ڳالهه کي مون اهو چئي ڍڪ ڍڪي ڇڏيو ته هيترين ڪمپنين جو ڊائريڪٽر هجڻ ڪري سخت مشغول رهي ٿو ۽ هينئر به کيس ڪجهه اهم ميٽنگن ۾ وڃڻو هو نه ته ضرور اچي ها.

ان بعد ٽئڪسي ڪري مس يئان لِنگ کي سندس فليٽ تي اڪيلو ڦٽو ڪري انهن ئي پيرن سان موٽيس.

”ڪيڏي عجيب سين چئبي،“ مون دل ئي دل ۾ مس يئان لِنگ بابت سوچيو، ”اصل رهاڪو تائپنگ شهر جي آهي. نوڪريءَ لاءِ پينانگ کان وڃي نڪتي جتي اسان واري صاحب سان ٽڪر

ٿيس. هاڻ هوءَ ڪوالالمپور کان اچي نڪتي آهي- اڪيلي ئي اڪيلي، هيڏي وڏي پيٽ سان. ڪي ڪي ڇوڪريون ڪيئن نه پنهنجو پاڻ کي اڇيو اوڙاهه ۾ ڦٽو ڪن.“

ٻئي ڏينهن 24 ڪلاڪ گذرڻ بعد به جڏهن محمد تاج الدين هن جي سار نه لڌي ته ڇيومانس جنهن نموني سان هن فليٽ ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهي هوءَ ڪا فائيلن جو ڍير ناهي جنهن جي مٿان رکو مٿيءَ جو تهه چڙهڻو آهي. گرل فرينڊ توهان جي چرندڙ پرندڙ ساهه وارو ماڻهو آهي- بلڪه ٻن ساهن وارو. جن جي جياپي لاءِ کاڌو پيتو، دوا درمل ۽ ٻئي سامان جي وقت بوقت ضرورت آهي. هوءَ مٿين مهينن جي ويجهو اچي پهتي آهي ۽ ڪنهن وقت به ڌماڪو ڪري سگهي ٿي.

محمد تاج الدين سنجيدو ٿي وراڻيو ته هو هن کي باعزت زندگي گذارڻ لاءِ هنجي هر ممڪن مددڪندو. ان بابت هن سان اڳهين ڳالهه ٻولهه ٿيل آهي ته هو ٻار ڪيرائڻ بدران هن سان شادي ڪري ڪيس سوسائٽيءَ جي هڪ نيڪ اخلاق عورت ۽ ’گهر واري‘ بنائڻ جي حق ۾ آهي. هوءَ به ان رٿ تي راضي آهي. ان ڏس ۾ مونکي ڪجهه ڪرڻو پوندو.

مون اهوئي ڪيو، جيڪو ڪري سگهيس ٿي. يعني محمد تاج الدين کان موڪلائي پنهنجي هڪ پراڻي دوست يونس بن بجانگ وٽ پهتس، جيڪو ڪوالالمپور کان ڪجهه پري ڪلانگ شهر ۾ رهيو ٿي. پنهنجي صاحب جو راز ٻڌائڻ کان اڳ پهرين ڪانئس واعدو ورتم ته هو اها ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪري. ويندي پنهنجي زال کان به ڳجهي رکي. يونس کان واعدو وٺڻ بعد ٿيلهو کولي ٻلي ٻاهر ڪڍيم.

’منهن ۾ موسى‘ محمد تاج الدين جي افعالن جو ٻڌي يونس پڻ پهرين ته وائڙو ٿي ويو.

”پنهنجي ملئي زال هوندي هو هڪ چيني ڇوڪريءَ سان ڇو شادي ڪرڻ چاهي ٿو؟“ هن پڇيو.

”بس هڪ ته دلپشوريءَ لاءِ.“ مون وراڻيومانس،“ هونءَ ته ڇوڪري ٻار ڪيرائڻ لاءِ به راضي هئي پر اسان واري صاحب ائين ڪرڻ نه ڏنس. ويتر شادي جا وڏا واعدا ڪري ڪيس هتي گهرايو اٿس. هاڻ ساڻس باقاعدي شادي ڪري زال بڻائڻ چاهي ٿو. ٻي ڳالهه ته هن کي پهرين زال مان اولاد ناهي. پرايو ٻار وٺي نپائڻ بدران هو ان ٻار کي پالڻ بهتر سمجهي ٿو، جنهن ۾ سندس شخصيت جا جزا (Genes) هجن جيئن فخر سان چئي سگهي ته هو به مرد آهي ۽ کيس ٻار پيدا ڪرڻ جي قوت آهي. سندس ماءُ ته پهرين سال کان پنيان لڳي اچيس ته ميان محمد تاج الدين پوٽن بنا گهر ويڳاڻو آهي. سو محمد تاج الدين هڪ باعزت ڪردار جو ماڻهو ثابت ٿيڻ لاءِ مس يئان لِنگ کي قانوني زال ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ ٻار کي قانوني حق ڏيڻ لاءِ نڪاح ڪرڻ ضروري سمجهي ٿو.“

يونس اهو مڃيو ته محمد تاج الدين جي ٽوپي واقعي هرڪو ماڻهوپائي نٿو سگهي. هي وڏي همت وارو ڇئبو جيڪو پنهنجي بدناميءَ کي پنهنجوئي سمجهي ٿو. ان ڪري پاڻ سندس مدد لاءِ واعدو ڪيو.

پوري هفتي بعد هن فون تي ٻڌايوته ان سلسلي ۾ هو ڪيترن ماڻهن سان مليو آهي ويندي ڪلانگ شهر جي قاضي سان پڻ. محمد تاج الدين جا گهرو مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اسان کي هن ريت قدم کڻڻا پوندا:

هڪ مسلمان مرد سان شادي ڪرڻ لاءِ جيڪو چار زالون رکي سگهي ٿو، مس يئان لِنگ جو مسلمان ٿيڻ ضروري آهي. جنهن ۾ طهر جي رسم به شامل آهي. (هتي ملائيشيا جا شافعي مسلمان ڇوڪرين جو طهر پڻ ڪرائين جيئن آفريڪا جي ڪجهه ملڪن ۾ مالڪي فرقي جا ڪرائين ٿا.) ان ڪم لا يونس جو گهر صحيح هو جيڪو ڪوالالمپور جي گوڙ شور واري زندگيءَ کان پرڀرو هو.

محمد تاج الدين جو پگهار جيئن ته ٽن هزار ڊالرن کان وڌيڪ هو سو هو قاضيءَ کي مطمئن ڪري سگهيو ٿي ته هن لاءِ ٻي زال رکڻ ڪو مسئلو ناهي ۽ ان صورت ۾ پهرين زال کان موڪل وٺڻ به ضروري نه آهي. سو اهي ڪي خاص ڳالهيون نه هيون جيڪي آڏ ٻڌجي پريشان ڪن.

انهن مڙني ڳالهين جو احوال محمد تاج الدين کي ٻڌايو جنهن پنهنجي وات سان مس يئان لنگ کي ٻڌايو ته کيس مسلمان بنائڻ جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو ويو آهي. ان کان ڳالهه ڳجهي رکڻ لاءِ ان ۾ برسينڊنگ (وليما دعوت) وارو حصو ڇڏڻوهو.

پوءِ هڪ ڏينهن شام جو، مس يئان لِنگ کي وٺي آئون يونس جي گهر پهتس. يونس سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو. ڪلانگ مسجد جي هڪ عورت طهرجي رسم ادا ڪئي ۽ پوءِ ڪلانگ شهر جي قاضيءَ کيس ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو. ان موقعي لاءِ يونس چند نالي ڪٺا مهمان گهرايا هئا. جن ۾ ڪجهه ته سندس ئي دوست هئا، ڪجهه ڪمپونگ (ڳوٺ) جا پوڙها پڪا ۽ ڪجهه مسجد جا جماعتي ۽ امام هو. جن مڙني جو واسطو ’مڪن ۽ منيوم‘ (ملئي لفظ:کاڌي ۽ پيتي) سان ئي هو. ڪير پيو مسلمان ٿئي ۽ ڇو پيو مسلمان ٿئي. ان بابت تفصيل سان ٻڌائڻ يا نه ٻڌائڻ جو کين ذرو به رنج نه هو. مردو سرڳ ۾ وڃي يا نرڳ ۾. مُلين جو ڪم غسل ڪرائڻ سان- وارو حساب هو. شاهدن جي خاني ۾ هڪ ته مون صحيح ڪئي.

مانيءَ بعد جڏهن آيل مهمان روانا ٿي ويا ته پوءِ گهر جي ماڻهن گڏجي ويهي ماني کاڌي. مانيءَ دوران مس يئان لِنگ مون کي چيني زبان ۾ آهستي چيو ته طهر ڪرڻ واري عورت هن کي سڀ ڪپڙا لاهڻ لاءِ چيو هو ۽ ان بعد ڪجهه ريمارڪ به ڏيندي رهي. طهر بعدکيس سرهي پاڻيءَ سان وهنجاريوويو هو جنهن جي خوشبوءِ پوءِ به ايندي رهي.

يونس جي گهران موٽڻ تي يئان لِنگ ٻڌايو ته هوءَ فليٽ ۾ اڪيلي رهي رهي ڪڪ ٿي پيئي آهي. پينانگ ۾ سندس هڪ ساهيڙي آهي جيڪا پنهنجي نوڪري ڇڏي ڪوالالمپور ۾ ساڻس گڏ اچي رهڻ لاءِ راضي آهي. مون کي سندس اها ڳالهه بلڪل صحيح لڳي ۽ کيس دلداري ڏيندي چيوته اها ڳالهه پهرين فرصت ۾ محمد تاج الدين سان ڪندس.

۽ ٻئي ڏينهن جڏهن پنهنجي صاحب سان ڳالهه ڪيم ته هن هائوڪار ڪندي چيو ته يئان لِنگ کي موڪل آهي ته هوءَ پلي پنهنجي ساهيڙي فيفيءَ کي پينانگ مان گهرائي پاڻ سان رهائي.

ڏينهن تڪا تڪا گذرندا ويا ۽ پوءِ مون جهڙي جبلن ماٿرين ۽ ٻين قدرتي نظارن کي غور سان ڏسڻ واري شوقين هڪ ڏينهن محمد تاج الدين کي ٻڌايو ته سائين وقت اچي مٿان بيٺو آهي جو هڪ ٻي پل ٽپجي. هاڻ سوچڻو اهو آهي ته ڪنهن وقت به يئان لِنگ کي جي اوچتو ويم جا سور شروع ٿي

وڃن ته ڪو ضرور موجود هجي جيڪو ڪيس اسپتال پهچائي.

محمد تاج الدين چيو ته سوال ته واقعي اهم آهي. پر ڪو رستو ڳول ته ڇا ڪرڻ کپي. ۽ پوءِ جيترو گهڻو ان تي سوچڻ لڳس اوترو مونکي محسوس ٿيو ته آئون ماڻهو نه پر ڪکڙ ٿيندو وڃان، خير فيصلو اهو بيٺو ته آئون پنهنجي اڪيلي جان کي ٻئان لِنگ جي فليٽ ۾ ئي محفوظ رکان ۽ جنهن وقت قدرت کي آدمشماري وڌائڻ لاءِ سڏ ڪرڻو پوي ته حاضر سائين چئي ٻئان لِنگ کي اسپتال وٺي وڃان. پر ساڳئي وقت هڪ ٻيو مسئلو مون کي منجهائڻ لڳو ته جيڪڏهن اتفاق سان رات جي نوائيءَ ۾ هڪڙي يا ٻئي چوڪريون مون تي زوريءَ جلهه ڪن ته ڪير مجيندو ته هنن مون سان زوري ڪئي يا مون هنن سان. ان ڪتراڳ ۾ پوڻ جو سوچي مٿين صلاح بدران، پنهنجي صاحب کي هڪ ٻي اسڪرپٽ پيش ڪيم.

سائين هينئن چو نه ڪيو وڃي ته توهان جي ٻي زال ٻئان لِنگ ۽ هن جي ساهيڙيءَ فيفي فليٽ ڇڏي منهنجي گهر هلي رهي جتي سِم ۽ منهنجي اماح (ملئي نوڪرياڻي) عزيزه پڻ رهي ٿي ۽ هوءَ به ٿي گهٽ ماڻهو ٿيندا پر پنج ماڻهن سان ميلو ٿيو. سو آڌيءَ مانجهيءَ ڪونه ڪو گهر ۾ موجود هوندوئي هوندو. ان کان علاوه خرچ پکي جي به بچت ٿي پوندي. فليٽ جي ماهوار مسواڙ جا پنج سؤ ڊالر ته بچندا پر لائيٽ ۽ پاڻيءَ جو به خرچ بچي پوندو.

محمد تاج الدين کي مون واري صلاح ڏاڍي وڻي. ان ڪري نه ته ڪو هن جا پنج سؤ ڊالر ته بچيا ٿي پر ان ڪري جو فليٽ ۾ رهڻ سان هنگامي ۽ پڇ پڇان واري حالت ۾ سندس ڦروٽي جي ڄمڻ جو امڪان هو پر گهر ۾ رهڻ ڪري هو پُرسڪون ماحول ۾ وجود وٺي سگهيو ٿي. منهنجي گهر ۾ به پاڻي وڌيڪ ٿڪائڻ جي عيوض مون واري صاحب هر مهيني مون کي ڏيڍ سؤ ڊالر ڏيڻا ڪيا.

آخر هڪ ڏينهن ٻئان لِنگ کي اهي ٻڌنڊڙ ترنڊڙ سور شروع ٿي ويا، جنهن الارم وڃڻ سان ڪيس پنهنجي پڳل ڪار ۾ ڊوئي اسپتال وٺي آيس. هڪ ٻن سڃاڻ پري کان ڏسي سمجهيو ته هوءَ ڪا منهنجي زال آهي ۽ نرس کي ته پڪ هئي ته هوءَ منهنجي جوءِ آهي جو ڪيترا دفعا ڊاڪٽري تپاس دوران هوءَ ڪيس مون سان گڏ ڏسي چڪي هئي.

ٻار ڄمڻ تي نرس مون وٽ آئي.

”تون ئي آهين ٻار جو پيءُ؟“ هن پڇيو.

مون شرمائي ڊور وانگر نهڪار ڪئي.

”هون!“ نرس چيو، ”آئون به چوان ته ٻاهر ملئي مهاندو آهي ۽ تون ته ملئي لڳين نٿو..“

۽ پوءِ منهن جو موڙو ڏيئي پڇيو:

”ڪٿي آهي پلا ٻار جو پيءُ؟“

”ولايت ويل آهي“. اهوئي بهتر جواب هو جيڪو ڏئي سگهيس ٿي.

”ته پوءِ تون ڪير آهين؟“

”سندس فئملي دوست.“

مئٽرنٽي وارڊ ۾ سپئي نرسون سياڻيون به نه هيون هڪ نرس ٻار جي ڄم جو فارم پري مون

ڏي صحيح ڪرڻ لاءِ وڌايو. جڏهن مون صحيح ڪرڻ ڪان نٽائيندي ٻڌايومانس ته آئون ٻار جو پيءُ ناهيان ته چڙب ڏيندي چيو: ”توهان مرد سپ ا.ئين آهيو. مزو وٺڻ لاءِ اڳيان اڳيان باقي مٿي تي جڏهن اچي ٿي ته پوءِ آئون هن جو پيءُ نه آهيان. آئون هن جو پيءُ ناهيان. پلا ڪير آهي هن جو پيءُ ۽ ڪٿي آهي اهو هن وقت؟“

”اهو ولايت ويو آهي. آئون فقط هنن جو فئملي دوست....“ مون نرس مان جان ڇڏائي صاحب کي ڏيءَ ڄمڻ جي خبر ٻڌائي ته ٻار ۽ ماءُ ٻئي صحتمند حالت ۾ آهن.

يئان لِنگ جي خبر چار لهڻ لاءِ وري ٻئي ڏينهن جڏهن اسپتال پهتس ته ان وقت ڊيوٽي تي ڪا نئين نرس هئي- مبارڪون ڏيندي ڪجهه خرچيءَ جي آسري ۾ مرڪيائين. پر مرڪ جي موٽ ۾ جڏهن مون فقط مرڪ ڏنيمانس ته هڪدم چيو ته هوءَ چينين کي چڱي طرح سان سڃاڻي ٿي. چينين جو ڌيءَ ڄمڻ جو ٻڌي منهن ئي لهيو وڃي. پوءِ آٿت ڏيندي چائين، ”مڙئي خير آهي. همت ڪر، ٻيو وارو به ايندو. ۽ ڪهڙي خبر ته ٻئي دفعي پٽ ٿئي.“

واپس اسٽوڊيو ۾- يعني آفيس ۾، پنهنجي صاحب کي فون ذريعي گڏريل چند ڪلاڪن جي رننگ ڪامينٽري ٻڌائيندي چيومانس هاڻ ڊرامي جو آخري حصو ۽ آخري سين اچي چڪو آهي ۽ ان ڪان اڳ جو اسپتال جا سپ ماڻهو مون کي جوابدار ٺڻائين بهتر ٿيندو پنهنجو پاڻ اچي پساءِ. محمد تاج الدين منهنجي نازڪ حالت محسوس ڪري ورتي ۽ ٻئي ڏينهن مون سان گڏ يئان لِنگ ۽ ٻار کي ڏسڻ لاءِ پهتو.

وارڊ سسٽر اسان کي ڏسي يڪدم چيو: ”تو ته چيو پئي ته هي ولايت ويل آهي؟“

”بلڪل ولايت ويل هو،“ مون چيومانس، ”فون تي اطلاع ڏنومانس ۽ لنڊن ڪان سڌو اچي نڪاءُ ڪيو اٿس.“

منهنجو اهو ڀرم ته آئون هڪ سٺي ڪردار جو ماڻهو آهيان هڪ دفعو وري برقرار ٿي ويو ۽ مون کي اهو معلوم ڪري خوشي ٿي ته ان ڪانپوءِ نرسون ڪجهه مهربان نظر سان مون کي ڏسڻ لڳيون. بلڪه جڏهن کين اها خبر پئي ته آئون مشهورڪالم نويس ’ايس. ايڇ، تان‘ آهيان ته هو وجهه ملڻ تي مون سان هيڪاندو گهڻو فري ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. خاص ڪري ان وقت جڏهن مون وارو صاحب ملڻ لاءِ اندر ڪمري ۾ هوندو هو ۽ آئون وقت گذارڻ لاءِ ٻاهر وراندن ۾ هوا کائيندو هوس. هڪ نرس ته منهنجي صاحب تي ٽوڪ ڪندي چيو ته هن محمد تاج الدين جهڙو ڇسو نه ڏٺو هوندو جنهن وفاداريءَ جي نالي ۾ پنهنجو ڪنڌ ڪاتيءَ هيٺيان رکي ڇڏيو.

ان مرحلي بعد ٻيو قدم اينترو ڏکيو نه هو. محمد تاج الدين پنهنجي زال کي اڳهين ٻڌائي ڇڏيو هو ته اولاد نه هجڻ ڪري مون سندس پاران هڪ ٻار جو بندوبست ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح محمد تاج الدين ٻار کي اسپتال ڪان ڪٽي سڌو گهر پهتو ۽ يئان لِنگ کي آئون پنهنجي گهر وٺي آيس.

محمد تاج الدين جي زال کي فطري طور آنڌ مانڌ ٿي ته اهو ٻار جيڪو کيس نپائڻ لاءِ مليو آهي ڪٿان آيو آهي ۽ ڪنهن جو آهي. هن ور ور ڏيئي مون ڪان ٻار بابت تفصيل پڇيو. ”هن جو پيءُ ڪير آهي؟ ائين ته نه ٿيندو ته ڪجهه سالن بعد ٻار جو پيءُ اسان ڪان پنهنجو ٻار کسي وٺي؟“ وغيره. مون کيس آٿت ڏيندي چيو ته ٻار جو پيءُ ڪڏهن به اهڙو ڪم نه ڪندو. ان ڳالهه

لاءِ ته چيومانس ته جتي چوين اتي هلي قسم کڻان ته ٻار جو پيءُ اڳتي هلي ڪنهن به قسم جو ڦڏو فساد نه ڪندو.

”ٻلا ماءُ؟“ هن جو سوال نمبر ٻيو هو.

مون کيس پڪ ڏني ته ٻار جي ماءُ به سياڻي يا مستقبل قريب ۾ ٻار جي گُهر نه ڪندي. ان بعد چنل ڏاڍا ڳنڍڻ ڪاڻ ٻار جي ماءُ پيءُ جو نسل پڇيو. مون ٻڌايومانس ته ٻار جي ماءُ چيناڻ آهي ۽ پيءُ ملئي.ا ن ڪري ڏسي سگهين ٿي ته ٻار نه گهڻو اڇو آهي ۽ نه ڪارو سانورو ۽ پوءِ سيني تي پٽر رکي- تمام وڏو، ٻڌايومانس ته ٻي فڪر رهه. ٻار جو پيءُ تمام نيڪ ۽ بلند اخلاق ماڻهو آهي ۽ ٻار وڏو ٿي موڳو مٽر نه پر هن وانگر ذهين ثابت ٿيندو. باقي جيسين سندس ماءُ جو سوال آهي اها ڪٿي ساڳي ليول جي نه هجي پر گهڻو ڪا ڪريل ڪردار جي به نٿي چئي سگهجي ۽ پوءِ جڏهن محمد تاج الدين جي زال خوشامد ڪندي اچا به وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ چيو ته مون صاف صاف چيومانس ته سندس سيني تي وڏو ٿورو ٿيندو جيڪڏهن ان بابت پڇ پڇ نه ڪري. ۽ هوءَ ان چوڻيءَ تي عمل ڪري خوش رهي ته اڻ ڄاڻائي وڏي رحمت آهي- چو جو گهڻي ڏاهي ٿيڻ ۾ ڏک ئي ڏک آهن.

اهڙيءَ طرح ان معاملي کي ائين ٻنجو اچي ويو.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد آئون پتالنگ جايا شهر ۾ هڪ ننڍو گهر وٺي وڃي رهيس. يئان لِنگ به پنهنجي ساهيڙي فيفيءَ سان گڏ هڪ ڪمرو مسواڙ تي وٺي اتي وڃي رهي. جيڪو منهنجي گهر کان ڪو گهڻو پري نه هو. ڏينهن گذرندا ويا ۽ پوءِ يئن لِنگ ۽ اسان واري صاحب جي وچ ۾ کَٽ پَٽ شروع ٿي. يا ڪٿي چئجي ته بيزاري شروع ٿي. ان لاءِ ڪيترائي سبب هئا. يئان لِنگ جيتوڻيڪ وقت گذارڻ لاءِ نوڪري شروع ڪئي هئي پر تڏهن به گهر ۾ اڪيلي سر ڪيترو ڪير رهي سگهي ٿو. اسان واري صاحب کي ڪڏهن ڪڏهن جي ٿوري گهڻي شهوت کٽندي به هُئي ته هن ڏي رُخ نه رکندو هو. هوءَ اڪيلي ئي پئي سڙندي پچرندي هئي. محمد تاج الدين جڻ ته پنهنجي نوڪريءَ سان نڪاح ڪيو هو جو هر وقت فائيلن ۾ گم هوندو هو. يئان لِنگ ڪجهه تفريح چاهي ٿي، آزادي چاهي ٿي. وڏي ڳالهه ته جوان هئي. هن به دل وندرائڻ چاهي ٿي. آخر هن طلاق وٺي پنهنجي جان آزاد ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو جيئن هوءَ هڪ دفعو وري پهرين واري زندگي نئينءَ سئئينءَ شروع ڪري سگهي. يعني ڪڏهن ڪنهن سان گڏ ته ڪڏهن ڪنهن سان. ۽ ان دوران ڪنهن دل گهريي سان عشق ٿي وڃڻ تي شادي پڻ ڪري سگهي.

”ته اها ڳالهه آهي،“ مون سوچيو. ”تي سگهي ٿو ته هن جو هينئر ڪنهن سان چڪر هلي رهيو هجي.“ منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين ته ڪجهه ڏينهن کان هڪ چيني همراهه سان هن جو معاشقو هلي رهيو آهي. هو جيتوڻيڪ غريب ۽ پورهيت آهي پر هوءَ هن سان زندگي گذارڻ ۾ وڌيڪ عافيت سمجهي ٿي. هو ايتري قدر جو پنهنجي موٽر سائيڪل تي ويهاري کيس ڪوالالمپور جو چڪر به ڏيارڻ چاهي ٿو پر هوءَ جيئن ته ڪنهن ٻئي سان پرڻيل آهي ان ڪري ائين ڪري نٿي سگهي.

مون ڪائنس ايترو پڇيو ته آيا هوءَ هن سان شاديءَ جو سوچي رهي آهي.

”في الحال ته يقين سان ڪجهه چئي نٿي سگهان،“ هن چيو، ”پر......“ آئون سڀ ڪجهه

سمجهي ويس. ۽ اها پڪ هيم ته مون وارو ملئي صاحب به هن چڪر مان هاڻ جان آجي ڪري خوش ٿيندو. پر افسوس جو جڏهن ساڻس طلاق جي ڳالهه ڪيم ته ٻنهه ڪڙي هٽي بيهي رهيو. چي هوءَ ان شاديءَ کي سنجيدگي سان وٺي يا نه پر پاڻ بيحد سنجيدو آهي ته اهو زندگي جو ڳانڍاپو آهي. ڪيس مون گهڻو ئي سمجهايو، چٺ پڙي، صلاح ڏني پر سائين محمد تاج الدين ڪٿي ٿو ضد تان لهي.

مون کي ته ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه پئي آئي. حقيقت ۾ محمد تاج الدين جو هھڙي معاملي کان پاڻ کي آزاد رکڻ پاڻ سئي ڳالهه هئي. اها ڪهڙي شادي ٿي جنهن ۾ نه اچڻ نه وڃڻ. نه ڏيڻ نه وٺڻ ۽ نه وري ازدواجي حقن جي ادائيگي. هوءَ وتي ذارين سان عشق ڪندي ۽ هن جو اهو ضد ته طلاق نه ڏيندس. ايتريقدر جو يئان لِنگ ڪا به گُهر نٿي ڪري. پار سان ملڻ ۽ نه وري حق مهر گهرڻ يا کاڌ خوراڪ پهچائڻ جي. هوءَ فقط اهو چاهي ٿي ته قانوني طرح کيس آزاد ڪيو وڃي. مون کي يقين آهي ته يئان لِنگ جيان ٻيون زالون پڻ جيڪڏهن پنهنجي لاءِ ان قسم جي آزادي جي گهرڪن ته ڪيترائي مرد ان کي پنهنجي آزادي سمجهي، خوشيءَ وچان گوڏن ني ڪري رحم جي ديويءَ جا شڪرانا بجا آڻين پر هيڏانهن هي اسان وارو صاحب هو جيڪو پنهنجي ضد تي قائم هو ۽ جنهن نه اڏڻ ٿي چاهيو نه ڇڏڻ ٿي چاهيو.

هوڏانهن يئان لنگ ان ڏس ۾ مدد وٺڻ لاءِ منهنجي پٺيان لڳي رهي. ٻئي مذهب جو هجڻ ڪري مون کي مسلمان جي شرعي قانون ۽ رسم رواج جي ايتري ڄاڻ نه هئي، سو نيٺ ان ڏس ۾ وري يونس کي فون ڪيم ته ڇا ڪري سگهجي ٿو. هن هتان هُتان پڇا ڳاڇا رکي. ان بعد گڏجي ڪلانگ جي قاضي وٽ پهتاسين. بدقسمتي سان پهرين وارو پوڙهو قاضي رٽائرڊ ٿي چڪو هو ۽ سرڪار ان حد جو نئون قاضي مقرر ڪيو هو. اهو نوجوان ديني ڳالهين کان ته بيشڪ وڌيڪ ڄاڻو ۽ پڙهيل ڳڙهيل هو، پر ماڻهن جي نفسيات جي هن کي ڪا پروڙ نه هئي. سو هن سان صلاح مشورو ڪرڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ هو. يونس ۽ آئون ان بعد ڪوالالمپور وزارت مذهبي امور جي واسطيدارن وٽ وياسين. ان بعد پٽالنگ جايا ۾ ان کاتي جي شاخ جي عملدارن وٽ پڻ حاضر ٿياسين. سڀني سان خير چار ڪرڻ بعد ان نتيجي تي پهتاسين ته اسلامي قانون موجب مرد ته زال کي طلاق ڏيئي سگهي ٿوپر عورت پنهنجي مڙس کان طلاق جي گهر فقط ڪن خاص حالت ۾ ڪري سگهي ٿي. انهن مان هڪ ته ٽن مهينن تائين مڙس زال کي کاڌ خوراڪ يا پئسو ڏوڪڙ نه رسائي. ٻيو ته ٻين زالن برابر هن سان حق زوجيت ادا نه ڪري.

۽ ٻي ڳالهه ته يئان لِنگ طلاق وٺڻ ۾ ڪامياب ڪٿي ٿي به وڃي ته به هوءَ هاڻ اسلام ڇڏي واپس پنهنجي مذهب يا عقيدي ۾ وڃي نٿي سگهي. ٻين لفظ ۾ هوءَ طلاق بعد مسلمان ئي رهندي. ۽ فقط هڪ مسلمان سان ئي شادي ڪري سگهي ٿي.

يئان لِنگ آخرڪار اهو فيصلو ڪيو ته واري وٺيءَ سان هڪ هڪ ڪري آڌ ٽپجي. پهرين آڌ ته آسان هئي جو ڪجهه مهينن کان گهر جي ماهوار خرچ پکي لاءِ محمد تاج الدين کان مني آرڊر بند ٿي ويا هئا. ”معنيٰ ان ڏينهن کان هن مون کي ڇڏي ڏنو آهي. نه ته هن کي منهنجي نئين گهر ۽ ڪم واري جاءِ جي خبر هئي. ان ائڊريس تي به موڪلي سگهيو ٿي. يا ڪنهن ماڻهوءَ هٿان ڪاڏي

لٽي جو سامان ڏياري سگهيو ٿي. باقي جيسين حق زوجيت جو سوال آهي- اهو هو ڪنهن سان رکي سگهيو آهي!" هن ٺوڪ طور مرڪيو ۽ ماڳهين ٻڌايو ته ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ هن لاءِ ڪو ڏکيو ڪم ناهي.

"ايستائين به چئجي ته ٺيڪ آهي. پر نئين عاشق سان شادي ڪيئن ڪري سگهين ٿي جيڪو مسلمان نه پر ٻڌ يا عيسائي آهي." مون پڇيومانس. جواب ۾ پاڻ وراڻيائين ته هن ان ڏس ۾ جاچ جونچ ڪئي آهي ۽ کيس خبر پئي آهي ته پيٽ دوران ڪابه عورت مسلمان ٿي نٿي سگهي. ۽ جيڪڏهن آئون اهو ثابت ڪري وجان ته مذهب بدلائڻ مهل آئون پيٽ سان هيس ته اهو ڪار نه ٿيندو." هن ٻڌايو ته جيئن ته مون کي ان بابت ڪا خبر نه هئي سو اهو آخر وارو مسئلو پيان لِنگ تي ئي ڇڏيم ته هوءَ پاڻ ئي حل ڪري.

ٻئي ڏينهن پنهنجي صاحب کي جڏهن پيان لِنگ جي رٿائن جو ٻڌايم ته هن سڄي ڳالهه کل ۾ ٽاري ڇڏي. جڻ هوءَ يا آئون ڪو چرچو پيو ڪريان. چوڻ لڳو: "ڪلانگ يا پٽالنگ جايا جي قاضيءَ جيڪڏهن سڏيو ته سڏڻ ڏينس."

مون هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو پنهنجي عزت جو خيال رکي جو هو شهر جي معزز ماڻهن مان هڪ آهي ۽ هڪ وڏي فرم جو اهم آفيسر پڻ آهي. هوءَ چوڪري طلاق لاءِ واويلا مچائي ان کان اڳ بهتر آهي ته پهرين قدم پاڻ کڻي يعني کيس هڪدم طلاق ڏيئي ڇڏي جيڪا هڪ عام ڳالهه ليکي ويندي ۽ هر روز نه ته هڪ نه ٻئي ڏينهن ڪونه ڪو مڙس پنهنجي زال کي طلاق ڏيندو رهي ٿو ۽ اها ڪا نئين ڳالهه نه ٿيندي. پر هڪ عورت ڪورٽ ڪچهري ۾ پهچي طلاق لاءِ گهر ڪري- سو به انهن الزامن هيٺ جيڪي پيان لِنگ سوچيا آهن، هڪ ٻڏي مرڻ جهڙي نيچ ڳالهه ٿيندي. ٻيلي جي ٻاهه وانگر اهو اسڪينڊل سڄي ڪمپني ۽ شهر ۾ پکڙجي ويندو. اها ٻي ڳالهه آهي، مون دل ئي دل ۾ سوچيو، ته ٻين ڏنگن مڙسن لاءِ سبق ٿي پوندو ۽ اخبارون ته اڳهين مرچ مسالا تيار ڪري اهڙين ذائقيدار خبرن لاءِ آتيون ويٺيون آهن. انهن جو به پلو ٿي ويندو. اڄ تائين ته اجا ڪنهن کي به شڪ نه پيو ته اسان واري صاحب جي ڪا ٻي زال به آهي. يا گهر ۾ پلندڙ ٻار ڪنهن جو آهي، پر هڪ دفعو جيڪڏهن هو شريعت ڪورٽ ۾ سڏايو وجي ته پوءِ سڀ راز کلي پوندا. ۽ پوءِ ان جو سيڪ سندس اهم عهدي ۽ ڪمپنيءَ جي ناموس کي به رسي سگهي ٿو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته سندس پهرينءَ زال کي ڪيڏو صدمو رسندو.

محمد تاج الدين ان جنگ جيتڻ لاءِ پنهنجي چنل گليل ۽ پڳل پلاسٽڪ جي راند وارين بندوقن کي چنبڙيو رهيو ۽ مون ان جنگ جي ميدان مان پويان پير ڪيا. پيان لنگ مون کي وري فون ڪيو. مون صاف صاف چيومانس ته مون کي ان ڦڏي جي ڪم کان ٻاهر ئي رک. آئون ڇو وتان ٻين جون ميريون چادرون ڌوئيندو. مون کي پيان لنگ سان همدردي ضرور هئي جو هن سان سنئون سڌو انڌير هو ۽ هن کي آزادي ملڻ ضروري هئي. پر ان لاءِ جڏهن سندس مڙس تيار نه هو ته آئون ڪير ٿيندو آهيان وچ ۾ پوڻ وارو.

قدرت به عجيب نمونن سان مسئلا سلجهائي ٿي. منهنجي ان فيصلي کي مهينو به نه ٿيو هوندو ته هڪ ڏينهن مون واري صاحب محمد تاج الدين فون ڪيو. سندس ڪنبندڙ آواز مان ئي

سمجهي ويس ته سندس پڇاڙي بلڪل ويجهي آهي. آخر هو ڳالهه جي ڳُٽ تي آيو.

”توکي ڪنهن ڳالهه جي خبر آهي؟“ هن پڇيو.

”ڪهڙي ڳالهه جي؟“ مون چيومانس.

”مون کي ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ جو سمن مليو آهي.“

”چڱو ٿيو-“ منهنجي وات مان ذري گهٽ اهي لفظ نڪرڻ وارا هئا پر پوءِ پاڻ سنڀاليندي پڇيو مانس، ”ڪهڙي ڪارڻ؟“

”خلوت ڪري.“ (ملئي لفظ؛ معنيٰ ڪنهن ڌارئين ڇوڪريءَ سان ويجهڙائي رکڻ. هتي خلوت جو مطلب ’زنا‘ پڻ آهي.“)

”ڪنهن سان؟“

”يئان لِنگ سان.“

يڪدم ڳالهه سمجهي ويس ته يئان لِنگ اسان واري صاحب کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ ڇا سوچيو آهي. رٿا موجب ڇئبو ته يئان لنگ نيٺ قاضيءَ وٽ پهچي ويئي ۽ ڪيس ان ڳالهه ڏي ڌيان ڇڪرايو اٿس ته هن کي جنوريءَ ۾ مسلمان بنائي شادي ڪئي ويئي. مئي ۾ ٻار به ڄائو. اها حقيقت ثابت ڪرڻ لاءِ جيئن ته سرڪاري اسپتال جا رڪارڊ شاهد هئا ان ڪري ان ڪم لاءِ ڪنهن آئن اسٽائن يا ڪنهن ٻئي حساب نويس جي ضرورت نه هئي جيڪو اچي ٻه واڌو ٽي ڪري. هرڪو سمجهي سگهيو ٿي ڇئن يا پنجن مهينن ۾ ٻار نه ڄمندو آهي ۽ نڪاح کان اڳ ٻار ٿيڻ اسلامي قانون موجب زنا ٿي، جيڪو تمام وڏو ڏوهه آهي.

پر اسان جو صاحب سانتيڪو ٿي مسئلو سلجهائڻ بدران ڪاوڙ ۾ ڪٿان پيو اچي ڪيڏانهن پيو وڃي. مون کيس ٽڏو ڪري يئان لِنگ کي فون ڪيو جنهن اهوئي ڪجهه ٻڌايو جنهن جو مون کي ڊپ هو.

”آئون پلا ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهان.“ يئان لِنگ ٻڌايو.

”واقعي ڪجهه به نه.“ مون ساڻس ها ۾ ها ملائي. پوءِ مون ڪا دير ويهي هن کي ڇٽ ٻڌي ته بهتر ٿيندو ته ’جيئو ۽ جيئڻ ڏيو‘جي پاليسي اختيار ڪئي وڃي. آخرڪار اسان وارو صاحب ڪوڏاريون ته نه آهي. هينئر ڪٿي پيار نه رهيو آهي پر ڪو وقت ته هو جڏهن توهان هڪ ٻئي کي چاهيوءِ پيار ڪيو ٿي. ڇا هاڻ اها چاهت ايڏي ڪڙي ٿي پيئي آهي جو سندن نالو ۽ ناموس گٽر ۾ ٻوڙڻ چاهين ٿي.

”پلا ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهان.“ هن ساڳيو جملو وري ورجايو. ان تي مون ٻڌايومانس ته هوءَ ڇا ڪري سگهي ٿي. ۽ پوءِ محمد تاج الدين کي فون ڪيم.

ڪيس سڄي رٿا سمجهايم ته هن کي ڪهڙي ڇال هلڻي پوندي. يئان لِنگ جيڪو هن تي زنا جو ٽڪر هنيو آهي، قاضيءَ وٽ پهچي هوءَ اهو واپس وٺندي. ۽ ڪيس ٻڌائيندي ته شاديءَ کان اڳ ٻار جي ماءُ بنائڻ وارو لفنگو تو نه پر ڪو ٻيو هو. بلڪ تون ته پاڻ نيڪيءَ جو فرشتو بڻجي يا فلمن جي هيرو وانگر مهل تي پهچي، شادي ڪري، ڪيس بدناميءَ کان بچايو ۽ هاڻ سندس حرامي ٻار پالي رهيو آهين.

يئان لِنگ جي ان تقرير جي عيوض محمد تاج الدين کي ڪيس طلاق ڏيڻي هئي. يئان لنگ طرفان حق مهر جي ڪا گهر نه ٿيڻي هئي ۽ نه وري ڪيس ڪو ٻار سان ملڻ جا حق ۽ واسطا قائم رکڻا هئا. سڀ کان وڏي ڳالهه ته سندس پهرين زال کي ان سڄي ڊرامي جي ڪابه ڄاڻ نه پوڻ ڪري گهر ۾ ڪنهن به جهيڙي جهٽي يا دنگل فساد جو امڪان ٿيڻو نه هو.

قاضيءَ وٽان موٽڻ بعد ٻئي مون سان مليا. اسان وارو صاحب خوشي وچان ٻهڪيو پيو. بهرحال ٻئي ڄڻا هي جدائي حاصل ڪري ايڏو خوش ٿيا جو ميلاپ تي به نه ٿيا هجن.

ان ڳالهه کي ڪو گهڻو عرصو نه ٿيو هوندو جو پٽالنگ جايا جي هڪ سپر مارڪيٽ ۾ منهنجي يئان لِنگ سان گڏجاڻي ٿي ويئي. سندس ڪڇ تي ٻن سالن جو ٻار هو- جيڪو نج ملئي ۽ چينيءَ جي گڏيل محنتن جو نتيجو لڳو. هو بيحد خوش هئي ٻار کي منهنجي حوالي ڪري مرڪڻ لڳي. ڪجهه ڪڇيائين ڪونه. پر سندس منهن مان بکيو پئي ته هوءَ پرسڪون زندگي گذاري رهي آهي. هن اسان واري صاحب محمد تاج الدين ۽ سندس پهرين ٻار بابت ڪجهه به نه پڇيو پر آئون اها ڄاڻ ڏيڻ کان مڙي نه سگهيس ته سرحد جي هن پار پڻ سب خير آهي.

*مسٽر اي. ايڇ. تان (Mr. A. H. Tan’)*

[هن ڪهاڻي جو مصنف ’مسٽر اي. ايڇ. تان‘ ملائيشيا جو چيني آهي. پاڻ سنگاپور ۾ ڄائو. 1954ع کان 1978ع تائين چوويهه سال ملائيشيا جي انگريزي اخبار Malay Mail ۾ ڪالم لکيائين. ڇهه سال کن هڪ ٻي اخبار New Straits Times جو ايڊيٽر پڻ ٿي رهيو. ٻي وڏي جنگ ۾ ايئرفورس ۾ ڪم ڪيائين ۽ جپانين جو جنگي قيدي پڻ ٿي رهيو.]

# گرميءَ جي لهر

اهو گرم ۽ گهميل موسم وارو هڪ ڏينهن هو. گرميءَ جو درجو، انگريزي اخبار `New Nation’ موجب- جيڪا هر روز چوويهن ڪلاڪن جي موسم جو رڪارڊ، اخبار نڪرڻ واري صبح جو ائين بجي تائين جو ڏيندي رهي ٿي، 35 ڊگريون هو. اهو چئي نٿو سگهجي ته ان ڪالم جو نالو ’اڄ جي موسم جو حال‘ اخبارن وارن طرفان ڇو رکيوويو آهي. جڏهن ته اخبار جلد جلد ته به آفيس ۾ اٺين بجي کان اڳ نٿي پهچي. گهم بابت ڪوبه ذڪر نه هو ته ڪيتري حد تائين ٿيندي. شايد ان جي ڪا ڊگري يا سيڪڙو معلوم ڪرڻ بدران ان کي پنهنجي جسم تي فقط محسوس ڪري سگهجي ٿو. پگهر جو نه سڪڻ. سڄي بدن تي آلاڻ آلاڻ محسوس ٿيڻ. ڪڇن ۾ پگهر جو گڏ ٿي هيٺ لار ڪري وهڻ. ساڳيءَ طرح سٿرن جي وچ ۾ پڻ سوٽي ڪڇو وري به ڪجهه نه ڪجهه آلاڻ ڇهيو وڃي پر نئلان جي ڪپڙي ۾ اهڙي موسم ۾ ويتر پريشان ٿيو وڃجي. ان ڏينهن به ائين لڳي رهيو هو ڄڻ پگهر جي بوندن جو هڪ تهه لٽو تي پيوچڙهيو ٿي.

سڄي ڪئمپس ۾ ماٺ ۽ موڳائپ ڇانيل هئي، جيڪا اڪثر ميڪسيڪو ملڪ جي شهرن ۾ ٻنپهرن ڪانپوءِ محسوس ٿيندي آهي، يا ته ڪٿي ائين چئجي ته هر ان شهر ۾ جيڪي خط استوا کان هڪ ڊگري کن اتر ۾ يا ڏکڻ ۾ آهن. گرمي ۽ گهم جي ڪري هر هڪ ٿڪل ۽ ننڊاکڙو محسوس ڪري رهيو هو. يا شايد ائين ته نه هو ته يونيورسٽيءَ جا پروفيشنل امتحان پورا ٿي وڃڻ ڪري شاگرد پنهنجن گهرن ڏي هليا ويا هئا ۽ پٺيان ماٺ مٺوڙو هجڻ ڪري اسٽاف سان اها حالت ٿي رهي هئي؟ بهر صورت، سبب ڪٿي ڪهڙو به هجي پر اهو ضروري هو ته چوڌاري ماٺ مٺوڙو، ويراني ۽ مايوسيءَ جو احساس ڇانيل هو.

مس لورين تيوءَ پنهنجي ننڍڙي آفيس جي گهڙيال ڏي نهاريو. ٻارهن لڳي ويهه منٽ ٿيا هئا. هن کي ڪڏهن به اهو ڌيان ۾ نه آيو ته سندس آفيس جو گهڙيا، جيڪو اڄڪلهه اليڪٽرانڪ شين مان هڪ آهي ڊيزائين ۾ بيحد بي ڍولو لڳي ٿو. بس جنهن ڪم لاءِ اهو آهي، سو صحيح طرح ڏنائين پئي. باقي ڪيس پيو ڇا ٿي ڪتو. صحيح صحيح وقت وڌيڪ ڪجهه به نه. هوءَ ان ڏينهن صبح کان هيڪاندي بي صبري ٿي رهي هئي. ڪنهن به ڳالهه ۾ دل نٿي لڳيس. پنهنجي ان موڊ تي ڪيس تعجب لڳي رهيو هو. ميز تي شاگردن جا لکيل جوابي پيپر ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. پر انهن کي ڏسڻ تي به دل نٿي چيس. ڪجهه ناول پڻ سندس سامهون رکيا هئا. جيمس بالڊون گرهام گرينيءَ جا ۽ ڊائلن ٿامس جو ’Quite Early One Morning‘ جولئيٽ ميچل جو ’Women’s Estate‘ باب چوٿين وٽان کليل حالت ۾ رکيو هو. جنهن جي وچ ۾ به ’Review‘ رسالا پڻ هئا. پر هن جي ڪنهن به ڪم ۾ دل ٻنهه نٿي لڳي. سندس آفيس جي دريءَ واري پاسي کان هيٺ پڪو رستو وهيو ٿي جيڪو سوشل اسٽيڊيز ڊپارٽمينٽ ڏي ويو ٿي. لورين رستي تي لڳل وڏن وڻن ڏي ڏٺو جن جي ڇانوَ تمام گهٽي گهاٽي ۽ ٿڌي لڳي رهي هئي. ڏسڻ سان سندس دل انهن وڻن جي هيٺان واڪ ڪرڻ چاهيو. سڄي

رستي تي ڪابه پهر نه هئي. پر پنج ڇهه منٽن بعد ان رستي تي ڪجهه اسٽاف جا ميمبر منجهند جي ماني لاءِ ’اسٽاف ڪلب هائوس‘ ڏي ويندي ضرور نظر آيا. هن کي اڄ ڪنهن جي ساٿ جي ضرورت هئي. هن به ڪجهه اهڙي ئي وقت تي نڪري پوڻ چاهيو ٿي جيئن لڳي ته هن جي پين سان اتفاقي ملاقات ٿي آهي.

اوڻٽيهين سالن جي ڄمار جي هوندي به لورين پنهنجي رنگ روپ ۽ جسم جي ڊيل ڊول کي اهڙو ٺاهي رکيو هو جو اڃا نوجوان ۽ ڪچڙي لڳي ٿي. ٽيويهن سالن کان ته هڪ ڏينهن به وڏي نٿي لڳي. پاڻ مطمئن هئي ته هن آرٽس ۾ ئي تعليم ورتي ۽ هاڻ ڊپارٽمينٽ آف جنرل اسٽيڊيز ۾ ليڪچر ورتائين ٿي. هن جي ماءُ پيءُ جو شوق جيٽوٽيڪ سائنس ڪڻ لاءِ هو. ڇو جو سائنس جي گريجوئيٽ لاءِ سندس ملڪ سنگاپور ۾ سٺو مستقبل هو ۽ سنگارپور جي حڪومت پڻ نوجوانن کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ لاءِ گهڻو آماده ڪيو ٿي. لورين جي والدين- خاص ڪري پيءُ چاهيو ته سيڻي مائٽن کي پنهنجي ٻارن لاءِ اهو ڪي ڪجهه ڪرڻ کپي جنهن لاءِ حڪومت صلاح ڏئي.

سنگاپور ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ پڙ ٿيڻ جو هيڪاندو زور متل هو. ساستدانن جو اهو خيال هو ته اڄڪلهه اهي شيون هر انسان جي آرام ۽ جياپي جو رستو آهن. اڃا به واحد رستو.

پر ضروري ناهي ته زندگيءَ جو سڪون فقط مادي شين جي حاصلات سان اچي سگهي. جيڪي ڪجهه سياستدانن چيو ٿي انهن تي جي هر هڪ يقين ڪري ها ته اڄ جي ترقيءَ کان گهڻو اڳ سنگاپور تباهه ٿي وڃي ها. اهو فقط گهرج ۽ ملت جو سوال هو جنهن هيٺ سائنس پاس شاگردن کي سٺو پگهار ملي سگهيو ٿي. ان ڳالهه لورين کي ڪڏهن به متاثر نه ڪيو. هوءَ خوش هئي ته چڱو جو ماءُ پيءُ جي دلشڪستي ٿيڻ جي باوجود  هن هٿيار ڦٽا نه ڪيا ۽ پنهنجي پسند جي سبجيڪيٽ آرٽس جي حق ۾ وڙهندي رهي.

لورين جو پيءُ سرڪاري کاتي ۾ سينئر ڪلارڪ هو. هن پنهنجي اولاد لاءِ هڪ تعليمي خاڪو ٺاهي ڇڏيو هو ته هنن کي ڪنهن به صورت ۾ يونيورسٽيءَ تائين پڙهڻو آهي. اها شيءِ جيڪا هن کي مهيا ٿي نه سگهي. هن پڪو پهه ڪيو هو ته هن جي ٻارن کي اهي موقعا ضرور ملڻ کپن جيڪي هن پنهنجي زماني ۾ چاهيا ٿي پر ڪيس ڏيڻ کان نٽايو ويو هو.

لورين چار سال يونيورسٽيءَ ۾ رهي. سندس تعلقات پڙهائيندڙ استادن کان وٺي ڪلارڪ ڪامورن تائين بيحد سٺا هئا. سندس ڪن ساهيڙين کي هن جو مردن سان ان ريت فري ٿي هلڻ جو طريقو بنهه پسند ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٺوڪينديون پڻ هئس. پر مجموعي طور هن مردن جي سنگت مان چڱو لطف ماڻيو- آخر شادي شده زندگيءَ ۾ اهو ئي ڪجهه حاصل ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڇوڪري ٽيهن سالن جي ڄمار تائين ڪنهن مرد کي پنهنجو نه ڪيو معنی ڳالهه ڦٽي، گاڏي ڇٽي. پوءِ ڪنهن جو ملڻ مشڪل آهي. پوءِ هوءَ ويٽنگ روم ۾ ئي باقي زندگي گذاري ڇڏي. سندس قسمت ۾ پوءِ گهڻو ڪري ڪنوارو ئي رهڻو پوي ٿو. لورين جي ماءُ کي به ڏينهون ڏينهن اهوئي فڪر کائي رهيو هو ته ٿي سگهي ٿو ته سندس ڌيءَ جو به اهو حال حشر نه ٿئي. جڻ اها هڪ اهڙي حالت هئي جيڪا سهپ کان ٻاهر هجي. لورين کي ڪيترين ئي اهڙين زالن سان ملڻ جو تجربو هو جن فقط شاديءَ ڪارڻ مڙس هٿ ڪيا ۽ پوءِ انهن کي احساس ٿيو ته ان اصول تي شادي ڪرڻ هڪ غلطي آهي.

انهن مان هڪ ته سندس تمام ويجهي ساهيڙي، وملانير، اندين ڇوڪري هئي جنهن جا ماءُ پيءُ ڪيرالا (هندستان) کان انگريزن جي ڏينهن ۾ لڏي سنگارپور ۾ اچي رهيا هئا. انهن گذريل سال پنهنجي ڏيءُ جي شادي اهو سوچي ڪئي ته هو اٺاوهين سالن کان به چڙهي ويئي آهي ۽ هاڻ ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن سان به سندس شادي ٿي وڃڻ کپي نه ته وملا کي احساس محرومي بيمار ڪري رکندو.

لورين اهوئي محسوس ڪيو ته زندگيءَ ۾ غير شادي شده عورت ٿي رهڻ کان وڌيڪ ٻيون به ڪيتريون ئي خراب شيون آهن. بهرحال، هن کي شادي کان وڌيڪ پنهنجي آزادي پسند هئي. تعليم دوران اونٽاريو (ڪئناڊا) ۾ پڻ هن کي اها آزادي زندگي وٺي ٿي ۽ هاڻ پنهنجي وطن سنگاپور ۾ اچي، ان آزاديءَ جو هن وڌيڪ قدر ڪيو ٿي.

رکي رکي هن کي گرميءَ جو وري احساس ٿيو جيڪا هاڻ سهپ کان ٻاهر ٿي رهي هئي ۽ اها هاڻ هن تي ايترو حاوي ٿي رهي هئي جو لڳو ٿي ته هن جو ست ۽ ساهه ڪڍي وٺندي. سنگارپور جهڙو ٻيٽ جتي ڏهاڙي ڦڙ ڦڙ لڳي پيئي آهي اتي هن پيري مينهن وٺي ٽن هفتن کان به مٿي ٿي ويو هو. ان ڪري هيڪاندي گهٽ ۽ گهم ٿي پيئي هئي. مينهن جيڪڏهن وسي پوي ته گهٽ ۾ گهٽ ٿڌڪار ٿي وڃي. جيڪڏهن وئڪيشن جي شروعاتي ڏينهن۾ ئي ههڙي گرمي رهي ته پوءِ ته الائي ڇا حال ٿيندو، هن ڇيو، ۽ هن پيري ٻاهر وڃڻ لاءِ ٻي اسڪالرشپ هٿ ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه ٿيندو. گذريل سال ڪئناڊا جي ٽرپ لاءِ خرچ پکي جو بندوبست ’سنگاپور اڪيڊمڪ ٽرسٽ‘ وارن ڪيو هو. انهن کان اها هٿ ڪرڻ ۾ لورين کي ڪا خاص ڏکيائي نه ٿي هئي جو هن جي، واسطيدار ماڻهن سان اڳهين جي ڄاڻ سڃاڻپ هئي، جن کي خوش ڪرڻ لاءِ هن گهڻو ڪي ڪجهه ڪري ڏيکاريو.

لورين لاءِ هڪ ڳالهه مشهور هئي، جيڪا غلط هرگز نه هئي ته هن کي نه فقط پنهنجين ضرورتن ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جي ڇڱيءَ طرح ڄاڻ هئي پر ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ، بنا ڪنهن پرواهه جي، گهڻو ڪي ڪجهه ڪري ڏيکاريندي هئي. يونيورسٽيءَ ۾ پکڙيل اهي افواهه ٿي سگهي ٿو سچ هجن ته يونيورسٽيءَ جو ساليانو ايوارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ لورين فئڪلٽيءَ جي وائيس ڊين سان گڏ ستي هئي. ۽ اهو به مشهور هو ته ڊين جي زال هن جي ڪري مڙس کان طلاق ورتي. پر اها ڳالهه ان ڪري گڏ مڏ ٿي ويئي هئي جو ڊين جي زال جو ڪردار خود به ڪجهه اهڙو تهڙو ئي هو.

لورين منهن ۽ ڳچيءَ تي آيل پگهر جون بوندون رومال سان اگهندي اٿي بيٺي ۽ پوءِ پنهنجو چمڙي جو پرس ڪنيوجيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ هن سنگار جي مشهور گهٽي- چئنج ايليءَ مان هڪ هوڪين زبان ڳالهائيندڙ چينيءَ کان، وڏي بحث بعد اڌ قيمت تي ورتو. اهو فقط ڏسڻ ۾ چمڙي جو لڳو ٿي، ڇو جو نهيل اهڙي سهڻي نموني سان هو جو اهڙي تهڙي کي ته خبر ئي نٿي پئجي سگهي ته اهو ريگزين يا ڪنهن ٻي سنٿيٽڪ شيءِ جو نهيل آهي. هن ان کي کولي اندر جي شين جو جائزو وٺڻ لاءِ جهڙو اندر هٿ وڌو ته پلاسٽڪ جي هڪ ٿڌي بوتل کي سندس آڱريون وڃي لڳيون. هن کي ان وقت هڪدم ياد آيو. نه ته اڄ هن کان ماڳهين وسري ويو ٿي. ڇڱو جو ياد اچي ويس نه ته ان

قسم جي ويسارو تمام نقصانڪار ثابت ٿئي ها. هن بوتل مان برٽ ڪنٽرول جي هڪ گوري ڪڍي، ڪوپ ۾ صبح واري بچيل چانهه جي ڍڪ سان گهڻي ورتي. خبر ناهي ته ڪيتري دير کان چانهه جو اهو ڍڪ ڪوپ ۾ پيو هو. گهڻ مهل ان جي هيڪاندي پاروٽي هجڻ جو سواد ڪيس نڙيءَ ۾ محسوس ٿيو. ان بعد هو اٿي بيٺي ۽ ڏاڪڻين تان هيٺ لهڻ لڳي. رستي تي پهچي هنن سان پاسي کان ايندڙ يونيورسٽيءَ جي جنڪشن روڊ تي وچي ملي. جتان هڪ رستو انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ مين روڊ ڏي ويو ٿي. هو پاڻ ۾ ٽي ڄڻا هئا. منجهائن فقط پال کي هن چڱي طرح سڃاتو ٿي باقي ٻين سان ڪنڌ جي ڏوڻ واري سلام دعا هيس. ’پال خو‘ شادي شده هو، لورين پال سان ڪجهه وقت گذارڻ چاهيو ٿي، ۽ هڪ خيال کان هن کي خوش ٿي ته انهن ٽن ۾ هڪ پال پڻ هو. هنن کي کيڪاري سائن گڏ ائين هلڻ لڳي ڄڻ هوءَ ڄاڻي ٻجهي هنن سان گڏ هلڻ لاءِ سوچي نه نڪتي هئي پر ائين ئي اوچتو ئي ملاقات ٿي ويئي هجيس.

پال پڇيو، ”مانيءَ لاءِ؟“ هن ائين ئي، شايد ماٺ بدران ڪجهه ڪڇڻ ڪارڻ سوال ڪيو.

هن ڪنڌ ڏوڻيو ۽ چيو: ”حقيقت ۾ ههڙي موسم ۾ ڪجهه به کائڻ تي دل نٿي چوي. ها، باقي ڪنهن ٿڌي شربت جو سچو گلاس پيئڻ لاءِ نڪتي آهيان. ڇو نه کاڌي کان اڳ پاڻ سڀ هڪ هڪ گلاس پيئون؟“

پنڌ ئي پنڌ هو اسٽاف ڪئنٽين ۾ پهتا. اها هڪ پراڻي عمارت هئي عمارت هئي جنهن ۾ ڄپانين جي قبَضي کان اڳ، يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪندڙ يورپي رهيا ٿي. آخري وقت هن ۾ ڪيمسٽري جو پروفيسر رهيل هو. اهو هڪ تمام وڏو گهٽن ڪمرن وارو پڪين سرن ۽ ڪاٺ جو ٺهيل موچارو گهر هو. ڇت تمام مٿاهين هيس ۽ ورانڊا هيڪاندا ويڪرا ۽ ٿوڻين تي بيٺل هئا. گهر جي وڏي چپر ۽ باغيچي کي هر وقت صاف سٿرو ۽ ٽپ ٽاپ رکڻ لاءِ ملئي باغائي هئا جيڪي گهٽ پگهار تي به خوش هئا جو هنن لاءِ اهوئي گهٽو هو ته هنن ’ٽئان بيسار‘ (وڏي صاحب) وٽ نوڪري ڪئي ٿي ۽ هي ته خاص طرح وڏو صاحب هو جو گورو انگريز هو ۽ انگريز جو نوڪر ٿي رهڻ به وڏي عزت جي ڳالهه هئي. انگريز حڪومت پنهنجي راڄ ۾ ماڻهو ماڻهوءَ کي سڃاڻي ان موجب هن کي هلايو ٿي. پر پوءِ ٻي لڙائيءَ کانپوءِ ڏسندي ڏسندي ئي ڏسندي اهي زمانا ۽ دور گذري ويا.

پال خو ۽ لورين تيو اڳيان اڳياڄن هئا ۽ سڀني کان اڳ ڪئنٽين ۾ گهڙي، رڌني کان پري، دريءَ وٽ هڪ چئن ڪرسين واري ٽيبل تي قبضو ڪيو. باقي به ڄڻا هنن جي پويان پويان آيا ۽ جهڙو ئي ويٺا ته هڪ ننڍي نيٽي ڇوڪريءَ کاڌي جي لسٽ هڪ هٿ ۾۽ پلاسٽڪ جو ڇڪو ٻئي هٿ ۾، جنهن ۾ لوڻ، مرچ ۽ سرڪي جي شيشي رکيل هئي، اچي اڳيان رکي. هن اچل مان جهڙو ڇڪو ٽيبل تي رکيو ته ڪارن مرچن جي شيشي کلي پيئي ۽ منجهائنس مرچن جو ڪارو ڪڪر اڀريو. پر اهو ايترو نه هو جو ويٺل جي نڪ تائين پهچي کين ڇڪون ڏياري. ڇوڪريءَ معافي وٺڻ جي به تڪليف نه ڪئيءَ هوءَ ڪا تکي طبيعت جي لڳي ٿي، پر سندس ان شوخ مزاجيءَ ڏي ڪنهن به ڌيان نه ڏنو.

هن ڪجهه پيئڻ لاءِ آرڊر ڏنو ۽ ٻنپهرن جي هوٽل طرفان ٺهيل تڪيل مانيءَ لاءِ چيو. لورين وودڪا جهڙن سخت روسي شراب تازن سنگترن جي رس سان گڏ پيئڻ جي موڊ ۾ هئي. سو

هن اهوئي گهرايو. پال پمس نمبر ون لاءِ آرڊر ڪيو. اڄڪلهه موڪل جهڙن ڏينهن ۾ اهو سڀ ڪجهه پيئڻ ۾ مڙيئي خير هو، بس هميشه پيئڻ جي سا عادت نه وجهڻ کپي. لنچ عام رواجي قسم جي ئي هئي. پر، مڇي جو ٻوڙ، بيضن جي ڪاتر ۽ پاڄي- جنهن جي کائڻ سان ڪا صبح جي گرمي نه لٿي. مڇيءَ جي ٻوڙ ويتر اُڃ وڌائي.

مختلف ميزن تي وينل ماڻهن جي لڳاتار ڳالهائڻ جو آواز ائين لڳي رهيو هو جيئن گهرو مکيون اوچتو ڪنهن گند سان ڀريل ٽوڪريءَ تي اچي ويهن پر سڀني جو هيٺاهون لهجو هو، ان ڪري پري وينل کي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي آئي. هڪ ٽيبل تي شايد عشق جا راز يا نئين اسڪينڊل جي ڳالهه جي ڳالهه هلي رهي هئي جو پر وارين ٽيبلن تي وينل ڳاٽ اوچو ڪري ٻڌڻ جي ڪوشش ۾ هئا. هڪ ٽيبل تي شايد ڪنهن جي خلاف پروگرام ٺهي رهيا هئا. ۽ ٽي سگهي ٿو ته سچ پچ به هجن، ڇو جو هيءَ ڪئنٽين يونيورسٽيءَ ۾ اينڊڙ اٿل پٿل جو جنم گهر سمجهي ويئي ٿي. پر سنگاپور يونيورسٽيءَ ۾ اها اٿل پٿل فقط وات جي چشڪي تائين محدود هوندي هئي. ٻيو مڙيئي ٺيو خير. لورين ليمي جي تازي رس جو گلاس گهرايو. هھڙي آلي گرمي ۾ پائنجي ته رڳو ڪجهه نه ڪجهه وينو پيئجي. ساڍس وينل باقي ٽن ڄڻن ڪاري ڪافي جو آرڊر ڏنو. شايد منجهند ڪانپوءِ آفيس ۾ ڪين ڪم هوندو ۽ ننڊ کان پاڻ کي بچائڻ ٿي چاهيائون.

هن ڪانپوءِ آفيس وڃي ڪم ڪرڻ ناممڪن لڳي رهيو هو. ھھڙي گرمي، گُهٽ ۽ گهم ۾ ڪنهن کان ڪم پڇندو؟ لورين جي ٽيبل تي هلنڊڙ ڪچهري به هاڻ ٺڏي ٿي ويئي. ان بابت بحث ته هن بعد ڪير وائيس چانسلر ٿيندو. هاڻ ڪنهن کي به وڌيڪ مزو نه پئي ڏنو. ڪي چند ماڻهو هجن جن کي ان بابت واقعي اڻ تڻ هجي. سڀني تي گرم مسالن واري مانيءَ ۽ شراب جي اثر سان گڏوگڏ گهميل آبهوا جو اثر هو، جو لورين ان اثر هيٺ ڪجهه چئي پوءِ آهستي پٽڪيو ته هن جي دل آفيس وڃڻ تي مورنٿي چوي. منجهند ڪانپوءِ ته هيڪاندي گهٽي گرمي ٿيڻ جا آثار لڳي رهيا هئا، ۽ هن جي آفيس ته ايئرڪنڊيشنڊ به نه هئي. اسٽاف جي سڀني ميمبرن کي ايئرڪنڊيشنڊ آفيس جهڙي عياشي نصيب ٿيل نه هئي.

اسٽيٽ آفيس جي سينئر انجنيئر معرفت ايئرڪنڊيشنڊ آفيس هٿ ڪرڻ کي لورين ڪو ڏکيو ڪم نٿي سمجهيو. پر هن کي اهو انجنيئر ڪڏهن به ڏنو نٿي وڻيو. هن ۾ لورين کي ٿوري به ڪشش نٿي لڳي. بهرحال،فليٽ سندس ايئرڪنڊيشنڊ هو، جتي هن هينئر وڃڻ چاهيو ٿي.

پال پنهنجي واچ ڏي ڏٺو. ”ڏس ته سهي!“ پال رڙ ڪئي، ”به لڳي ڏهه منٽ به ٿي ويا. هلڻ جو وقت ٿي ويو.“ هن پاسي کان لنگهندڙ هوٽل واري ڇوڪري کي بل آڻڻ جو اشارو ڪيو. هن کي خبر هئي ته اسٽاف ميمبر گهڻو ڪري پنهنجو پنهنجو بل ڏيندا آهن. سو ٿوري دير بعد چارئي ڄڻا ٻاهر نڪرڻ لاءِ رڙهيا. پالورين کي چيو، ”چئين ته آئون توکي گهر تائين وٺي هلان. مون کي ڪار هونءَ ئي سروس تي ڏيڻي آهي ۽ تنهنجو فليٽ رستي تي پوي ٿو.“

اها پال جي خاص عادت هئي ته هن هميشه ٻئي جو به خيال رکيو ٿي، پر ڇا ائين ناهي ته اڄ هو ڪجهه وڌيڪ ئي وڇائجي رهيو هو-؟ لورين ان ۾ ڪا خرابي نٿي سمجهي ته ڪوڏاريو مرد کيس گهر تائين ڇڏي اچي. ويتر هوءَ پاڻ ڪجهه اهڙي موڊ ۾ هئي ته ڪو هن سان سنو ٿي

ڳالهائي، ۽ پال ڪجهه وڌيڪ ئي سنئو ٿي ڳالهائي رهيو هو وود ڪا شراب جو نشو لورين جي دماغ تي چڱو اثر ڪري چڪو هو. ڪيس ڪجهه اهڙيءَ موڊ ۾ آڻي ڇڏيو هو جو هوءَ پنهنجو پاڻ ڪنهن جي حوالي ڪرڻ لاءِ آتي هئي، پر ايترو به نشو نه چڙهيو هوس جو ڪيس خبر نه پوي ته هو ڇا پيئي ڪري. پال سان گڏ هلڻ جي آڇ تي هائوڪاري ڪري هن سان گڏ ٻاهر نڪري اچي سندس واڪس ويگن ڪار ۾ ويٺي.

ڪار هلائڻ مهل پال دل ۾ سچيو، جهڙو ٻڌجي ٿو هوءَ ڪا اهڙي خراب قسم جي نٿي لڳي. اهو ڪيترو وڌاءُ آهي جيڪو هن لاءِ ماڻهو چون ٿا- خاص ڪري يونيورسٽيءَ جي اسٽاف- ته هوءَ هر وقت تيار آهي. چالو قسم جي آهي... وغيره. ڏسڻ ۾ ته هوءَ اهڙي نٿي لڳي. هن ڪجهه به اهڙو نمونو نٿي ڏنو جنهن مان لڳي ته هوءَ ان قسم جي ٿي سگهي ٿي. پاڻ ائين ٿي لڳو ته ڪنهن ڪي به حقيقت ۾ ائين چوڻ نه جڳائي.

پال جي پنهنجي زال وائيوين مان ڪجهه دل به کٽي ٿي پيئي هئي. هن کي تازو چوٿون ٻار ڄائو هو، ۽ ائين پئي نظر آيو ته هر ايندڙ ويم تي هن کي گڏريل ويم کان وڌيڪ ڏينهن پري رهڻو پيو ٿي. زالون عجيب مخلوق ٿين ٿيون. ڪين مڙس کان وڌيڪ ٻارن جو خيال ٿئي ٿو. پال جي حالت خراب کان خراب تر ٿي رهي هئي. هاڻ ڪجهه شراب، ٻوڙ ۽ گرمي جي اثر هيٺ هن سوچيو، ”لورين ان قسم جي لڳي ته نٿي پر ٿي سگهي ٿو ڇهرا دوکو به ڏيندا آهن ۽ اندران هوءَ ٺهيل هجي. راضي هجي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر-؟“

اها فقط چند منٽن جي ڳالهه هئي جو هو فليٽ وٽ اچي پهتا. فليٽ اڳيان ڪار بيهاري، هو ٻاهر نڪتو ۽ ڪار جي اڳيان ڦري سندس پاسي جو در کوليو. لورين ٿورو رڙهي ٻاهر نڪتي. لڳو ٿي ته واٽ تي لورين جي دل ۽ دماغ ۾ به ڪجهه ساڳيائي خيال، ساڳيءَ سڌائيءَ ۾ ڊوڙي رهيا هئا. ’پال ڪجهه مختلف پيو لڳي، پر هن وقت اهو چوڻ ڏکيو آهي.‘ هن پال کي چيو: ”ڏاڍي گرمي آهي، ائين موٽي وڃڻ بدران ڇو نه اندر اچي ٿڌي جو گلاس پي پوءِ وڃون.“

”اڃان ته ڪٿي پر تولاءِ مٿي جو سور ته نه ٿيندس.“ پال پڇيو.

”نه. نه. هرگز نه. ۽ فليٽ ايئرڪنڊيشنڊ پڻ آهي.“ لورين بنا ڪنهن هٻڪ جي وراڻيو.

فليٽ جو در کولي هو اندر گهڙي، پٺيان پٺيان پال آيو. لورين پال جي ويجهوٽڻ محسوس ڪئي.

”وِهو.“ لورين چيو، ”آئون هڪ هڪ گلاس شراب جو ٺاهي اچان ٿي. ڪيئن پلا، پمس شراب صحيح رهندو-؟“

ٿوري دير بعد هوءَ موٽي. سندس هٿن ۾ ٻه گلاس شراب جا هئا جن جي مٿان ٽٽ پڪ ۾ لڳل چيري تري رهي هئي. پال بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي ڊڪ ڊڪ ڪري پيئڻ لڳو. پوءِ لورين کان هٿ ڌوئڻ لاءِ اجازت گهري.

”ڇو نه، پلي.“ لورين وراڻيو ۽ ڪيس باٿ روم ڏيکاري پاڻ اتي ئي بيڊروم ۾ انتظار ڪرڻ لڳي. هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي سندس نظر آرسيءَ تي ڏي ويئي ۽ پنهنجو پاڻ کي ان ۾ ڏسڻ لڳي. ائين ته نه آهي ته هُن هن وقت پال مان هيڪانديون اميدون رکيون ٿي؟ هن کي پنهنجو پاڻ تي رحم

اچي رهيو هو. مود ٿيڻ وقت هوءَ ڪيترو ته بيوس محسوس ڪري ٿي.

لورين پلنگ جي ڪنڌ تي ٿي ويٺي ۽ بس ائين ئي بنا ڪنهن سبب جي ڪئنادا ۾ پيش آيل پهرين تجربي جو سوچڻ لڳي. ان ڏينهن ڪافي ٿڌ هئي- ۽ ڪيس مود ۾ آڻڻ لاءِ اها ڳالهه ئي ڪافي هئي. پر اوورسيز اسٽوڊنٽ جي حيثيت ۾ هو اتي پرديسي ۽ هڪلي پڻ هئي. جيتوڻيڪ ڪمرو سينٽرلي هيٽيڊ (ڪوسو) هو پر اصل اها هيڪلائي هئي جنهن کيس ڪنهن جي ساٿ لاءِ ماندو ڪيو هو. ان ڪان علاوه سندس اهو هفتو ڪنادا ۾ آخري هو. ۽ آخري هفتي ۾ ڪنهن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ، اتي هڪ نارمل ڳالهه سمجهي ويئي ٿي. ان لاءِ ڪنهن به ٽوڪيو روڪيو يا خوار نٿي ڪيو. حقيقت ۾ پاڻ اهڙي هنڌ ۽ موقعي تي شريف ٿي هلڻ واري ڇوڪريءَ کي ڪريل ۽ رحم جوڳي نگاهه سان ڏٺو ويو ٿي ته هن ويچاري ۾ ايترو افعال يا ڪڙ تيل ناهي جو ڪٿي ڪو جهڙو تهڙو ئي ڦاسائي. هن کي چٽيءَ طرح ياد هو ته سندس هڪ ڪلاس ميٽ ساهيڙيءَ چا چيو هو: ”پهرين دفعي وارو قصو سو صحيح ٿيڻ کپي. جيئن معيار قائم ڪري سگهجي ۽ پوءِ، ان ڪانپوءِ ٿيندڙ هر معاملو پهرين سان ڀيٽي سگهجي.“ هن سوچيو ته ان ڳالهه ۾ واقعي سچائي آهي. ڪئنادا واري پهرين تجربي ڪان پوءِ ٻيا ڪيترا ميل ميلاپ ائين گونگ ٻوڙ واري نموني ۾ ئي ٿيا. جن ۾ لست ته لست جي، ماڳ، ماڳهين ساهه ٿي گهٽيو. هن پال بابت سوچيو ته اهو الائي ڪيئن ثابت ٿئي ۽ پوءِ دل ئي دل ۾ چيو: ”ان جي به خبر پئجي ويندي.“

لورين بي صبريءَ منجهان هنڌ تان اٿي بيٺي. ايئرڪنڊيشنڊ جي هوندي به هن کي گُهٽ محسوس ٿي رهي هئي. سج ڪڪرن پويان لڪي ويو ۽ چوڌاري تکي روشنيءَ بدران اونداهه ڇائنجي ويئي. ڪجهه ساعتون پيون ترسي جهڙو هوءَ اٿي ٿي ته پال باٿ روم جو دروازو کولي هن ڏي ويو. هوءَ پال جي اکين ۾ هن ڏي وڌڻ جي نموني مان ئي سمجهي ويئي ته جيڪي هوءَ چاهي ٿي اهوئي ٿي رهندو ۽ هاڻ ان بابت ڪجهه به ڪچڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته هو ٻئي هڪ ٻئي جون گهرجون ساڳي وقت سمجهي ويا آهن. بستر سندن پويان هو. پال جهٽ لورين کي پنهنجي پاڪر ۾ سوگهو جهليو. ٻاهر آسمان سڄو ڪارن ڪڪرن سان پرجي ويو هو. تکي هوا تمبوسو وڻن سان ٽڪرائجي سوسٽ پيدا ڪري رهي هئي. پل ميوي وانگر لورين پال جي پاڪر ۾ ڇٽي پيئي. کنوڻ جي چمڪاٽ سان گوڙ جو وڏو ڌماڪو ٿيو. سڄو فليٽ ڇڻ لڏي ويو. پال جوش ۾ جنون ڪان ڏڪي رهيو هو. لڳو ٿي ته هو به ڪو ڏينهن ڪان اڃايل هو. ۽ پوءِ لورين کي اها گهڙي به محسوس ٿي پر ٻئي پاڪر ۾ ئي رهيا، ۽ پوءِ نيٺ پال پاسو ورايو ۽ هن ڪان پري ٿيو.

هڪ دفعو وري چوڌاري ماٺ هئي- سڪون ۽ سانت پري. شڪم پورو ڪرڻ واري، ڪمري جي ڳرائي ۽ ٻوسٽ غائب ٿي ويو ۽ پوءِ سي آرڪسٽرا وانگي مينهن جا ڦڙا ڇت ۽ درين جي شيشن تي سيڪو ڪرڻ لڳا. ۽ پوءِ ڇتين تي ويئل مينهن نارن ذريعي وهڻ لڳو. چوڌاري ٿڌڪار ٿي ويئي.

گرمي جي لهر ختم ٿي وئي.

ربيڪا چوئا *(Rebecca Chua)*

["گرميءَ جي لهر" افساني جي ليکڪا ربيڪا سنگاپور جي چينائڻ آهي. پاڻ 1976ع ۾ سنگاپور يونيورسٽيءَ مان انگريزي سبجيڪٽ ۾ آنرس ڪيائين ۽ 'نيو اسٽريٽ ٽائيمس'اخبار جي جرنلسٽ آهي. سندن افسانا 'دي ايشيا' مئگزين ۾ پڻ ڇپجي چڪا آهن. 1977ع۾ سندس هڪ ڪهاڻي بي بي سيءَ تان پڻ ٻڌائي ويئي هئي.]

# ٽيون ڏاڪو

جيڪڏهن اها ڳالهه اتي وڃي پهتي آهي جتي تون ٻڌائين ٿين، منهنجي پيڻ، ته پوءِ سڀ صحيح آهي. وڌيڪ سوچڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

ڪاٺ جي ڏاڪڻ رستي هن کي هيٺ لاهڻ ڏکيو ٿيندو. جيڪڏهن مٿين همراهه جو پير ترڪي پيو ته هيٺيون به وڃي ڦهڪو ڪندو ۽ امان ڪري پوندي.

هن کي کڻڻ لاءِ توهان کي نوڙين جي ڪا گودڙي ناهٽي پوندي. ان هوندي به سارين جي پوک مان لنگهڻ وقت تڪليف ضرور ٿيندي جو لڳاتار مينهن ڪري جتي ڪٿي گپ لڳي پيئي آهي ۽ پوءِ مين روڊ تي پهچي ٽئڪسيءَ جو انتظار ڪرڻو پوندو.ا مان جي اڳهين حالت خراب لڳي پيئي آهي اهو پنڌ هن کي ويتر ساڻو ڪري ڇڏيندو.

۽ پوءِ اسپتال تائين پهچي ڳوٺ جا ڪجهه ماڻهو ضرور واپس گهر وڃڻ چاهيندا، ۽ پٺيان هوءَ اڪيلي ئي اڪيلي رهجي ويندي.

تون پاڻ .ئي ڪٿي هن کان پڇ، جي اجا به ڳالهائڻ جهڙي آهي ته هوءَ پاڻ ئي توکي ٻڌائيندي ته هوءَ هلڻ نٿي چاهي.

تون صحيح ٿي چوين. هن جي حياتي هوندي ته گهر ۾ به چاق چڱي ڀلي ٿي پوندي. جيڪڏهن نه ته پوءِ اسپتال ۾ به مري ويندي.

اهو سڀ ڪجهه پروردگار جي هٿ ۾ آهي.

ماڻهو جيڪو چوڻ چاهين، چوڻ ڏين. پاڻ اهوئي ڪنداسين جيڪي مذهب چاهي ٿو. ڀلي پنهنجي ڪٽنب جي ماڻهن سان به ڳالهه ڪر. جيڪڏهن هو چون ته هن کي اسپتال ۾ کڻي وڃڻ جي ضرورت ناهي ته پوءِ ته هرگز نه کڻي وڃجي. جيڪڏهن هو حڪيم ڪناليءَ جي ڏنل ستي ڦڪي کارائڻ لاءِ چون ته اها کارائينس. نه کائي ته ٿوري ٿوري دير بعد وري ڪوشش ڪر. حڪيم ڪناليءَ کان شرم يا حجاب ڪرڻ اجايو آهي. جيڪڏهن ڏسين ٿين ته سندس ڏنل دوا هر هر ڏيڻ جي باوجود به اثر نٿي ڪري ته کيس هڪدم اطلاع ڪري بلڪل صاف صاف ٻڌائينس. هو وڌيڪ ڄاڻو آهي. ڪانئس ئي صلاح وٺ ته ڇا ڪرڻ کپي. ٿي سگهي ٿو دوا مٽائي ڪا ٻي ڏئي. جيڪڏهن چوي ته ڪنهن فقير درويش کان ڦيڻو پڙهايوس ته هڪدم ٻنانگ بيسار کان ڪو بوموح (ملئي لفظ: جهاڙ ڦوڪ ۽ جن ڪڍڻ وارو.) وٺي اچجانءِ. جيڪڏهن هو ڪنهن تعويذ ڪڙي ڪرڻ واري لاءِ چوي ته ان کي وٺي اچجانءِ. پر جي استاد وهاب يا ڪنهن ٻئي مولوي کي ڦيٽي دعا لاءِ چوي ته ان کي وٺي اچجانءِ. جي بورونگ ڳوٺ جي بومي لاءِ چوي ته ان کي به وٺي اچجانءِ. ان کي گهرائڻ لاءِ اورانگ دولاح کي چئي سگهين ٿين يا ڪنهن ٻئي مائٽ مٽ پاڙيسري کي.

پر جي ڏسين ٿين ته ٻي ڪابه واهه نظر نٿي اچي ته پوءَ قرآن مان ياسين سورت جي تلاوت شروع ڪري ڏجانءِ. پر دوائن کي هرگز ڦٽو نه ڪجانءِ. ناريل جي ڏونگهي ۾ رکيل لوٽائيل

پاڻي امان جي سيراندي کان ئي رهڻ ڏجانءِ ڇو جو اتان ڦڙو ڦڙو ڪري سندس وات ۾ وجهڻ سولو ٿيندو. مهمانن لاءِ سوپارين جي ڪاتر به چڱي خاص ڪري رک. ۽ جيڪڏهن ڪو نئون بوموح ڦيٽي يا ساٺ سوڻ لاءِ اچي رهيو آهي ته پوءِ ڪجهه نيون اگربتيون گهرائي رک. ڪيس ڦيٽي پڙهڻ جي عيوض ڪجهه پئسا ياد ڪري ڏجانءِ.

اها پڪ ڪجانءِ ته رڌڻي ۾ ڪاڏي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه هجي ڇو ته امان کي پڇڻ لاءِ پڪ ڪيترائي ماڻهو ايندا. پيارڻ لاءِ ڪافي ۽ چانهه جو به خيال رکجان. کپي وڃي ته ڪنهن کي چئي گهرائي وٺجانءِ. هڪ ٻه ڇٻي ڏاڍن بسڪوٽن جي به پرائي رکجان. ۽ ڇڪڻ لاءِ ڪجهه جاوائي (انڊونيشي) تماڪ پڻ. تماڪ لاءِ اوانگ دولاح کي ئي چئجانءِ. ۽ ڪياح يا ڪنهن ٻئي کي چئجانءِ ته پٽ ۽ ٻوڙ تي نظر رکي. متان ائين نه ٿئي ته ڪو ضايع زيان ڪري ڇڏي. سير ٻه مڇيءَ جو اچا به وڏيڪ وني ڪٺي رک. متان پوءِ کٽي پوي.

خرچ لاءِ جي گهر ۾ ايترو پئسو نه هجي ته ڪجهه پاٽيون آن جون وڪٽي به پورت ڪجانءِ پر جي سمجهين ٿي ته ان سان به ڪم هلي نه سگهندو ته پوءِ مڙيل سڳن واري ڪنڊي مينهن ئي کٽي وڪڻجانءِ، هونءَ به اها امڙ جي ئي آهي. هن ئي ان کي گاهه پنو ڪارائي وڏو ڪيو آهي. ڪيس پاٽي پياري، مڇرن ۽ جيتن کان بچائڻ لاءِ دونهون ڪري سار سنڀال لڌي. پر ماڻهن جي ڳالهين جو ايتروئي خيال رکجانءِ جيترو امڙ جي صحت جو رکين ٿين.

ائين ڪرڻ کپي، منهنجي ڀيڻ مرڻ کان اڳ بابي اهي شيون کائڻ جي خواهش ڪئي هئي جن جي هئي مند نه موسم. مون کي لڳي ٿو ته توکي اهي ڳالهيون وسري ويون آهن. جيڪڏهن امان ٿائليند جي چانهينءَ جي گهر ڪري ته يوسف کي مدد لاءِ سڏائجانءِ، هو هميشه ڏاڪٽي ٿائي شهر ’هنيائي‘ ۾ ويندو رهي ٿو. جيڪڏهن امان ’ڪلوبي- پام‘ جي ميوي جي گهر ڪري ته پاڙي واري چيني همراهه ’يا- چن‘ کي چئجانءِ. هو ڳيرن جي شڪار لاءِ اڪثر ٻيلي ۾ ويندو رهي ٿو.

جيڪڏهن هوءَ آب زم زم جي خواهش ڪري ته هڪدم ڪو حاجي سڳورو ڳولجانءِ جيڪو تازو مڪي مان ٿي آيو هجي. هن وٽ ضرور ڪجهه نه ڪجهه اهو پاڪ پاڻي هوندو. پر جيڪڏهن هوءَ مڪي هلي مرڻ لاءِ زوري پري ته ڪيس سنئون سڌو چئجائنس ته امڙ ان لاءِ اسين مجبور آهيون. ايڏو پاڙو پرڻ لاءِ اسان وٽ پئسو ناهي. هوءَ سمجهي ويندي. مطلب ته جيترو ٿي سگهي ته هنجي دل وٺجانءِ. پر ڪا اهڙي شيءِ جيڪا سمجهين ته پاڻ لاءِ بلڪل ناممڪن آهي ته ان لاءِ کٽي انڪار ڪجانءِ. جيترو وقت هن کي جيئرو رهڻو هوءَ اوتروئي جيئرو رهندي پر تون اها ڪوشش ڪجانءِ ته مرڻ تائين خوش ۽ پرسڪوسرهي،ائين نه ٿئي جو ٻئي جهان ۾ ڪرڪندي پهچي.

منهنجي ڀيڻ، مهرباني ڪري هن جو خيال رک.

هن جو ايترو ئي خيال رکجانءِ جيترو اسان ڳوٺ جو رکون ٿا. جيڪڏهن هوءَ مون لاءِ ڇوي ته زال ۽ ٻارن سان هن وٽ هليو اچان ته ڪيس صاف صاف ٻڌائجانس ته اسان ان لاءِ بيحد لاچار آهيون. اسان وٽ پئسو ناهي جو ايڏا ڳرا پاڙا پري اچون. هوءَ سمجهي ويندي.

جيڪڏهن ڪاري پاٽي ۽ سوپاري جي پنن مان ڪو فرق نه ٿئي ته ياسين پڙهڻ شروع

ڪري ڏجانءِ. گهڻو انتظار نه ڪجانءِ. امام حماد کي چئجانءِ ته پڙهائڻ شروع ڪري: ”شروع ٿو ڪريان الله جي نالي سان....“ هڪ دفعو ياسين پوري ڪرڻ بعد وري ٻيو دفعو شروع ڪرائجانءِ.

ٻين کي به پڙهڻ لاءِ چئجانءِ. پر ائين نه ٿئي جو هرڪو قرآن کڻي هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو وتي. کين چئجانءِ ته امان واري ڪمري ۾ ويهي پڙهن. امان جي ساڄي سيراندي کان هروقت ڪنهن کي ويهاري ڇڏجانءِ ته ياسين ويٺو پڙهي.

هن کي اڪيلو هرگز نه ڇڏجانءِ، منهنجي ڀيڻ. تون سندس کاٻي پاسي سيراندي کان يا پيرانديءَ کان ويٺي هججانءِ. چمچي سان ڪري پاڻيءَ جو ڦڙو ڦڙو سندس وات ۾ وجهندي رهجانءِ. اهو ڪم ضرور ڪجانءِ. متان امان کي ڇڏي تون هيڏانهن هوڏانهن رڌڻي ۾ ڦيريون پائيندي رهين. ان لاءِ لياح، ڪياح يا اوانگ دولاح جي زال کي چئجانءِ.

امان واري ڪمري جون دريون مڙئي بند رکجانءِ. ان سان ڪو فرق نٿو پوي. ڇو جو هوءَ ائين ئي چاهي ٿي. رب جي مرضي ڇا آهي، ان جي توکي يا مون کي ڪابه خبر ناهي. بنا سڏ جي به ڪيترائي ماڻهو اچي نڪرندا ۽ جيترا گهڻا هوندا اوتروئي منهن ڏيڻ ڏکيو ٿي پوندو ۽ ماڻهن جي گوڙ ۾ امان کي به تڪليف رسندي.

جيڪڏهن ڪو دري کولڻ لاءِ زور رکي ته کيس چئجان امان کولڻ کان منع ڪئي آهي. ماڻهو ڇا به پيا چون. هوءَ اسان جي ماءُ آهي، ماڻهن جي ته ناهي جو هنن کي خيال ٿئي.

پاڻ هن جا ٻه ٻار آهيون. بابو گذاري ويو. هاڻ فقط امان تون ۽ آئون وڃي بچيا آهيون. هوءَ پوڙهي ۽ بيمار آهي. هن کي سڪون سان مرڻ ڏجي. هن سان هاڻ پنهنجو ميلاپ ٻئي جهان ۾ ئي ٿيندو.

دعا ڪر ته کيس جنت ۾ جايون نصيب ٿين. ابي لاءِ به دعا گهر- جيڪو گذريل سال پاڻ کان وڇڙي ويو آهي، ته هن کي به جنت ۾ جايون ملن. مرحوم جي چپن تي مرڻ گهڙي تائين وحدانيت جو ڪلمو رهيو ته الله فقط هڪڙو آهي. هن ڪڏهن به نماز جو وقت نه وڃايو. رمضان جي مهيني ۾ سڀ روزا رکندو هو. زڪوات ڏنائين. فقط هڪ فرض جيڪو هو پوروڪري نه سگهيو اهو حج جو هو، هو حج ڪرڻ لاءِ مڪي وڃي نه سگهيو. پر جيڪڏهن ڪنهن وٽ پئسو ناهي ته پوءِ هن تي فرض ناهي. جهاد لاءِ بابو هروقت تيار هوندو هو. هن ڪيترائي دفعا بڪت-سليمبائو جي ڪافرن سان مهاڏو ڪيو هو. امان به اهڙي ئي طبيعت جي آهي. هوءَ وڙهي ته نٿي سگهي پر بابا جي تلوار کي هميشه پالش ڪري چلڪائي رکندي هئي. آخرت جي فيصلن جي ڄاڻ هڪ رب کي ئي آهي. پر جيستائين ا سان سمجهون ٿا ته امان ۽ بابا هر ڪم ڪيو جيڪو هڪ مسلمان کي ڪرڻ کپي- سواءِ مڪي مديني وڃڻ جي. الله ٻاجهارو ۽ حاضر ناظر آهي. اسان فقط دعا گهري سگهون ٿا.

مهرباني ڪري روءِ نه. توکي روئڻ نه کپي. اها ئي هڪ ڳالهه آهي جنهن لاءِ توکي بار بار جهلڻ چاهيان ٿو. آئون سمجهان ٿو ته اهو هڪ ڏکيو ڪم آهي. گذريل سال بابو هليوويو. هن سال قدرت کي جي سندس پنيان امان کي به گهرائڻو آهي ته هوءَ به هلي ويندي. هن کي روڪڻ، تنهنجي

منهنجي وس ۾ ناهي. پر مهرباني ڪري روءِ نه. موت ڪو مهڻو ناهي. هڪ ڏينهن پاڻ سڀني ڪي پڻ هلڻو آهي جتان آيا آهيون. پهرين پاڻ اڻ ڇاول روپ ۾ هئاسين يعني مٽل هئاسين. الله اها ڳالهه قرآن ۾ به ڪئي آهي. شروع ۾ اسين مٽل هئاسين. پوءِ ماءُ جي پيٽ مان جنم وٺي هن جهان ۾ آياسين. ان بعد وري مرنداسين ۽ پوءِ هڪ ڏينهن وري جيئرا ٿينداسين- هميشه لاءِ. اهي مڙيئي مختلف ڏاڪا آهن جيئن ڪنهن ڏاڪڻ کي ٿين جن تي چڙهي هر هڪ کي آخري منزل، آخري ڏاڪي تي پهچڻو آهي. تنهنجي روئڻ سان ٿي سگهي ٿو امان کي هڪ ڏاڪو وڌيڪ مٿي چڙهڻ ۾ تڪليف ٿئي.

پاڻ هينئر ٻئي ڏاڪي تي آهيون. امڙ، تون، آئون، ڪٽنب جا مڙيئي ڀاتي جيڪي هن وقت جيئرا آهن سڀ ٻئي ڏاڪي تي آهن. پاڻ چئن ۾ بابو ڀاڳ وارو چئبو، هو ٽئي ڏاڪي تائين پهچي ويو آهي ۽ الله گهريو ته جهٽ امڙ به ان ٽئي ڏياڪي تي وڃي پهچندي ۽ پوءِ فقط پاڻ ٻه ڀنيان سور سهڻ لاءِ ٻئي ڏاڪن تي رهجي وينداسين. بابا امان ٽئي ڏاڪي تي پهچي ڪيڏو نه خوش ٿيندا.

امان کي ٽئي ڏاڪي ڏي سڪون سان وڃڻ ڏي. مهرباني ڪري ڏک نه ڪر. روءِ نه.

مختلف ڪم- ڪفن لاءِ ڪپڙو وٺڻ، ان کي ماپ موجب ڦاڙي ڪفن ٺاهڻ، جنازي کڻڻ لاءِ ڪٺ هٿ ڪرڻ، جانزي نماز، قل پڙهڻ وقت چهارا ورهائڻ، قبر کوٽائڻ، جنازي کي غسل ڏيڻ، ڪاٺ جا تختا هٿ ڪرڻ، پٽريون پڙهائڻ، اگربتيون، جنازي کي کڻي قبرستان تائين رسائڻ، قبرتي قرآن خواني ڪرائڻ، آيل ڪانڌين کي ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ماني کارائڻ،ان بعد ستن ڏينهن ڪانپوءِ ختمي جي ماني. ان بعد وري چوڏهين ڏينهن، چاليهن ڏينهن ۾ هڪ سؤ ڏينهن بعد جي ماني وغيره. ڪابه ڳالهه ڏاڍيان نه ڪجانءِ متان امان جي ڪن تي ان جي ڀڻڪ به پوي. ان قسم جي ڳالهه ٻڌي هن جي دل پچي پوندي. هن کي دلي صدمو رسندو. ان ڪري ان قسم جو هڪ لفظ به هن کي ٻڌڻ نه ڪپي.

ان بابت ڪابه ڳالهه ڪرڻي پوي ته ڪمري کان ٻاهرنڪري ڪجان. چاچي ڪريموءَ،مائي جبيران ۽ امام حماد کان ان بابت ورانڊي ۾ پڇا ڪجانءِ. هن کي ان بابت چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي. هو دفن ڪفن ۽ ختمي درود جو ڪم ڪندا رهن ٿا. ڪفن لاءِ ڪپڙو وٺڻ کان اڳ ڪوشش ڪري اهو معلوم ڪجان ته امان جو قد ڪيترو آهي. ۽ پوءِ وال وال ڪپڙي جو ٻنهي پاسن کان وڌيڪ وجهجانس. جيتري قدر ٿي سگهي ته اهو ڪپڙو ڪنهن ڪافر جي دڪان تان نه وٺجانءِ، جيئن هوءَ ٽئي ڏاڪي تي پاڪ پوتر حالت ۾ پهچي. هن تي ڪوبه داغ ڌٻو نه هئڻ ڪپي.

ڪفن لاءِ ڪپڙو ڦاڙڻ لاءِ اوانگ دولاح کي چئجانءِ. هن کي ڪپڙي ڦاڙڻ ۽ ڪفن ٺاهڻ جو ڏانءُ اچي ٿو. ڪپڙي ۾ ڪنهن به قسم جو چتر پوڻ نه ڪپي. ڪوشش اهائي ڪجانءِ ته ڪپڙي ڦاڙڻ جو آواز امان جي ڪنن تي نه پوي. نه ته اهو ٻڌي هو پريشان ٿي ويندي. ٿي سگهي ته هن کي چئجانءِ ته هو پنهنجي گهران ڪپڙو ڦاڙي اچي.

قبر جي تر مان جيڪڏهن پاڻي نڪري- جيئن بابي جي قبر ۾ ٿيو هو- ته پوءِ ٻنگ مٽ کي چئجان ته ڪاٺ جا تختا هڪ ٻئي سان ائين پچائي هڻي جو هڪ يڪو پٽ ٿي پوي. پوءِ جنازي مٿان مٽي خيال سان وجهجو جيئن ٻاهر گڏ ٿيل مينهن جو پاڻي اندر نه وڃي.

هن کي تختا هڪ ٻئي سان ملائي هڻڻ لاءِ تاڪيد ڪجانءِ، منهنجي ڀيڻ. ۽ ان بعد وري

وري پيئي ياد ڏيارجائنس.

۽ ڪنهن به ڳالهه بابت پڪ نه ٿئي ئي ته ماڻهن کان پڇجانءِ، خاص ڪري چاچو ڪنالي سٽي صلاح ڏيندءِ.

جنازي جو غسل، اگربتيون ٻارڻ ۽ دعا درود جو ڪم امام حامد جي حوالي ڪجانءِ. ڪنهن ٻئي کي ڪيلن جا ٿڙ وڍي اچڻ لاءِ چئجانءِ، جيئن جنازي کي ان مٿان رکي غسل ڏنو وڃي. ٻه ٽڙئي ڪافي رهندا. راجا ڪيلي جا ٿڙ سڀ ۾ سٺا آهن. انهن جا سارين جي پوڪ وٽ ڪيترائي جهڳٽا آهن. آهن نه-؟ ڪي به ٻه پٽرائجانءِ. جن اجا گل نه ڏنا هجن.

اگربتين سان گڏ ڪجهه ڪافور به ٻارجو. تي سگهي ٿو بابي لاءِ گهرايل ڪجهه اجا بچيل هجي. ڪپڙن واري ڪٻٽ ۾ چگّيءَ طرح ڳولجانءِ.

دعا جوڪم امام حماد جي حوالي ئي ڪجانءِ. هو جماعتن جو پيش امام پڻ آهي. جيڪڏهن هو ڪمپونگ راجا بتانگ جي خٽاب مان خٽابين کي گهرائڻ چاهي ته ڪين هڪدم سڏائي ونجانءِ. تون جي واندي نه هجين ته خيرات جاپئسا 'يا چن' چينيءَ يا يوسف کي ڏجانءِ ته غريبن ۾ ورهائي.

ريجو تيار رکجانءِ، ڏهه ڊالر ڪن جا ڏهين ڏهين سينٽن وارا سڪا ڪافي رهندءِ. سڀ ورهائي ڇڏجانءِ. مدرسي اڳيان جيڪي ٻار وينا آهن انهن کي به ڏهه ڏهه سينٽ ڏجانءِ.

ٻه ڊالر امام حماد لاءِ به هٿيڪا رکجانءِ. دعا بعد کيس ڏجانءِ پر مٺ ۾ لڪائي ڏجانءِ جيئن ڪو ٻيو نه ڏسي. هن کي چئجان ۽ ته هي تماڪ پيڙيءَ لاءِ اٿئي. پهرين هووئڻ کان انڪار ڪندو ۽ توکي موٽائي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو. پر پوءِ تون هن جي صدري جي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏجانءِ. موٺ ۾ پلي هو چپن ۾ مرڪي يا نه مرڪي- جيئن سندس دل چوي تيئن ڪري.

هي سڀ ڪم ڪرڻ کان اڳ امان جي حالت تي نظر رکجانءِ. جڏهن ڏسين ته هاڻ دوا بلڪل اثر نٿي ڪري ته پوءِ ڏينهن رات ياسين جو دور شروع ڪري ڏجانءِ. مون کي خبر آهي ته ماڻهو توکي جهليندا ته جيستائين امان اکيون نٿي پوري تيستائين تون ڪجهه به نه ڪر. ان اجائي ڳالهه ٻولهه ڏانهن تون ڏيان بلڪل نه ڏجانءِ. ماڻهن کي جيڪي وٽي پيا بڪن. اسان ڪنهن جو وات بند ڪري ڪنهن جو ڪري سگهون ٿا. اسان ڪنهن به صورت ۾ امان کي ٻيو ڏاڪو اکري بابي ڏي وڃڻ کان روڪي نٿا سگهون. جيتوڻيڪ پاڻ نٿا چاهيون ته امان پاڻ کان وڇڙي وڃي. پر اسان ته فقط پنهنجي فرض جي پوئواري ڪري رهيا آهيون.

جيڪڏهن بابي پنيان امان به وڃي ٿي ته اسان کي رب جا شڪرانا بجا آڻڻ کپن جنهن ٻنهي کي ٽين منزل تي پهچايو. پنيان باقي پاڻ ٻه ٻي منزل تي رهجي ويندا سين. جيڪڏهن هن جي اجا حياتي آهي ته به اسان کي رب جا شڪر مڃڻ کپن جنهن اسان کي ساٿس ڪجهه وڌيڪ ڏينهن رهڻ جوموقعو ڏنو.

پر ان هوندي به تيار ڪري ڇڏڻ ۾ نه فقط پنهنجي پر هن جي به بهتري آهي. پوءِ جلدي لاڏاڻو نه ڪري.

ٻي جهان ۾ وڃڻ لاءِ گهڻي بحث جي ضرورت ناهي. اجائي دير ڪرڻ غير ضروري آهي. جيئن ئي هن کي سڏ ٿئي ته هوءَ هڪدم هلي وڃي ۽ پوءِ پٺتي رهڻ جي هرگز نه ڪري. سندس

غسل ڪفن ۽ دفن جو بندوبست اڳهين تيار آهي ته روح نڪرڻ سان ڪيس قبر حوالي تڪو ڪري سگهجي ٿو. پيهريءَ جو وڃڻ تي ٿيهريءَ ڏاري هن جو مهاڏو ملائڪن سان ٿي سگهي ٿو. هڪ دفعو سوال نامون شروع ٿيو ۽ پوءِ جواب ڏنائين ته پوءِ سڌو پنهنجي منزل ڏي رواني ٿي سگهي ٿي.

مرڻ بعد ڪنهن جو به پوءِ انتظار نه ڪجانءِ. ڳوٺ جي ماڻهن کان علاوه بيو ڪير آهي جو هن کي سڃاڻي. پاڻ ته ڪي ٿورائي ماڻهو سڃاڻون. پاڻ ڪنهن کان به مدد نه گهري آهي ۽ نه ڪنهن اسان کي مدد لاءِ سڏيو آهي. ۽ پاڻ ڏني به چا ٿا سگهون- سواءِ دعائن جي.

ڏنو وڃي ته اسان وٽ ڪجهه به نه آهي. بهرحال اها ڪا اهڙي ڳالهه ناهي ۽ نه ڪا پاڻ کي ان جي پرواهه آهي ته پاڻ وٽ مرڻ وقت ڪجهه به نه هوندو. پاڻ غريب ماڻهو آهيون. پاڻ ان غربت لاءِ به الله جو شڪر بجا آڻيون ٿا.

منهنجي پيڻ جيڪي ڪجهه ڪرڻو اٿئي اهو ڪري وٺ جيئن هوءَ جيترو جلدي ٿي سگهي پنهنجي نئين سفر ڏي رواني ٿي وڃي.

قبر پلي تيستائين نه کوٽائجانءِ جيسين هو بابا ڏي وڃڻ جو پڪو فيصلو نٿي ڪري. پر ان جاءِ تي قبر جا سندا اڳواٽ هٽائي ڇڏجانءِ. اهو ضرور خيال رکجانءِ ته هن جي قبر بابي جي پر ۾ ساڳا وڻ جي هيٺان هجڻ کپي.

جيئن ئي امان آخري پساهه کڻي ته قبر کوٽڻ وارن کي هڪدم اطلاع ڪجانءِ. انهن کي ڇهه فٽ کن اونهي قبر کوٽڻي پوندي. ساڳا وڻ جي هيٺان ڇئن فٽن جي کوٽائي بعد پاڻي نڪري ٿو سو ان جو خيال رکڻ به ضروري آهي.

جيئن ئي جنازي جي غسل ۽ ڪفن جو ڪم پورو ٿئي ته امام حماد کان جنازي کڻڻ جو وقت پڇجانءِ. امان جو جنازو گهر مان کڻڻ وقت تون به ڪلهو ڏيارجانءِ. در کان ٻاهر نڪرڻ مهل ڏاڪڻين وٽ تمام خبرداريءَ کان ڪم وٺجو. ائين نه ٿئي جو لاش ڪري پوي جيئن ذري گهٽ بابي جي لاش سان ٿيندي ٿيندي بچاءُ ٿي ويو هو.

مختصر طور هي ته وڏي خبرداري سان لاش کي در کان ٻاهر ڪڍجو. مٿان باتڪ جو ڪپڙووجهي ڇڏجو. جيڪو بابي جي لاش مٿان پڻ وڌو هئوسين.

ان بعد به رستي تي خيال سان هلجو. اڄڪلهه مينهوڳيءِ جي رُت ڪري جتي ڪٿي گپ ۽ ترڪڻ لڳي پيئي آهي.

ٽڪريءَ جي موٽ وٽ رستي تي ڪيترائي جهنگلي ڄاها گهمندا رهن ٿا.  يا قبرستان واري رستي تي ڪيترن ئي هنڌن تي ڳاڙهيون ماڪوڙيون پڻ آهن. ڪجهه چوڪرن کي اڳواٽ ئي انهن کي پچائڻ لاءِ موڪل جانءِ. ڪڏهن ڪڏهن شام جي وقت ان رستي تي وڇون ۽ سؤپيريون به جام هلن ٿيون ٻيلي مان لنگهڻ وقت وڻن ۾ نهيل ڏينين ۽ ڇيلاٽن جي ککرن کان به پاڻ کي بچائجو. ڪوشش ڪري رستي جو ڪجهه حصو اڳواٽ صاف ڪرائي ڇڏجو.

دفن بعد گهر موٽي رات جو قرآن جو ختمو پورو ڪرائجانءِ. ۽ پوءِ لڳاتار ٽن راتين تائين قرآن پڑهائجانءِ. جيئن بابي جي وفات وقت پڙهايو هئوسين.

پئسا جي کپي وڃن ته گنديءَ وارو ان وڪٽي خرچ هلائجانءِ. امڙ جو منو ايڪڙ لنگسا

ميوي جو باغ ايندڙ سال لاءِ اڳوات مقاطي تي ڏيئي ڇڏجانءِ ۽ سندس پاليل ٻئي ٻڪرون ڪهي مهمانن کي کارائجان. باقي گهر ۾ بيٺل مڙيئي ڪڪڙيون وڪڻي ٻيو خرچ هلائجانءِ.

پئسي جي توکي سخت ضرورت پوندي. قبر تي اچي ست راتيون قرآن پڙهڻ واري کي آخري رات ختمي جي ماني کارائڻ بعد ڪجهه پئسا ڏجانءِ. چوڏهن ڏينهن بعد هڪ ٻي ماني ڪرڻي پوندئي ۽ سؤ ڏينهن بعد اڃا به هڪ ٻي ماني.

جيڪي ڪجهه گهر ۾ هجي في الحال گروي رکي به قرض وٺجانءِ. ختمي جي ماني چڱيءِ طرح ڪرڻ کپي پوءِ چاهي ان پٺيان قرضي ٿي وڃون ته به مڙيئي خير آهي. پئسي ڏوڪڙ جو حساب ڪتاب جيئن تقدير ۾ هوندو تيئن ٿيندو. ماڻهو چاهي اهو چون ته اسان پاڻ ڪٺائي رهيا آهيون ته به ان جي پرواهه نه ڪجانءِ. باقي امان جي دفن ڪفن جو ڪم سو پرسڪون نموني سان ٿيڻ کپي.

آخرڪار ماڻهن کي اسان بابت خبر ئي ڇا آهي. منهنجي پيڻ-؟

امڙ جو آخر تائين چڱي طرح خيال رکجانءِ. پاڻ غريب ضرور آهيون، پر سڪون ۽ رب جي رضا ۾ راضي رهڻ وارا آهيون. ان لاءِ پاڻ کي پروردگار جو ٿورائتو ٿيڻ کپي جنهن پاڻ کي ايامن کان غربت ۾ رکيو آهي.

اهو هن جو اسان کي سکيو رکڻ جو طريقو آهي.

شاهنان احمد (Shahnon Ahmad)

[هن ملئي افساني- ٿيون ڏاڪو، جو ليکڪ شاهنان احمد 1933ع ۾ ڪيداح رياست (ملائيشيا) ۾ ڄائو. اڄڪلهه هو يونيورسٽي سائنس ملائيشيا جي اسڪول ۾ Humanities ڊپارٽمينٽ جو ڊين آهي. Rentong (ڦهير جي نوڙي)، Jalan Rangiau Sepanjang (فصل نه پر ڪنڊا) ۽ Srengenge سندس اهم ملئي ناول آهن. 1973ع ۽ 1975ع ۾ ڪيس ’تن- عبدالرزاق‘ ادبي انعام پڻ ملي چڪوآهي.]

# قوناط جي خوشين ڀري مختصر زندگي

قوناط-عمر 26 سال، قوميت انڊونيشي، پگهار 352 رپيا ماهوار (ان حق حلال جي ڪمائيءَ کان سواءِ مٿان هڪ ٽڪو نه نه)، شادي شده، ٻن ٻارن جو پيءُ (ٽيون رستي تي)، ڀين جونيئر گريڊ سول آفيسرن سان گڏ، ٽرڪ ۾ چڙهيو جيڪا ڪين ڊپارٽمينٽ طرفان مهيا ڪئي ويئي هئي. اها ٽرڪ ۽ ان جهڙيون ٻيو ٻه ڪيتريون ئي سرڪاري آفيسرن، ڪلارڪ، پٽيوالن سان ڀريل ٽرڪون ٻنتنگ ميدان ڏي روانيون ٿي رهيون هيون جتي ڪيس مغربي نيوگنيءَ جي آزادي لاءِ جلوس ڪڍڻو هو. وارا وارا ڏيئي هن نيوگنيءَ جي آزاديءَ جو ترانو وڏي واڪي ڳايو ٿي.

هر دفعي جڏهن هن ”تي چڪو آهي لبريز منهنجي صبر جو پئمانو.....“ ترانو ڳايو ٿي ته هن کي لڳو ٿي ته هاڻ واقعي سندس صبر جو پيمانو اٿلڻ واروآهي. هن کي فقط ان ڳالهه جوانتظار هو ته ڪو هن کي حڪم ڏئي ته هو نيوگني جي ڪناري تي ڏوڪي ظالم ۽ ذليل يورپين لوڌي ڪڍي.

تصور ئي تصور ۾ هوسائي رنگ جي فوجي وردي، لوهي ٽوپي، ڳچيءَ ۾ ڳاڙهي رومال، ساڄي هٿ ۾ رائفل جنهن ۾ اڳيان ڇرو لڳل هو، سان گڏڪنارو پار ڪندڙ ٻيڙيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏسي رهيو هو جنهن مان لهي ڌارين تي حملو ڪري هن آزادي وٺڻ ٿي.... ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اهو ڏيک چنجهو ۽ ڏنڌلو ٿي ويو. ان قسم جا ڪيترائي تصور ۽ نظارا هڪ ٻئي پويان سندس من ۾ اڀي سندس اندر جي ولوڙ کي وڌيڪ گرمائڻ لڳا پوءِ هو ٽپ ڏيئي ڪناري تي لٿو جتي بمن ۽ بارودن جا ٺڪاءُ ٿي رهيا هئا. فضا ۾ داروءَ ڦٽاڪن جي ڌپ هئي. ان ماحول ۾ هن کي لڳو ته هو دشمنن جي صفن ڏي ڌوڪيندو وڃي. لڳاتار حملي بعد نيٺ سندس سوڀ ٿي ۽ پوءِ ڪاميابيءَ جو تصور سامهون آيس. ڳوٺ پهچڻ تي ماڻهن جو ساڻس هيرو وارو برتاءُ ۽ پوءِ ملڪ جو صدر صاحب جو ڪيس دليريءَ سان مقابلو ڪرڻ ۽ فتحيابيءَ جي بدلي ۾ سونو ٻلو هڻڻ. سندس زال، ٽيناح، جو هن ڏي خوشي ۽ ساراهيندڙ نگاهن سان ڏسڻ. سندس ٻارن جو هن جي ٽنگن کي ڀاڪر پائڻ.... پوءِ عهدي جي ترقي- پروموشن: هاڻ هن کي قاصد ٿي ڪم ڪرڻو نه پوندو. هاڻ هو ڪلارڪ ٿي آفيس جي ٿڌي ڇانوَ ۾ئي ڪم ڪندو.... گهر جي خرچ پوري ڪرڻ لاءِ هاڻ ڪيس رات جو رڪشا هلائڻي نه پوندي.....

قوناط کي شام جو ڇهين کان آڌي رات تائين رڪشا هلائڻي پوندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته صبح جا ٻه ٿي ويندا هئا. ”رڪشا ان ڪري هلايان ٿو،“ قوناط جي پنهنجي زال کي سمجهائيندي چيو هو، ”جيئن پاڻ حق حلال جي ڪمائي سان گهر جي خرچ جو پورائو ڪري سگهون، نه ته منهنجي سرڪاري نوڪريءَ جوپگهار ته ايترو گهٽ آهي جو اهو سمورو فقط ڪاڌي پئيان خرچ ٿي وڃي. رڪشا هلائڻ مان جيڪي روزانو ويهه رپيا ڪمايان ٿو ان مان جيتوڻيڪ ساڳي غربت جي زندگي گذري ٿي پر ڪنهن جي اڳيان هٿ ته ٽنگڻو نٿو پوي.“

ٽن سالن کان هن ڏينهن رات پورهيوڪيو هو. هاڻ هو بنهه ڏٻرو ۽ عمرکان وڏو لڳي رهيو

هو. رڪشا ڇڪي ڇڪي سندن ٽنگون ڇپيون ٿي ويون هيون. اوجاڳن ۽ اڻپوري خوراڪ ڪري سندس اکيون ڳاڙهيون ۽ ڏار ڏيئي ويون هيون. ڪنهن کي به ايتري فرصت نه هئي ۽ نه دل ۾ آيو ٿي ته ڪٿي هن غريب کان پڇي ته تون ايڏو پورهيو ڇو ٿوڪرين. يا جي بيمار ٿي کٽ تي ويهي رهئين ته اڳتي جو ڇا ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪو ڪانئس پڇي به ها ته هن جو اهوئي جواب هجي ها: ”اُنون چڱي طرح ڄاڻان ٿو ته زندگي تمام مختصر آهي ۽ جيڪي ڪجهه منهنجي قسمت ۾ آهي اهو ٿي رهندو. ”هن هر شيءِ نصيب طرفان سمجهي ٿي. هن جي ڀاڳ ۾ زندگي ائين هئي جيئن گذري پئي. ان لاءِ هن ڪنهن به ٻئي کي ذميوار ۽ ڏوهاري تصور نٿي ڪيو. ۽ اها هڪ حقيقت هئي ته سندس جنجال واري جياپي لاءِ هن ڪنهن کي به ذميوار يا ڏوهاري نٿي سمجهيو،. نه حڪومت کي، نه اڳواڻن کي، نه ويندي پنهنجي اپائٺهار کي، هو طبيعت ۾ئي رضا تي راضي رهڻ وارو ۽ چئيوان هو. هن باقاعدگي سان نماز پڙهي ٿي ۽ روزا رکيا ٿي. هن پنهنجي قوم جي اڳواڻن تي پورو يقين ۽ ڀروسو رکيو ٿي ۽ جيڪي ڪجهه انهن چيو ٿي ان کي هميشه سچ سمجهيو ٿي. ان بابت هن بحث ڪرڻ جي گنجائش نٿي سمجهي. ڪنهن کي ڪنهن اڳواڻ ليڊر جي چال چلن تي رد ڪد ڏيندي ٻڌندو هو ته ان کي به سمجهائيندو هو ته ائين ڪرڻ نه کپي. آخر هو اسان جا اڳواڻ آهن. ليڊر آهن، ڪين اسان کان وڌيڪ ڄاڻ آهي. جيڪڏهن هو اسان کان وڌيڪ سياڻا نه هجن ها ته ڪڏهن به ليڊر نه ٿي سگهن ٿا.

”ڇا هو جيڪڏهن ڇسا بيوقفون هجن ها ته ڪو پنهنجا اڳواڻ ٿي سگهن ها؟ جيڪي ڪجهه هو چون ٿا اهو ٻڌي اسان کي هنن جي ڳالهه مڃڻ کپي. ڇو جو اسان بابت ۽ ملڪ جي بهتريءَ بابت هو وڌيڪ ڄاڻن ٿا.“

قوناط اونهاري جي نٽهه اُس ۾ ٻين هزارين ماڻهن سان گڏ جلوس ۾ بيهي پنهنجن اڳواڻن جو انتظار ڪندو رهيو جيڪي وڏين وڏين مهنگين ۽ اوچين گاڏين ۾ اچڻ وارا هئا. هن کي ذرو به ائين نه لڳو ته اهو نسورو ئي بيوقوفي جو ڪم آهي. اُس ۾ اجايل بڪايل بيهي پنهنجن ليڊرن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ جو ٻيو ڪو مقصد نه هو. هنن کي رڳو اڇي تقريرون ڪري عوام کي جوش ڏيارڻ هو. ان طرح اهو ڪجهه ٿيڻو هو ۽ ائين ئي ڪجهه ٿي رهيو هو. پنهنجن ليڊرن کي وڏين ڪارين مان رعب سان لهندو ڏسي، هڪ وار هي وري بيحد گهڻو متاثر ٿيو.

۽ پوءِ جڏهن پڙڪندڙ تقريرون شروع ٿيون ته قوناط کان ٽپندڙ سج جي گرمي به وسري ويئي، بک ۾ پاهه ٿيندڙ پيٽ به وسري ويو،، رڪشا به وسري ويئي... جيئن ئي ديوتا نما ليڊر ڪو نعرو هنيو ٿي ته ان جي ورندي ۽ پوئواري ۾ قوناط وات ڦاڙي جواب ڏنو ٿي. هن جو صدارتي پڌرنامي ۾ پوروپورو يقين هو. هن کي سڪارنو جي 1959ع واري سياسي منشور، محدود جمهوريت، انڊونيشي اسٽائيل سوشلزم، ورهايل ۽ ورچيل معيشت ۽ قومي ڪردار تي وڏو ڀروسو هو. هن نيوگنيءَ جي آزاديءَ لاءِ هڙون وڙون سڀ ڪجهه ڏيڻ چاهيو ٿي. هن کي انهن شين مان ڪنهن تي ذرو برابر به شڪ نه هو. ان انقلاب بابت ڪوبه جلسو جلوس هن نه ڇڏيو هو. ڪٿي به ڪنهن جلسي يا ليڊر جي تقرير جو ٻڌندو هو ته پنهنجي ڪيسي مان به خرچ ڪري اتي پهچي ويندو هو. پنهنجن دوستن عزيزن کي هميشه اهو ٻڌائيندي فخر محسوس ڪندو هو ته هن قومي انقلاب

جي ڪنهن به جلسي جلوس مان گسايو ناهي. انقلاب هن لاءِ سڀ ڪجهه هو.

ايتريقدر جو دل ئي دل ۾ هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماءُ پيءُ تي به ناراض ٿي پوندو هو ته انڊونيشيا جي آزاديءَ واري انقلاب وقت هي فقط ٻارهن سالن جو ڇو هو. هن جي اها خواهش هئي ته جيڪر هو ٻارهن سال اڳ به اڳواٽ ڄمي ها ته سڪارنو جي انقلاب ۾ هو اهڙي ئي زور شور سان حصو وٺي سگهي ها، پر خير هي ان ۾ به خوش هو ته هو نيوگني جي آزاديءَ واري انقلاب ۾ حصو وٺي رهيو آهي جيڪي پڻ سندس ملڪ جو هڪ ڇنل حصو آهي.

هن پنهنجي سڄي زندگي انقلاب لاءِ ئي وقف سمجهي ٿي. انقلاب، جنهن ۾ قربان ٿيڻ هن لاءِ خوشي جي ڳالهه هئي. انقلاب جنهن ۾ هن جو سينو هميشه سپر رهيو ٿي.

ان ڏينهن جون تقريرون پڻ هميشه وانگر بيحد ڪڙڪيدار ۽ شاندار گذريون. آفيس ۽ پوءِ گهر موٽڻ تائين به انهن تقريرن جو پيدا ٿيل جوش ۽ ولولو سندس من تن کي گرمائي رهيو هو. ان ڏينهن مانيءَ پور ڪائي پاٺيءَ جو گلاس پيئڻ بعد هن کي اوچتو ڪمزوري محسوس ٿي. ويٺي ويٺي چڪر اچڻ لڳس ۽ مٿي ۾ سور ٿي پيس. هن پنهنجي زال کي مٿي، پنيءَ ۽ ٽنگن کي زور ڏيڻ لاءِ چيو:

”هڪ وزير تمام سٺي تقرير ڪئي.“ هن پنهنجي زال کي چيو، ”جيڪڏهن هرماڻهو ان وزير جيان سچار ۽ نيڪ ٿي ڪم ڪري ها ته اسان کي نيوگني ڪڏهوڪو ملي وڃي ها.“

ڇهين بجي ڌاري سندس دوست ڏينهن واري شفٽ پوري ڪري رڪشا آڻي ڪيس ڏني. قوناط وهنجي سانجهي نماز پڙهي ۽ پوءِ سائيڪل جي سڪل چمڙيءَ واري گاديليءَ تي ويهي، پئدل هٽي هاءِ وي ڏي رُخ رکيو.

قوناط جي بدبختي ساڍي ٻارهين بجي آئي. سائيڪل هلائيندي هلائيندي هن جي مٿي جو سور وري موٽي آيو. طبيعت ۾ ناچاقي ۽ سستي وڌي ويس هن گهر موٽڻ جو فيصلو ڪيو. ان وقت تائين هن اڃا فقط 15 روپيا ڪمايا هئا. يعني رڪشا جي ان رات واري مسواڙ ڏيڻ لاءِ اڃا به هن کي ڪجهه رپيا ڪيڏا هئا.

اوچتوهڪ تيز رفتار ڪر ٻين ڪارن ۾وچڙندي اچي هن جي رڪشا سان لڳي. رڪشا پرزا پرزا ٿي ويئي ۽ پاڻ اڇلجي وڃي پري پيو. ٻين هنڌن کان علاوه ڪلهي وٽ تمام زوراٺتو ڌڪ لڳس. انهيءَ دوران ڊرائيور ڪار جي رفتار تکي ڪري پاسي واري گهٽيءَ مان غائب ٿي ويو.

ماڻهن جا انبار رڙيون ڪندا هن ڏي وڌيا.

”ڇا ته حرامي ڇنبو. ٽڪر هٽي پڇي ويو.“

”جهٽ پوليس کي گهرايو.“

”هن کي اتي ان ئي حالت ۾ڇڏيو ته پوليس به اچي ڏسي.“

”ڪار وارو هن غريب جي ڇا ته حالت ڪري ويو آهي. ڪيڏو ته رت وهيس پيو.“

”نه. نه. اتان هرگز نه ريڙهيوس.“

”جيڪڏهن حرامي مون کي ملي وڃي ته خون ڪري رکانئس.“

”پاڻ کي الائي ڇا ٿي سمجهيائين. ڪار جو مالڪ هجڻ ڪري اسان سڀني جو ته مالڪ نه

ٿي پيو.“

”هن ڪارن وارن اڳيان اسان پيدل هلڻ وارا ڇا رول ڪتا آهيون جن کي جڏهن وڻين ڦٿيندا رهن؟“

”ڪار جو نمبر ڪنهن درج ڪيو؟“

”اوندهه ۾ ڏسڻ ۾ ڪٿي ٿي آيو ۽ پيو ته ڌڪ هڻڻ بعد هو هڪ ساعت به نه ترسيو.“

”ائين جي ڪم هليو پوءِ هڪ ٻئي انقلاب جي به ضرورت پوندي.“

ماڻهن جي ميڙ تي رستو روڪ ٿي ويو ۽ بي صبر ڊرائيور هارن مٿان هارن ڏيئي لنگهڻ لڳا ۽ پوءِ نيٺ پوليس به پهتي. ائمبولينس گاڏيءَ جو لڳاتار هارن به ٻڌڻ ۾ آيو. ڦوناط کي اسپتال منجهه پهچايو ويو. تيستائين ڪنهن ڦوناط جي گهر به وڃي اطلاع ڪيو. ڪيترا ڪلاڪ گذرڻ بعد ڊاڪٽر پهتو. گهڻي رت وهڻ ڪري ڊاڪٽر ڦوناط کي رت ڏيڻ چاهيو. پر رت ڪٿان اچي. هن جي زال ڪٿي آهي؟ انجي رت جي تپاس بعد خبر پئي ته هن جي رت ۾ اهو ست ناهي جو ڪنهن مريض کي ڏنو وڃي. مائٽي مٿيءَ مان ڪو پيو ماڻهو؟ هائو. ڦوناط جي اٽڪل پنجن دوستن پنهنجي رت جي آڇ ڪئي پر پنجئي ڇٽا انيمڪ ثابت ٿيا- گهٽ کاڌي ۽ اڻ پوري صحت ڪري سندن رت ۾ پڻ اها طاقت نه هئي. ڦوناط جي ڪجهه ٻين پاڙي وارن ۽ ڄاڻن سڃاڻن به پنهنجي رت جي آڇ ڪئي پر سندن رت جي نموني مان ظاهر ٿيو ته هنن کي پڻ ڪا نه ڪا بيماري لڳل آهي جنهن ڪري سندن رت ڪارائتو ناهي.

هاڻ رت اچي ته اچي ڪٿان؟ هن جي زال يا ويجهن دوستن عزيزن جو رت ته ڪم اچي نٿي سگهيو. ريڊ ڪراس جي بلڊ بئنڪ ۾ رت جا ذخيرا آهن. پر ان مان ورتل رت ته ان ئي وقت موٽائي ڏيڻو پوي ٿو. ان لاءِ صحتمند ماڻهو ڪٿان اچي جيڪو ڦوناط لاءِ ڪنيل رت پري ڏئي.

پر ڦوناط خوشنصيب نڪتو. بلڊ بئنڪ جي ئي هڪ ملازم ڦوناط ڪارڻ پنهنجي رت جي آڇ ڪئي. هڪ نرس هن جو رت هڪدم ورتو ۽ انهيءَ پيرين سڌي مريض ڏي پڳي.

ڦوناط جي زال ٽيناح الله ۾ آسرو ۽ اميد رکي ٻاهر انتظار ڪندي رهي. ڪجهه دير بعد ڊاڪٽر ٽيناح کي گهر وڃڻ لاءِ چيو. الله گهريو، ته هي ضرور بچي ويندو. صبحجو اچي پنهنجي مڙس کي ڏسي سگهين ٿي. ٽيناح خوش ٿي گهر هلي وئي.

ٻئي ڏينهن ڪيس اطلاع ڪيو ويو ته سندس مڙس هوش ۾ اچڻ کان اڳ گذاري ويو. هوءَ هن جولاش اچي کڻي وڃي ۽ موت جو سرٽيفڪيٽ اسپتال جي معلومات واري دخل تان ڪلارڪ کان گهري سگهي ٿي. اهو ٻڌي ٽيناح جون وايون بتال ٿي ويون. هوءَ پار ڪڍي روئڻ لڳي ۽ روئندي روئندي بيهوش ٿي وئي.

ڊاڪٽر ۽ بلڊ بئنڪ جي ملازم جي وچ ۾ هلندڙ تلخ بحث نه ٽيناج ٻڌي سگهي نه سندس مري ويل مڙس. هڪ غريب ملازم، جنهن جيڪو رت ڦوناط کي ڏنو اهو هڪ اهم شخصيت کي ڏنو ويو جنهن جو پڻ ان ئي وقت حادثو ٿيو هو جنهن وقت ڦوناط جو ٿيو هو. تيز رفتار سان ڪار هلائڻ ڪري ڪيس اهو حادثو پيش آيو هو. هن کي به رت جي شديد ضرورت هئي ۽ اتفاق سان سندس ۽ ڦوناط جي رت جو ساڳيو گروپ هو.

”ڇو-؟“ بلڊ ٻئنڪ جي ملازم ڪاوڙ مان ڊاڪٽر کان پڇيو، ”مون ته رت غريب رڪشا واري جي بچڻ لاءِ ڏنو هو. اهو ڏسي ته هن ويچاري وٽ نه پئسا هئا ۽ نه وري ڪنهن ٻئي رت ڏيڻ چاهيو ٿي.“

”چڱو چڱو. ٿڌو ٿي.“ ڊاڪٽر هن کي سرچائيندي چيو.، ”ملڪ لاءِ ڪابينا جو وزير هڪ رڪشا ڊرائيور کان هزار درجا وڌيڪ فائديمند آهي. توکي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي يا نه؟“

ملازم، ڊاڪٽرجي اها ڳالهه ٻڌڻ بعد سخت ناراض رهيو. ان وقت جي قوناط جيئرو هجي ها ۽ اها ڳالهه ٻڌي ها ته ضرورمرڪي ڏيئي ها ويچارو آخر ۾ به ان انقلاب ۽ سياسي ليڊرن تان قربان ٿي ويو. هن پنهنجي زندگي ان ڪري گهوري ڇڏي جيئن ملڪ جي ليڊرن مان هڪ- جنهن کي گهڻي جلدي هئي، تڪڙو تڪڙو انقلاب آڻي ملڪ کي آزادي ڏيئي سگهي.

آزادي! مرديڪا!

*مختيار لوبيس (Mochtar Lubis)*

[ هن انڊونيشي افساني جو ليکڪ مختيار لوبيس (Mochtar Lubis) 1992ع ۾ سماترا ٻيٽ جي پاڊانگ ڳوٺ ۾ ڄائو. انڊونيشيا جي مشهور اخبار ”انڊونيشيا- رايا“ جو گهڻي عرصي کان ايڊيٽر ۽ جرنلسٽ آهي. پاڻ ناول نگار ۽ افسانه نويس پڻ آهي. سڪارنو حڪومت ۾ نظربندي وارن ڏينهن ۾ سندس لکيل سياسي ڪتاب Senja Di Jakarta_جڪارتا ۾ پره ڦٽي) تمام گهڻو مشهور ٿيو. سندس افسانن جابه مجموعا:Si- jamal 1950ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو Premopuan (عورت) 1956ع ۾ ڇپيو.

هتي ڏنل هي افسانو پهرين دفعو 1966ع ۾ هڪ ادبي رسالي ۾ ڇپيو.]

(مرديڪا Merdeka ملئي ۽ انڊونيشي زبانن جو لفظ آهي، جنهن جي معنیٰ آهي ’آزادي‘)

# سفيد گلاب

ڪارنٽي چرڪ ڀري ننڊ مان سجاڳ ٿي ۽ گھڙيال ۾ وقت ڏسڻ لاءِ اٿي ويٺي. ان وقت ساڍا پنج ٿيا هئا.

ان بعد هوءَ وري ليٽي پيئي ۽ پاسو ورائي اکيون بند ڪري ڇڏيون. پر ننڊ نه آيس. هر هر سندس دل تي اهو پئي هريو ته اڄ سيپٽمبر مهيني جي پنجويهين تاريخ آهي.

سيپٽمبر جي پنجويهين تاريخ سندس ڄمڻ جو ڏينهن هو. اڄ هن جو ’برٿ ڊي‘ هو. ان حساب سان اڄ هوءَ پورن پنجويهن سالن جي ٿي هئي. هن جا خيال آهستي آهستي ٿي ان انگ جي چوڌاري ڦرڻ لڳا.

ڇئبو ته اڄ پنجويهن سالن جي ٿي ويس. ۽ هاڻ ڇاڻ ته ستاويهن جي به ٿيس. ان بعد اٺاوهين جي ۽ پوءِ ٽيهن جي.

هن پنهنجي دماغ مان اهي خيال لوڌي، ننڊ کي آٽڻ جي هڪ واري وري ڪوشش ڪئي. ڪجهه دير کان اڳ لڳي به ويس. پر گهڻي وقت لاءِ نه، ساڳيا خيال کيس وري ستائڻ لڳا. ڇئبو ته پنجويهن سالن جي پوڙهي ٿي ويس.

ڪجهه دير هنڌ تي پاسا ورائڻ بعد، ننڊ تان آسرو پلي. ڪارنٽي پنهنجا ٻئي هٿ مٿي هيٺان رکي ڇت ڏي گهورڻ لڳي.

هڪ پوڙهي عورت، پنجويهه سالن جي!

اها ڳالهه سوچي هن کي ويتر گهڻو مونجهه ٿيو ته هاڻ وڏيڪ پوڙهي ٿيڻ ۾ ڪا گهڻي دير ناهي. فقط پنجن سالن بعد هوءَ ٽيهن جي به ٿي ويندي. پنج سال ته ڪو وڏو عرصو آهي ڪونه. گذريل ٽي سال به ته خواب وانگر گذري ويا. ٽي سال اڳ هوءَ اڃا شاگرد هئي، نوجوان هئي، پنهنجن والدين تي ڀاڙڻ واري هڪ ٻار هئي.

ٽن سالن اندر هن منجهه ڪيڏي نه تبديلي اچي چڪي آهي.والدين بنا هاڻ هن کي سڀ ڪجهه پاڻهي ڪرڻو پوي ٿو. اڪيلي سر پنهنجن پيرن تي بيهڻو پوي ٿو. جيتوڻيڪ سندس ماءُ ڪڏهن ڪڏهن هن وٽ اچي رهي ٿي. پر ڪڏهن به ٻن يا ٽئن هفتن کان مٿي نه رهي. ڇو جو هن جي پيءَ جي سار سنڀال لاءِ هر وقت ماڻهوءَ جي ضرورت هئي. ان ڪري کيس گهڻي وقت لاءِ اڪيلو ڇڏي نٿي سگهي. آخري دفعو ماڻس جڏهن هن وٽ آئي هئي ته ان کي ڪيترو عرصو ٿيندو؟

اها ڳالهه ناهي ته هن کي ڳالهائڻ ٻولهائڻ يا ملڻ جلڻ لاءِ ڪو ماڻهو ناهي. هاڻ ڀاڻ هن تي ٻين ڀاڙيو ٿي. اهي هئا هن جي اسڪوول جا ٻار، شروع شروع ۾ هن کي انهن سان ويجهو ٿيندي بنهه مزو نٿي آيو. ماءُ پيءُ ۽ ان پراڻي ساڳي ماحول بنا هن اڪيلائي محسوس ڪئي ٿي. هر هڪ ماڻهوءَ ۽ هر هڪ شيءِ هن کي اوپري اوپري لڳي ٿي. هن کي اهو لڳو ٿي ته آيا اسڪول جا ٻار هن کي پسند ڪندا يا نه. ۽ آيا هن کي کين پڙهائڻ ۾ خوشي ٿيندي يا نه.

هو ماحول جي پيدا ٿيل خلا کي دور ڪرڻ لاءِ گهڻي کان گهڻو وقت اسڪول جي ٻارن سان گذارڻ لڳي. آهستي آهستي هو به هن سان هري مري ويا.

گهڻو ڪري ڏهاڙي، ڪانه ڪا ڇوڪري ڪيس پنهنجي گهر اچڻ لاءِ چوندي هئي. پر شروع ۾ هوءَ ڪنهن جي به گهر نه ويئي. هڪ ڏينهن اتفاق سان هڪ ڇوڪري بيمار ٿي پيئي ان کي پڇڻ لاءِ هن کي پهريون دفعو ڪنهن ڏارئين جي گهر وڃڻو پيو. اها ڇوڪري فقط ڇهن سالن جو ٻار هئي. سندس ماءُ پيءَ به تمام ننڍي عمر جا هئا. پيءَ (جيڪو هاڻ ٽيهن ورهين جو ٿيو هوندو) هڪ ڊپارٽمينٽ ۾ سؤ رپيا ماهوار پگهار تي ڪلارڪ طور ڪم ڪيو ٿي. ڪارنٿيءَ هن بابت دل ئي دل ۾ ڪيترا پيرا سوچيو ته ڇاليهه پنجيتاليهه ورهين جي ڄمار تي پهچي هو ان گهٽ پگهار مان ڪيئن پورت ڪري سگهندو.جڏهن ته ان وقت تائين ته ڪيس ڇهن کان به مٿي ٻار ٿي ويندا.

ڪارنٿي هاڻ هر روز ڪنهن نه ڪنهن سان ملڻ لاءِ نڪرندي هئي ڪنهن جي به گهر هوءَ هٿين خالي نه ويندي هئي. ڪڏهن هوءَ بيضا وٺي ويندي هئي ته ڪڏهن ڪير يا ڪا ٻي شيءِ.

ٻار ۽ سندس مائٽ هن جي اچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. پهرين دفعي جڏهن هوءَ ڪنهن جي گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي ته هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته آيا هن جو وڃڻ عجيب يا خراب ته نه لڳندو. ڪا دير هوء پنهنجو پاڻ سان بحث ڪندي رهي ته هن کي وڃڻ کپي يا نه. رحمدل هجڻ ڪري. هن وڃڻ چاهيو ٿي پر ساڳي وقت لڄاري هجڻ ڪري وڃڻ کان ڪيٻائين ٿي. ان کانپوءِ ٻئي دفعي ساڳي گهر ويندي فقط ٿوري هٻڪ ٿي هيس ۽ پوءِ ته بلڪل ئي نه.

ٻار ڇڱو ٿي وڃڻ بعد به ڪارنٿي ۽ ٻار جي ماءُ پيءُ جي ڪيڪار ڪڙي جاري رهي. جيڪا ڳالهه ڪيس پسند آئي. ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم دوران ڪيس اهو پڙهايوويو هو ته اسڪول ۽ والدين جي پاڻ ۾ ڏيٺ ويٺ هجڻ ضروري آهي.

ڇا هن کي ٻين ٻارن جي گهر ۾ ائين وڃڻ کپي-؟ هن اسڪول، پنهنجي پاڻ ۽ والدين جي وچ ۾ تعلق رکڻ لاءِ مختلف نمونن بابت سوچيو. بهترين طريقو اهو آهي ته ٻار جي گهر وڃي هن جي مائٽن سان ملڻ کپي. اهڙيءَ طرح سان استاد اهو معلوم ڪري سگهن ٿا ته ٻاهر ڪهڙي قسم جي گهرو ماحول ۾ رهي ٿو ۽ هو اهو معلوم ڪري سگهي ٿو ته ٻار کي ذهني ۽ جسماني طرح وڌڻ ويجهڻ ۾ اسڪول ڪهڙي مدد ڪري سگهي ٿو.

هن ان بابت پنهنجي هيڊ ماستر سان ذڪر ڪيو. هيڊ ماستر شادي شده ۽ ٻارن ٻچن وارو هو. ”ها، ائين ڀلي ڪر.“ هن سندس همت افزائي ڪئي. هو پاڻ ته ڪنهن جي گهر وڃي نٿي سگهيو. اسڪول بعد سندس گهر ۾ئي ڪيترا ننڍا ننڍا ڪم نڪري پيا ٿي. هڪ ٻئي ماستر مرڪي ڪارنٿيءَ کي چيو:

”نون آيل مڙيئي ماستر ۽ ماسترياڻيون هڪجهڙا آهن. هو اچڻ سان اهو ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا جيڪو کين ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙايو وڃي ٿو. پوءِ ڪجهه وقت گذرڻ بعد کين سمجهه ۾ اچيو وڃي ته هر اها شيءِ جيڪا ٽريننگ ۾سيکاري وڃي اها ڪرڻ ضروري ناهي.“

ٻئي جي گهر وڃڻ مان ڪيترو فائدو آهي؟ هڪ جوان عورت جو ائين ٻئي جي گهر ۾ نڪري پوڻ ڪيتري قدر سٺو آهي؟

هوءَ هنن کي صلاح صُلي فقط تڏهن ڏيندي جڏهن ڪانئس پڇيو ويندو. هڪ تازي گريجوئيٽ ٿي آيل ماسترياڻيءَ جو ٻارن بابت انهن جي مائٽن کي سمجهائڻ- جيڪي عمر ۾ ڪانئس گهڻو گهڻو وڏا آهن؟

۽ .... هن اهو به تصور ڪيو ته ٻين جي گهرن ۾ ائين ئي گهڙي وڃي خبرون چارون شروع ڪرڻ هن لاءِ ڪيترو نه عجيب آهي. ماڻهو هن بابت الائي ڇا سوچين؟ ڪٿي اهو ته نه چوندا ته هوءَ سندس گهرو ڳالهين ۾ داخل اندازي ٿي ڪري.

ڪيترا ڏينهن هوءَ تصور ئي تصور ۾ سوچيندي رهي ته مختلف گهرن ۾وڃي هن کي ڪهڙيون ڳالهيون ڪرڻ کپن.

فرض جي پوئواريءَ جو خيال ۽ صحيح ڪم ڪرڻ جي خواهش، زندگيءَ جي هلچل ۾ حصو وٺڻ جي آنڌ مانڌ- انهن مڙني ڳالهين جو خيال هڪ طرف ۽ ٻي طرف اها ڳالهه ته ڌارين ماڻهن جي وچ ۾ ڪيئن وڃي وهجي ۽ ٿي سگهي ٿو هن تان ڪل ٿئي- جي سوچ جو ٽڪر سندس من ۾ هلندو رهيو. سندس مايوسي، فيصلي جي ڪچائي، ۽ اجايو ڊپ هڪ طرف هو ته ٻئي طرف سندس دل ۾ اها سڌ هئي ته ڪا ڪم جي ڳالهه ضرور ڪجي. ڪنهن جي خدمت ڪرڻ، مدد ڪرڻ، ٻين جي اهنجن ايذائن کي ٻڌڻ ۽ انهن لاءِ ڪجهه ڪرڻ. هن نيٺ هڪ گهر کان ٻئي گهر تائين وڃڻ شروع ڪيو ۽ گهر جا ڀاتي ساڻس ملي خوش ٿيندا هئا.

گذريل ڏينهن جو سوچي، ڪارنٿيءَ کي پنهنجي شروعاتي شرم ۽ ڊپ تي تعجب لڳو. هاڻ ماڻهن سان ملڻ هن لاءِ سولو ڪم هو. ڪيترن ٻارن جون مائرون اڪثر هن جي گهر هن سان ملڻ پڻ اينديون هيون. هن کي هاڻ سمجهه ۾ اچي ويو هو ته ڌارين سان ڇا ڳالهائجي، ڇا نه ڳالهائجي. ڪهڙي ڳالهه جي جواب ۾ خاموش رهجي. ڪهڙي ڳالهه جي جواب ۾ فقط مرڪجي. هاڻ هوءَ آهستي آهستي ذهني طرح پڻ بالغ ٿي پيئي هئي. مکڙيءَ مان هو هڪ ڪڙندڙ گل ٿي پيئي هئي. هن جي اندر جي اونهائيءَ تائين، روشني پيدا ٿي پيئي هئي ۽ هن اندر ئي اندر خوشيءَ جي لهر محسوس ڪئي. شايد اهو قلبي سڪون ۾ خوشي جيڪو بهار جي موسم ۾ يورپ ۾ ايندو آهي، يا چيري گل ڪڙڻ جي موسم ۾ جپان ۾ ايندو آهي.

هڪ سال اڳ، هيڊ ماستر استعيفى ڏني. سندس خالي ٿيل جاءِ تي ڪارنٿي هيڊ ماستر ٿي. يعني هاڻ پاڻ ئي اسڪول جي وڏي ٿي- سوين ڇوڪرين جي جوابداري کڻندڙ، جيڪي ڇوڪريون اڳتي هلي مائرون ٿينديون جن کي هڪ ڏينهن پنهنجن ٻارن جي سنڀال جو پڻ فڪر ٿيندو. هن کي اهو سوچي خوشي ٿي ٿي ته هن کي انهن ڪيترن ئي جيئرن جاڳندڙن انسانن جي سنڀال جو موقعو نصيب ٿيو آهي. جڏهن به ڪا ڇوڪري سندس گهر گهمڻ لاءِ ايندي هئي ته هوءَ ڪيس دل کولي سمجهاڻيون ۽ نصيحتون ڏيندي هئي جيئن هوءَ هڪ بهتر عورت ثابت ٿي معاشري جي خدمت ڪري سگهي.

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ اهو ٻڌي غمگين به ٿي ويندي هئي جڏهن ڪا ڇوڪري کيس اهو اچي اطلاع ڪندي هئي ته هن جي شادي ٿيڻ ڪري هوءَ اسڪول ڇڏي رهي آهي. ڪارنٿي اهوسوچي ڏينهن جا ڏينهن بي چين ۽ ڏکويل محسوس ڪندي هئي ته هڪ ڇوڪري جيڪا هرو ڦرو سندس

ويجهو رهي سا هاڻ ڪانئس وڇڙيوپئي وڃي. جيتوڻيڪ هيئنر وقت اچي چڪو هو جو ٻين ڪان اڳ سندس شادي ٿي وڃڻ ڪتي ٿي. پوءِ آهستي آهستي هن سکي ورتو ته معاشري جون اهي ڳالهون جن کي هوءَ بدلائي نٿي سگهي تن سان کيس سمجهوتو ڪرڻ کپي.

هوءَ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ حساس ۽ حقيقت پسند ٿي پيئي. عورت جي ڪلب ۾ ٽي سال رهڻ بعد هن کي اهو احساس ٿيو ته سندس ڪي ڪي آدرش جن کي هن ننڍي لاڪون حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي ناممڪن هو. ڪن ڪن ڳالهين يا سوچن جو فقط دل ۽ دماغ تائين واسطو رهي ٿو. ٻاهر جي دنيا ۾ اهي ڳالهيون هوبهو ائين ڏسڻ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. آهستي آهستي هن، جيڪي ڪجهه ڪري سگهي ٿي ان تر راضي رهڻ سکي ورتو ۽ جيڪي ڪجهه ڪري نٿي سگهي ان تي ڏک ڪرڻ ڇڏي ڏنو.

پر ڪڏهن ڪڏهن، رات جي ماٺ منوڙي ۾، جڏهن هن جي ننڊ ڦٽي پوندي هئي، هوءَ پاڻ بابت سوچي غمگين ٿي ويندي هئي. هوءَ کو خال ضرور محسوس ڪرڻ لڳي. ڪجهه هو جنهن بنا هن پنهنجو پاڻ کي اڻپورو انسان سمجهيو ٿي. هن کي پنهنجو پاڻ ۾ ڪا کوٽ لڳي ٿي. ان وقت هن کي هيڪاندي گهڻي تانگهه ٿيندي هئي ته ڪاش کو اهڙو هجي جنهن جو هن کي ساٿ هجي. جيڪو هن جي ڏک درد ۾ ڀائيوار ٿي کيس آٿت ڏئي، جيڪو هن جي پوئيواري ڪري، خيال رکي، ۽ پيار جي چادر ۾ کيس ويڙهي ڇڏي. جڏهن کيس اهي سوچون ۽ خيال ورائي ويندا هئا ته وهاڻي کي ڇهتي هوءَ زور زور سان اوڇنگارون ڏيئي رئندي هئي.

مائٽن کي ڇڏي اچڻ جو ڏک کيس ڪيترين ئي راتين لڳاتار ٿيندو رهيو. ان ڪانپوءِ به رکي رکي کيس اها رات ياد اچڻ لڳي جڏهن هوءَ ڪانئن موڪلائي نئين شهر ۾ نوڪريءَ لاءِ آئي هئي. بنا ڪنهن سبب جي هن کي رکي رکي پنهنجين ساهيڙين سان ساڙ ۽ حسد ٿيڻ لڳو ۽ رکي رکي چڙ پڻ آئي ٿي.

آهستي آهستي ڪري هن ان ڪمزوريءَ تي پڻ ڪنٽرول ڪري ورتو. ڪنهن سان پيار محبت ڪرڻ جي سڪ دل مان ڪڍي هُن اسڪول جي ٻارن ڏي ڌيان ڏيڻ ۽ ٻين جي خوشين جو خيال رکڻ شروع ڪيو.

پر رکي رکي ڪنهن وقت سندس دل جي اسٽيج اڳيان ڏنل پڙدو رڙهي ويو ٿي ۽ اهو سڀ ڪجهه ڏسي ورتائين ٿي جنهن جي هن کي ضرورت هئي. جيڪي ڪجهه هن چاهيو ٿي. ڪنهن ٻار کي پيار ڪندي کيس دل ئي دل ۾ شوق جاڳيو ٿي ته ڪاش کيس پنهنجا ٻار هجن ها. کيس اهي ڳالهيون سوچي اندر ئي اندر ۾ وڍ پوڻ لڳا ٿي. هن جي دل ان ڳالهه تان ڪڙهندي هئي ته هوءَ ڪنهن کي "منهنجا ٻچا" چئي مخاطب ٿي نٿي سگهي.

هن کي هاڻ اهو محسوس ڪري چڪر ٿي آيا. پنجويهه سال. اڄ ڪير هن کي چاهيندو؟ نوجوان ڇوڪرا هن جهڙي وڏي عمر واري ڇوڪري سان شادي ڪندي گهٻرائيندا. وڏي عمر وارا هن جي گهڻي تعليم کان ڊڄندا ۽ هن کي جيڪڏهن پهرين زال مان ٻاهر هوندا ته هو پڪ اهوئي سوچيندا ته هن جهڙي اعلى عهدي ۽ مشغول زندگي واري زال سندس ٻارن جو خيال هرگز رکي نه سگهندي.

ڊپلوما، ڊگري يا ٻي ڪا هيڪاندي وڌي تعليم ڪهڙي ڪم جي جيڪڏهن توهان سُکي نه آهيو؟ ان کان وڌيڪ ته هو غريب هارياڻي يا جهوپڙيءَ ۾رهندڙ ڇوڪريءَ کي خوشي نصيب ٿيل آهي. جيڪا حقيقت جي گهڻو ويجهو رهي ٿي ۽ شادي وغيره جا موقعا پڻ اهڙي قسم جي ڇوڪرين کي ڪانئس وڌيڪ آهن.

هن کي سندس ويجهي ۽ پياري ساهيڙي ڊيعين جي خط جي ياد آئي جنهن ۾ هن اها خبر لکي هئي ته ’قانون‘ واري سبجيڪٽ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڪري ورتي آهي. ڪارنٽيءَ ڇپن ۾ ٺوڪ طور مرڪيو. لا جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد هاڻ ڊيعين سئٽزرلينڊ، آسٽريا ۽ اٽلي جا تواريخي شهر ڏسي پنهنجي وطن انڊونيشيا موٽندي ۽ پنهنجي ڳوٺ جاوا ۾ پهچڻ بعد جڪارتا يا سورابايا شهر ۾ آفيس کوليندي.

پر ڊيعين جو حال پڻ ساڳيو ئي ٿيندو- ڪارنٽيءَ جهڙو- جيڪو هڪ پوڙهي ڇوڪريءَ جو ٿيڻ کپي. ڪارنٽيءَ ساڻ ۾ اچي ٿوري خوشي محسوس ڪئي. اهو سوچي ته نه فقط هن جو پر هڪ ٻي ڇوڪريءَ جو پڻ اعليٰ تعليم وٺڻ بعد ساڳيو ئي هن جهڙو حشر ٿيندو.

ڊيعين- سچو نالو ’سمار ڊيعن پورباورجو‘ ۽ ڪارنٽيءَ جي ساڳي عمر هئي. ننڍي هوندي ساڳي پرائمري اسڪول۾ گڏ پڙهيون، ان بعد، ڊيعين، سورابايا شهر ۾ هڪ سينئر ڊچ هاءِ اسڪول مان تعليم ورتي ۽ ڪارنٽيءَ جونيئر هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪري ماستريءَجي سکيا لاءِ يورپين ٽريننگ ڪاليج فار ٽيچرس ۾ داخلا ورتي.

سورابايا شهر ۾ رهڻ دوران هو ٻئي سپ کان وڌيڪ گهاٽيون ساهيڙيون هيون. ان بعد ڊيعين اعلى تعليم لاءِ هالينڊ هلي ويئي پر ڪارنٽيءَ کي هميشه خط لکندي رهي.

ڊيعين هميشه کل خوشيءَ وارا خط لکندي هئي. ماڻهو هميشه هن جي تعريف ڪندا هئا، هن کي اچا اهو خيال هو ته قانون جي ڪم ۾ هوءَ هر وقت خوش ۽ پرسڪون رهندي. پر هن کي معاشري جي ان ڏکويل پاڱي جي بنهه خبر نه هئي جيڪو هن جي پاڳ ۾ پڻ اچڻ وارو هو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هوءَ وانڌي ٿي ويندي جڏهن اوچتو ئي اوچتو ڏسندي ته سڄ نڪرڻ بدران آسمان ۾ ڪڪر ڪارونپار ڪري مينهن وسائي رهيا آهن.

اهو سپ ڪجهه ٿيڻ کان اڳ ڇا هوءَ ڊيعين کي ان کان آگاهه ڪري وٺي يا نه. ڊيعين ڪڏهن به مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ نه سکي آهي. هوءَ وري ڪوشش ڪرڻ بدران هڪدم آڻ مڃڻ واري ڇوڪري آهي. ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ وقت جي ڌڪن جو ٻڌي بيحال ٿي وڃي. ڊيعين هڪ هيرو جواهر هئي، ۽هيري جي اصلي تجلي لاءِ مٽس تمام گهڻي گهڙت ٿيل هئي.

زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کان هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي ضرور واقف ڪندي. هالينڊ کان ڊيعين جڏهن پاڻيءَ جي جهاز ۾ چڙهي تنجنگ پرآڪ بندرگاهه ۾ اچي لهندي ته ان وقت ڪارنٽي کيس سپ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيندي.

پر اها به ڳالهه آهي ته هن ويچاريءَ کي پريشان ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ ٿي سگهي ٿو هن کي اهي مسئلا درپيش اچن ئي نه- نه؟ هڪ ڪڙي ۽ ڪساري مرڪ ڪارنٽيءَ جي چپن تي وري تري آئي.

پنجويهه سال، ڇا ڪير هن ڪي هن عمر ۾ پنهنجي زال بڻائيندو؟ هڪ وڏي عمرجي ڇوڪريءَ ڪي. مرد، پنجويهن سالن جي عمر ۾ ڪڏهن به پوڙهو نٿو ليکيو وڃي. پر هڪ عورت- ؟ مرد جيئن چاهي ڪري سگهي ٿو. پر هڪ عورت ڪجهه به نٿي ڪري سگهي. معاشري جي تقاضا موجب هن ڪي مائيٽو، نيڪ ۽ نماڻو ٿي رهڻ کپي.

”نماڻائي“هڪا هڙو لفظ آهي جيڪو مردن پنهنجي فائدي لاءِ گهڙيو آهي. عورت ڪي قبضي ۾ رکڻ لاءِ هن معاشري ۾هڪ عورت ٿيڻ معنى هميشه زنجيرن ۾ ٻڌل رهڻ.

ڪا پراڻي ڳالهه ياد ڪري هن ڪي ڪاوڙ آئي. سندس ٻن پائرن ڪي ته سندس پيءُ پڙهائيءَ لاءِ ٻاهرموڪليو. جن يورپ جي سير ۽ سونهن مان چڱيءَ طرح لطف ورتو. ڪارنٽيءَ ڪي پنهنجن پائرن وانگر يورپ وڃي پڙهڻ جو شوق هو. پر هن جي ماءُ پيءَ ڪيس نه ڇڏيو. بهانو ڪهڙي ڏنوته خرچ پکي لاءِ ايترو پئسو ناهي. پائرن لاءِ پئسوهو. پر هن لاءِ نه.

ڪاوڙ مان هن جا چپ ڏکڻ لڳا. ۽ پوءِ هن روئي ڏنو.

پر پوءِ جلدئي هن پنهنجو پاڻ کي سنڀاليو. سندس قائم ڪيلان اصول: ”اها شيءِ جيڪا حاصل نه ڪري سگهجي ان کي ڇڏي ڏجي.“ ڪيس بچائي ورتو. بستري مان اٿي هن گائون پاتو، سامهون آرسي هئي جنهن ڏي نظر ڪجي ويس. ان ۾ پنهنجو ڦاڻ ڪي غور سان ڏنو. سنهي، جسم جي پوري پني، ڏيا واري، سندس بيضوي چهرو هر خيال کان باعث ڪشش هو.

ڪارنٽيءَ مرڪيو.

ٽپالي ٽي ويو هوندو. ٽي سگهي ٿو هن لاءِ ڪو خط هجي. هن جي پائرن ٽي سگهي ٿو اڃا ڪيس نه وساريو هجي. ٻه خط! هڪ ته ملانگ شهر مان، سندس پيءُ جي هٿ اکريءَ ۾، ٻئي کي ڏسڻ بنا هن جهٽ پٽ کوليو. هن جي ماءُ هن ڏي برٿ ڊي جو تحفو موڪلي چڪي هئي. ان بابت لکيل هو. ماءُ پيءُ جو خيال اچڻ سان هن مرڪيو. سندس ماءُ پيءُ پنهنجن ٻارن جو ’برٿ ڊي‘هميشه ياد رکندا هئا. سندس پائر جڏهن پري يورپ ۾هوندا هئا.

تڏهن به سندس ماءُ هنن ڏي تحفا موڪليندي هئي. هوءَ اڃا تائين پنهنجي ٻي شادي شده ڌيءَ- جنهن کي هاڻ ته اڇي ٽي ٻار ٽيا هئا، کي به برٿ ڊي تي مختلف شيون موڪليندي رهي ٿي. هن جي ماءُ.... ڪارنٽيءَ اوچتو پنهنجي ٻئي پاءُ، مارتونو بابت سوچيو، ۽ تعجب ڪاڻو ته آيا سندس ماءُ جڏهن هن ڏي به تحفو موڪليو يا نه. مارتونو سڀ ۾ نرم دل ۽ نيڪ هو. هو اسڪول لاءِ ٻئي ڪنهن شهر ۾ وڃڻ بدران ماءُ پيءَ سان ئي چنبڙيو رهيو. پنهنجي ڳوٺ ۽ مائٽن وٽ ئي رهڻ ڪري طبيعت ۾ تمام گهڻو سڌو ۽ محدود ٽي پيو. پر پوءِ ميڊيڪل پڙهڻ لاءِ جيئن ئي ڳوٺ ڇڏي ’باتا ويا‘ شهر ويو ته هتي مان نڪري ويو. فرسٽ ايئر پاس ڪرڻ لاءِ هن ٻه سال لڳائي ڇڏيا. ان ڪري نه، ته ڪو هو هوشيار نه هو، پر هن کي اتي پڙهڻ لاءِ فرصت ئي نٿي ملي. باتا ويا رياست جون ڇوڪريون البيليونءِ سهڻيون هيون. بوگور ۽ سوڪا بومي شهرجي ڇوڪرين جي حسن ۽ سونهن جي ته ڇا ڳالهه ڪجي. مارتونو بابت وڌيڪ سوچي ڪارنٽي هيڪاندي غمگين ٿي ويئي. هو هوشيار هو پر ڪمزور دل هو. هر خط ۾ هو اهوئي لکندو هو ته هاڻ پاڻ کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪندس، پر هن ڪڏهن به ائين نه ڪيو. سندس خط آزين نيزارين سان پريل هوندا هئا.

هو هڪدم معصوم هرڻ وانگر لڳندوهو جنهن جي چوڌاري جهنگلي جانور ڦري آيا هجن. مارتونو ۾ڪابه بدڪاري نه هئي پر هو ماحول جو شڪار ٿي ويو هو. هن کي پنهنجين غلطين ۽ ڏوهن جي چڱيءَ طرح پروڙ هئي پر هن کي ايتري سگهه نه هئي جو ڪٿي پنهنجين عادتن کي بدلائي. هو واچوڙن ۾ ڦرندو رهيو ٿي. ڊانٽي جي هڪ ڪهاڻي Divine Comedy جي ڪردارن وانگرجيڪي پنهنجين خواهشن جي واچوڙن ۾ گول ڦرندا رهن ٿا.

مارتونوکي ڊانٽي سان پيار هو. ”هڪ ڏينهن ڪارنٽي“، هواڪثر چوندو هو، ”تون ڊانٽي جي ڪردار بيٽرس سان گڏ، سفيد گلاب جو حصو ٿي ويندينءَ، پوءِ مڪان ۽ زمان جي قيد کان بلڪل ڏور، روشنائي جي دائري ۾ ويهي، ڪل ڪائنات جي نور جي پوڄا ڪندينءِ.“

”۽ منهنجا پاءُ مارتونو تون ڪٿي هوندين-؟“ هوءِ مرڪندي پاڻس کان پڇندي هئي، ”ڇا جهنم ۾؟“

”هائو. جهنم ۾. شايد برندڙ قبر ۾. شايد رت جي ٽهڪندڙ نديءَ ۾.... منهنجي پيڻ ڪارنٽي، اهو هرگز نه وسارجانءِ جيڪي Divine Comedy ۾ بيٽرس کي ڊانٽي چيوهو جڏهن هوءَ پنهنجي صحيح مقام تي پهچي ويئي هئي.:

“O’ Lady, in Whom my Hope Hath Vigour, And Who for My Salvation Didst Endure to Leave in Hell Thy Foot Prints…?

مارتونو لاءِ اهو سچ هو. هن ڪافي پوڳيو هو. هن سال اڳ هن پنهنجي پيءُ کي خط ذريعي ٻڌايو هو. هو ’سوڪا يومي‘ شهر جي هڪ عورت سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو. جيڪا هن جي ٻار جي ماءُ بنجي ويئي آهي. هو هن سان شادي ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي ٿو. جيئن ان عورت ۽ سندس ٻار جي ناموس ۽ حياتي بچي سگهي.

ان بعد پيءُ ۽ پٽ جوواسطو نه رهيو. مارتونو ڪڏهن به پاڻ بابت ڪارنٽي کي نه لکيو. هُن ماڻهن کان ٻڌوپئي ته هوپنهنجي زال ۽ ٻار سان گڏ بورنيو جي ڪنهن ڏورانهن ڳوٺ ۾ر هي ٿو. ڪنهن کي اها به سُڌ نه هئي ته هو پيٽ گذر لاءِ ڇا ڪري ٿو.

ڪانرنٽيءَ ٻيو خط کوليو. اهو مارتونو وٽان ئي هو.

ماروتنو هونءَ ڪٿي ڪيس ياد نه ڪندو هو پر سندس برٿ ڊي ڪڏهن به نه وساريندو هو. هر برٿ ڊي تي هو پنهنجي پيڻ ڪارنٽي کي ڪجهه نه ڪجهه موڪليندو هو. تحفي ڏيڻ ۾ هن جي چونڊ سڀ ۾ اتم اتاهين هئي.

ڪارنٽيءَ لفافو ڦاڙي منجهانئس خط ڪڍي پڙهڻ شروع ڪيو. مارتونو بورنيو مان ٻار سوڌو هن ڏي اچي رهيو هو. سندس زال جوهفتو کن اڳ اوچتي ٽيل موت جو پڻ احوال هو. غريب مارتونوکي ڪڏهن به سک جو ساهه نصيب نه ٿيو. هوءَ پنهنجي ٻار ڪارنٽيءَ وٽ ڇڏڻ لاءِ اچي رهيو هو.

ڪارنٽيءَ جي دل هڪدم باغ بهار ٿي ويئي، ڇڻ ڪنهن شيءَ سندس اندر ۾خوشيءَ جي ولوڙ پيدا ڪري ڇڏي. هڪ ٻار... هن کي خوشيءَ جو ڪو تحفو ملندومحسوس ٿيو جنهن تي شايد هن جو حق هو.

خط کي جهوليءَ ۾ رکي، ڪارنٽيءَ واري پيو گهمرو پڙهڻ شروع.

مارتونو ظاهر آهي ڪنهن ٻئي تي ڪڏهن به ڀروسو نه ڪندو. هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪارنٽي کي ٻار جي خيال رکڻ جي وڏيڪ چاڻ هئي جيڪو مارتونو مرد ماڻهو هجڻ ڪري وڏيڪ خيال نٿي رکي سگهيو.

برٿ ڊي جو چا ته عمدو تحفو چئبو. پر چا مارتونو کي اها به خبر يا يادگيرو آهي ته اڄ منهنجو برٿ ڊي آهي؟ جيڪڏهن ياد اٿس ته پوءِ هن پنهنجي خط ۾ ته ڪوبه اهڙو ذڪر نه ڪيو آهي. هن فقط پنهنجن ئي دردن ۽ پريشانين بابت لکيو آهي.

مارتونو آيو، ۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد واپس بورنيو هليو ويو. هو عمر ۾ ڪجهه وڏو لڳي رهيو هو. تمام گهڻو وڏو. ٿڪل ٿڪل. اکيون ڇڻ ننڊ لاءِ واجهائي رهيون هجنس. ڪارنٽيءَ هن کي گهڻو سمجهايو ته ڪيس بورنيو وڃڻ بدران پنهنجي ئي ٻيٺ جاوا ۾ رهي ڪمائيءَ جو ڪو ذريعو ڳولڻ کپي. سندس پيو پاءُ اتي وڪيل هو جنهن جي آفيس ۾ هو ڪم ڪري سگهيو ٿي.

ڪارنٽيءَ جي ان صلاح تي مارتونو مرڪيو. ”پنهنجي پاءٌ کي آئون تڪليف ڏيڻ نٿو چاهيان. آئون بورنيو ۾ به خوش آهيان.ملڪ سڀ ڪجهڙا جهڙو بورنيو تهڙو بالي. جهڙو جڪارتا تهڙو جاوا ۾ اتي رهندڙ ماڻهو به سڀ هڪجهڙا آهن. اداس ۽ پريشان حال، ڪوبه اڄڪلهه ڪٿي مستقل نه آهي. جاوا ۾ توڙي سماترا يا ڪنهن ٻئي هنڌ.“

مارتونو رات جي وقت روانو ٿيو. سندس ننڍڙو ٻار ڏرمو، ٻئي ڏينهن ماٺ ۾ رهيو. پهرين ڪان به وڏيڪ خاموشيءَ ۾ رهيو. فقط سندس اکين مان اپاٽڪائي ظاهر ٿي ٿي. هي عجيب ٻار هو. ٻيا ٻار جيڪر ان حالت ۾ روئن ها. پر هي بلڪل نٿي رنو.

ٻار شروع کان ڪارنٽيءَ کي تمام گهڻو پسند ڪيو ٿي. مارتونو فقط ٻه چار ڏينهن رهيو جيئن ڏرمو سندس پيڻ ڪارنٽيءَ ۽ نئين گهر سان رلي ملي وڃي. ٻن ڏينهن ۾ ٻار هن سان هري مري ويو. ڪارنٽيءَ کي ٻار جو پيار ايترو جلد جيتي بيحد گهڻي خوشي ٿي.

ٻار بيحد مانيڻو هو. هن ڪڏهن به تيسو ضد نٿي ڪيو، هن ورلي ڪجهه ڪو ڳالهايو ٿي نه ته گهڻو ڪري ماٺ ۾ رهيو ٿي. هن جي فقط ڪارين اکين ڳالهايو ٿي.

ڪارنٽيءَ هن کي بال وٺي ڏنو. پهرين پهرين هو ان کي پٽ تي هٿي کيڏندو رهيو. پوءِ، هڪڙي شام، جڏهن ڪارنٽي گهر ۾ موجود نه هئي، ته هن بال کي ڦاڙي، ڪولي پاسي تي ڦٽو ڪري ڇڏيو.

جنهن وقت ڪارنٽي ٽائيپ ڪندي هئي ته هو به اچي ٽيبل وٽ ٻانهون ٻڌي هن جي پٺيان بيهندو هو. ۽ پوءِ جڏهن هوءَ اٿي ويندي هئي ته ٻاڻ ٽائيپ جي چاٻين کي هيٺ مٿي ڪندو رهندو هو.

هو واقعي عجب جهڙو ٻار هو. سندس اکيون تمام گهٽيون سهٽيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ٽائيپ سان کيچل ڪرڻ يا الارم گهڙيال سان مستي ڪرڻ تي ڏڙڪو ڏيئي جهليندي هيس ته ڏڪيارو ٿي هن ڏي ائين نهاريندو هو ڇڻ هن کي دل ۾ ٿي پيو هجي. ڪيس ائين نهاريندو ڏسي هوءَ مرڪي ڪٺي پاڪر پائيندي هيس.

ڪارنٽيءَ جي زندگيءَ ۾ اهو هڪ نئون دور هو. هن پنهنجو پورو ڌن ڌيان ڏرمونءَ جي

حوالي ڪري ڇڏيو جنهن جي ماءُ نه هئي ۽ ڏنو وجي ته پيءُ جهڙو هيس تهڙو نه. مارتونو هليو ويو هو. ڪير چئي سگهيو ٿي ته هو ڪيڏانهن ويو؟

ٻار لاءِ سواڪارنٿيءَ جي ٻيو ڪوبه نه هو جنهن کي ڪٽي ڀاڪر پائي. جنهن جي ڪڇ ۾ ٻوڙي وجي لهي. هو تمام خوش هئي. هن ڏرموءَ ڏي هر وقت ڌيان ڏيڻ چاهيو ٿي جيئن هو وڏو ٿي هڪ سٺو ماڻهو ٿئي، ۽ نه پنهنجي پيءُ وانگر. پر ڇا هوءَ ائين ڪري سگهي ٿي؟ هن جي پيءُ به جيتوڻيڪ سخت محنت مزدوري ڪري پنهنجي پٽن جو سٺي طرح نبپاج ڪيو هو پر تنهن هوندي به مارتونو ڪيڏو غلط راهه ڏي پٽڪي ويو.

جيڪڏهن ٻار کي خيال سان پاليو وڃي، هن کي هر وقت پيار ڏنو وڃي ۽ کيس ڏنگاين ۽ حرڪتن کان جهليو وڃي، ته هو ضرور صحيح راهه اختيار ڪري سگهي ٿو. پر ڏرموءَ لاءِ ڪيئن چئي سگهجي ٿو. ٿي سگهي ٿو هن ننڍي لاڪون پنهنجي پيءُ جو ڪردار پاڻ ۾ جذب ڪري ورتو هجي. جنهن جو رت سندن نسن ۾ ٻوڙي رهيو هو.

هن کي اهو سوچي فڪر ٿيو ۽ ٻار کي غور سان ڏسڻ لڳي.

ٻار جي خوشيءَ ۾ هن پڻ خوشي محسوس ڪئي ٿي. آهستي آهستي هن کي يقين ٿي ويو ته سندس زندگيءَ جو اهم مقصد ٻار جي نگهباني ڪرڻ آهي. اهو سوچي هن جي خوشيءَ جي حد اجا به گهڻو وڌي ويئي.

ٽي مهينا اهڙي طرح گذري ويا.

هڪ ڏينهن ڏرمو کي اچي ڪرتيو ٿيو. هر وقت کنگهي کنگهي ساڻو ٿي ٿي ويو. وقت جو ڦيٿو تمام گهڻو تيزيءَ سان ڦرڻ لڳو. بيماريءَ جي حالت ۾ هو بستري حوالي ٿي ويو ۽ ڪارنٿي سندس سيرانديءَ کان ويهي سڄي سڄي رات گذارڻ لڳي. هڪ ٻئي پويان ڪيتريون ئي راتيون گذري ويون. ۽ هاڻ ڏرموءَ کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. ۽ پوءِ جنهن خاموشيءَ سان اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ان ئي خاموشيءَ سان هن کي اسپتال مان ڪڍيو ويو. ڏرموءَ جي حياتي شايد ايتري هئي.

ڪارنٿي هڪ دفعو وري اڪيلي ٿي پيئي. غم ۽ ڏک جا نشان سندس اکين مان صاف ظاهر هئا. وات جي ڪنڊن وٽ سوڙهيون ليڪون سندس ڪومايل بدن جو ثبوت ڏئي رهيون هيون.

جنهن ڏنو ٿي تنهن چيو ٿي ته ڏرموءَ پنيان هن پنهنجو پاڻ کي جڻ چوڙي ڇڏيو آهي. ڪنهن چيو اهي نشان ڪجهه عرصي کان پوءِ هليا ويندا. پر وات جي پاسن وارا لينگها ائين ئي رهيا. اکين جي چوڌاري اوجاڳي جا ڪارا چڪرا کيس سمجهو ۽ سلجهيل عورت جو ڏيک ڏيڻ لڳا.

هوءَ اڃا به ڏرموءَ جو ڪمزور جسم ڏسي رهي هئي. جنهن کي کنگهه سان گڏ رت اچي رهيو هو. سڀ کان وڌيڪ هن کي ڏرموءَ جي اکين جي اداسي ياد اچي رهي هئي.

سندس پيءُ جي واتان هن اها ڳالهه ٻڌي هئي ته سندس هڪ ڀاءُ ٽي ٻيءَ وگهي مري ويو هو. ۽ هن ٻار کي جيڪو سندس ئي ٿيو- لڳي ٿو ته خاندان جي بيماري ورثي ۾ ملي.

خدا کي شايد اهو منظور نه هو جو اهڙي قسم جو خانداني ورثو جيڪو سندس ڀاءُ ۽ پائٽي کي نصيب ٿيو پر کيس نه ملي سگهيو. هنن ٻدران ته جيڪر کيس ٽي بي ٿئي ها. پائٽي ٻدران شل پاڻ مري وڃي ها.

ڪارنٽي پاڻ کي پوڙهو محسوس ڪرڻ لڳي. هوءَ پنهنجين شاگردياڻين سان ائين هلڻ لڳي جڻ اهي سندس ئي اولاد هجن، ۽ ان جو اظهار هوءَ وات ذريعي، اکين ذريعي ۽ چن تي ايندڙ مسڪين مرڪ ذريعي ڪندي رهئي

اسڪول جون ڇوڪريون هاڻ کيس ڪاڪا (وڏي ڀيڻ) چوڻ بدران وڏي عمر جي عورت وارو خطاب ”امان“ چئي مخاطب ٿيڻ لڳيون. پهرين هنن اهو سنگ سندس غير حاضريءَ ۾ استعمال ڪيو پر پوءِ آهستي آهستي- جيتوڻيڪ ڪنهن کي به خبر نه پيئي ته ڪنهن شروع ڪيو ۽ ڪڏان شروع ٿيو- ڪلاس ۾ به شروع ٿي ويو. ڪارنٽي پهريون دفعو پنهنجي لاءِ اهو خطاب ٻڌي وائڙي ٿي ويئي. پهريون دفعو جيتوڻيڪ هن اهو لفظ سس پُس ۾ ٻڌو پر پوءِ ٻئي ۽ ٽئي دفعي هيڪاندو گهڻو زور سان چٽو پٽو.

ويجهڙائي ۾ هوءَ هڪ پينٽر وٽ هلي ويئي. ڪارنٽيءَ کي هن ڪجهه عرصو اڳ به چار دفعا چيو هو ته سندس منهن اٽليءَ جي آرٽسٽ ليانارڊو ڊا ونسيءَ جي مونااليزا جهڙو ٿو لڳي. رافائيل جي مئڊونا ڊيل گرانڊوچا جهڙو آهي.

پر اهي سڀ اڳ جون ڳالهيون هيون.

هاڻ هوءَ ان عمر کان گهڻو مٿي چڙهي آئي هئي.

صبر سان هاڻ هوءَ ٻڍاپي جو انتظار ڪرڻ لڳي آهي- جيڪو هر عورت ٽيهن سالن جي عمر ۾ پهچي محسوس ڪري ٿي. ڪارنٽيءَ کي مستقبل سان هاڻ ڪابه اميد وابسته نه رهي آهي. هوءَ هاڻ روزمره جي ڪم ڪار ۾ ئي مشغول ٿي ويئي آهي.

*آرميجن پاني (Armijin- Pane)*

[’سفيد گلاب‘ افساني جو هي انڊونيشي ليکڪ (آرميجن پاني) انڊونيشيا جي وڏي ٻيٽ- سماترا ۾ 1908ع ۾ ڄائو هو. 1970ع ۾ مري ويو. پاڻ اسڪول ٽيچر ۽ اخباري نمائندو هو. لڙائيءَ کان اڳ 1933ع ۾ Pujangga Bru نالي ادبي رسالو ڪڍڻ وارن شروعاتي اديبن مان هڪ هو. 1940ع ۾ سندس هڪ وڏو حقيقت تي مبني ناول Belenggu (ملئي ۽ انڊونيشي لفظ معنى ’زنجيرون‘) ڇپيو. ان کان علاوه 1953ع ۾ افسانن جو مجموعو Kisah Antara Manusia (انسانيت جا قصا) ڇپيو. ان کان علاوه پاڻ ڪجهه شاعريءَ ۾ ڊراما نويسي پڻ ڪئي اٿس.]

# ماستر هريام جو بئنڪاڪ وڃڻ .......

ماستر هريام ڳوٺ جي مڙني وڏن جي پسنديده شخصيت هو. جيتوڻيڪ ننڍا نيٽا مٿس چرچا گهڻا پڻ ڪندا هئا. پاڻ ڏکڻ ٿائليند جي ڀرواڙيءَ واري هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو.

ننڍي هوندي کان وٺي، جڏهن اڃا هو ڳڀرو ڳاڙهو نوجوان هو، ويندي ڦوهه جوانيءَ تائين، هن کي ڪڏهن به، پنهنجي اوسي پاسي جي پررونق علائقي ۾ قدم رکڻ جو موقعو نه مليو هو. وڏ ۾ وڏ واپار يا گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪرندو هو. سو پرپاسي واري ڳوٺڙي تائين. شهرن جي رنگينين کان ته هوءَ ونءُ ويندو هو. هن جو اهوئي چوڻ هو ته اهڙين وڏين جاين تي رهندڙ ماڻهو جراثيم کٽي هلن ٿا ۽ اتي لاريون مٽرون ماڻهن کي ٽڪر هڻنديون وتن. ان ڪري انهن جڳهين ۽ شهرن کان پاسو ڪرڻ کپي.

پر پوءِ هڪ ڏينهن ٿائليند جي ماسترن جي ڪانفرنس اٽيند ڪرڻ لاءِ حڪومت طرفان کيس بئنڪاڪ وڃڻ جي دعوت ملي ته اسان جو يار- ماستر هريام، خوشيءَ منجهان ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو. هو پنهنجي منهن ڪيترائي دفعا چوڻ لڳو.

آخر ڪار مون کي بئنڪاڪ گهمڻ جو موقعو ملي ويو. اعتبار ئي نٿو اچي.“

ان وقت پاڻ پنجونجاهه سالن جو پوڙهو اچي ٿيو هو- جيتوڻيڪ هو ان عمر کان گهڻو چڙهي چڪو هو، جنهن ۾ ايندڙ ويندڙ ڇوڪريءَ کي هرويرو اک پڇڻ تي دل چوندي آهي. پر تڏهن به هو چا چوندا آهن ته بنهه نه کان دير سان وري به بهتر. سو ان فلسلسفي ۽ سوچ مطابق پنهنجو پاڻ کي ڏتاري هو بيحد گهڻو خوش ٿيو.

پنهنجي ان خوشي جي اظهار کي لڪائڻ جي هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي.

ان ڏينهن تي جڏهن هو بئنڪاڪ روانو ٿي رهيو هو ته هن ديسي پوشاڪ پهرڻ بدران ولائتي ڊريس- يعني سوٽ ڪوٽ پاتو- جيڪو گهڻو اڳ نهرائي رکيو هو ته ڪڏهن ڪا ماڊرن شادي ٿي ته ان ۾ پائيندو. گهڻي وقت کان استعمال نه ٿيڻ ڪري ان تي پڪا سنڌا ڄمي ويا هئا. هن ان سوٽ تي ننڍين پانهن واري اڇي رنگ جي قميص پاتي. جيتوڻيڪ هن ڊگهين پانهن واري قميص پائي ان تي ڳلن واري ٽائي ٻڌڻ چاهي ٿي، جيڪا هن اهڙي موقعي لاءِ ڳچهه ڳوهه ۾ خريد ڪري لڪائي رکي هئي. پر هن کي دل تي هُريو پئي ته سندن ڳوٺ جا ڇورا اهڙا نياڳا آهن جو اڳ ۾ به جڏهن هن نٽ ٽانگر وارو ڪو وڳو پاتو ٿي ته هو کيس چرچن ۽ ٽوڪن سان ورائي ويا ٿي. چي: ”واهه سائين واهه! چاچا ماستر ٽورو خيال سان هلجو، متان ڪو ڪتو پلجي کٽي دسانوَ.“

سو اهو سوچي هن وڏيڪ شوبازي ڪرڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو. اهي فيشن ڳوٺ کان پري بئنڪاڪ پهچي ڪري سگهيو ٿي. سندس غير موجودگيءَ ۾ سڄو ڳوٺ مٿس تبصرو ڪندو رهيو. ڳوٺ وارن کي اها هورا کورا هئي ته بئنڪاڪ جي جيتري تعريف ٻڌي ويئي آهي. اهو واقعي اوترو عجيب ۽ وڏو شهر آهي يا نه. ۽ آيا اهو شهر گهمي اچڻ بعد سندن ڪراڙي ماستر صاحب

تي ڪو اثر ٿيندو يا نه.

هن تي اثر ضرور ٿيو.

هن جي واپسيءَ تي ماڻهن غور ڪيو ته بئنڪاڪ کان موٽڻ بعد ماستر صاحب جي هلڻي ئي ڦري ويئي آهي. سڌو ٿي هلڻ بدران هو ڪلهن ۽ ٺونٺين کي ٿورو اڳيان ڪري هليو.

گهر پهچندي پهچندي ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو سندس چوڌاري اچي گڏ ٿيا. مرد، عورتون، ٻار ويندي ڪراٽوئي (ڪدڙا) پڻ. وان نالي هڪ نوجوان ڇوڪري، ننڍ وڏائيءَ جو خيال نه رکندي ٺهه پهه چئي ڏنس: "چاچا ماستر! اهو ٺونٺين کي اڳيان ڪري هلڻ سان بغلن کي هوا ٿا ڏيو ڇا-؟"

۽ چاچي هريام شڪي ٿي، يڪدم ڪلها ڪٽي پنيان ڪيا ۽ دل ئي دل ۾ آئيندي وڏو ماڻهو ٿي ائين هلڻ جو ارادو ئي لاهي ڇڏيو. پوءِ ڳوٺ جي گڏ ٿيل ماڻهن کي چوڌاري وهڻ ۽ ٿوري دير ترسڻ لاءِ چيو.

ان بعد ڪمري ۾ وڃي، سوٽ لاهي ڪاري رنگ جو ڍلو ڍالو پجامي نموني جو وڳو چاڙهي ان مٿان بافتي جي گنجيءَ جهڙي ٿائي نموني جي لنڊي قميص ۽ ڪلهن تي پوتڙو رکي ٻاهر آيو ۽ اکيون ڦاڙي هن کي غور ۽ تعريفي نگاهن سان ڏسندڙ ماڻهن جي ميڙ جي وچ ۾ ويهي، هن ڏٺو ته سندس زال جو منهن خوشيءَ مان کوهه جي ڀڳهه جيڏو وڏو ٿي پيو آهي. هوءَ پنهنجي مڙس کي ايڏي گهڻي اهميت ملندي ڏسي فخر محسوس ڪري رهي هئي. ميڙ مان ماڻهن ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"اسان جي ماستر صاحب ڏي ڏسو. هو ساڳيو ئي سادو لڳي رهيو آهي جهڙو هتان ويو هو. پاڻ جيتوڻيڪ ٿائيلينڊ جي گاديءَ واري هنڌ بئنڪاڪ مان موٽي آيو آهي، پر هن ۾ تر جيتري به تبديلي نه آئي آهي."

"ايڏيءَ پڪ سان به نه چئه. هن کي پهرين ڳالهائڻ ته ڏي. ٿي سگهي ٿو ته هن کي پنهنجو ڏاکڻو لهجو ئي وسري ويو هجي، ۽ هاڻ هو فقط اترادي (بئنڪاڪي) لهجي ۾ ڳالهائي."

"هُن عورت وانگر جنهن ٽن هفتن لاءِ بئنڪاڪ جي هڪ پوليس واري سان شادي ڪئي، ڪانئس پنهنجو ڳوٺاڻو لهجو ئي وسري ويو ۽ اها ته اصل هئي ڪير-؟ هڪ چالو عورت."

"جي ها. ان عورت وانگر."

سائين! بئنڪاڪ ۾ پلا ڪا لست ورتوَ؟" هڪ پڇيو.

"سائين! اهو ٻڌايو ته اتي توهان ڇا ڪيو ۽ ڇا ڏٺو." يڪدم ٻئي سوال ڪيو.

"۽ بئنڪاڪ جون ڇوڪريون ڪيئن آهن؟ مون ٻڌو آهي ته هو پنهنجي سونهن سوڀيان کان مشهور آهن." هڪ ٽئي ڇڙي پڇيو.

ماستر صاحب پهرين هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ پوءِ هٿ کڻي هڪ ئي وقت ايترا سوال پڇڻ بدران هڪ هڪ ڪري پڇڻ لاءِ چيو. ان بعد وڏي اعتماد ۽ لئه سان ڳالهائڻ شروع ڪيو: "جيتوڻيڪ بئنڪاڪ ۾ رهي مون ڪافي ڪجهه پرايو پر افسوس جو بئنڪاڪ شهر مان آئون ڪو خاص خوش نه آهيان."

"اهو وري ڪيئن-؟" ويٺل ميڙ مان هڪ پڇيو.

"ڇو چاچا ماستر-؟" ٻئي پڇيو.

”بئنڪاڪ شهر تمام اڳتي وڌي ويو آهي. پئسي ڏوڪڙ ۽ مال ملڪيت جي لحاظ کان هن ايڏي ترقي ڪئي آهي جو ماڻهو وائڙو ٿيو وڃي.“ ”ماستر هريام ٻڌايو.

”غريب ويچارو بئنڪاڪ! ان ۾ پلا ان جو ڪهڙو ڏوهه.“ اڳيان ويٺل وان رمارڪ ڏنو.

”بڪ بند ڪر، وان! نه ته مان ڪجهه به ٻڌائيندوسانءِ.“ ماستر هريام وان کي چنبڙ ڪڍندي چيو. ۽ ساڳي وقت ڪلهي تان پوتڙو لاهي کيس هنيو. هن کي اهاڳالهه بنهه نٺي وڻي ته جڏهن پيا سپ کيس غور سان ٻڌي رهيا هجن ته وچ ۾ هي چورو ڳالهائي سندس لئه خراب ڪري.

”توهان کي بئنڪاڪ شهر ۾ خوشي هرگز نظر نه ايندي. لارين موٽرن جي گوڙ سان ڇڻ ڪنن جون دهلڙيون ڦاٽن ٿيون. وڏين وڏين عمارتن ۾ گهر ۽ آفيسون آهن پر هر وقت در ۽ دريون بند رکڻ ڪري سج چنڊ جي روشنيءَ جو ته گذر ئي نٿو ٿئي. بئنڪاڪ جو سڄو شهر ڇڻ پٿرن، سرن ۽ سيمنٽ جو پيلو آهي.“

اهو چئي ماستر هريام ٿوري ساهي کنئي ۽ چوڌاري ويٺل ماڻهن تي نظر وڌي ته آيا هنن سندس نئون گهڙيل اصطلاح: پٿرن سرن ۽ سيمنٽ جو پيلو“ سمجهيو يا نه. پر هن ڏٺو ته اها ڳالهه ڪنهن به نه سمجهي ۽ ان جي سمجهڻ بناڪو حيران پريشان ٿيو.

”بئنڪاڪ ۾ ڪابه قدرتي سونهن ناهي جنهن کي توهان ڪٿي ڏسو. جيڪڏهن لڏندڙ سارين جو فصل يا نندڙاڪڙين نيٹن واريون پنهنجيون ساهيڙيون: ڍڳيون مينهون ڏسڻ چاهيو ٿا ته ان لاءِ توهان کي ٽئڪسي جو ڳرو ڀاڙو ڏيئي شهرڪان گهٽو گهٽوپري وڃٹو پوندو.“

”اتي جا ماڻهو پنهنجن ئي ڪمن ۽ خفن ۾ رڌل رهن ٿا. هنن کي توهان سان ملڻ يا دوستي رکڻ جي پرواهه ئي ناهي. بس هر وقت پيچ پيچان ۾ نظر ايندا. پاڻ وانگر ڪنهن هڪ هنڌ ويهي، ڪا قربائتي ڪچهري ڪرڻ جو ته کين وقت ئي ناهي.“

”پر چاچا هريام ائين به نه هوندو. هنن وٽ ڪجهه نه ڪجهه وقت ضرور هوندو.“ وان جي پرسان ويٺل هڪ ٻئي چوڪري جوزف وچ ۾ ڳالهايو، ”مون کي پڪ آهي ته هنن وٽ وندر جون گهڙيون گهارڻ لاءِ پاڻ کان وڌيڪ عياشيءَ جو سامان موجود آهي.“

تنهنجي اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي. واندڪائيءَ جي وقت ۾ بئنڪاڪ جا ماڻهو مالش گهرن ۾ وڃن ٿا. آئون هڪ ۾ ويوهوس.جنهن لاءِ مونکي سؤ پات ڏيڻا پيا هئا. مون کي ته اجا تائين سمجهه ۾ نٿو اچي ته هتي ايتري مهنگائي چو آهي. پاڻ وٽ ته ڪنهن کي مالش لاءِ چئه ته ڏهه پات کن مس وني ٿو. ها اهو ضرور آهي ته اتي جون چوڪريون توهان کي وهنجارين به ٿيون. جيڪو پنهنجي ڳوٺ ۾ نٿو ٿئي. پر ان لاءِ توهان کي هنن اڳيان سڄو اگهاڙو ٿيڻو پوي ٿو. هڪ ته پئسا ڏجن ٻيو وري اگهاڙي ٿيڻ جي جٺ سهجي.“ هو کين اهو ٻڌائڻ کان نٽائي ويو ته پاڻ وٽ ڳوٺ ۾ ته مالش ڪرڻ واريون پوڙهيون ڀڪيون مرد نما عورتون آهن. پر بئنڪاڪ ۾ اهو ڪم ننڍيون نيٽيون ۽ نازڪڙيون ڪن ٿيون جن کي پسڻ سان اکيون ئي ٺريو پون.

”آئون ته ڪڏهن به ان جو جيڪر نه سوچيان ته ڪيترا پئسا پرٽا پون ٿا.“ وان خوابن جي دنيا مان ڳالهايو.

”سو انهن ڪمن مان آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان ته بئنڪاڪ جي ماڻهن ۾ ڪوبه شرم

حياءَ نه رهيو آهي!” استاد هريام منهن کي موڙو ڏيندي ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو.

”چاچا ماستر! ڇوڪرين ۾ به- ؟“ هڪ سورهن سالن جي ڇوڪريءَ پڇيو.

”اتي جون ڇوڪريون ته سڀ کان ويل آهن پر انهن جي ذڪر تي پوءِ ٿو اچان. پهرين اهو ٻڌو ته بئنڪاڪ جا امير ماڻهو ڪيڏي حد تائين بيوقوف آهن. هو وڏن گهرن ۾ رهن ٿا پر ان جا در ۽ دريون بند ڪريو ڇڏين. نتيجي ۾ قدرتي تازي هوا کان محروم رهن ٿا. پوءِ گهر کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ پٽ ۾ لڳل وڏي گوڙ گهمسان واريون مشينون هلائين ٿا. در دريون نه کولڻ ڪري گهر ۾ رڌ پچاءَ مهل ايڏي ڌپ ٿئي ٿي جو چڻ بيهوش ٿو ٿجي. توهان ئي سوچيو ته جڏهن در دريون بند هونديون ته اها ڪيئن ٿي ٻاهر نڪري سگهي.“

”پلا هنن جون هوٽلون ڪيئن آهن؟“هڪ ٻي ڇوڪريءِ سوال ڪيو. ”چا بئنڪاڪ ۾ به اسان جي ڳوٺ جي هوٽلن وانگر ڪاڌي جي ميزن تي پليون ويٺيون هونديون آهن يا نه؟“

.... ۽ ميزهيٺان ڪتا ڪتيون چم چٽ ڪري رهيا هوندا آهن.“ميڙ مان هڪ ٻئي نينگر سُر ڪڍائيندي چيو.

”اتي ڪتا ته نه.“ چاچي ماستر وراڻيو، ”پر البت ڪي ڪي جوڙا ڪٿي ڪٿي پيار ونديندي ضرور نظر آيا ٿي. اڳتي هلي وڌيڪ ڇا حال ٿئين، ان بابت چئي نٿو سگهان. باقي في الحال اڄڪلهه ڳائيٽون هڪ ته ڪپڙا تمام گهٽو بيهودا پائين. ويندي ڪي ڪي ڇوڪريون اسڪرٽ بيحد استعمال انگيز حد تائين ننڍا ٿيون رکن. ۽ پيو ڊانس ڪرڻ وقت اهڙا شرمناڪ دعوتي اشارا ڪن ٿيون جو ڪو سوچي به نٿو سگهي.“

”دعوتي اشارا-! چاچا ماستر اهي ڪيئن؟ پلا ڪهڙيءَ طرح؟“ هڪ ٽرڙي ڇوڪري اتي بيهي چاچي پوڙهي کان پڇيو.

”چڱو چڱو هاڻ گهڻو ئي ٿيو.“ ماستر هريام ڪيس ماٺ ڪرائيندي چيو، ”هاڻي مونکي وڌيڪ نه کول.“

ميڙ ويٺلن نوجوانن هڪ ٻئي ڏي ڏسي ٽهڪ ڏنا.

”بئنڪاڪ جي ماڻهن کي پنهنجي صفائي رکڻ جو تمام گهٽو اونو نظر اچي ٿو.“ ماستر صاحب وڌيڪ شروع ٿيو. ”جيئن ئي توهان ڪنهن هوٽل ۾ گهڙندؤ ته ٻئرو توهان کي هڪ خوشبودار آلو ٽوال هٿ منهن صاف ڪرڻ لاءِ آڻي ڏيندو. مون سان گڏ رهندڙ هڪ ماستر صاحب هڪ ڏينهن ان ٽوال کي چڱي طرح استعمال ڪيو. ٻئي ڏينهن هن جون اکيون سُڄي سنگترا ٿي پيون. ٽوال ۾ ڪي جراثيم هئا. پوءِ هن کي اکين جي علاج لاءِ ڪيتروئي ناڻو خرچ ڪرڻو پيو. ان تان مون کي ياد آيو ته بئنڪاڪ جو ڊاڪٽر رڳو اکين جا ڪوپا مٿي ڪٽي منٽ ڏسڻ لاءِ ڏيڍ سؤ ڀات وٺي ٿو. ان کان علاوه دوا تي ڊار خرچ. بئنڪاڪ ۾ وڃي رهڻ جو متان ڪڏهن سوچيو اٿاوَ.“

”ماستر هريام! ڇا واقعي سچ ٿا چئو-؟“

هريام ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي.

”بئنڪاڪ ۾ ايترا ته اڻ ڳڻيا ماڻهو رهن ٿا جو ڪنهن جي به زندگيءَ جو ڪنهن کي ڪو قدر ناهي. ڪو مري ته مري وڃي. ٻئي کي ان جي ذري به پرواهه ناهي. هڪ ڏينهن ته ڪار

واري، سوڙهي گهٽيءَ مان ايندڙ ماڻهوءَ کي اهڙو ته زور سان ٽڪر هنيوجو واٽهڙو اتي رستي تي ئي مري ويو. مون ڏٺو ته ان تي ڪنهن کي به ڪهل نه آئي. مون ڪانسواءِ ڪو بيو سندس ويجهو به نه آيو. پر آئون ڏاريون ماڻهو ڇا ٿي ڪري سگهيس. مون کي ته نه اسپتال جي خبر نه رستن جي ڄاڻ.“

اهو ٻڌي سڀ ٽيرس ۾ پڄجي ويا. ڪا دير ڪنهن لفظ به نه ڪڇيو آخرڪار وان جي پر ۾ ويٺل هڪ ٻئي نوجوان ڳالهه جو موضوع بدلايو:

”چاچا ماستر! اسان کي بئنڪاڪ جي ڇوڪرين بابت ٻڌايو. اهي ڪهڙا ڪپڙا پائين ٿيون؟ اهي ڪيئن هلن ٿيون؟“

”اهي ڪهڙا ڪپڙا پائين ٿيو! ڪي بنهه ننڍڙا اسڪرٽ (پڙا) پائين ٿيون. ايتريقدر جو اڳيان جهڪڻ سان سندن ڪڇا نظر اچن ٿا. ڪي پيرن جي مرين تائين ڏگها ته ڪي گوڏن تائين بهرحال پڙا ڪٽي ڪنهن به ديگهه جا پائين پر منجهائن چالو قسم جون ڇوڪريون ڳولڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. ساڳيو حال مٿئين فراڪ (چولي) جو آهي. جيڪي ڏگها پائين ٿيون اهي ورڍ واٺ ويندڙ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ اڳيان پويان يا پاسي کان چاڪ ايترو ڏگهو،، ڏُن تائين يا ڇاتيءَ تائين کولي هلن ٿيون جو ڏسڻ وارو پهرين نظر سان هنن تي موهت ٿيو وڃي. ٻڌو پيون. منهنجي ڳوٺ جو ڇوڪريون. توهان کي انهن کان سبق سکڻ کپي ۽ ڪڏهن به هنن جيان هلڻ جي ڪوشش نه ڪجو.“

ننڍن همراهن کي پوڙهي ماستر جي ڳالهه نه وڻي. خاص ڪري وان کي، جنهن تهه پهه وراڻيو. ”پوڙهن جي اها عادت ڇڱي جو پنهنجو وقت لئه ۾ گذاري هاڻ ٻين کي ويٺا نصيحتون ڪن ته هيئن به نه ڪريو هوءَ به نه ڪريو. اسان نوجوان ڇا ٿاچاهيون اهو ڪين هرگز خيال نٿو اچي.“

هريام هن جي ڳالهه کي ڪن تار ڪري پنهنجي ڳالهه جاري رکي: ”۽ هو هلن ڪيئن ٿيون؟ ڪجهه ڪجهه توهان ڇوڪرين وانگر. پر وڌيڪ اُپو ٿي ۽ وڌيڪ نازڪ نخري سان. مون ته توهان کي اهو شروع ۾ ئي ٻڌايو، يا نه، ته بئنڪاڪ جي ماڻهن ۾ هاڻ ڪوبه شرم حيا نه رهيو آهي؟ ان جي ثابتي بئنڪاڪ جي ڇوڪرين جي چال مان ملي سگهي ٿي جن مان هر هڪ پنهنجو پاڻ کي ماڊل سمجهي ٿي. اڄڪلهه هو ميوزڪ تي نانگ وانگر ور وڪڙ کائي پنهنجي شهوت انگيز ڪپڙن ۽ ڪڇن جو نظارو ڪرائين ٿيون. توهان سان ڳالهائڻ وقت سينو تاڻي اُپو ٿي بيهن ٿيون ته لڳي نٿو ته ڪي هو عزت واريون آهن. بئنڪاڪ ۾ وڃي رهڻ جو ته ڪڏهن به دل ۾ ڌيان نه آڻجو نه ته توهان به انهن ئي جهڙيون بي حيا ٿي پونديون.“

ماستر هريام اهو چئي پنهنجن ڪلهن کي ٿورو لوڏيو ۽ هيئنين چپ کي چڪ هڻي پنهنجي نفرت جو اظهار ڪيو. پر محفل ۾ ويٺل نوجوان ڇوڪرن جي اکين ۾ ڄڻ نشي کان خمار چڙهي رهيا هئا.

وان، ڇياپ ۽ ٻين هيڪاندن ڏنگن ڇوڪرن جو ته وات پاڻي ٿي رهيو هو.

ماستر هريام پنهنجي منهن سوچڻ لڳو: ”هميشه ڇوڪريون ئي آهن جيڪي پنهنجن واهيات نخرن ۽ جسماني اوگهڙ ذريعي مردن جي جنسي خواهشن کي اُڀارين ٿيون. ۽ پوءِ جڏهن هو آپي

مان نڪري هنن سان ڪجهه ڪري ويهن ٿا ته هنن کي ’جنسياتي وحشي‘ جهڙا خطاب ڏيئي جيلن ۾بند ڪيو وڃي ٿو. يا ڇريو سمجهي نفسياتي علاج جي لائق سمجهيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر، نفسياتي ماهر، ڪردار جو ڇيد ڪرڻ وارا ملان مولوي، پروفيسر پنڊت ڪيترين ئي ڳالهيون ڪن ٿا ته انهن پاڳل ۽ وحشي ڪمن لاءِ جوابدار فقط مرد ئي آهن ۽ ان جو ڪارڻ گهٽو اوڇو ڪاڏو، راند روند ۽ ورزش کان پري پڇڻ، هڪ گهرجو ٻئي گهر سان مليل هجڻ، ڳتيل آدمشماري، پيريءَ ۾ مرد کي شهوت ذري جو وري اچڻ چيو وڃي ٿو ڪوبه ان بابت عورت ذات کي ڏوهاري نٿو سمجهي. ڪوبه ان گوڙ گهمسان جو سبب عورت کي قرار نٿوڏئي!“

ٻئي ڏينهن تي هريام جي زال کي هڪ چاتل سچاتل هٿ لکٽيءَ ۾ هڪ نياپومليو.

”منهنجي ڳولا ڪرڻ اجائي آهي. آئون هميشه لاءِ بئنڪاڪ رهڻ لاءِ وڃان پيو- هريام.“

*پينسري ڪائين سري (Pensri Kiengsiri)*

[هن ٿائي افساني- ’ماسٽر هريام جو بئنڪاڪ وڃڻ‘جي ليکڪا پينسري ڊاڪٽر (فزيوٿراپسٽ) آهي. جنهن آسٽريليا مان تعليم حاصل ڪئي. اڄڪلهه پاڻ ٻي ڪا نوڪري ڪرڻ بدران سڄو وقت لکڻ پڙهڻ کي ڏئي ٿي. سندس افسانن جا ٽي مجموعا ڇپجي چڪا آهن. ان کان علاوه پاڻ ڪيترائي ناول پڻ لکيا اٿس.جن مان پنجن تي فلمون ۽ هڪ ٽي وي سيريز ڊرامو ٺهي چڪو آهي. پاڻ ٿائلينڊ جي انگريزي اخبار Bangok- Pos لاءِ ڪالم پڻ لکي ٿي.]

# آخري ڪلڪو

بابو اسان کي هميشه اهو ٻڌائيندو هو ته هن ڪيئن، جڏهن هو پنجويهن سالن جو هو، ته فقط ٽن شين جو قدر ڪيو ٿي. هڪ ته دشمن کان بچڻ لاءِ گوتم ٻڌ جو ننڍڙو پتلو- جيڪو هروقت سندس ڳچيءَ ۾ لڙڪندو رهيو ٿي. ٻيو چيلهه ۾ ٻڌل تعويذ- جيڪو سندس عقيدي موجب، ٻڌندڙ کي همت ڏئي ٿو ۽ ٽين پوليس جيڪي سليٽي وردي- جي هر بنگلين ضلعي پوليس جي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ هجڻ ڪري ڊيوٽيءَ مهل پائيندو هو.بابي امان سان ٿائيليڊ جي هن شهر بنگلين ۾ ئي شادي ڪئي هئي. سندس پاءُ هن علائقي جي بدمعاشن جي ٽولي جو خطرناڪ سردار هو، جنهن جي نالي کان پري پري جي علائقي جا ماڻهو ڇرڪيا ٿي. بنگلين ضلعي ۾ هن جو پنهنجو ڪسينو هو جتي شراب ڪواب ۽ جوا جو ڌنڌو زور شور سان هليو ٿي. اهو اڏو بابي جي ئي حد ۾ آيو ٿي. پر بابا اسان کي ڪڏهن به اهو نه ٻڌايو ته هن مامي جهڙي هڪ گئنگسٽر جي ڀيڻ سان ڪيئن شادي ڪئي.

بابا ۽ ماما بلڪل ائين مختلف هئا جيئن ڏينهن۽ رات. اسان وارو مامو جاني واڪر وسڪيءَ کان گهٽ شيءِ ته پيئندو ئي نه هو. داداگيرن وانگر آرام ڪرسيءَ تي ويهي سڄو وقت ڪڪڙ جو ٻوڙ کائيندو ۽ شراب پيئندو هو. واري وٽيءَ تي سندس ڏهن زالن مان ٻه ڇٽيون هن جي خدمت چاڪريءَپنيان مشغول هونديون هيون. هڪ مالش ڪندي هيس ته ٻي وڃڻيءَ سان هوا هڻندي هيس. رکي رکي جڏهن مامو گهر جي مانيءَ مان تنگ ٿيندو هو ته پنهنجي سڄي گئنگ کي ساڻ ڪري تبديلي ڪارڻ ٻنڪاڪ هليو ويندو هو، اتي پهچي هو پريل طباق- تريل ڪڪڙ ۽ ٻدڪن جا، گهرائي پنهنجن ساٿين سان گڏ کائيندو هو. ان بعد مختلف دڪانن مان بهترين چيني سلڪ جاڪپڙا سپني کي وٺي ڏيندو هو تنهن بعد آخر ۾ شهر ۾ هلندڙ سڀ کان سٺو ناچ گاني يا ڊرامي جو شو سپني کي ڏيکاري فيريءَ ذريعي پنهنجي علائقي ۾ پهچي ويندو هو. ايندي ويندي مجال جو ڪو ڪائنس فيريءَجي ڀاڙي جي گهر ڪري. سندس سڄو ٽولو هميشه بنا ٽڪيٽ جي ئي سفر ڪندو هو.

هوڏانهن بابو فقط پيٽ کائيندو هو. هر وقت ڪيس سرڪاري ڊيوٽي چڱيءَ طرح ڏيڻ جو فڪر هوندو هو. نديءَ جي ڪناري تي سندس صاحب سپرنٽينڊنٽ جي آفيس آئي ۽ وڏي ٿاٽي سامهون ٻئي ڪپر تي ئي مامي جي جوا جو وڏو ڪسينو (اڏو) هو. پر مامي، تي ڇاپو هڻڻ ناممڪن ڪم هو. ڇو جو ماما هڪ خاص چوڪيدار رکي ڇڏيو هو جنهن جو ٻيو ڪوبه ڪم نه هو سواءِ ان جي ته هر وقت ايس پي جي آفيس تي نظر رکي. جيئن ئي هن کي ڄاڻ پوندي هئي ته غير معمولي چرپر يا ڇاپي لاءِ پوليس تيار ٿي رهي آهي هو هٽ لوڏي ڪسينو وارن کي اشارو ڪندو هو ۽ سڀ ڪو ائين ٽڙي پکڙي ويندو هو جو جڏهن پوليس وارا لانچ ۾ چڙهي اڏي تي پهچندا هئا ته ڪين تاس جو ٿلهو هڪڙو پتو به نظر نه ايندوهو. ۽ اهو سڀ ڪجهه سپني سمجهيو ٿي، ڇو جو پوليس جي مرزيل لانچن کان هنن ڏاڙيلن جا گهوڙا وڌيڪ تکا ۽ ڦڙت هئا.

پر پوءِ آهستي آهستي ماڻهن اهو بهتان مڙهڻ شروع ڪيو ته پوليس ماما جو نالو وٺي نٿي سگهي ڇو جو هو پوليس جي ڊي ايس پي صاحب جو سالو آهي جيڪو هن کي ڳجهه ڳوهه ذريعي اطلاع ڪريو ڇڏي.

انهن افواهن جو اهو نتيجو نڪتو جو ايس پي صاحب منهنجي پيءُ کي گهرائي اهو ڪم سونپيو- يعني مامي کي ساٿين سوڌو واردات واري جاءِ تان جهلي اچ. ان بعد خبرپئجي ويندي ته مامي کي ڪير ٿو اطلاع ڪري ۽ ساڳي وقت بابا جهڙي ايماندار پوليس آفيسر جي به خبر پئجي ويندي ته آيا هو چڱي طرح ڊيوٽي ڏئي ٿو يا نه.

درياهه ٽپڻ مهل بيڙيءَ ۾ بابا اڪيلو ئي اڪيلو نڪتو. سندس ڳچيءَ ۾ فقط گوتم ٻڌ جو پتلو هو. بندوق به هو گهر ڇڏي هليو.

جوا جي اڏي تي بيٺل پهريدار جيجيئن ئي مٿس نظر پئي ته هن اسان جي مامي کي خبردار ڪيو ته پوليس ڇاپي لاءِ اچي پيئي. پر سڄي پلٽون بدران فقط هڪ جڻو ڏسي هنن کي تعجب ضرور لڳو.

”هڪ ماڻهو هيڏانهن اچي اسان جو ڪهڙو آڱوٺو پٽي سگهي ٿو.“ مامي رڙ ڪري پنهنجن همراهن کي چيو، ”اڙي جوار رکو، ڀڄڻ جي ڪا ضرورت ناهي.“

درياهه جي ٻي ڪپر تي پهچي بابي بيڙيءَ کي اتي ئي ڇڏيو ۽ جوا جي اڏي ڏي پيدل روانو ٿيو. جوا جي اڏي ۾ گهڙڻ کان اڳ هڪ سوڙهي گهٽي آئي ٿي جيڪا مامي خاص طرح ٺهرائي هئي، جيئن ڪسينو ۾ گهڙڻ وقت ماڻهو هڪ هڪ ٿي قطار ۾ اچي سگهن ۽ ان وقت جيڪڏهن اها گهٽي ٻنهي ڪنڊن کان بند ڪئي وڃي ته وچ ۾ ماڻهو ائين ڦاسي وڃي جيئن ڪوئي مار ۾ ڪوئو. بابا جيئن ئي اڏي تي پهتو ته در وٽ بيٺل دربان کي جهلڻ بدران جهڪي سلام ڪيو. سوڙهي گهٽي اُڪرڻ بعد ٻي ڪنڊ تي بيٺل دربان به کيس سلام ڪيو ۽ مامي جي ڪمري جو دروازو کولي کيس اندر وڃڻ لاءِ آڌر ڀاءُ ڪيو.

جڏهن بابا اندر قدم رکيو ته کيس سامهون ئي مامو نظر آيو جيڪو هميشه وانگر آرام ڪرسيءَ تي ويهي شراب پي رهيوهو. غير قانوني طرح هلندڙ جوا، چوڌاري متل هئي. بابي جي گهڙڻ تي مامي آيل مهمانن جي ڪيڪار خاطر چيو: ڀلي ڪري آيائو. ڪريو خبر. اڄ اسان جو ڊي ايس پي صاحب اسان وٽ ڪيئن اچي نڪتو آهي؟“

بنابا ماما کي سلام جو جواب ڏيندي ڌيرج سان چيو؛ ”اُميد ته تون خوش هوندين.“

ڊرامي جا ٻئي اهم ائڪٽر- يعني بابا ۽ ماما جتي آرام ۽ تحمل سان گفتگو ڪرڻ لڳا اتي ٻين ويٺلن جوارين جو ساهه سڪي ويو. وس پڇين ها ته. پٽيون ڦاڙي ٻاهر ڀڄي وڃن ها.

پر مامي جو هي اڏو اهڙو ٺهيل هو جتي توهان اندر ته سولائيءَ سان گهڙي سگهيائو ٿي پر ٻاهر نڪرڻ ايترو آسان ڪم نه هو. سندس پٽيون مضبوط ۽ ور وڪڙن واريون هيون. ۽ پوءِ جوارين ٽيبل تان پئسا ميڙڻ شروع ڪيا. ان گوڙ گهمسان ۾ فقط ٻه آواز نمايان هئا. هڪ مامي جو جيڪو چئي رهيو هو: ”مڙيئي خير آهي. ڊڄڻ جي ڪا ڳالهه ناهي. ڪيڏڻ ۾ مشغول رهو.“ ۽ ٻيو آواز منهنجي پيءُ جو هو، جيڪو سرڪاري لهجي ۾ کين حڪم ڪري رهيو هو: ”خبردار جو

ڇُريا پريا آهيو ڪنهن پڇڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”پيو اُهو آواز هو جنهن ۾ رعب ۽ دٻدٻو هو. جنهن پٺيان سرڪاري طاقت هئي جنهنڪري هڪ عام پوليس وارو به همٿ وارو ٿيو پوي. سڀ جتي هئا اتي ڄمي ويا.

مامي رڙڪري پڇيو: ”سو، تنهنجو هتي ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“

”آئون هتي ان لاءِ آيو آهيان ته توکي ٽاٽي تي وٺي هلان.“ بابا چيو. ماما ان تي ايڏو وڏو ٺهڪ ڏنو جو ان جو آواز سڄي هال ۾ گونجي ويو. ان بعد وسڪيءَ جو ڍڪ پري بابي کي چيو: ”تون ڇا ٿو سمجهين ته آئون ائين چپ ڪري ويٺو رهندس ۽ تون هتان ٻچي نڪرندين؟“

”تون جيڪي ڪرڻ چاهين ٿو اهو تنهنجو پنهنجو مسئلو آهي.“ بابا وراٺيو، ”باقي هي جيڪي ڪجهه آهي اهو مون کي ڪرڻو آهي.“

”۽ جيڪڏهن ڪو همت ڪري توهان کان اهو پڇي ته توهان ڇاڇا چاهيو ٿا؟“ منهنجي مامي ادب سان پڇيو.

”جيڪي جيڪي ماڻهو هتي موجود آهن انهن کي آئون ٽاٽي تي وٺي هلڻ چاهيان ٿو.“ بابي وراٺيو.

”سڄي ڄمار ۾.“ ماما وراٺيو، ”مون ڪڏهن تنهنجي ٽاٽي تي قدم نه رکيو آهي. ۽ نه ڪنهن کي همٿ ٿي آهي جو مون کي جهلي ٽاٽي تي وٺي هلي.“

”ان ڪري ٽاٽي جو نمائندو پاڻ تو وٽ هلي آيو آهي- بنا هٿيارن جي. ۽ توکي ٽاٽي تي هلڻ لاءِ خاص عرض ڪري ٿو.“ بابا چيو.

”خاص عرض، ائين نه؟ بنا ڪنهن بندوق پستول جي تون مون کي ٽاٽي تي وٺي هلڻ جو سوچي رهيو آهين. ڊي ايس پي هوندين ته پنهنجي لاءِ. آئون توکي هڪ ڪتي وانگر ماري ڇڏيندس.“

”ته پوءِ مار.“ بابا جواب ڏنس.

”۽ پنهنجي پيڻ ۽ ٻارن کي يتيم ڪري ڇڏيا؟“ مامي چيو.

”مائٽي مٽيءَ وارا ناتا هڪ پاسي ئي رکيا وڃن ته بهتر آهي. آئون هتي سرڪاري ڊيوٽي تي آيو آهيان ۽ نه مائٽي واري ڪاڄ جي نينڊ تي.“ بابا چيو ۽ پوءِ جوا کيڏندڙ ڏي منهن ڪري چيو ”توهان مڙيئي ٻڌو پيا. توهان مان هڪ هڪ ٿي هيٺ ٻيڙيءَ ۾ هلي وهي.“

”تون اڃا اهو سمجهين پيو ته هڪ ماڻهو- سو به بنا هٿيارن جي هيترن مڙني ماڻهن تي حڪم هلائي سگهندو؟“ ماما بابا کي ٺوڪيندي چيو: ”تون ڪنهن کي جهلڻ جي ڪرين ان کان اڳ هو هوا وانگر چئني طرف ٽڙي پکڙي غائب ٿي ويندا.“

”پر جيڪڏهن تون هنن کي ان ڳالهه کان منع ڪندين ته هو ڪيڏانهن به وڃي نه سگهندا.“ بابا چيو. ”ساڳي وقت آئون فقط توتي نظر رکندس.“

”هي ڇريائيءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين؟“ ماما ڪاوڙ مان رڙ ڪري چيو، ”اڙي مون کي اها بندوق ڏجو. آئون هاڻ بلڪل بي صبرو ٿي هٿن مان پيو وڃان.“ سندس هڪ ساٿيءَ ڪيس بندوق وڌائي هٿن ۾ ڏني. هن ڪرسي تي ويٺي ويٺي بندوق کي اٿلائي پٿلائي

ڪجهه سوچيو.

”ڇا تون اڃا سمجهين ٿو ته مون کي جهلي سگهندين؟“ ماما پڇيو. پر بابا ڪيس جواب نه ڏنو ۽ نه پنهنجي جاءِ تان رڙهيو. مامي ڪاوڙ مان پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. ”ڀلا اهو ٻڌاءِ ته ڇو تون؟ هيڏي پوليس جي عملي مان ڇو تون آيون آهين؟ ڪو ٻيو ڇو نه؟ ڇا هو چاهين ٿا ته آئون هرو ڀرو پنهنجي پيءُ جي مڙس جو خون ڪريان-؟“

”اها ڳالهه تون به سمجهين ٿو ته آئون به.“ بابا چيو. ”توکي خبر آهي ته سڄي تر ۾ ڇا ڳالهه هلي ويئي آهي. ماڻهو اهوئي چون ٿا ته جيسين تنهنجو پيٽي ويو هن تر جو ڊي ايس پي رهندو. تون غير قانوني ڪم ڪندو رهندين. مون کي اهو غلط ثابت ڪري ڏيکارڻو آهي. سو جيڪڏهن تون مون کي گولي هٽي مارييندين ته سڀ کان بهتر ٿيندو. نه فقط بدناميءَ کان پر هن دنيا جي سورن کان به ڇٽي پوندس. ۽ افواهه ڦهلائڻ وارن کي اهو ته محسوس ٿيندو ته گهٽ ۾ گهٽ ڪو ته پوليس آفيسر آهي جيڪو قانون ۽ ڊيوٽيءَ کي مائٽي مائٽيءَ جي ناتن ٻڌڻن کان به مٿي سمجهي ٿو. تون ڪٿي منهنجو پيٽويو آهين پر قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ ڪري منهنجين نظرن ۾ تون به هڪ ڏوهاري آهين!

”تاس جا ڪجهه پتا رکي انهن سان کيڏڻ ۾ آخر خرابي ئي ڇا آهي؟“ مامي جي ڪاوڙ جو پارو هاڻ چوٽ چڙهي رهيو هو.

”قانون جوا کيڏڻ کان منع ڪري ٿو.“ بابي سخت لهجي ۾ وراڻيو. ”۽ هر اهو ڪم جيڪو قانون جي خلاف آهي ڏوهه آهي. جرم آهي.“

بنا ڪنهن چتاءَ جي مامي يڪدم بندوق جو نشانو بابا تي ڇٽيو. هر ڪو ڊڄي پاسيرو ٿي بيٺو. پر بابا ائين جبل وانگر هڪ هنڌ بيٺورهيو.

”قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ مون پنهنجي زندگيءَ جو اصول ناهي ڇڏيو آهي.“ ماما چوڻ لڳو. ”مثال طور، ماڻهن کي مارڻ قانون جي خلاف آهي. پر مون هميشه ائين ئي ڪيو آهي، ۽ هن عمر تي پهچي هاڻ پنهنجون عادتون بدلائڻ نٿو چاهيان. ۽ هينئر هڪ ٻئي ڇٽي جو خون مون لاءِ ڪوبه خاص فرق پيدا نٿو ڪري.“

بابي هڪ قدم به پٺتي نه چرندي وراڻيو: ”آئون قانون جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ملڪ جي بادشاهه طرفان مقرر ٿيل نمائندو آهيان جيڪو مون کي اهنج رسائيندو اهو ڄڻ حاڪم جي بيعزتي ڪندو.“

ان جملي تي مامي يڪدم بندوق کي ڪٽي هيٺ ڪيو. ڄڻ اها اوچتوئي اوچتو ڳري ٿي پيئي هجي. هو ڪجهه سوچڻ لڳو. ڪنهن زماني ۾ هن پاڻ به شاهي خاندان وٽ نوڪري ڪئي هئي. ان جو نمڪ کاڌو هو ۽ هن جي دل ۾ بادشاهه سلامت لاءِ پنهنجي قسم جي وفاداري هئي.

”چڱو سائين چڱو، اهي سڀ ڳالهيون ڇڏيو ۽ اچو ته ڪو پاڻ ۾ معاهدو يا ڏيتي ليتي ڪريون.“

”ڪوبه معاهدو يا ڏيتي ليتي مون کي قبول ناهي.“ بابي وراڻيو. آئون هتي تو تائين خالي هٿين آيو آهيان ۽ تيسين هتان نه چرندس جيسين مون کي ڏيکارڻ لاءِ ڪجهه ملي.“

مامي پنهنجي بندوق پاسي تي اڇلائيندي چيو، ”مون کي سچ پچ ته تنهنجي هتان بدلي ڪرائڻ جو بندوبست ڪرڻو پوندو.“

”اهو ته تمام سٺو،“ بابا چيو، ”جيئن وڻندي تيئن ڪر. مون کي به هتي رهڻ جو شوق ناهي. جو جو هتي هوندس ته توکي هر هر جهلڻ ايندو رهندس. ان لاءِ سونپيل ڊيوٽيءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ آئون پنهنجو فرض سمجهان ٿو.“

آئون تنهنجي بدلي ڪرائي وٺندس،“ ماما اٽل ارادي سان چيو، ”چڱو هاڻ هل. تون پهريون خوشنصيب آهين جو هتان جيئرو واپس موٽين ٿو.“

”اهو آئون به سمجهان ٿو،“ بابا چيو، ”ڇو جو هن علائقي ۾ جي آئون گهڻو وقت رهيس ته هڪ ڏينهن نوڪري وڃائي ويهندس. ۽ پيٽ پالڻ لاءِ مون لاءِ نوڪري ڪرڻ تمام ضروري آهي.“

ماما خوشيءَ سان ڪجهه گهڙين لاءِ بابي جوايماندار چهرو ڇتائي ڏٺو سندس اکين ۾ پنهنجي ضد تان پٺتي هٽڻ جو ڪو نالو نشان نه هو. آخرڪار مامو پيرن تي اٿي اُٿيو ٿيو ۽ ڪمري ۾ آهستي آهستي پسار ڪندي سوچڻ لڳو. ۽ پوءِ بابا جي سامهون بيهي چيو:

”چڱو سرڪار! تو کٽيو. جيئن توکي وڻي پلي ائين ڪر. هتان اسين وڏي ٿاڻي تي هلون. ائين ئي تون چاهين ٿو نه؟ جيتوڻيڪ ڳالهه ۾ ڪجهه به ناهي. ماڻهن اجايو وني کنيو آهي ۽ مون کي بدنام ڪيو آهي.“

”توهان مڙني پڌو ته هن چا چيو،“ بابا رڙ ڪري ماما جي ساٿين ۽ آيل جوارين کي چيو، ”هڪ هڪ ٿي هيٺ پوليس لانچ ۾ هلي ويهي!“

پر اتي وري مامي ڪِٽ هنئي. ”ائين ڪڏهن به نه ٿيو آهي جو آئون ڪنهن پوليس واري سان گڏ ٿاڻي تي هلان. اهو وهم دل مان ڪڍي ڇڏ ته ڪو تون مون جهڙي بدمعاش کي گرفتار ڪري سگهندين.“

پر ٿوري دير اڳ تو چيو....“ بابا چيو.... تو واعدو ڪيو... تو چيو ته تون پنهنجو پاڻ کي قانون اڳيان پيش ڪندين.“

”اهو مون برابر ڪيو آهي.“ مامي چيو: ”۽ اهو مان پورو ڪندس- پر آئون اهڙي تهڙي چور نڳ وانگر هٿ ڪڙيون پائي ائين هرگز نه هلندس. آئون پنهنجي ئي مرضي سان ٿاڻي تي پهچندس ۽ پنهنجي ئي وقت تي ايندس. مون توکي ان لاءِ زبان ڏني آهي اها ضرور پاڙيندس. تون هينئر گهر هليو وڃ. سپاٽي ننڊ مان اٿڻ کان اڳ آئون هنن سڀني همراهن سميت ٿاڻي تي پهتل هوندس ۽ تنهنجي ئي ڪاتي ۾ اچي صحيح ڪندس تو اسان کي گرفتار ڪيو آهي. بس؟“

بابا ان بابت منٽ به سوچيو. ۽ پني پور ۽ پينسل جي گهر ڪئي جيئن سڀني همراهن جا نالا لکي وٺي. آئون هي لسٽ پاڻ سان کڻي هلان ٿو،“ هن چيو، پوءِ جيئن تون هنن کي وٺي ٿاڻي تي حاضر ٿيندين ته نالا جانچي ڏسندس.“

”اهو تون پلي ڪري سگهين ٿو.“ ماما وڏي شان سان وراڻيو.

بابا اڪيلو ئي اڪيلو لانچ ۾ موٽيو. سندس هٿن ۾ فقط واردات تي موجود همراهن جي لسٽ هئي. جڏهن ٿاڻي ۾ گهڙيو ته سڀ ڪيس شڪي ۽ ذليل نگاهن سان ڏسڻ لڳا. ڪنهن ته ايتريقدر چئي

ڏنوته ماما کي ڇڏڻ لاءِ هن تمام گهري رشوت ورتي هوندي. بابا ڪجهه به جواب نه ڏنو. پر ان رات، امڙ کي ڏينهن واري روئداد ٻڌائڻ مهل ڏڪندڙ آواز ۾چيو: ”اڄ مون کي تنهنجي ڀاءُ کي جهلڻ لاءِ موڪليوويو هو.“

”تعجب جوڳي ڳالهه آهي جو هن توکي ماريو نه آهي.“ امان روئندي چيو.

”هو ان لاءِ ذري گهٽ تيارتي ويو هو.“ بابا ٻڌايو.

پوءِ هن سڄي ڳالهه امان کي ڪري ٻڌائي. ۽ پوءِ رات جو دير دير تائين امان جي سڏڪن جو آواز ٻڌندا رهياسين. بابا به سڄي رات سمهي نه سگهيو.

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ پنهنجي گرفتاري پيش ڪرڻ لاءِ، ماما پنهنجي ساٿين ۽ جوا تي ايندڙ همراهن سميت وڏي ٿاڻي تي پهچي ويو. اهي سڀ مامي جي لانچ ۾ سڄي آيا هئا. مامو بهترين ۽ مهنگن سلڪ جي ڪپڙن ۾ هو. ڪارروائيءَ دوران هو سوپاريون چٻاڙيندو رهيو.

وڏي بحث مباحثي بعد، قانون جي پڪڙي ڪندڙ جي ضمانت لاءِ وڏو ملهه مقرر ڪيوويو. جيڪو ناڻو مامي سڄي سنگت پاران ڏنڊ طور ڏنو. ان جو ڪجهه حصو انعام طور بابا کي ڏنو ويو. جنهن هھڙن وڏن ڏوهارين کي جهلائڻ ۾ مدد ڪئي هئي.ان بعد ماما پنهنجن همراهن کي ان ئي وقت ساڻ وٺي ساڳي لانچ ذريعي روانو ٿي ويو. هن، پنيان ڪنهن ڏي مڙي به نه نهاريو. ايتريقدر جوا مان وٽ به ڪجهه گهڙين لاءِ نه آيو.

رات جو بابا انعام ۾ مليل پئسا کڻي گهر امان وٽ آيو ۽ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي.

”مونکي هن انعام جو هڪ پئسو به نه کپي.“ هن چيو، ”۽ آئون اهي هيئنر تنهنجي ڀاءُ کي موٽائي ڏئي ٿو اچان.“

امان جو منهن ڊپ ۽ هراس کان هئدو ٿي ويو. ”هن پيري،“ هن چپن ۾ بابا کي چيو، ”هن پيري هو توکي ضرور ماري ڇڏيندو.“ ۽ پوءِ هوءَ بيهوش ٿي ويئي.

*آرچن پنجافن (Archin Panjaphan)*

[”آخري کلڪو“ افساني جو ليکڪ آرچن پنجافن ٿائلينڊ جو رهاڪو آهي. پاڻ ٿائي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي افسانا لکيا اٿس. جن مان ٻه مجموعا 1964ع ۽ 1975ع ۾ ڇپجي چڪا آهن.]

# ضدي

ملايا (ملائشيا) مان جپانين جي موٽ واري عمل عثمان لاءِ پڻ ڪجهه آزادي مهيا ڪئي. هن جي ڇڙواڳ زندگي ڪاري ڀٽ اونداهيءَ مان ٿيي روشني جي محدود دائري ۾ داخل ٿي.

اها روشني کڻي گهڻي نه هئي پر ايتري هئي جو هو نئين زندگيءَ ڏي قدم وڌائي سگهي.

پاڻ جسم جو سنهڙو هو ۽ مٿو سڄو ڪوڙائي هلندو هو. اهاڳالهه اهڙي هئي جيڪا هن

هميشه لاءِ قائم رکڻ نٿي چاهي. سندس نوان وار ائين ڇهنبون ڪري ٻاهر نڪري رهيا هئا جيئن هڏائين ۾ ڏيري ٻليءَ جي ٿلهي کل تي هوندا آهن. وهنجڻ مهل هي وار هڪ ٻئي سان ملي ائين مُڇا ٺاهي بيهندا آهن جيئن آلي غاليچي جا تور، ۽ سڪڻ مهل وري ڪُنڊن تي ائين اُڀا ٿي بيهندا هئا جيئن ڪوريا جي ماڻهن جا هوندا آهن. عثمان کي پنهنجن وارن تي فخر هو جن جي ضدي هجڻ جو ثبوت ڏنو ٿي.

هن جي ضدي پڻي جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته جپاني مليٽري پوليس ڪيس تي دفعا جيل ۾ وڌو هو. ذهني طرح ٽي دفعا مرڻ بعد، سندس روح جو هاڻ ڪجهه به حصو بچيو نه هو. جيستائين هن جا وار وي وڌا ٿين تيستائين هن شهر ۾ وڃڻ نٿي چاهيو. هن ٻهراڙيءَ ۾ رهي، ڪونه ڪو ڌنڌو ڪري وقت گذارڻ چاهيون ٿي.

عثمان جي پيڻ خميسان ڪڪڙيون پاليون هيون جن مان ڪي نه ڪي هر وقت آنا ڏينديون رهيون ٿي جيڪي عثمان ۽ سندس پيڻ وڪيا ٿي. خميسان عثمان کي بيضا ڏيندي هئي ۽ هو پنجانگ ڳوٺ جي هڪ چيني ڪيدائي (دڪان) واري کي وڪڻي ڏيندو هو.

موڪلن بعد خميسان جو اسڪول کليو. . هڪ ڏينهن هن سڀ بيضا اسڪول ۾ وڃي وڪيا. جڏهن واپس گهر پهتي ته ٻنهي جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو.

”تو مون سان دغا ڪئي.“ عثمان هن کي چيو.

”تو مون سان اٽڪل بازي ڪئي.“

پيڻ وراڻيو.

”گهڻو گوڙ نه ڪر.“ عثمان رڙ ڪئي، ”مون توکي هر بيضي لاءِ اٺ سينٽ ڏنا ٿي.“

ٻئي ڏينهن کان پائيواري ختم ٿي ويئي. خميسان پنهنجا بيضا پاڻ کڻي اسڪول جي پر ۾ ويٺل چيني دڪاندارن کي في بيضو ٻارهن سينٽ جي حساب سان ڏيڻ لڳي.

ڪجهه ڏينهن بعد عثمان جو دڪاندار سان ڦڏو ٿي پيو:

”تو مون کي ڦريو.“ عثمان چيو.

،مون هرگز نه ڦريو آهي.“ دڪاندار وراڻيو، ”مون کي جيترن بيضن جي ضرورت پوندي اوترا خريد ڪندس. منهنجي لاءِ ڪو فرق نٿو پوي. جهڙو تون مون کي ٻارهين سينٽن بيضوڪڻي ڏين ٿو اهڙو تنهنجي پيڻ.“

ڪيترن ڏينهن لاءِ عثمان بي روزگار گهمندو رهيو. هن جا وار هاڻ ايڏا ڊگها ٿي ويا جو انهن لاءِ هن کي هر پندرهين ڏينهن برل ڪريم جي شيشي وٺڻي پيئي ٿي.

هڪ رات هن دڪاندار وٽ يڪا به سؤ بيضا وڪيا. ڳوٺ جي ماڻهن ٻئي ڏينهن ڏٺو ته سندن سڀ بيضا غائب هئا، انهن سان گڏ عثمان به ڳوٺ کان غائب هو. ڳوٺ جي وڏيري عثمان جي پيءُ تي چوويهه ڊالر ڏنڊ وڌو. انهن مان چوراسي سينٽ سندس ڌيءَ خميسان کي به مليا جنهن جا پڻ ست بيضا گم ٿي ويا هئا.

ملائيشيا جي هڪ ڏورانهين رياست- ڪيلنتان ۾ پهچي، عثمان پنهنجي رهڻي ڪهڻي جا نمونا ئي بدلائي ڇڏيا. اتي جي هڪ شهر جي ختاب ۾ داخلا وٺي هو مذهبي تعليم وٺڻ لڳو. وار وري

ڪترائي ننڍا ڪرائي چڙهيائين ۽ مٿي تي عالمن، حاجين ۽ مولوين واري اڇي رنگ جي آر واري ٽوپي پائڻ لڳو. خٽابي تي رهڻ واري ڳالهه ڪيس ڏاڍي وڻي. لڙائيءَ کان اڳ وارن ڏينهن ۾ به هن ڇهه مهينا پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ ڪتاب ۽ سنت جي تعليم، ٻانگو ڏيڻ ۽ سر سان مولود پڙهڻ سکيا هئا. هن کي ٻين ۽ پنهنجي پيڻ ٻيضن چورائڻ واري ڳالهه جو ڏاڍو ڏک ٿيو. هن هاڻ سچار ٿي نيڪ زندگي گذارڻ چاهي ٿي.

شروع شروع جي ڏينهن ۾ هن کي ايمانداريءَ واري زندگي گذارڻ واروڪم تمام ڏکيو لڳو. پر هو صبر وارو هو. هن ڏٺو ته ڪيترائي مولوي ۽ عالم سٺي زندگي پڻ گذاري رهيا هئا جو هنن جي ڳوٺ وارن مدد ڪئي ٿي پر عثمان کي سندس ڳوٺ وارن کان ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ سندن فصل جي لاباري ۾ مدد ڪرڻي پيئي ٿي. عثمان تي استاد بيحد مهربان هو جو عثمان ايماندار هو، نيڪ اخلاق هو ۽ سندس آواز تمام مٺو، چٽو ۽ سريلو هو.

آهستي آهستي هن لاءِ ڏهاڙيءَ جي زندگي آسان ٿيندي ويئي سپ ڳوناٺا ڪيس سچاڻڻ لڳا. هاڻ هو اڇي رنگ جي اوڇي ململ جو ڪڙتو پائڻ لڳو ۽ هيٺ تي هڪ فرسٽ ڪلاس سرونگ (گوڏ)- جيڪا ڊريس اهي خٽابي پائيندا هئا جيڪي جمعي نماز ۾ خطبو پڙهندا هئا ۽ اڪثر پيش امام ٿيندا هئا يا وري غمي خوشيءَ جي ڪاڄن تي ڊگها ڊگها واعظ ۽ مولود پڙهندا هئا.

اهڙا پراڻا خٽابي نون آيل شاگردن کي پڻ پڙهائيندا هئا ۽ ڪٿي موتي فوتي جو ختمو درود ٿيندو هو ته مانيءَ تي پڻ ويندا هئا. اهڙن خٽابين کي ڳوٺ جا سڀا ۽ عزت وارا گهر پنهنجين ڏيئن جو سنگ پڻ خوشيءَ سان ڏيندا هئا. هو جيترو گهڻو مشهور ٿيندا هئا اوتروئي کين سٺي گهر جو سنگ ملي سگهندو هو. ۽ چئن زالن وارو همراهه ته هونءَ به وڏو استاد عالم ليکيو ويندو هو.

عثمان هر نئين زندگيءَ جي سٺائين تي غور سان ويچار شروع ڪيو. هو قيمتي سرونگ ۽ ڪڙتو اوڍڻ لڳو. وار بنهه ننڍا ڪرائي چڙهيائين. جيئن هن جي شخصيت بااثر لڳي ۽ ائين نه فقط عثمان پر ٻين خٽابين به ڪيو ٿي، جنهن ڳالهه جي اجازت جيتوڻيڪ سندن استاد ڪليءَ دل سان هرگز نٿي ڏني.

هن کي پوءِ جلدي ئي محسوس ٿيو ته هڪ نوجوان سهڻي ڇوڪريءَ جو ساٿس عشق ٿي ويو آهي. هوءَ ساڀي رياست ڪيلنتان جي هڪ وڏي شهرڪوٽا باروءَ ۾ رهي ٿي.

شاديءَ جي خرچ خاطر پئسا گڏ ڪرڻ لاءِ عثمان هڪ دفعو وري بيضا وڪڻ شروع ڪيا. هن دفعي نه فقط بيضا پرچانور پڻ. اهو ڪم هيئن ٿيو جو سندس محبوبا سلماح جي وڏي پيڻ ميڪياح جو مڙس سان روسامو تي پيو ۽ هو پاڻ مرادو ڪوٽا بارو شهر ۾ چانور وڪڻ لڳي. عثمان پنهنجي خٽابي ساٿين کان پئسي جي ڪجهه مدد وٺي پنڌرهن مڻ کن چانور ۽ پنجٽيهه بيضن سان شروعات ڪئي ۽ پوءِ آهستي آهستي اڳتي هلي ميڪياح جي نمائندي طور مارڪيٽ ۾وڪرو ڪرڻ لڳو. هي هاڻ هڪ ماڊرن عالم سڏجڻ لڳو جنهن کي نماز پڙهائڻ، ٻانگ ڏيڻ، واعظ ڪرڻ ۽ مولود پڙهڻ- سڀ ڪجهه آيو ٿي.

هن جي شاديءَ لاءِ هاڻ پوري عمر ۽ وقت هو. ڳجهه ڳوهه ۾ هن پنهنجي مالڪڻ جي پيڻ سلماح جي سنگ گهرڻ جي تاريخ پڻ پڪي ڪئي.

ميڪياح جيڪي ڪجهه شرط شروط پنهنجي ننڍي ڀيڻ جي شاديءَ لاءِ رکڻ چاهيا ٿي اهي مڙيئي پورا ڪرڻ لاءِ هو بلڪل تيار هو. هڪ رات هن عثمان کي ڪوٺا باروءَ ۾ رهڻ لاءِ گهرايو. هو اها اميد رکي روانو ٿيو ته اتي پهچي سلماح سان به اڪيلي ۾ ملاقات ٿي ويندي. پر سندس اها اميد پوري ٿي نه سگهي.

هوءَ عثمان کي پهرين سلطانا سئنيما هال ۾ فلم ڏسڻ لاءِ وٺي هلي. ان بعد بوٽ ريسٽورينٽ ۾ماني کائڻ ۽ آخر ڪجهه وقت هڪ پارڪ ۾ گذريائون. سلطانا سئنيما ۽پارڪ ۾، عثمان جي ٻين اسڪولن ۽ مدرسن کان آيل مولوين ۽ خٽابين سان پڻ ڏيٺ ويٺ ٿي. هنن جي موجودگيءَ ۾ هو ڪجهه ڪجهه شڪي ۽ لچارو ٿي رهيو هو. پنهنجي خٽاب ۾ رات جوئي موٽڻ بدران هو پنهنجي محبوبا جي گهر ٽڪي پيو. پر جيئن ته هو هروقت سندس وڏي ڀيڻ ۽ پنهنجي مالڪڻ جي پهريدار اکين هيٺان هو ان ڪري هو پنهنجي محبوبا سلماح سان ملي نه سگهيو. ويندي هڪ لفظ ڳالهائڻ جو به ڪيس موقعو نه مليو.

ٻئي ڏينهن خٽاب مان موٽڻ وقت هو تمام گهڻو مايوس هو جو سڄو ڏينهن رات ڪوٺا باروءَ ۾ رهڻ جي باوجود هو سلماح کي ڏسي به نه سگهيو. پر اهو ضرور ٿيو ته هن جي ڀيڻ ۽ پنهنجي مالڪڻ جي ويجهو رهي هن ڪافي تجربو ۽ مزو حاصل ڪيو. هن جي اڳيان نوان ڀيچڙا ۽ راهون کلي پيون.

هڪ ڀيري عثمان پنهنجي محبوبا جي ڀيڻ سان ڪوٺا باروءَ ۾ فلم ڏسي، هوٽلن ۾ ماني کائي ۽ پارڪ ۾ ٽهلڻ بعد راتو واه ئي موٽيو پئي. هي پهريون ڀيرو هو جو ڪيس رات ٽڪڻ لاءِ نه چيو ويو ۽ نه وري ان لاءِ پاڻ ئي پڇيائين. هو اجا تائين پنهنجي محبوبا سلماح سان اڪيلي ملي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو هو. هن کي سندس وڏي ڀيڻ ڪا خاص وٺي نٿي، جيتوڻيڪ هوءَ مٿس ايترو گهڻو مهربان هئي جوشايد ئي ڪو ٻيو مالڪ پنهنجي ڪم واري تي هجي.

رستي تي رات جي اونداهيءَ ۾ ڪو همراهه هن تي اوچتو حملو ڪري مٿي ۽ نرڙ تي مڪن ۽ ٺونشن جا وسڪارا ڪري هليووي. عثمان هن کي سڃاڻي نه سگهيو. ڪيس هن کان اڳ به ڪيترائي دفعا ڌڪ لڳا هوندا. زخم رسيا هوندا. پر ايڏا گهڻا نه جيڏا هن اوچتي حملي ۾، جنهن مان نڪرندڙ رت سندس اڇو پهراڻ پري ڇڏيو.

ڪيترن ئي ڏينهن تائين هو خٽاب کان ئي ٻاهر نٿي نڪتو. ۽ پوءِ زخم ڇٽڻ بعد هڪ اونهي ڌڪ جو سنڌو سندس نرڙ جي ساڄي پاسي ٻيهي رهيو.

ان قسم جي مار موچڙي بعد ڪلينٽان ۾ ڪوبه پرديسي وڌيڪ نه ٽڪندو هو. هو سمجهي ويندوهو ته اتي جي گئنگ سندس معاشقي يا اچ وڃ کي برداشت نٿي ڪري. پر عثمان سخت ضدي هو. هن پنهنجي رقيب معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي. سو هو پنهنجي شرم سان پرچاءُ ڪري ڌڪن جي نشان کي ٽوپيءَ اندر لڪائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ هر هڪ سمجهيو ٿي ته هن نشان کي لڪائي ڇڏيو آهي.

هن جي پڪي ارادي کي ڏسي سندس مالڪڻ جي دل ۾ هن لاءِ اجا به گهڻو پيار پيدا ٿيو ۽ هن کي باقاعدي فلم ڏسڻ، هوٽل ۾ ماني کائڻ ۽ پارڪ ۾ گهمڻ ۽ سندس گهر ۾ هن سان رات گذارڻ

لاءِ گهرائڻ لڳي.

خٽاب توڙي پنهنجي مسجد جي جمعاتين منجهه عثمان جي هاڻ گلا ۽ بدنامي ٿيڻ لڳي. سندس مولوين واري ٽوپي، مذهبي عالمن وارو ململ جو ڪڙتو ۽ اتم اتاهين هجڻ جو ڏيک ڏيڻ واري مهنگي گوڏ (سرونگ) به هاڻ ڪنهن جو ڌيان ڇڪائي نٿي سگهي. جيتوڻيڪ سندس آواز ۾ اجا ميٺاج هو.

عثمان پاڻ به هاڻ ڪنهن جي موتي فوتي يا ختمي درود جي دعوت تي وڃڻ ڇڏي ڏنو. پنهنجي محبوبا ڪارڻ سندس پيڻ جي سڏ تي ڪوٽا باروءِ ضرور ويندو هو پر صبح تائين ٽڪڻ بدران رات جي اونداهي ۾ ئي واپس ورندو هو- جيئن دشمن سان مهاڏو ٿي وڃي ۽ ڪانئن پهرين مار جو بدلو وٺي سگهي.

پر هو ان ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو. هڪ دفعو وري مٿس حملو ٿيو ۽ هن دفعي ڪيس ايترو ته ماريو ويو جو ڌڪن جا نشان نرڙ تي اکيان ئي اکيان ظاهر ٿي پيس.

شڪست جو احساس دل ۾ دفن ڪري، هڪ ڏينهن هو ماٺ منوڙي ۾ خٽاب ۽ ڪلينتان رياست کي هميشه الوداع چئي ٻي جاءِ ۽ ٻي ديس ڏانهن نڪري پيو. هن سلماح سان به نه ڳالهايو.

ڪلينتان رياست ۾ رهڻ دوران هن سان پيش آيل تجربن هن جي ذهن تي تمام اونهو اثر ڇڏيو.

واتي ڪئالا ترنگانو شهر ۾ هن ڪجهه زالن کي چانور وڪڻندو ڏٺو. ڪجهه گهڙين لاءِ هن جو ڌيان پنهنجي مالڪڻ ڏي هليو ويو، ۽ ان مزي ڏي جيڪو ڪيس سندس سنگت ۽ صحبت مان مليو ۽ انهن نشانن ۽ مار ڏي جيڪا هن کي ملي.

هن اهوئي فيصلو ڪيو ته ڇا به ٿي پوي ته هو صاف سٿري ۽ سچائي واري زندگي بسر ڪندو. هوپنهنجي ڳوٺ وڃڻ جو شوق پورو ڪري نٿي سگهيو جو ان لاءِ هن کي اجا به ا نتظار ڪرڻ ضروري هو- جيسين ماڻهو سندس ڪيل چوريون ۽ ڏوهه وساري ڇڏين ۽ ساڳي وقت سندس دل مان پڻ ان جو احساس جرم هميشه هميشه لاءِ نڪري وڃي.

هن جو اهو به خيال هو ته سنگاپور وڃي مزور ٿي ڪمائجي. پر ڪن سببن ڪري سندس اهو ارادو به پورو نه ٿي سگهيو.

ملائيشيا جي اوڀر ڪناري وارن شهرن ۽ ڳوٺن مان لنگهندي هن ڪڏهن ڪٿي رات ٿي گذاري ته ڪڏهن ڪٿي. هڪ رات هو هڪ مسجد ۾ ٽڪي پيو. جيئن صبح جو ان ڳوٺ مان نڪري پنهنجي منزل ڏي روانو ٿي وڃي- جنهن جي هن کي خبر هئي نه سوچ.

ٻئي ڏينهن صبح جو فجر نماز تي ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو سندس مٺي آواز ۾ ڏنل ٻانگ ٻڌي اچي مسجد ۾ گڏ ٿيا.

هنن سڀني کيس ڳوٺ ڇڏڻ کان جهليو ۽ منٿون ڪيون ته هو ان مسجد جو پيش امام ۽ استاد ٿي سندن ئي ڳوٺ ۾ ٽڪي پوي جيئن ڳوٺ جا ٻار هن وٽ قرآن ۽ ديني تعليم حاصل ڪري سگهن.

پهرين وانگر زندگي هڪ دفعو وري هن لاءِ ڏکي ۽ سخت ٿي پيئي. قرآن پڙهائڻ جي عيوض جيڪو کيس اجورومليو ٿي سو بنهه ٿورو هو ۽ هن ڇڪي تاڻي گذارو ڪيو ٿي. اهو سو

ضرور هو ته ڳوٺ جي وڏيري کيس ٻيلي جي پر ۾ ڪجهه زمين پورڏيئي ڇڏيو هو جنهن جي هڪ حصي ۾ هن خٽاب هلايو ٿي ۽ باقيءَ ۾ ڪائڻ لاءِ ڪٽا پوکيا هئائين.

ڳوٺ جي مائيٽي ماحول سندن دل ۾ اڪيلائيءَ جو احساس هيڪاندو وڌائي ڇڏيو. هن کي جيتوڻيڪ سلماح يا سندس پيڻ جهڙي ڪا سهڻي چوڪري نظر نٿي آئي، پر تڏهن به ڪنهن جي ساٿ جي ضرورت سخت محسوس ڪئي ۽ نه فقط جسماني ساٿ ڪارڻ پر روح جي غذا خاطر پڻ- جنهن سان ڳالهائي ٻولهائي سگهي. جنهن سان پاڻ کي وابسته ڪري سگهي. کيس سندس زندگي هڪ وڏي غار لڳي ٿي جيڪا چوڌاري خالي خولي هجي.

هن ان خالي، اڪيلي ۽ اونداهي غار ۾ ڪنهن عورت جو آواز ٻڌڻ چاهيو ٿي. ڪنهن به عورت جو. ضروري نه هو ته هو آواز ڪنهن هيڪاندي سهڻي عورت جو هجي،يا ڪنهن امير گهراڻي جي عورت جو هجي. هن کي اڪيلائيءَ ۽ خاموشيءَ هاڻ بي وس ڪري رکيو.

خٽاب ۾ ايندڙ ٻارن کي پڙهائڻ۾ جيتوڻيڪ هاڻ سندس ڇڳيءَ طرح دل لڳي ويئي ۽ هو اهوئي چاهڻ لڳو ته ماٺ ڪان ته انهن ٻارن جي پڙهڻ جا آواز هر وقت ايندا رهن.

جنهن وقت به هن شاديءَ جو سوچيو ٿي ته سندس اندر جي غار ۾ وڌيڪ اونداهي ٿي ٿي وئي. هو تمام غريب هو. شاديءَ لاءِ ڪجهه پئسي ڏوڪڙ جو هجڻ ضروري هو.

ٿوري ٻنيءَ پور ۽ جهوپڙي ڪانسواءِ هن وٽ هڪ مينهن پڻ هئي. سندس شادي جي خرچ پکي کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ وهٽ ڪافي هو. مينهن ڀٽاري ڊڪيل هئي. جيڪڏهن هن کي وڃ ڄائي ته مينهن کي وڪڻي پئسو شاديءَ جي خرچ تي لڳائيندو.

هن جنهن وقت به هاڻ مينهن کي ڏٺو ٿي ته کيس پنهنجي نرڙ تي مار جا نشان ياد آيا ٿي. انهن نشانين جي سپني کي خبر پئجي چڪي هئي. اهي نشان سندس خوشيءَ لاءِ وڏي رنڊڪ هئا. هر هڪ کي سندس ڪيلنتان واري پراڻي عشق ۽ رقابت جي ڄاڻ پئجي چڪي هئي. هن گهڻوئي ڪوشش ڪئي ته ماڻهو يقين ڪن ته هو اهي سپ ڳالهيون ڇڏي هڪ نئون ماڻهو ٿي پيو آهي. سندس اهي ڳالهيون ڳوٺ ۾ هلائڻ ۾ هڪ نوجوان عالم جو هٿ هو جيڪو ڪيلنتان ۾ رهيو ٿي. هوڳوٺ جي مُلين جو پٽ هو.

عثمان هاڻ مڱڻي جي تيارين ۾ هو ته اهو نوجوان عالم رمضان جي روزن ڪري ڳوٺ پهچي ويو. هن کي عثمان جي ارادن جي ڄاڻ پئجي ويئي.

ٻن ڏينهن ڪانپوءِ عثمان جي مينهن جي پوين ٽنگن واريون نسون ڪو ڪاتي سان ڪپي ويو. بي زبان جانور جي ٽنگن ۾ اهو ست نه رهيو جو ڪٽي بيهي سگهي. ڪيترن ڏينهن جي سخت سور بعد نيٺ مينهن مري ويئي. ڦر به سندس پيٽ ۾ئي ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو.

ڦر جو موت معنى عثمان جي اميدن جو موت ٿي ويو. عثمانکي جيئن ئي خبر پيئي ته ساٿس اها جٽ ٻئي نه پر ان نوجوان عالم ڪئي آهي ته سندس حالت ئي ٻي ٿي ويئي.

جمعي نماز دوران عثمان ڳوٺ جي ملين جي پٽ- نوجوان عالم تي حملو ڪيو. هو اڇي رنگ جي ڪڙتي ۽ اوڇي گوڏ (سرونگ) ۾ ملبوس هو. عثمان ڪاتيءَ سان سندس ڌڙ ڌار ڪري ڇڏيو.

عثمان ڪڏهن سوچيو به نه هو ته مسجد اڳيان هيترن جماعتين جي ميڙ ۾ هڪ عالم ٻئي عالم جو خون ڪندو.

ان بعد ماڻهن جي واتئون ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌيون ويون. ڪن اهو به چيو ته ٻنهي جو جهيڙو هڪ ڇوڪريءَ تي هو. پر حقيقت اها هئي ته عثمان پنهنجي رقيب کي ان ڪري ماريو جو مينهن جي مرڻ ڪري سندس اميدن جو قتل ٿي ويو هو. مينهن هن جو کهڙوڏوهه ڪيو جو هن مينهن کي ماريو.

عثمان جي مستقبل جو سڄو دارومدار مينهنء سندس ڦر تي هو. هن لاءِ اهو ذرو به اهم نه هو ته آيا نوجوان عالم ان ساڳي ڇوڪريءَ تي عاشق هو يا نه. هن جي مينهن جيڪڏهن نه مري ها ته هو ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ به تيار هو.

دل شڪستو ٿي، عثمان ان سڄي ڳالهه جو الزام سماج تي هنيو. جنهن هن کي ڪڏهن به سئو نٿي. هن هڪ دفعو پنهنجو پاڻ ۽ مستقبل پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو.

هنن کي جيڪا سزا ڏيڻي هجي پلي ڏين. هن معافيءَ لاءِ هڪ اکر به نه ڪڇيو. هن جج کي اهو هرگز نٿي ٻڌائڻ چاهيو ته هي ان ڪري تباهه ٿي ويو جو ڪنهن به هن جي نيڪ نيتي تي اعتبار نٿي ڪيو.

*ڪيرس ماس (Keris Mas)*

[هن ملئي افساني- 'ضدي' جو ليکڪ ڪيرس ماس آهي. اهو سندس قلمي نالو آهي. اصلي نالو ڪمال الدين محمد آهي. پاڻ 1922ع ۾ ملائيشيا جي رياست پهانگ ۾ ڄائو. پاڻ صحافي ۽ سرڪاري پبلشنگ هائوس Dewan Bahasa Da Pustaka ڪوالالمپور، جو ايڊيٽر پڻ آهي.]

نوٽ

منهنجي نئين ڪتاب Proverbs of Far- East جو پيش لفظ محترمه بينظير ڀٽو کان علاوه ڪيرس ماس پڻ لکيو آهي. پاڻ ويجهڙائيءَ ۾ ڪوالالمپور ۾ گذاري ويو.

الطاف شيخ (مترجم)

# شادي

هن جيڪو محفلن ۾ ماڻهن ۾ ڏيک ڏنو ٿي ان کان گهر وارو يا سندس پرائيويٽ زندگيءَ وارو ڏيک بلڪل نرالو ۽ تعجب خيز هو. ٻاهر آفيس يا دعوتن ۾ هو عاليشان ڪوٽ سوٽ ۾ تمام شان شوڪت وارو، رعبدار ۽ عزت ماب لڳو ٿي. وارن کي سڌي ڦڻي ڏيئي پنيان سڌا ۽ لسا ڪري هليو ٿي. سندس وڏي عمر واري منهن مان ڏيا ۽ ڳهاٽن ٿلهن پرن مان مشرقي عقل ظاهر ٿيو ٿي. ههڙي حال ۾ ڏسي هن جي زال کي مٿس پيار ضرور اچڻ کپي پر هيلن کي سندس هي پوڙهو مڙس فقط ان وقت وڻندو هو جڏهن هو سليٽي رنگ جي مرسڊيز 600 ڪار ۾، اچي ويهندو هو- جنهن جهڙيون ڪارون سڄيءَ سينگاپور ۾ ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون مس هيون.

پر گهر ۾- ڇا ڳالهه ڪجي، گهر ۾ هو ڇڻ ناقابل برداشت هو- جنهن جو سوچي هيلن جا چپ ڏڪي ويا ٿي. گهر ۾ اچي جڏهن هو نقلي ڏندن جو جُٽ وات مان ٻاهر ڪڍندو هو ته سندس وات جي ٻاهر واري لسائي ڳهٻ ٿاهي اندر هلي ويندي هئي ۽ ڇپن جي چوڌاري گهنج گهنج نظر ايندا هئا. پنهنجي عمر، پنجن سالن، کان به پوڙهو لڳندو هو. سوٽي ڍرو ڪڇو ۽ گنجي پائي، پلنگ تي هيلن جو انتظار ڪندو هو. ٽنگن ۽ ٻانهن جون لڙڪندڙ مشڪون ۽ نظر ايندڙ سائي رنگ جون نسون شريانيون ڪيس ويتر ڊپ جهڙو ڪنديون هيون ۽ سندس پرسان وڃي سمهڻ مهل هيلن کي چڱو همت کان ڪم وٺڻو پوندو هو. ۽ پوءِ هن جي دلي خواهش موجب ڪيس پيار پريل نالن سان سڏڻ ۽ بدن تي ٽڏڙا ڪڍڻ، جيسين ننڊ اچيس، هيلن جي اهم ڊيوٽين مان هو. پوءِ اک لڳڻ سان سندس کونگهرا ٻڌڻ وٽان هوندا هئا. گگ وات جي پاسن کان لاڙ ڪري ڳڙندي هيس. اهڙن موقعن تي هيلن پنهنجي جسم جي لسي، صاف ۽ جوان گوري چمڙي- جنهن لاءِ تازو هلٽن هوٽل ۾ سندس اسڪولي ڏينهن جي ڪلاس ميٽ ڪوانگ ليءَ تعريف جا ڍڪ پريا هئا. سندس مڙس جي پوڙهي لڙڪيل ۽ گهنجيل کل سان پيٽي، ڏاڍو ڏک ٿيندو هوس. هڪ دفعو ته ان بابت سوچي سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا پر پوءِ هن جلدي انهن کي اگهي ورتو جو اهي مڙسس مٿان ڪرن ها ته ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏهه سوال ڪريس ها. اهو ڪير سوچي نٿو سگهي ته هو ڪيترو ڪنڊي دماغ جو آهي. هڪ دفعي هو پارٽيءَ ۾ ويا جتي هيلن پنهنجي منهن خوش گذّاريو. واپسيءَ تي گهر پهچي جنهن وقت هو سمهڻ لاءِ ڪپڙا بدلائي رهيا هئا ته مڙسس ڪائنس پڇيو ته آيا هوءَ سائنس شادي ڪري پڇتائي ته نه رهي آهي جو هوءَ هڪ جوان ۽ سهڻي عورت آهي ۽ پاڻ ذري گهٽ ستر سالن کي پهچڻ وارو هڪ پوڙهو مڙس؟ ڇا هن کي ان جو افسوس ته نه آهي ته هو جيڪر پاڻ جهڙي نوجوان سان شادي ڪري ها- اهڙي ڪنهن سهڻي جوان سان جنهن جهڙي ڳپرو جوان سان اڄ پارٽيءَ ۾ ذري ذري کلي ڳالهائي رهي هئي. جيڪو واقعي سهڻو ۽ جواني جي جوش سان پريل لڳو ٿي. جنهن جي مقابلي ۾ پاڻ پيريءَ جي ڪمزوري ۽ نستائيءَ ڪري ڪجهه ڪمن کان مٿي چڙهي چڪو آهي.

نه، نه نه، هيلن هن کي خاطري ڏني، جو سندس جسم ۾ ڇڻ ڊپ جي لهري ڊوڙي ويئي- نه،

هو فقط هن کي ئي چاهي ٿي، ڇا ٿي پيو جي هو پوڙهو آهي؟ هن کي پاڻ ئي ته قبول ڪيو اٿس. ڪنهن به ٻئي مٿس زوري مڙهيو ناهي. هن کيس چاهيو ٿي ۽ هميشه چاهيندي.

”ٿلهن پُرن وارين اکين کيس ڪجهه گهڙين لاءِ چتائي ڏٺو.

”ڏهه لک. مون توکي پنهنجي شادي لاءِ ڏهه لک ڏنا ۽ ٿي لک تنهنجي ماءُ پيءُ کي-“ اهي اکيون جڻ کيس اهو ياد ڏيارينديون هيون، ۽ هوءَ ڏکي ويندي هئي. سنهي نائٽي پائي اچي هن جي پرسان ستي، نه چاهيندي به سندس اگهاڙي پٺيءَ تي پنهنجن آڱرين سان ٽڏڙا ڪڍڻ لڳي. رکي رکي سندس دل ڪچي ٿيڻ ڪري جڻ ابراڪ ٿي آيا. سندس دل، ماٺ ئي ماٺ، ۾ دانهون ڪندي رهي.

پوءِ جلدئي مڙسس کي ننڊ ڪٽي ويئي. ۽ هيلن ان وقت ڪانپوءِ دعوت پارٽين ۾بيحد خبردار ٿي هلڻ لڳي- خاص ڪري جڏهن ڪوانگ يا ڪو ٻيو نوجوان اهڙين دعوتن ۾ موجود هوندو هو. ڪوانگ کان ته هوءَ هيڪاندو پاسيرو ٿيڻ لڳي، پر جتي به هو موجود هوندو هو ته هيلن کي هڪدم محسوس ٿي ويندو هو ته ڪوانگ هميشه کيس غور سان ڏسي رهيو آهي. هيلن جڏهن به مڙس سان اڪيلي، ڪمري ۾ هوندي هئي ته چاٽي ٻجهي ڪوانگ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي هئي- پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو؟ مٿي ۾ ڪا هوا پريل اٿس. ڪڏهن به ڪنهن اهڙو گڏهه نه ڏٺو هوندو. هن کي گاريون ڏيڻ تي سندس مڙس کي جا خوشي رسندي هئي سا ڏسڻ وٽان هوندي هئي ۽ هوءَ پڻ ان مان لطف وٺندي هئي ۽ رکي رکي ڪوانگ کي شدمد سان گاريون ڏيندي هئي ۽ سندس مڙس ٿورائتين نگاهن سان هن کي ڏسندو هو.

پنهنجو پاڻ کي دوکي ۾ رکڻ جو بار هيلن لاءِ تمام ڳرو هو. چين تي مرڪ- هن کي هر وقت رکڻي پيئي ٿي. هيلن لاءِ اهو به ضروري هو ته سندس پڙهو مڙس جڏهن ڊائريڪٽرن جي ميٽنگ لاءِ وڃي ته ڪار مان مرڪي ڪائنس موڪلائي. جڏهن واپس گهر اچي ته مرڪي سندس آڌر ڀاءُ ڪري، چاڪاڻ جو انهن ڳالهين هن کي خوش رکيو ٿي. ٿورو به چهرو غمگين ڪرڻ تي هن کي سوين شڪ ۽ وسوسا پيدا ٿي سگهيا ٿي. ۽ پوءِ اجاين سجاين سوالن جا سلسلا هوندا هئا جن جو خاتمو نٿي ٿيو- هيلن کي انهن ڳالهين سخت منجهايو ۽ پريشان ڪيو ٿي: ڇا هوءَ خوش ناهي؟ ڇا هوءَ ساڻس شادي ڪري پڇتائي رهي آهي؟ ڇا.... وغيره وغيره.

مون کي دلي سڪون ضروري آهي. مون کي کپي ته آئون پنهنجي مڙس کي خوش رکان، هر وقت آٿت ڏيان. اسان جي هن شاديءَ کي ڪنهن به صورت ۾ ڇيهو رسڻ نه کپي. هن کي اندر ۾ وٺ پوڻ لڳا. هن شاديءَ ۾ ڪنهن به قسم جو رُخنو پوڻ نه کپي نه ته سندس ماءٌ پيءُ چوندا: ”ڏٺئي هيلن. اسان ته اڳهين چيو ٿي، ته تون يونيورسٽي جي گريجوئيٽ آهين، ننڍي آهين، سهڻي آهين، هن پوڙهي کڳي سان شادي ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي.“ هن جا پهرين زال وارا پٽ ۽ ڌيئون خوش ٿينديون ۽ کيس زهر پريا جملا چونديون.:”اسان ته اُهين چيوپئي ته هوءَ توهان سان پئسي خاطر شادي ڪري ٿي.“ اخبار وارا به ان خبر کي چڱي طرح رنگ روغن هڻي پهرين صفحي تي ڏيندا ته سنگاپور جي امير ترين شخص جي شادي جيڪا هڪ سهڻي ۽ ننڍي عمر جي ڇوڪريءَ سان ٿي هئي- جنهن جا فوٽو هر مهيني به ٽي دفعا اخبارن ۾ ايندا. رهن ٿا، ڪڏهن ٻارن کي انعام ڏيندي، ڪڏهن پوڙهن ماڻهن جي سوسائٽي جو افتتاح ڪندي، ڪڏهن عمارتن جو بنيادي پٿر رکندي- جو

مڙس سان ڦڏو ٿي پيو آهي ۽ طلاق جي گهر ڪئي اٿس.

نه نه. هن شاديءَ کي ڪجهه به نقصان رسڻ نه ڪپي ۽ جيڪڏهن سندن تعلقات ۾ ڪجهه فرق اچڻ جي ماڻهن کي خبر پئي ته سندس اسڪولي ڏينهن وارو يار ڪوانگ سڀ کان گهڻو ڪلندو. ”مون کي ته هر وقت ان جي ڄاڻ هئي ۽ پڪ هئي ته هڪ ڏينهن اهوئي انجام ٿيندو.“ هو غور سان پنهنجي ڪارين اکين سان ڏسي چوندو.

هن کان ڪڏهن به اهو برداشت نٿي ٿيو ته ڪوانگ کو مٿس چٿرون ڪري- چاهي هن ۾ لفظن سان ڪجهه ڪچڻ جي عادت نه هئي پر سندس شڪي شڪي نهار ۽ چپن ۾ پڪوڙيل مرڪ جو سچو مطلب هر هڪ چڱي طرح سمجهي سگهيو ٿي. هڪ دفعي هي سڀ هڪ اهڙي دعوت ۾ مليا هئا جيڪي شهر جي اهم ماڻهن طرفان هڪ شاندار عمارت ۾ ڪئي ويئي هئي- جنهن جي ٺهڻ لاءِ سندس مڙس لکين ڊالر امداد طور ڏنا هئا. آخر ۾ مڙسس کي تقرير لاءِ عرض ڪيو ويو. سندس مڙس انگريزي تقرير کان هميشه نٽائيندو هو. ڇو جو انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ اچارڻ ۾ هن کي ڏکيائي ٿي ٿي. لکيل تقرير پڙهڻ ۾ به هٻڪيو ٿي ۽ اهڙيون چڪون ڪري ويو ٿي، جو هن کي خود به شرم آيو ٿي. هون انگريزي سکڻ لاءِ انگلينڊ مان هن هڪ خاص ماستر هوائي جهاز رستي گهرائي پاڻ وٽ ڪجهه عرصي لاءِ رکيو هو. پر هن جا پڙهيل سبق ڪي خاص مددگار ثابت نه ٿيا. تاڙين جي آڌر پاءَ تي هو تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيو. هيلن سندس پر ۾ ويئي. تقرير دوران ماڻهن جي منهن تي لهندڙ چڙهندڙ تاثر پڙهڻ لڳي. سندس پوڙهي مڙس انگريزي تقرير جا ڪيترائي لفظ اهڙا ته غلط سلط اچاريا جو هو اڪيلي هجي ها ته شرم کان وڃي سڃي وڃي ها پر هينئر شهر جي عملدارن ۽ معزز مهمانن جي سامهون شان سان سڌي ٿي ويئي رهي. انهيءَ وچ ۾ هڪ دفعو سندس اکيون ڪوانگ جي اکين سان مليون- ان ئي وقت ڪوانگ ٿوريءَ گهڙيءَ لاءِ نموني سان پنهنجي اکين کي ڇپڪو ڏيئي، چپن کي پڪوڙي مرڪيو ۽ پوءِ وري سڌو ٿي ٻين وانگر نهٺائيءَ سان ڏسڻ لڳو. ڇڻ ڪا ڳالهه ئي نه ٿي هجي. ان وقت هيلن کي مٿس سخت چڙ آئي پر پوءِ ان عمارت مان نڪرڻ وقت، پنهنجي مڙس جي ٻانهن سان جواب ڏنو. جيئن هر هڪ کي خبر پوي ته هوءَ هن پوڙهي مڙس سان خوش آهي. ماٺ منوڙي ۾ غمگين رهي هن ڪوانگ کي اهو احساس هرگز سوپارو بنائڻ نٿي چاهيو ته هوءَ هن زندگي ۽ پوڙهي مڙس مان ناخوش آهي. آئون بلڪل خوش آهيان، هن پنهنجي مُرڪ سان هٿ لوڏي ان ڳالهه جو ڏيک ڏنو، آئون پنهنجي مڙس سان خوش آهيان ۽ مون کي هن لاءِ پيار آهي.

ڪوانگ هيلن کي چاهيو هو، ۽ اڄ به ضرور هن کي چاهي ٿو نه ته ائين ڇو هلي. هو ٻئي لنڊن ۾ ساڳي يونيورسٽي ۾ پڙهندا هئا. پر هيلن ان وقت ڪوانگ کي ايترو گهڻو سڃاڻندي نه هئي، جو مختلف ٽولن ۾ هجڻ ڪري الڳ الڳ گهمڻ ڦرڻ لاءِ ويندا هئا. لنڊن مان موٽڻ تي هيلن هڪدم اچي شادي ڪئي. پوءِ جڏهن هڪ فنڪشن ۾ هيلن ڪوانگ کي پنهنجي مڙس سان ملايو ته هن کي ياد آيو ته ڪوانگ جي چهري تي ڪجهه گهڙين لاءِ تعجب ۽ تنقيد جا تاثر تري آيا هئا. پر هيلن ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. ان بعد ڪيتري وقت تائين هيلن کي ڪوانگ نظر نه آيو ۽ پوءِ هنن جي وري هڪ دعوت ۾ گڏجاڻي ٿي. سندس مڙس ان دعوت ۾ ڪونه هو ۽ ڪوانگ هن جي پر ۾ ويهي

ڳالهيون ڪرڻ لڳو. هو سڄو وقت سندس سونهن سوڀيان جي تعريف ڪندو رهيو ۽ هيلن کي پڻ احساس هو ته سندس ڀڙڪندڙ جواني، ٺهڪندڙ ڪپڙا ۽ چمڪندڙ هيرا ڪوانگ کي پڪ موهيندا هوندا. ڪوانگ ڪجهه گهڻو پيئڻ ڪري نشي ۾ ته ڪٿي نه هو پر سرور ۾ ضرور هو. تڏهن ته هو پنهنجي عادت جي خلاف، هيڏانهن هوڏانهن ڌيان ڏيڻ بدران اها سڄي شام هن جي سونهن جي تعريف ڪندو رهيو. پنهنجي تعريف ٻڌي، سچي ڳالهه ته اها هئي ته هيلن کي مزو به اچي رهيو هو ۽ هيلن کي ڪڏهن به پهرين اهڙو لطف نه آيو، پر گهر موٽڻ تي جڏهن پوڙهي مڙس دعوت بابت پڇيس ته دعوت ڪيئن لڳي ته جواب اوٻاسي ڏيئي، ڳچي مان هار لاهيندي چپن ۾ پڙڪيو "جاني، بس، اجهو هميشه وانگر سخت بور هئي. ڪاش تون به هجين ها، ڊارلنگ. پر منهنجي خيال۾ ته تو جهڙي امير ۽ اهم ماڻهو- مسٽر لِنگ- اَو- ساڪ جي زال هجڻ ڪري، شهر جي اهڙين وڏين پارٽين، دعوتن ۽ ٻي ان قسم جي ڏوڙ ڇا هيءَ کي منهن ڏيڻو ئي پوندو."

هيلن کي خبر هئي ته سندس پوڙهو مڙس ان قسم جي ڳالهه ٻڌي دل ئي دل ۾ نري پوندو هو. سو هوءَ اهڙي انداز ۾ ڳالهائيندي رهي. هيلن کي خبر هئي ته هو ان وقت به خوش ٿيندو آهي جڏهن هوءَ کيس پنهنجي چولي جي پٺين زپ مٿي ڪرڻ لاءِ چوندي آهي يا رات جو نائٽي پائڻ وقت ان جي چونڊ ڪائنس ڪرائيندي آهي. پر هن کي اها خبر ئي نه پوندي هوندي ته هن جي پوڙهي ۽ کهري هٿ جي ڇهاءَ سان هو ڪيڏو چرڪيو وڃي ٿي. پر اها اٽل پاٽل، اها ولوڙ، اهو سڀ ڪجهه هن جي اندر ۾ ٿيو ٿي جنهن جي ڪل هن ڪنهن ريت به پنهنجي مڙس کي ڏيڻ نٿي چاهي.ا ندر ۾ ٻي چيني پر ٻاهران مرڪ ۽ کل کلڪي جو جڻ ماسڪ پائي هلي ٿي.

هن پنهنجو پاڻ کي چيو: آئون هن ريت ڪيترو وقت هلي سگهان ٿي، مون کي ڇا ڪرڻ کپي؟ انهن ڏينهن ۾ ڪوانگ وٽان هڪ خط آيو- هن يڪدم وني، ان کي کولي وڏي آتولپڻ مان پڙهيو. ڇا ته ديد دليري ڇنبي، جو هن کيس ويهي خط لکيو آهي. هڪ شادي شده عورت کي، جيڪا سنگاپور جي هڪ امير ۽ بااثر چينيءَ جي زال آهي. ڇا هن اهو به نه سوچيو ته اهو خط پنهنجي مڙس کي به ڏيکاري سگهي ٿي، جنهن جي فقط فون کڻڻ سان ٻئي ڏينهن کان ڪوانگ نوڪريءَ کان هٿ ڌوئي سگهيو ٿي.

هن ڌڪندي خط پڙهيو، ۽ پوءِ هوءَ ڇهه دفعا ان خط کي پڙهي ويئي، جيسين هڪ هڪ لفظ کيس زباني ياد ٿي ويو. خط ڏينهن جي روشنيءَ وانگر صاف ۽ چٽو هو ته ڪوانگ هن کي چاهيو ٿي ۽ پيار ڪيو ٿي! هن جي دليري ۽ ان جي سوچ تي ايندڙ غصو في الحال هن کان وسري ويو. ان بدران سڪون ۽ خوشي جو چمڪاٽ سندس اندر ۾ محسوس ٿيو- هو هن کي چاهي ٿو ۽ هوءَ به ان سوچ ۾ هئي ته هو کيس ضرور چاهي ٿو. هوءَ ضرور پيار جوڳي آهي ۽ هو هن کي ضرور چاهيندو هوندو. هن لاءِ اهو ڪافي هو ته ڪو هن لاءِ تانگهي ٿو. ياد ڪري ٿو، پيار ڪري ٿو- پري پري کان ئي سهي. آخرڪار زندگي برداشت ۽ سهپ جو نالو آهي، ۽ هيلن هيڏانهن هوڏانهن سماجي محفلون، دعوتون ۽ فنڪشن اٽينڊ ڪندي رهي هئي پر هن ڪڏهن به خوشي محسوس نه ڪئي. سندس چاهيندڙ ڪوانگ ڇا خط جي جواب جي اميد رکي ٿي؟ هوءَ جواب۾هن

ڪي ڪجهه به نه ڏيندي، هيلن لاءِ ايترو ڪافي هو ته هڪ نوجوان ڪيس گهريو ٿي، ڪيس پيار ڪيو ٿي.

ان بعد هيلن ڪيترائي دفعا ڪوانگ سان گڏ هڪ عورت کي ڏٺو، هڪ دفعو جڏهن هوءَ مندارن بيوٽي پارلر تان وار ٺهرائي موٽي رهي هئي، ٻه دفعا هڪ فنڪشن ۾، عورت قد ۾ ننڍي پر بيحد پرڪشش هئي. هيلن اس جي ڪنڌن تان هنن ٻنهي کي غور سان ڏٺو. ڪوانگ هن کي ساڻن جي ڪوشش ۾ هو. هو خط جو جواب نه ملڻ جيڪاوڙ ان ريت ڪڍي رهيو هو. ڪوانگ جي اڏ ڏڪار ۽ هاڻ اهميت نه ڏيڻ واري احساس هيلن جي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا. هوءَ به هن کي ڪري ڏيکاريندي. ۽ هاڻ هن بابت سوچيندي به نه. ڊائنسٽي هوٽل ۾ ڊنر تي، هيلن سچ پچ هنن ڏي وڌي وڃي نرمائيءَ سان ڳالهايو. اهو سڄو وقت مرڪندي، خوش مزاجيءَ جو اظهار ڪندي رهي. ڪوانگ ٻڌايس ته هوءَ سندس مڱيندي آهي ۽ ٻئي مهيني سندس شادي ٿي رهي آهي. هيلن کين وڏي دل سان مبارڪباد ڏني، کيس خبر پيئي پئي ته ڪوانگ اک ٽيٽ سان سندس اندر جو حال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيو. وقت ويجهو اچڻ تي هيلن هن کي شاديءَ جو تحفو موڪلي ڏنو، جيڪوهن پنهنجي مڙس کي ڏيکاري ٻڌايو ته اهو سندس يونيورسٽي جي ڪلاس ميٽ نوجوان ڪوانگ لاءِ آهي جنهن سان پهريون دفعو ڳالهائيندو ڏسي، هن کي ياد هوندو ته هن کي ڏاڍو ساڙ ٿيو هو. ٿيو هو نه-؟ اهو چئي هو کلڻ لڳا.

هيلن کي مڙسس ياد ڏياريو ته سندن شادي جو چوٿون سال جاڻ ته شروع ٿيو. ڇا کيس خبر آهي ته هو اهو ڏينهن ڪيئن ملهائڻ جو سوچي رهيو آهي؟ اميد ته گذريل سال وانگر گوڙ گهمسان واري دعوت نه ڪندين. هيلن چيس. مون کان جي پڇين ته آئون ته اهو چاهيندس ته اهو ڏينهن جيتري قدر ٿي سگهي ته ماٺ مٺوڙي ۾ گذارڻ کپي. فقط پاڻ ٻه هجون پنهنجو پاڻ ۾، اهو ٻڌي هو خوش ٿيو ۽ چيو: ”جي اها ڳالهه آهي ته جيڪي مون دل ۾ سوچيو آهي اهو بلڪل توکي پسند ايندو. جهاز جي سير سپاٽي بابت ڇا خيال آهي؟ هن دنيا جي چڪر تي. سينگارپور کان هوائي کان لاس ائنلجس ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ کان ڦري واپس سنگاپور، بس پاڻ ٻه ئي هونداسين. سڄو ڏينهن تون منهنجي حوالي هونديءَ- ٽڪائڻ واريون نه بورڊ آف ڊائريڪٽرس جون ميٽنگون هونديون ۽ نه ڪي فنڪشن جلسا- پاڻ سڄو ڏينهن بستري ۾“ هونداسين يا جهاز جي ڊيڪ تي، ۽ توکي پنهنجي پوڙهي ۽ ٽڪل مڙس جو خيال رکڻ جو سڄو موقعو ملي ويندو. جنهن ۾تون هاڻ بيحد هوشيار ٿي ويئي آهين.“

”بلڪل، منهنجا جاني، ان کان وڌيڪ مون کي ٻي ڪابه شيءِ بهتر نٿي لڳي.“ هيلن وراڻيو.

[ڪئٿرين لم جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”ٽئڪسي ڊرائيور جي ڪهاڻي“ پڻ هتي ڏجي ٿي.]

# ٽئڪسي ڊرائيور جي ڪهاڻي

مهرباني، محترما، توهان بلڪل بي فڪر رهو. توهان کي ميٽنگ جي ٽائيم کان اڳ اتي پهچائيندس. هن پاسي کان هلڻ بهتر ٿيندو جو ٿوري ٽريفڪ آهي، ۽ ڪار ڦاسڻ جو امڪان پڻ گهٽ آهي منهنجي خيال ۾ اڌ ڪلاڪ اندر پهچي ويندا‌سين سو پريشان ٿيڻ اجايو آهي.

ڇا چيو توهان بيگم صاحبه؟ هائو، هائو، مون کي ٽئڪسي هلائيندي واقعي وڏو عرصو ٿي ويو آهي. اٽڪل ويهن سالن کان هلائيندو اچان. گهڻو اڳ سنگاپور هيئن نه هو جيئن اڄڪلهه سخت مشغول ۽ ماڻهن جي گپا گيهه سان ڀريل آهي. گذريل وقت ۾ سنگاپور وڏيڪ سانتيڪو هو. نه ايترين گهڻيون لاريون ۽ موٽرون هيون ۽ نه ايترا ٽئڪسي ڊرائيور.

ها محترما، چار ڏوڪڙ ٿيو وڃن. بس مڙيئي پيٽ گذر لاءِ ڪافي آهي. ڇا ڪجي. سنگاپور جهڙي شهر ۾ رهڻ لاءِ محنت ڪرڻ تمام ضروري آهي. اسان جهڙن ماڻهن کي، جن وٽ نه تعليم آهي ۽ نه واپار وڙي لاءِ پئسو ڏوڪڙ، پگهر جو ئي پورهيو ڪري زال ۽ ٻارن لاءِ پئسو ڪمائي سگهون ٿا.

هائو، بيگم صاحبا، چڱو وڏو عيال اٿم- اٺ ٻار، ڇهه پٽ، ٻه ڌيئون، وڏوئي ڪٽنب ٿيو. هاٰ! ها! صحيح ناهي. انهن ڏينهن ۾ سينگارپور ۾ڪٿي هئي فئملي پلاننگ! ماڻهن ڪيترائي ٻار ڄڻيا ٿي. هر سال، هڪ ٻار، بلڪل صحيح ناهي. اڄڪلهه گهڻو بهتر آهي. ٻه ٻار، ٽي ٻار، ڪافي ٿيا، بس. حڪومت به ان تي ئي زور ڏيئي پيئي ته ٻن جي انگ تائين ڪافي آهن. يا وڌ ۾ وڌ ٽي بس.

وري به آئون پاڻ وارو آهيان،منهنجا سپ ٻار وڏا ٿي چڪا آهن. چار پٽ روزگار کي لڳل آهن- هڪ واپاري آهي، ٻه ڪلارڪ، هڪ پرائمري اسڪول ۾ ماستر، هڪ نئشل سروس ۾، هڪ اڃا ٻئي درجي ۾ پڙهي پيو. منهنجي وڏي ڌيءَ ويهن سالن جي ٿي ويئي آهي. گهر ۾ ئي رهي ٿي، ماءُ جي مدد ڪري ٿي. نه، اڃا شادي نه ٿي اٿس- تمام گهڻي شرم واري آهي. ڪجهه ڪجهه بيمار به رهي ٿي، پر طبيعت سٺي آهي، تمام چٺيوان ڇوڪري آهي. منهنجي ٻي ڇوڪري- اوهه! بيگم صاحبا! پيءُ لاءِ عذاب ٿيو پون. اهڙيون ڇوڪريون جيڪي شريف ٿي نٿيون هلن ۽ ماءُ پيءُ جي ڇئي ۾ نه آهن. تمام افسوس اٿن، بس قدرت طرفان سزا ٿي. اڄڪلهه، نوجوان اسان وانگر نه آهن. جڏهن اسان ننڍا هئاسين ته اسان وڏن جو چيو هميشه مڃيو ٿي. اسان جي مائٽن جيڪڏهن ڪنهن شيءِ لاءِ جهليو ٿي ته اسان اها هرگز نٿي ڪئي. نه ته ڏنڊي سان علاج ٿيندو هو. منهنجو پيءُ تمام سخت طبيعت جو هو. مائٽن لاءِ اهو سٺو آهي ته هو ٻارن سان سخت ٿي هلن. ٻيءَ صورت ۾ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بيڪار ٿيو وڃن. پوءِ پڙهڻ کان آڱوٺو، هروقت گسائڻ تي روز، نائيٽ ڪلبن ۾ ويندا ۽ پوءِ اتي نشي پتي کان علاوه پيار جهڙا ڏنڏا ڪندا. محترما، توهان منهنجي ڳالهه مڃيون ٿيون يا نه-؟ اڄ جا نوجوان ٻار مائٽن لاءِ مٿي جوسور آهن. بيگم صاحبا، هن ’ڪافي- هائوس‘ جي ٻاهران اهي نوجوان ڏسين پئين-؟ منهنجي ڳالهه تي يقين ڪرين ته اهي

اسڪول جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اٺئي پر نمونو اهڙو رکن پيا ڄڻ ڪن وڏن ماڻهن جا ٻار هجن. ڇا ته پئسو خرچ ڪن ٿا، ڇا سگريٽ ڇڪين ٿا، ڇا گندي ڪپڙي جو فئشن ڪن ٿا ۽ عشق معاشقا ڪن ٿا. هڪ ٽئڪسي ڊرائيور جي حيثيت ۾ آئون ڪانئن سندن افعالن کان چڱيءَ طرح واقف آهيان. محترما، توهان ائين ٻڌايو نه ته ماسترياڻي آهيو؟ خبر ناهي توهان کي اها ڄاڻ آهي يا نه ته هي اسڪول جون ڇوڪريون، پندرهن سورهن سالن جي ڄمار جون، صبح جو گهران ته يونيفارم پائي اسڪول وڃن ٿيون ۽ پوءِ اسڪول بعد واپس گهر نٿيون اچن. هو پاڻ سان ڪتابن جي ٿيلهن ۾ گهمڻ جا ڪپڙا کڻيو نڪرن ٿيون ۽ پوءِ ڪنهن عوامي ٽائليٽ يا هوٽل ۾، يونيفارم لاهي اهي ڪپڙا پائن ٿيون ۽ منهن تي ڏاڍي ميڪ اپ، شيڪ اپ ڪن ٿيون. هنن جا مائٽ سوچي به نٿا سگهن. هو پنهنجن مائرن کي اهوئي ٻڌائي نڪرن ٿيوته اڄ اسڪول ۾ ميٽنگ آهي. جلسو آهي. راندين جي پريڪٽس آهي. هي آهي، هو آهي، پر حقيقت ۾ هو ڪين فقط بيوقوف بنائين ٿيون. اوهه! مئڊم، توهان کي منهنجي ڳالهه تي تعجب ٿو لڳي، پر مونکي خبر آهي. آئون ڪين هِتان هُتان ڪٺندو رهان ٿو. هو گهٽوڪري ڪافي هائوس ۽ هوٽلن ٻاهران واڪ ڪن ۽ پوءِ لانگهائون آمريڪي يا يورپين ٽوئرسٽ سان دوستي ڪري پئسو به حاصل ڪن ٿيون ته لست مزو، به، مئڊم، جي آءٌ توهان کي ٻڌايان ته هنن وٽ ڪيترو پئسو آهي ته شايد توهان کي يقين ئي نه اچي. مان توهان کي ڇا ٻڌايان! گذريل رات، هڪ نوجوان ڇوڪري- شڪل ۾ تمام سهڻي، عاليشان ميڪ اپ ٿيل ۽ سيڪسي ڪپڙا پهريل، منهنجي ٽئڪسي ۾اچي ويني ۽ آرچرڊ مئنشن ڏي وٺي هلڻ لاءِ چيو- جيڪا سنگاپور ۾ انهن ڳالهين کان مشهور آهي، خاص ڪري ان بلڊنگ جي چوٽين ماڙ جا فليٽ ان ڪم لاءِ استعمال ٿين ٿا. لهڻ وقت ڀاڙي لاءِ هن جهڙو پرس کوليو ته مان توهان کي ڇا ٻڌايان! رڳو آمريڪن ڊالر ئي ڊالر هئا- سي به ڏهين ڏهين وارا نوٽ. انهن مان هڪ نوٽ ڪڍي مون کي ڏيندي چيو ته باقي پئسا موٽائڻ جي ضرورت ناهي جو هن کي ايتري دير ترسڻ جو به وقت ناهي. مئڊم، اهو توهان کي ٻڌايان ته هر مهيني هنن ڇوڪرين ۽ سندن آمريڪن بواءِ فرينڊس مان- جيڪي منهنجي ٽئڪسيءَ ۾ ويهن ٿا، مون کي جيترو ڀاڙوملي ٿواوترو باقي عام ماڻهن کان نٿو ملي- جيڪي هر وقت ڀاڙو گهٽائڻ لاءِ ڪرڪندا رهن ٿا، ۽ ڏهه سينٽن جي ريجي واپس وٺڻ لاءِ به هٿ ٽنگيو بيٺا هوندا آهن. اهڙا ڪي ڪي پئسينجر اصل ڇريو ڪريو رکن. پر هي نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ڀاڙي جي معاملي ۾ گهوپي هرگز نٿا ڪن. بس انهن کان جيڪي گهر ته ڏيو ڇڏين. ٽئڪسي ۾ ڇُم ڇٽ ۽ دلپشوري ڪندا رهن ٿا ۽ هو فقط اهوچاهين ٿا ته ٽئڪسي بس هلندي رهي. پوءِ ڀاڙوڪٽي ميٽر جي حساب سان وٺين. آئون توهان کي ڇا ٻڌايان ته ڪي ڪي ٽئڪسي پنيان ايڏوخرچ ڪن ٿا جو بس. اهو اڄهو هيئن، سنگاپور ۾ رات جو هڪ بجي ڪانپوءِ ٽئڪسي جو ڀاڙو ٽئي ٿو، ۽ آئون ان ڪري ان وقت ٽئڪسي هلائڻ پسند ڪريان ٿو. جو ظاهر آهي ته گهڻو ڀاڙو ملي ٿو. روز رات جو آئون الروئا هوٽل يا تنگ ڪورٽ يا آرچرڊمئنشن جي ٻاهران وڃي بيهندو آهيان ۽پوري پڪ سان منهنجو چڱو ڌنڌو ٿيو وڃي. گذريل ڇنڇر تي، بيگم صاحبان، آئون چرچو نه پيو ڪريان، ته فقط هڪ رات ۾ مون ڏيڍ سؤ کن ڊالر ڪمايا هئا! ڪجهه ميٽر تي ڪجهه ائين خرچين طور مليم. ڌارين ملڪن کان آيل ڪجهه سياحن کي اها خبر ناهي ته

ڇوڪريون ڪٿان هٿ ڪجن. سوانهن کي آئون ڇوڪرين جاڏس پٽا ڏيندو آهيان ۽ انهن وٽ وني به ايندو آهيان. جنهن جي بدلي ۾ هو هميشه منهنجو کيسو گرم رکن ٿا. بيگم صاحبا توهان کي ڇا ڇا ٻڌايان جيڪڏهن سڀ ڪجهه ٻڌائڻ شروع ڪريان ته منهنجي ڪهاڻي ڪڏهن به ڪٿي نه سگهي. پر توهان کي آئون ايترو ضرور ٻڌائيندس ته محترما، جيڪڏهن توهان کي ڪا جوان ڌيءَ آهي ۽ هوءَ ڇوي ته امان منهنجي اسڪولم اڄ ميٽنگ يا جلسو آهي ۽ رات جو دير سان موٽنديس، ته توهان ڪڏهن به ائين نه ڇئجو ته هائو هائو، ڀلي. پر توهان هن ڪان پڇا ڪندا ڪريواهو ڇو آهي، ڪٿي آهي ۽ ڪيئن آهي، ۽ پنهنجو پاڻ به وڃي ان جو پتو ڪريو. اڄ جي ٻارن تي بلڪل اعتبار نه ڪجو. جيئن اڳ جي ٻارن تي ڪبو هو. بيگم صاحبا، آئون توهان کي اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٻڌايان ٿو جومون کي پاڻ به جوان ڌيءَ آهي- جنهن کي آئون گهڻو ئي چاهيان ٿو، پڙهڻ ۾ به هوشيار آهي. آئون پاڻ هن جي اسڪول جا رپورٽ ڪارڊ ڏسندو آهيان جنهن ۾ سندس ماسترياڻيون ’ويري گڊ‘، ۽ ’ائڪسيلينٽ‘ وغيره لکنديون آهن. هي منهنجي هوشيار ڌيءَ منهنجو دلپسند ٻار آهي. ڪائنس پڇندو آهيان ته پڙهائيءَ بعد ڇا ڪندينءَ ته جواب ڏيندي آهي ته يونيورسٽي ويندس. منهنجو ٻيو ڪوبه ٻار يونيورسٽيءَ تائين پڙهي نه سگهيو، پر هيءَ جيڪا بيحد هوشيار ۽ سمارٽ آهي ڪو وڏاءُ نه پيو ڪريان- هن جون ماسترياڻيون واقعي هن جي رپورٽ ڪارڊ تي ويري گڊ ۽ ائڪسيلينٽ لکنديون آهن. هوءَ گهر ۾ به پڙهندي آهي، پنهنجي ماءُ کي به مدد ڪرائيندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ٿوري سست پڻ رهي ٿي. ان، هڪ ڏينهن ڇيو ته سندس ماسترياڻي کيس اسڪول ۾ دير تائين ترسي ڪجهه وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڇيو آهي. هن کي ڪجهه وڌيڪ پڙهائڻو آهي جو هوءَ حسابن واري سبجيڪٽ ۾ ڪمزور آهي. سو مون ڇيومانس ته ڀلي. پر پوءِ هوءَ ڏينهن پنيان ڏينهن اهوئي ڇوندي رهي ۽ شام جو دير سان موٽڻ لڳي. ان بعد مليل هوم ورڪ ڪري سمهي رهي ٿي. هڪ ڏينهن، اوهه! محترما! اڄ به اها ڳالهه سوچي مون کي باهه ٿي وڃي- هڪ ڏينهن، آئون پنهنجي ٽئڪسي ۾ وڃي رهيوهوس ته اوچتو ڇا ٿو ڏسان! ڏسان ته هڪ ڇوڪري بلڪل منهنجي ڌيءَ لي ڇوءَ جهڙي، ٻين ڇيني ڇوڪرين سان گڏ،يورپي مردن سان هڪ ڪافي هائوس جي ٻاهران بيني آهي. مون کي يقين ئي نٿي آيو ته اها ڪيئن لي ڇوءِ ٿي سگهي ٿي. منهنجي ڌيءَ ته اسڪول ويل آهي. پر هيءَ ڇوڪري ته يونيفارم بدران، عام ڪپڙن ۽ ميڪ اپ ۾ آهي، ۽ هلڻ چلڻ ۽ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٻي دپي پيئي لڳي. اها منهنجي ڌيءَ ٿي نٿي سگهي. پوءِ هو سڀ اندر ڪافي هائوس ۾ گهڙي ويا ۽ منهنجي دل ڄڻ ٻڏي ويئي- ڇا ڇوندا آهن ملئي زبان ۾، بيگم صاحبا، منهنجي دل ’Susah- Hati‘ ٿي ويئي ۽ مون پنهنجو پاڻ کي ڇيو، آئون ان لي ڇوءِ ۽ سندس پولڙين وارين حرڪتن کي ڏسي رهندس. وري ٻئي ڏينهن ساڳي ڪار! هوءَ ساڳي هنڌ تي نظر آئي. منهنجو ته اندر ئي سڙي ويو. ٽئڪسيءَ کي پاسي تي بيهاري آئون ٻي حيا ڌيءَ ڏي ڊوڙيس. ڳٽر ۾ هٿ وجهي به چار ٺڦڙون واهي ڪڍيون مانس. هوءَ رڙيون ڪندي رهي پر مون ڪابه پرواهه نه ڪئي. ڇڪي آڻي ٽئڪسي ۾ ويهاريومانس ۽ گهر لاهي وري اڄي موچڙا هنيا مانس. منهنجي زال ۽ ڪجهه پاڙي وارن مون کي ڇڪي پري ڪيو. اهي جي وچ ۾ نه پون ها ته شايد ماري ماري ساهه ڪڍان ها. کيس ٽن ڏينهن لاءِ سندس ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيم، سندس اسڪول وارن کي سچ

ٻڌائيندي شرمندو ٿي ٿيس، سو لي چوءِ لاءِ ٻڌايومانس ته بيمار آهي ان ڪري اسڪول اچي نٿي سگهي. بيگم صاحبا منهنجي جاءِ تي توهان هجو ها ته ڇا سوچيو ها؟ هن کي ايترو ذليل ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي هئي جڏهن سندس پيءُ ڏينهن رات پورهيو ڪري نه فقط سندس هر گهرج پوري ڪريو ويٺو هو پر سندس يونيورسٽيءَ جي پڙهائي واري خرچ لاءِ پڻ پئسو گڏ ڪري رهيو هو.

بيگم صاحبا، هينئر سڀ ٺيڪ ٿي ويو. مهرباني. هوءَ هاڻ سواءِ اسڪول جي ڪيڏانهن به وڃي نٿي سگهي. ۽ آئون هن جي ماءُ کي به اها تنبيهه ڪندو رهان ٿو ته هن تي هر وقت نظر رکي، جيڪي ڪجهه ڪري ٿي اهو ڏسندي رهي، ۽ هن جي ساهيڙين کي به اک ۾ رکي- ته اهي ڪهڙي قسم جون ڇوڪريون آهن.آه! محترما، اڄڪلهه جا ٻار ڪيڏو مسئلو آهن پنهنجي مائٽ لاءِ..... ڇا، بيگم صاحبا؟” اوه! معاف ڪجو، محترما، افسوس جو توهان جي ميٽنگ ختم ٿيڻ تائين ترسي نه سگهندس. منهنجي لاءِ وڃڻ ضروري آهي. مهرباني ڪري دل ۾ نه ڪجو. آئون جلدي ۾ آهيان سگهوئي وڃي هوٽل الرواءِ يا آرچرڊ مئنشن پهچان- اتي ڪيترائي نوجوان ٽئڪسيءَ جي انتظار ۾ هوندا. سو، توهان ڪان موڪلائڻ چاهيان ٿو، توهان جي وڏي مهرباني.

*ڪئٿرين لم (Catherine- Lim)*

[”شادي“ ۽ ”ٽئڪسيءَ واري جي ڪهاڻي“ افسانن جي ليکڪا ڪئٿرين آهي. ڪئٿرين- لم سنگاپور جي ڄيائڻ آهي. پاڻ 1964ع ۾ ملايا يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هن وقت ’ڪئٿولڪ جونيئر ڪاليج سنگاپور‘ ۾انگريزي زبان ۽ انگريزي ادب پڙهائي ٿي. پاڻ شادي شده آهي ۽ ٻه ٻار اٿس.]

# ماتا ڪچنگ

اهو منجهند جو وقت هو. خط استوا جو گرم سج پوري چوٽ تي چڙهيل هو جنهن ڪري چوڌاري سخت گرمي ڪان ماڻهن توڙي وهٽن جو جسم ٿي سڙيو. ٻاهر پڪي رستي تي ماٺ ئي ماٺ هئي. رڪي رڪي ڪو ماڻهو لنگهيو ٿي. دڪاندار اُس ڪان بچڻ لاءِ دڪان اڳيان چپريون ڏيئي چڙهيون هيون ۽ سپني ايڏو ٿڪل ۽ ننڊاکڙو محسوس پئي ڪيو جو ڪو رهيل کهيل خريدار اچي نڪتو ٿي ته ته هن کي اٿي گهربل شيءِ ڏيڻ تي به هنن جي دل نٿي چاهيو.

رستي جي پوڇڙ تي هڪ پٿر ۽ سيمنٽ جي وڏي ٿي ماڙ عمارت ٺهيل هئي. اها انصاف جي ڪورٽ هئي. جتي ماڻهن جا قانوني مسئلا سرچايا ويا ٿي.

ان ٽائي ڪورٽ به خالي ٿي چڪي هئي ٿوري دير اڳ هڪ وراثت جو ڪيس ٻڌڻ بعد جج، وڪيل ۽ منشي ماڻهو ماني کائڻ لاءِ گهرن ڏي روانا ٿي چڪا هئا. ڪورٽ جو لوهي شيخن وارو ٻاهريون دروازو بند هو. ان دروازي جي ٻاهران هڪ ملئي همراهه ڪاپي ٽنگ ڪان منڊو، دروازي جي شيخن ۾ هٿ وجهي ڪورٽ ڏي نهاري پنهنجو پاڻ چپن ۾ ڪجهه پڙڪي رهيو هو. رڪي رڪي پنهنجي قميص جي ٻانهن سان منهن جو پگهر اگهيائين ٿي. سندس قميص ڪنهن زماني ۾ اڇي رنگ جي هوندي پر هاڻ هيڊائين ٿي ويئي هئي. سندس پراڻي خاڪي پتلون ۾ ايترا ته ٽنگ ٿي ويا هئا جو اها پتلون بدران مچين ڦاسائڻ جي ڄاري لڳي ٿي. ڪن وڏن ٽنگن مان سندس جسم پڻ ظاهر ٿيو پئي. آيو ويو هن غريب تان چٽرون ۽ چرچا ڪري لنگهي ويو ٿي. سندس نالو ڪجهه ٻيو هو پر هر ڪنهن کيس ماتا ڪچنگ (Mata- Kucing) سڏيو ٿي.

ڪجهه دير ڪورٽ جي در وٽ بيهي پوءِ هو پيرين پنڌ اُس ئي اُس ۾ پگهر ۾ شل ٿيندو گرجا گهر ڏي روانو ٿي ويو. رستي تان ساڳيءَ ريت پڙڪندو ويو ڄڻ ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هجي. سندس پرسان لنگهڻ تي ڄڻو ئي ڄڻو ٻڌڻ ۾ آيو ٿي ته هو هيٺيان جملا ورجائي پيو.

”پروردگار، منهنجاپروردرگار، جن منهنجا پئسا چورايا آهن انهن چورن کي ڳولي، انهن کي سندن ڪئي جي سزاڏي.“

”ماتا ڪچنگ، لڳي ٿو ته اجا الله تنهنجي ٻڌي ئي نٿو؟“ ڪنهن لنگهدڙ مٿس چرچو ڪيو.

پوڙهو ۽ ڏيرو ماتا ڪچنگ جواب ڏيڻ بدران ان ماڻهوءَ ڏي فقط گهوري ڏسڻ لڳو.

هرهڪ دڪاندار کي اهو معلوم هو ته ماتا ڪچنگ هر روز صبحجو ڪورٽ ۾اچي ٿو ۽ منجهند جو گرجا گهر ۾، هو ان ڪم ۾ اهڙو ته پابند آهي جيئن ڪو ڇوڪرو وقت تي اسڪول اچي وڃي.

ماتا ڪچنگ جي هن حال تي پهچڻ جي ڪهاڻي ڳوٺ جا ماڻهواڪثر ٻڌائيندا آهن.

ماتا ڪچنگ جي ڪهاڻي ٻي وڏي لڙائي ختم ٿيڻ واري سال ڪان شروع ٿئي ٿي. ان کي جيتوڻيڪ وڏو عرصو ٿي چڪو آهي پر ماڻهن کي اجا تائين چٽيءَ طرح ياد آهي. هي اهو وقت هو

جڏهن جپانين انگريزن کي پڇائي سنگاپور ۽ ملائيشيا تي قبضو ڪري ورتو هو. هڪ ڏينهن جپانين جو وڏو مسافر جهاز بندرگاهه ۾ پهتو. منجهس چار سؤ کن جپاني سولجر هئا ۽ اٺ يا نوَ سؤ جاوا (انڊونيشيا) مان آندل جاواني پورهيت هئا. لڳو ٿي ته رستي تي پورهيتن کي پيٽ پري کائڻ لاءِ ڪو ويلو اڌ به نه ڏنو ويو آهي جو هو مرندڙ پولڙن وانگر بڪايل هئا. هنن کي جپانين جي مختلف ڪئمپن ۾ پورهئي لاءِ جاوا کان گهرايو ويو هو. جهاز مان لهڻ بعد سڄو ڏينهن ڏکي تي ئي ترسايو ويو. هو سڄو ڏينهن ڪليل آسمان هيٺان سخت اُس ۾ ويٺا رهيا. شام جو ڏهه کن ملٽري ٽرڪون آيون جيڪي هنن کي ٽولن ٽولن ۾ شهرڪان چوڏهن ميل کن پري ڪئمپن ۾ وٺي ويون، جتي کين ڪم ڪرڻو هو. ٻئي ڏينهن کان کين آمدرفت لاءِ پڪا رستا ۽ هوائي جهاز جي لهڻ لاءِ هوائي پٽو ٺاهڻ جي ڪم تي لڳايو ويو.

جپانين وٽ ڪيترائي انگريز به قيدي هئا. هنن جاوانين کي به انهن انگريز قيدين وانگرخراب ترين حال ۾ رکيو ويو هو. سڄو ڏينهن کين پورهئي لاءِ پيڙيو ويو ٿي. سخت پورهئي، اڻ پوري کاڌي،بيماري، اُس ۽ گرميءَ وگهي سوين مري ويا. ماتا ڪچنگ انهن چند خوش نصيبن مان هو جنهن کي رڌ پچاءُ جي ڪم ۾ لڳايوويو جو هڪ ته هو قد ۾ ننڍو هو. ٻيو نه هڪ ٽنگ کان منڊو هو. پر رڌڻي جو پورهيو به ڪو خاص سولو نه هو. اتي ٻڻ هن ڪتي واري زندگي گذاري ٿي.

انهن ڏينهن ۾ جيڪو موت کان بچيو ٿي اهو خوش نصيب سمجهيو ويو ٿي. ماتا ڪچنگ ڪڏهن ڪڏهن بيمار ٿيندو رهيوپر مئوڪونه: اها اهڙي ڳالهه هئي جو هن کي پاڻ به سمجهه ۾ نٿي آئي ته اهڙين تڪليفن ۽ ڪشالن ۾ هو ڪيئن جيئرو رهي سگهيو. بس ڏاڪڙا ۽ سختيون سهندي سهندي نيٺ اهو ڏينهن اچي ويو، جڏهن جپانين جي هار ٿي. انگريز وري آيو ۽ جپانين جي قيد ۽ ڪئمپن ۾ بند ٿيل ماڻهن کي آزادي ملي. جپانين وٽ سال به پورهئي بعد ماتا ڪچنگ جي سوين ساٿين مان فقط ڪي ڊزن به جيئرا وڃي بچيا. بهرحال آزاديءَ وقت ماتا ڪچنگ سخت بيمار هو ۽ انگريزن جي هڪ ننڍڙي عارضي اسپتال ۾ پنهنجي هڪ دوست جي معرفت علاج لاءِ ترسايو ويو. اسپتال جوڊاڪٽر آسٽريليا جو هو جيڪو نهايت نيڪ ۽ محنتي هو. هن مريضن جو تمام گهڻو خيال رکيو ٿي ۽ ڇهن هفتن اندر ماتا ڪچنگ کي ڊسچارج ڪيو ويو.ماتا ڪچنگ يا سندس ساٿين کي واپس پنهنجي وطن جاوا وڃڻ جو ڪوبه آسرو اميد نه هو، جو هنن وٽ سواءِ ان هڪ وڳي جي جيڪو جسم تي هون ٻيو ڪجهه به پائي پئسو نه هو. پر جنهن ڊاڪٽر ماتا ڪچنگ جو علاج ڪيو ٿي اهو سٺي سڀاءُ جو هو جنهن ڊسچارج ٿيڻ مهل ماتا ڪچنگ کي پنهنجي پراڻي وردي، سپاٽو سليپر ۽ ڪجهه ٻيون شيون پڻ ڏنيون. ۽ جڏهن هن کي خبر پئي ته ماتا ڪچنگ تمام سٺو بورچي آهي ۽ ڪيس ڪيترائي يورپي ڊش ٺاهڻ اچن ٿا ته هن ڪيس پنهنجي گهر ۾ ئي بورچي ڪري رکيو. اهڙي طرح ماتا ڪچنگ کي روزگار لاءِ ڌنڌو ملي ويو. هن کي پاڻ اهائي اميد هئي ته هڪ ڏينهن سخت محنت ڪري هو ايترو پئسوڪمائي وٺندو جو پنهنجي وطن جاوا پهچڻ لاءِ پاڙي طور ادا ڪري سگهندو. هن جي زندگيءَ جو سڄو مقصد فقط اهو هو ته هڪ ڏينهن پنهنجن مائٽن مٽن سان جاوا وڃي ملندو.

ڊاڪٽر عيسائي هو. هن ماتا ڪچنگ کي چيو: ”ڏس! تون جپانين جي هٿن ۾ مرڻ بدران بچي ويو آهين. اهو اسان جي پروردگار ڪيو. هاڻ پنهنجي پالڻهار کان دعا گهرندو رهه. ان ۾ يقين ايمان رک ته تون هر وقت خوش گذاريندين.“

ڊاڪٽر هن کي هر وقت نصيحتون ۽ ان قسم جا واعظ ٻڌائيندو رهيو ۽ آخرڪار ماتا ڪچنگ عيسائي ٿي ويو. هن عيسائي نموني جي عبادت سکي ورتي ۽ گرجا گهر ۾ وڃڻ سندس ڏهاڙي جو معمول ٿي ويو.هن جي ٻين ساٿين کي جيتوڻيڪ اها ڳالهه صحيح نه لڳي ۽ مٿس ٺٺوليون ڪندا رهيا پر هن ڪنهن جي به پرواهه نه ڪئي جو ڊاڪٽر ڪيس اهو پڻ ٻڌايوهو ته مذهب ۽ ايمان هر هڪ جو ذاتي معاملو آهي ۽ ڪنهن به ٻئي کي ان ۾ دخل اندازي ڪرڻ جو حق ناهي. ڪوبه ڪنهن کي زوريءَ ڪا ڳالهه مڃائي نٿو سگهي ۽ جنهن جو جنهن ۾ عقيدو آهي هن کي ان کان جهلي به نٿو سگهي ان ڪري، هو هميشه پنهنجن ساٿين کي اهو جواب ڏيندو هو: ”هر هڪ ماڻهو آزاد آهي ته جنهن تي هن کي وڻي ان تي يقين رکي، ٻئي جو ڇاوجي منهنجي ذاتي ڳالهين ۾.“

هن جا دوست آخرڪار سمجهي ويا ته هن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ اجائي ڳالهه ٿيندي. ان ڪري هن کي پوءِ ڇئه ڇئه ڪرڻ ڇڏي ڏنائون.

هڪ سال بعد، ملٽري نظام ختم ڪري شهري حڪومت قائم ڪئي ويئي. ڊاڪٽر کي پنهنجي ملڪ سڏايو ويو، ان ڪري ماتاڪچنگ کي هاڻ نئين نوڪري ڳولڻي پئي. وڃڻ وقت ڊاڪٽر ڪيس پنهنجو سڀ فرنيچر ڏيئي ڇڏيو ۽ ان کان علاوه ڪيس ٽي سؤ ڊالر روڪ پڻ ڏنا. انهن پئسن مان پاڙوڪري، هي هاڻ پنهنجي وطن جاوا وڃڻ وارو هو ته انهيءَ دوران هن جو هڪ ملئي ڇوڪريءَ سان عشق ٿي ويو. هوءَ ٽيهن سالن جي ڄمار جي رن زال هئي. سندس مڙس آمريڪن جي هوائي حملي ۾ مارجي ويوهو. هوءَ پاڻ به ملٽري اسپتال۾ صفائي ۽ ڌوپ جو ڪم ڪري رهي هئي. جوان جماڻ بيوه ۽ چاليهه سالن جي ڪنواري ماتاڪچنگ جو ڏهاڙي ملڻ ڪري هڪٻئي سان عشق ته ٿيڻو ئي هو ۽ پوءِ هنن ڏٺو ته هنن لاءِ ڌار رهڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي. سو جڏهن ڊاڪٽر هليو ويو، ته هنن ٻنهي اسپتال ڇڏي،ل ٻاهر هڪ ننڍڙو گهرمسواڙ تي اچي ورتو جنهن۾ هو شادي شده زندگي گذارڻ لڳا.

عورت جو نالو (Satay) هو، جيڪو دراصل مٿس ماڻهن رکيو هو. ملئي زبان۾ ساتي ٻوٽي ڪواب کي سڏجي ٿو، جيڪو بيحد سوادي ٿئي ٿو ۽ ماڻهو تمام گهڻو پسند ڪن ٿا. سو هي ماتاڪچنگ جي زال ساتي ٻڻ خوبصورت، وڻندڙ ۽ حقيقت ۾پرڪشش هئي.

پر ماتا ڪچنگ جا سڀ دوست ان خيال جا هئا ته هيڪاندي سهڻي عورت ان گهوڙي وانگر ٿئي ٿي جنهن کي پالڻ ڏکيو هجي. ۽ اهڙي عورت کي منهن ڏيڻ ڏکيو ڪم آهي.

ماتا ڪچنگ پوءِ سگهوئي هڪ ڪاٺ جي ڪارخاني ۾ نوڪري ڳولي ورتي. اها هڪ تمام وڏي فئڪٽري هئي جنهن ۾ماتا ڪچنگ پٽيوالي جو ڪم ڪيو ٿي. هن جو پگهار ڪو گهڻو نه پر ٻن ڄڻن لاءِ پورو هو. ماتا ڪچنگ سپني پورهيتن ۾ گهڻو خوش هو، جو هن کي نوڪري ۽ خوبصورت زال هئي. ايتري قدر جو ان فئڪٽريءَ جي ڪيترن ئي مزورن ۽ پورهيتن ماتاڪچنگ تي ريس ڪئي ٿي ۽ ڇهن مهينن اندر ساتي جو نالو هر هڪ جي زبان تي اچي ويو. هو اڪثر ماتا ڪچنگ

سان چرچا ڪندا هئا ته جيئن هنن جو دلپسند ڪاڌو ساتي آهي سو هو معلوم ڪرڻ چاهين ٿا ته واقعي سندس زال ساتي به ايتري مزيدار آهي يا نه.

هر اهو جيڪو ساتي سان مليو ٿي تنهن اهو قبول ڪيو ٿي ته ساتي واقعي ساتي آهي، پر ان ۾ ئي ته خطرو سمايل هو. پوءِ جلد ماتاڪچنگ کي ايندڙ مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو جنهن۾ هن نه فقط هڪ اک پر زال پڻ وڃائي ڇڏي ۽ماڻهن سندس نالو ماتا ڪچنگ ڪٽي رکيو. (ماتا ڪچنگ ملئي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنى ٻليءَ جي اک آهي.)

ماتاڪچنگ هن جو ڪو اصلي نالو نه هو. سندس اصلي نالو ’ڪالي‘هو جنهن حادثي ۾سندس نالو ڪالي مان ڦري ماتا ڪچنگ ٿيو ان لاءِ سندس زال ئي جوابدار هئي.

شاديءَ بعد هو مڙيئي هن جي گهٽ پگهار مان خوش نه ٿي يا شايد سندس سادي ۽ اڻ دولي شڪل ڪري ڪيس ڌڪارڻ لڳي هئي. يا ٿي سگهي ٿو ٿورو ٿورو ٻنهي ڳالهين جو اثر هجي. بهرحال فئڪٽري ۾ هڪ به سريلنڪا جو سنهالي فورمين هو ان سان ساتي جو چڪر هلي ويو هو ۽ هو ساڻس ايترو فري ٿيندو ويو جو ماتاڪچنگ جي غير حاضريءَ ۾ ساتي سان هٿ چراند به ڪري وٺندو هو. سنهالي تمام گهڻو سمارٽ ۽ شهدي قسم جو هو. هو. ساتي کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ هن پهرين ڪيس ننڍا ننڍا تحفا موڪلڻ شروع ڪيا. جهڙوڪ: رومال، صابڻ چڪي، سينٽ عطر، خوشبوءِ وارو تيل،ڪچو ڪپڙو وغيره ويندي روڪ پئسابه موڪلڻ لڳس ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ساتي هن سان ٺهي وئي ۽ پوءِ جتي ڪٿي ان عشق جا هلندڙ افواهه ڪاليءَ جي ڪن تي پيا. پرهن کي پنهنجي زال ساتي سان ايترو ته پيار هوجو هن انهن ڳالهين تي يقين ئي نه ڪيو ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو ته ماڻهو مٿس سڙن ٿا سو ان ڪري انهن اهي ڳالهيون ٺاهيون آهن.

پر پوءِ وقت گذرڻ تي جڏهن هو هڪ ٻئي پويان ڳالهيون ٻڌندو رهيو ته هن جي دل ۾ شڪ جاڳيو. پر گهر ۾ هميشه سٺي نموني سان هلندو رهيو. پاڻ وڏيڪ خيال ڪرڻ لڳو جيئن سندس زال کي پڻ هن لاءِ پيار رهي. پر سائين ان سان ڪوبه ڪڙتيل نه نڪتو. ساتي جي دل هن سريلنڪا جي سنهالي فورمين سان اهڙي ته سنهي سئيءَ سان سبجي ويئي جو ڌار ٿيڻ ناممڪن ڳالهه ٿي پيئي. ساتي کي پنهنجي مڙس لاءِ بلڪل وقت نه هو. هر وقت اهو سوچيندي رهي ٿي ته ان سنهالي فورمين سان شادي ڪرڻ بعد هوءَ ڪيترو ته خوش گذاري سگهندي، ۽ پوءِ ان سنهاليءَ سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي گڏ هلڻ لڳي. هڪ رات ساتي پنهنجي يار سان گڏ، هڪ اونداهي رستي تان، ائين هٿ هٿ سان ملائي هلي رهي هئي ته اوچتو ڪالي اچي سامهون ڪڙڪين. ٻنهي جي وچ ۾ فلمن واري ويڙهه هلي ۽ ڪجهه منٽن بعد بدنصيب مڙس جي ساڄي اک تمام گهڻو زخمي ٿي پيئي. ايترو گهڻو جو ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪيوويو ۽ سندس دشمن هڪ گٽر ۾ اهڙو ته ڪري پيو جو مرندي مرندي بچيو.

ٽن مهينن بعد ڪالي اسپتال مان نڪتو. هن جي ساڄي اک بلڪل ختم ٿي ويئي. ان جاءِ تي بلور واري نقلي اک وڌي ويئي. پهرين نظر ۾اها ڌارئين نٿي لڳي پر پوءِ غور سان ڏسڻ سان هڪ گدلو ڇيهڪ هن جي اک وٽ نظر آيو ٿي: جنهن هر وقت ان حادثي جي ياد تازي ڪرائي ٿي.

پر اک جو اهو زخم سندس دل جي زخم جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه هو جيڪو هن کي اهو

معلوم ڪري رسيو ته سندس پياري زال ساتي گهر جو سپ سامان کڻي ان سنهالي فورمين سان پڄي ويئي. هاڻ هن جي هٿن مان هر شيءِ ويئي هلي. ويندي نوڪري به. هن بدلي وٺڻ جو قسم کنيو: پر سنهالي فورمين سندس زال ساتي سان گڏ ڪنهن ٻئي شهر ڏي غائب ٿي ويو.

اهڙيءَ طرح ڪالي ’ماتا ڪچنگ‘ جي نالي سان سڏجڻ لڳو، ڇو جو ماڻهن جو چوڻ هو ته هن جي نقلي اک ٻليءَ جي اک هئي. ۽ هنن اهو نالو ڪجهه نفرت، ڪجهه همدردي ۽ ڪجهه بي عزتي ڪرڻ جي خيال کان ورتو ٿي. ان بعد ماتا ڪچنگ وري ڪنهن سان ٽڪر نه کاڌو.ڪو ساڻس بحث ڪندو ته ڪلي ڳالهه ٽاري ڇڏيندو هو. پر جي سٺي موڊ ۾ نه هوندو هو ته ماٺ ڪري محفل مان اُٿي ويندو هو. پاڻ پنجاهه سالن جو اڃي ٿيو هو. يعني اڌ کان مٿي واري زندگي ته هلي ويئي. هن بدبختيءَ کان پوءِ هو بيحد اڪيلو، زندگيءَ مان بيزار ۽ غمگين رهڻ لڳو. واپس جاوا وڃڻ جي ته اميد هاڻ هن دل مان بلڪل ڪڍي ڇڏي. واپس وطن وڃڻ هاڻ هڪ وسريل خواب برابر هو، ۽ هن کي خبر هئي ته ان جي هاڻ ساپيان ٿيڻ ناممڪن ڳالهه سمجهڻ کپي. هاڻ هن جي فقط اها اميد هئي ته ڪو ڊنڊو نوڪري ڳولجي، جنهن مان ايتري ڪمائي ٿئي جو کائڻ لاءِ پٽ جو وٺوملي وڃي ۽ به چار ڏوڪڙ پيريءَ لاءِ به بچائي وٺجن.

ڪاٺ جي ڪارخاني وارن ڪيس وري نه رکيو جو هن لاءِ چوڻ لڳا ته ڦڏي باز آهي. مڙني شين ۾، هن سوچيو، ته هن کي ڦڏي باز ڇيو ٿو وڃي.، ان ڪري جو سندس زال ڪنهن ٻئي سان پڄي ويئي.

هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ صدمو رسيو. ڪنهن طرح سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ هن مذهب ڏي لاڙو رکيو. گرجا گهر وڃي عبادت ڪرڻ مهل هن کي قلبي سڪون ته رسو ٿي پر ٻاهر جي دنيا ۾ هن کي فقط اذيتون ئي محسوس ٿيون ٿي.

آخرڪار هن ڊاڪيارڊ ۾ چوڪيدا ٿيڻ جي نوڪري ڳولي ورتي. پگهار جيتوڻيڪ گهٽ هو. ان پگهار مان گهر هلائڻ ته ڏکيو ڪم هو. چاهي ان گهر ۾ فقط زال مڙس به ڀاتي هجن. پر اڪيلي جڻي لاءِ گذارو ڪرڻ سولو هو. هن ڏينهن جو ڪم ٿي ڪيو، جتي بک لڳندي هيس مانيءَ پور کائي ڇڏيندو هو. رات جا پهر ڊاڪيارڊ جي هڪ ڪوٺيءَ ۾ ئي گذاري وٺندو هو. هن اهوئي سوچيو ته ان نڪري مان گهٽ ۾ گهٽ ٿي سال ڪڍي وٺندو. هن کي جيتوڻيڪ تمام گهٽ پگهار مليو ٿي، پر هو هر وقت سخت محنت ڪرڻ لاءِ تيار هو ۽ هونءَ به ان نوڪري لاءِ به ڪيترا آتا ۽ سفارشي هئا. ۽ پوءِ ٿيو به ائين ئي. هن اها نوڪري ڪي ڇهه مهينا ڪن به ڪا مس ڪئي هوندي ته هن کي ان نوڪري مان ڪڍي هن جي جاءِ تي هڪ نوجوان رکيو ويو جيڪو ساڳيو ڪم ان کان به گهٽ پگهار تي ڪرڻ لاءِ راضي هو.

ان کانپوءِ هن کي ڪٿي به ڪا پڪي نوڪري ملي نه سگهي ۽ هيڏانهن هوڏانهن پورهئي مزوري لاءِ واجهائيندو رهيو. پوءِ ڪڏهن ڪٿان چار پئسا ملي ويندا هئس ته پيٽ گذر ٿي ويندو هوس ته ڪڏهن سڄو ڏينهن هڪ پائي به حاصل ڪري نه سگهندو هو. ڪڏهن ته وري مهينو ٻه يڪو ڪو اهڙو پورهيوملي ويندو هوس جنهن مان ايترو بچائي وٺندو هو جو ٽي چار مهينا بنا ڪم هجڻ جي به گذارو ڪري سگهي. ايئن چوڻ به صحيح نه هو ته هن وٽ پئسو بلڪل نه هو. ڇو جو

محنت پورهئي ڪرڻ ۾ ته هي مڙس ماڻهو هو ۽ سندرو ٻڌي اهڙو لڳندو هو چڱو پئسو ڪمائي وٺندو هو. هن جيتوڻيڪ پنهنجي وطن جاوا وڃڻ جو آسرو بلڪل لاهي ڇڏيو هو ته به پيٽ لاءِ هن کي پئسوڪمائڻو پيو ٿي.

سڄي تر ۾ هي چاتل سڃاتل شخصيت سمجهيو ويو ٿي پر ڪنهن سان سندس ڪا خاص دوستي نه هئي. ماڻهو سندس ماضي وساري چڪا هئا پر سندس دل جي ولوڙ فقط ساتي جو نالو کڻڻ سان ائين اُڀري ٿي جيئن ڍنڍ جي بيٺل پاڻي ۾ پتر هڻڻ سان لهرون اُڀرن.

ماتا ڪچنگ زندگي گذر ڪئي ٿي. تڏهن، رولاڪن واري.

وقت جو ڦيٿو تمام تکو ڊوڙي ٿو، جنهن جا نشان ماتا ڪچنگ جي چهري تي صاف نظر آيا ٿي- هاڻ هو چوونجهاهه يا پنجونجهاهه سالن جو هو، شايد سندس عمر جي ڪنهن کي به خبر نه هئي ۽ نه هن ڪڏهن پنهنجي عمر جي پرواهه ڪئي ٿي. وقت جي سفر هن لاءِ ڪابه اهميت نٿي رکي. ڏينهن، هفتو، مهينو هن لاءِ سڀ هڪ هئا، جو هن لاءِ هر روز ساڳي هڪجهڙي زندگي هئي جنهن ۾ڪابه نواڻ يا ڪوبه واقعو ٿيڻ وارو نه هو. پر تنهن هوندي به هن کي جيئڻو پيو ٿي.

ڪجهه سالن بعد هن هٿي هٿي مڙيئي چار يا پنج سؤ ڊالر کن بچائي ورتا جيڪي هن سخت پورهيا ۽ ڪشالا ڪري پائي پائي بچائي گڏ ڪيا. جڏهن به هن وٽ پنجاهه يا سؤ ڊالر کن گڏ ٿيندا هئا ته هڪ هڪ جا نوٽ ۽ ريجو مٽائي وڏا نوٽ وٺندو هو جن کي پيٽو چئوٽو ڪري هڪ پرس اندر لڪائي رکندو هو. هاڻ هن وٽ چار سؤ ڊالر وارا نوٽ ٿي چڪا هئا. هڪ پنجاهه ڊالرن جو نوٽ ۽ ڪجهه پيو ريجو. ان پئسي جي هجڻ ڪري هن پنهنجو پاڻ کي بهتر محسوس ڪيو ٿي. پاڻ بابت وڌيڪ خاطري ٿيس ٿي. هن پئسي جي حفاظت پنهنجي جان وانگر ڪئي ٿي. پرس کي بيلٽ سان گڏ ٻڌي ڇڏيو هئائين، جيڪو پنهنجي چيلهه تان ڪڏهن نه لاهيندو هو. چاهي ڏينهن هجي يا رات، ڇو جو هن جو ڪنهن تي به ڀروسو نه رهيو هو. ساتي وارو ڏک ۽ دوکو سندس دل تي هميشه تازو هو.

هو ڪڏهن ڪڏهن، رات جي پوئين پهر ۾، جڏهن اڪيلو هوندو هو، ته نوٽ ڪڍي، هڪ هڪ ڪري ڳڻيندو هو. هڪ هڪ کي پنهنجي آڱرين سان ڇهي انهن تي ٺهيل شڪليون ۽ رنگ غور سان ڏسندو هو.ا يترا سارا نوٽ ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيندو هو. پر پوءِ ساتي جي ياد ايندي ئي ڏکيارو ٿي ويندو هو ۽ ان پويان پئسن ۽ گهر جي سامان جو کڄي وڃڻ، فورمين سان سندس لڙائي، اک جو وڃڻ، اصلي نالي بدران سندس نالو ماتا ڪچنگ ٿيڻ- زندهه رهڻ لاءِ هن ڪيڏا حيلا ڪيڏا وس، ڪيڏيون تڪليفون، ڪيڏا ڪشالا ڪديا آهن. اهو سوچي سوچي هن جي هٿ ۾ جهليل نوٽ ڳاڙها ٿيندي نظر آيا هئا. اهڙا ڳاڙها جهڙو رت، ان وقت اکين مان ڳوڙها نڪري ڳلن رستي هيٺ اچي ڪرندا هئا ۽ هو پئسا ويڙهي، واپس ٻئونءَ ۾ رکي، هڪ ٿڌو ساهه کڻي سمهي رهندو هو. ڪنهن ڪنهن رات سمهڻ کان اڳ دعا گهرڻ وسري ويندي هيس ۽ ائين ئي سمهي رهندو هو. پر پوءِ ننڊ مان اٿي دعا گهرندو هو ۽ رهيل عبادت پوري ڪندو هو. وقت بوقت ڏک دور ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻئونءَ کي هٿ سان ڇهي محسوس ڪندو هو، ۽ پوءِ مطمئن ٿي مرڪي، سمهي رهندو هو.

ڏاڪياردواري نوڪري وڃڻ بعد هن ڪيترن ئي هنڌن تي پورهيا ڪيا. ويندي ڀهراڙيءَ ۾ رليو ڀنيو ير ڀوءِ نيٺ شهر ڏي واپس آيو، جتي هن جي بدبختي شروع ٿي هئي. اتي اچي هن کي هڪ دفعو وري ساڳيو رڌ پچاءَ وارو پورهيو ڪرڻو پيو هو. هن دفعي هن کي هڪ چيني بورچيءَ جو مددگار ٿي ڪم ڪرڻ جي نوڪري ملي. سندس مالڪ نيوزيليند جو هڪ وڪيل هو. ماتا ڪچنگ کي ان ڳالهه جو ذرو به فڪرنه هو ته هن کي ڪنهن جو انچارج ٿي ڪم ڪرڻو پوي ٿو. هو هاڻ پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ سندس دل ۾ زندگيءَ ۾ وڌڻ ويجهڻ جي هاڻ ڪابه چاهت يا موهه نه رهيو هو.

هن اهوئي چاهيو ٿي ته سڪون واري زندگي هجي، پڪي نوڪري هجي ۽ جتي لڳو پيو هجي اتي ئي لڳو رهي. در در جا ڌڪڙ ڪائڻ هاڻ هن کي ڏکيا لڳا ٿي. هن جو هاڻ ڪو مٽ مائٽ يا ساٿي سڄڻ نه رهيو هو ۽ نه ڪا زال ٻار جنهن جو ڪيس فڪر رهي. هن جي ٻچونءَ ۾ سوين ڊالر هئا جنهن ڪري هن پاڻ کي سکيو ۽ پُرسڪون محسوس ڪيو ٿي. هاڻ هن کي گهڻي محنت ڪري وڏيڪ ڪمائڻ جي به چوس نه هئي. هن فقط ايماندار پورهئي واري نوڪري ڪرڻ چاهي ٿي.

هيءَ نئين نوڪري ڪا خراب نه هئي. وڪيل ۽ سندس زال تمام همدرد ۽ رحمدل هئا ۽ چيني بورچي بيحد نهٺو هو. ماتا ڪچنگ وڏي جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪندو رهيو.

وڪيل ۽ سندس زال هڪ ننڍڙي گهر ۾ مٿي ماڙيءَ تي رهندا هئا ۽ هيٺ ننهيل ڪمري ۾ سندن نوڪرياڻي رهي ٿي. گهر جي ڀويان چٽ سان ورانڊو هو جيڪو اوطاق تائين هليو ويو ٿي جنهن ۾ چار ڪمرا هئا، هڪ رڌڻي طور استعمال ٿيو ٿي. هڪ اسٽور روم هو ۽ باقي هڪ هڪ ۾ هي بورچي رهيا ٿي- چيني بورچي ۽ ماتا ڪچنگ. چوڌاري ڪمپائونڊ ۾ ڪيترائي گل ۽ وڻ ٻوڪيل هئا ۽ ماٺ ۽ سڪون جو عالم ڇانيل هو.

رات جي وقت چوڌاري باغ ۾، جنهنجي ٻاهران بچاءَ لاءِ ڪو لوڙهو يا پٽ به ڏنل نه هئي. ڪاري پٽ اونداهه ڇائنجي ويندي هئي. سواءِ چند ٽڪرن جي جتي وڪيل جي ڪمري ۾ ٻرندڙ بتيءَ جي روشني درين مان نڪرندي هئي. گهر مين روڊ تي نه هو ان ڪري لنگهندڙ لارين موٽرن جو آواز ۽ گوڙ گهمسان نٿي

ٿيو. وڪيل جي زال کي رات جي ماني بعد پيانو وڄائڻ جو شوق هوندو هو، ۽ جڏهن هو وڄائيندي هئي ته ان جو سريلو آواز دل کي راحت ڏيندو هو.

ماتا ڪچنگ پنهنجي مالڪ کي ڪيترا دفعا صلاح ڏني ته چورن چڪارين کان بچڻ لاءِ شڪاري ڪتا رکيا وڃن. پر سندس مالڪ کي هڪ ته ڪتي جهڙو جانور پسند نه هو ٻيو ته انهن جي ڀونڪڻ ڪري سندن پڙهائي ۽ آرام ۾ رخني پوڻ جو انديشو هو.

هونءَ حقيقت اها به هئي ته سڄي شهر ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ چور هو. باقي ڪنهن جو ڌاڙو يا ڪاٽ هڻي گهر ۾ گهڙڻ جي واردات ته سال گذري ويا هئا جو نه ٻڌي هئي. هر هڪ پنهنجو پاڻ کي گهر ۾ باحفاظت سمجهيو ٿي. اخبارن ۾ اڪثر هن شهر لاءِ چيو ويندو هو ته هي شهر اها جنت آهي جتي ماڻهن کي رات جو گهرن جا در بند ڪرڻ جي به ضرورت ناهي. ۽ ايندڙ ٽوئرسٽن پڻ تعريف ڪئي ته هي شهر دنيا جي انهن چند شهرن مان آهي جتي ڏوهه نه هئڻ برابر ٿين ٿا.

پر، تنهن هوندي به، هِتي هُتي ڪڏهن ڪو هلڪو ڦلڪو واقعو ٿيندو رهيو ٿي. هڪ ڏينهن ڪنهن پوليس اسٽيشن تي رپورٽ اچي لڪائي ته هنجي گهران ڪو روڪ ۽ گهه ڳڻا چورائي ڪٽي ويو آهي ۽ پوءِ ٻن هفتن اندر اهڙا ڏهه ٻارهن ٻيا ڏاڙي جا ڪيس ٻڌا ويا ۽ اخبارن ۾ اهم خبر طور شايع ڪيا ويا.

ماتا ڪچنگ کي انهن ڳالهين ڏاڍو پريشان ڪيو. رات جي وقت جڏهن هو پئسا ڳڻيندو هو سندس اکين اڳيان ڏاڙيل ڦرڻ لڳندا هئا ۽ هو اهو سوچي بي چين ٿي ويندو هو. هڪ دفعو وري هن پنهنجي مالڪ کي شڪاري ڪتو رکڻ جي صلاح ڏني.

”هاڻ ڳالهه ٻڌ! ماتا ڪچنگ!“ وڪيل چيس، ”مون توکي پهرين چيو آهي ته مون کي ڪتا نٿا وڻن. توکي آخر فڪر ڪهڙ ي ڳالهه جو ٿئي ٿو؟ ڇا توکي ڊپ آهي ته چور تنهنجي نئين پتلون چورائي ويندا يا تنهنجا ڪن ڪپي ويندا؟“ اهو ٻڌي ماتا ڪچنگ کي شرم اچي ويو جو هن تازو هڪ نئين پتلون ورتي هئي.

”نه سائين.“ هن هٻڪندي چيو، ”چور ڪنهن به ڳالهه جي پرواهه نٿا ڪن. هنن کي جيڪا شيءِ ملندي کڻي ويندا. آئون ان ڪري چوان ٿو جو توهان جي گهر ۾ ڪيترين ئي شيون آهن، ان ڪري خبردار رهڻ کپي.“

”جيڪڏهن هنن مون وٽ اچڻ جي همت ڪئي ته کين به چار گوليون هٽي ڪڍندس.“ وڪيل چيو، هر هڪ کي خبر هئي ته وڪيل وٽ پنهنجي بچاءَ لاءِ بندوق آهي. ماتا ڪچنگ هاڻ لاجواب ٿي ويو. وڌيڪ چوڻ لاءِ هن وٽ ڪجهه به نه هو.

ٽن ڏينهن بعد وڪيل وٽ نيوزيلينڊ مان تار آئي جنهن ۾ هن کي اطلاع ڪيوويو ته سندس پيءُ سخت بيمار آهي ۽ هو واپس هليو اچي. هن جلدي جلدي چوويهن ڪلاڪن اندر سامان ٻڌو ۽ پنهنجي زال سان گڏ نيوزيلينڊ روانو ٿي ويو.

وڪيل جي رواني ٿي وڃڻ بعد ماتا ڪچنگ ۽ چيني بورچي کي ان گهر ۾ وڌيڪ ٻه مهينا رهڻ جي موڪل ڏني هئائين، جيسين مسواڙ ختم ٿئي. هن کين اهو به چيو ته جيڪڏهن حالتون سازگار رهيون ته ٿي سگهي ٿو هڪ ڏينهن هو وري نيوزيلينڊ کان موٽي اچي ۽ کين وري پاڻ وٽ بورچيءَ طور رکي. هڪ رات، چيني بورچي ۽ ماتا ڪچنگ رات دير تائين وڪيل ۽ سندس زال بابت ڳالهيون ڪندا رهيا پوءِ آخر ڪار جڏهن ستا ته کين گهاٽي ننڊ ورائي ويئي.

ماتا ڪچنگ کي خبر ئي نه پيئي ته هو ڪيڏي دير ستو رهيو. جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيو ته کيس ڪا ٿڌي شيءِ مٿي تي محسوس ٿي. اکيون کولڻ سان ڏٺائين ته هن جي مٿان منهن ڍڪيل تي ماڻهو ڪهاڙيون جهلي بيٺا آهن. هنن کيس ۽ چيني بورچي کي رسن سان ٻڌي منهن تي چنبڙندڙ ٽيپ هٽي ڇڏيو. هنن سڄو گهر اٿلايو پٿلايو ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ سڀ الهه تلهه کڻي هليا ويا. هنن ٻنهي غريبن کي ٻئي ڏينهن پاڙي وارن اچي کولي آزاد ڪيو. ان بعد پوليس به اچي نڪتي جيڪا پڇا ڳاڇا ڪري رواني ٿي ويئي. چورن کي جهلڻ لاءِ انعام جو پڻ اعلان ڪيو ويو. ماتا ڪچنگ ۽ سندس ساٿي- چيني بورچيءَ، جي تصوير ۽ زندگيءَ جو احوال پڻ اخبار ۾ ڇپيو ويو.

ماتا ڪچنگ پنهنجي هيڏي ساري نقصان جو ڪجهه به نٿي ڪري سگهيو. هن جو ٻٽون ۽

ان اندر موجود پئسا چوري ٿي چڪا هئا. انهن سان گڏ هاڻ هو به ڇڻ ختم ٿي ويو. هن وٽ ڪجهه به نه رهيو هو. پئسن سان گڏ سندس اميدون، آسرا ۽ خواب به ختم ٿي ويا. هي چند ڪمايل پئسا سندس پيري ۾ ڏڪئي وقت جي زندگيءَ جو توشو هئا جيڪي سپ هليا ويا. هن هڪ هڪ پئسو ڪري ڪيترن سالن ۾ اها رقم گڏ ڪئي هئي جيڪا هڪ پل ۾ هلي ويئي. هاڻ هو نه جوان هو ۽ نه سندس جسم ۾ ايتري سگهه هئي جو محنت ڪري وري ڪٺي ڪمائي ۽ زندگيءَ جي پيهر شروعات ڪري.

ان ڪانپوءِ ماتا ڪچنگ ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو. هو رکي رکي وقلڻ لڳو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هن پاڻ سان اهڙي حالت ڪري ڇڏي جو فقط ڪي ٿورا ڪيس سڃاڻي سگهيا ٿي. مٿي جا وار ۽ ڏاڙهي وڌي ويس. وارن ۾ سينڌ نه اکين ۾ سرمو، هڪڙو ئي وڳو جسم تي ڇهتيو رهيس جيڪو ڌرتيءَ جهڙو ميرو ٿي ويو هو. ماڻهن چيو ته دماغ توائي ٿي ويو اٿس. پر جنهن وقت به ڪورٽ هلندي هئي ته هو اچي اتي حاضر ٿيندو هو ۽ اڳين قطار ۾ ويهي ڪورٽ جي ڪارروائي غور سان ٻڌندو هو. اخبارن جو هڪڙو بنڊل هميشه پاڻ ڪٺي هلندو هو. اها سندس سڃاڻپ ٿي وئي هئي.

ماتا ڪچنگ هر هڪ ڪيس جي ڪارروائي اهڙي ته غور سان ويهي ٻڌندو هو جڻ پاڻ ڏوهاري هجي يا ڪو وڪيل يا جج هجي، بلڪه انهن کان به وڌيڪ سنجيدو نظر ايندو هو. ڪورٽ ختم ٿيڻ تي ماڻهن سان گڏ ٻاهر نڪرندو هو. در وٽ ويهي اخبارن جي بنڊل کي کولي ڏسندو هو ۽ پوءِ ٿوري دير در وٽ ترسي سامهون واري ٽڪريءَ تي ٺهيل گرجا گهر ۾ عبادت لاءِ هليو ويندو هو. آچر جي ڏينهن موڪل ڪري ڪورٽ بند هوندي هئي ته پوءِ ان جي ٻاهرين در جي شيخن وٽ ڪا دير ويهي ڪورٽ ڏي نهاريندو هو. پوءِ گرجا گهر ۾ هليو ويندو هو. شروع شروع ۾، ڪنهن کي به سمجهه ۾ نٿي آيو ته هي ائين ڇو ٿو ڪري پر پوءِ سڀني کي خبر پئجي ويئي.

”آئون ڪيڏو ته بدبخت آهيان.“ هن پنهنجي هڪ سڃاڻي کي اخبار ڏي اشارو ڪندي ٻڌايو.” منهنجي زندگيءَ جي سڄي موڙي،ڪيترا سؤ ڊالر، هڪ گهڙيءَ ۾ غائب ٿي ويا. قسم سان آئون انهن دل جي پليت چورن  کي ڳولي لهندس. ڏس! هن اخبار ۾ ڏس! اُهي نه منهنجي سڄي ڪهاڻيءَ جي خبر؟“

اهي پراڻيون اخبارون ان ڪري رکيون آهن ته جيئن ثبوت طور پيش ڪري سگهان ته منهنجا پئسا ذاڙيل ڪٺي ويا آهن. خدا هنن کي سزا ڏيڻ بنا ڪڏهن به نه ڇڏيندو. مون کي يقين آهي ته هڪ ڏينهن انصاف ضرور ٿيندو ۽ ذاڙيلن کي سندن ڪئي جي سزا ضرورملندي. انهيءَ ڪري آئون ڪورٽ ۾ روز اچان ٿو. هڪ ڏينهن خدا کين ضرور سزاڏيندو. قانون جي هيءَ ڪورٽ ضرور انصاف ڪندي ۽ کين سزا ڏيندي......“

هن جي دوستن پهريان ڏينهن ته هن جون اهي ڳالهيون ڌيان سان ٻڌيون. پر پوءِ کين ساڳيون ڳالهيون ٻڌي آخر ٽڪجي پيا ۽ مٿس کلڻ لڳا ۽ چٽرون ڪرڻ لڳا.

اهڙي طرح ماتا ڪچنگ کي هرڪو چريو ۽ مست سمجهي مٿس کلڪو ڪندو رهي ٿو.

*چان چيبان (Chan Chiuan)*

[هن افساني ’ماتا ڪچنگ‘ جو ليکڪ چان سنگاپور ۾ رهي ٿو. سندس وڏا چين کان لڏي ملايا ۾اچي رهيا هئا.ا ن بعد سنگاپور ۾.]

# پيار جو آکيرو

منهنجي گهر جي مالڪڻ، مسز وانگ جي طبيعت،ملايا جي موسم وانگر اهڙي هئي جو ڪوبه اڳواٽ اندازو لڳائي نٿي سگهيو. ان ڏينهن آفيس کان جهڙو گهر پهتس ته هڪ دفعو وري تعجب خيز ڳالهه ڏسي وائڙو ٿي ويس: جنهن ڪمري ۾ مسز وانگ رهي ٿي ان جي پرواري ڪمري ۾ ڊرائينگ روم کي خالي ڪري ان جو فرنيچر ٻاهر ڪڍيو ويو هو ۽ ڪم واري ڇوڪري آلو ڪپڙو ڪٽي فرش کي پوچا ڏيئي رهي هئي. مسز وانگ منهنجي منهن تي عجب جا تاثر ڏسي مون کي ان تبديليءَ جو سبب ٻڌائڻ لاءِ شروع ٿي ويئي.

”مون هي ٻه ڪمرا پڻ مسواڙ تي ڏيئي ڇڏيا آهن، نوان مسواڙي سڀاڻي ئي اچي ويندا.“

اهو ته سمجهه ۾ اچي ويو، پرجيڪا شيءِ منهنجي سمجهه کان ٻاهر هئي سا اها ته مسز وانگ مون کي ته هر وقت اهوئي ذهن نشين ڪرائيندي رهي ٿي ته هن پئسن جي ضرورت ڪري مون کي مسواڙ تي ڪمرو نه ڏنو آهي. پر هاڻي وري هوءَ پنهنجو پاڻ کي سوڙهه ۾ رکي نوان مهمان گهر ۾ ٽڪائي رهي هئي.

حقيقت ۾، سڄي گهر کي فقط ٽي ڪمرا هئا ۽ هڪ ڊرائينگ روم ۽ هڪ ماني کائڻ لاءِ ڊرائينگ روم، ڇهه مهينا اڳ، مون ڪانئس اڳيون ڪمرو مسواڙ تي ورتو، ۽ جنهن وقت سامان کڻي اندر گهڙيس ته مسز وانگ ٻڌايو: ”اسان پنهنجي گهرجو ڪوبه ڪمرو مسواڙ تي ڏيڻ نٿي چاهيو. اسان کي پئسي جا گهرج ناهي، پر منهنجي مڙس کي اڪثر انڊونيشيا وڃڻو پوي ٿو، ۽ گهر ۾ مون کي ٻار ۽ نوڪرياڻي سان گڏ اڪيلو رهڻو پوي ٿو. مڙس جي ٻاهر هجڻ دوران جيئن ته اسان جي گهر ۾ ڪو ٻيو مرد ماڻهو ناهي. ان ڪري اسان توکي هڪ دوست جي حيثيت ۾ گهر ۾ رهڻ ڏيون پيا.“

اها واقعي سندن وڏي مهرباني هئي جو هنن مون کي رهڻ لاءِ ڪمرو ڏنو ڇو جو انهن ڏينهن ۾ سنگاپور ۾ رهائش لاءِڪا جاءِ هٿ ڪرڻ وڏو مسئلو هو- خاص ڪري اڪيلي مرد لاءِ. جڏهن آئون سنگاپور آيو هوس ته منهنجا ڪي ٿورا ڇاڙو سڃاڻو هئا ۽ مون کي مجبور ٿي هڪ دوست جي فئڪٽري ۾ رهڻو پيو، جتي جي ورڪشاپ واري آفيس ۾ ’ويڙهڻ وارو هنڌ! وڇائي سمهڻو پوندو هو. گهڻي عرصي تائين ائين رهڻ تمام ڏکيوهو سو اهو ورڪشاپ ڇڏي پوءِ ٻڌن جي مندر ۾ اچي رهيس. پر اهو مندر وري آفيس کان ڇڱو پري هو. ان کان پوءِ سڄو سال آئون رهائش لاءِ ڪمري جي ڳولا ۾ رهيس پر ڪامياب نه ٿيس ڇو جو ائين اڪيلو ڏار ڪمرو ملڻ تمام ڏکيو هو. ڇهه مهينا اڳ مسز وانگ جي گهر ۾مون کي هڪڙو ڪمرو ملي ويو، جنهن لاءِ مون کي مهيني ۾ ٽيهه ڊالر مسواڙ ڏيڻ لاءِ چيو ويو. واڌو ڪجهه ڊالر ڇانهه پاڻيءَ لاءِ.

”آئون توکي ڪڏهن به گهر ۾ نه رکان ها جيڪڏهن تون شادي شده هجين ها.“ جنهن ڏينهن سامان کڻي رهڻ لاءِ آيو هوس ته مسز وانگ مون کي ٻڌايو، ”آئون گهر ۾ ماٺ منوڙو چاهيان ٿي،

گهڻا ڀار ۽ نوڪرياڻيون هرگز نه.“

ڪيڏي نه عجيب ڳالهه هئي: ڇهه مهينا اڳ مون کي مسواڙ تي ڪمرو ملڻ ان ڪري ناممڪن هو جو آئون غير شادي شده هوس ۽ هاڻ مون کي ڪمرو ان ڪري مليو آهي جو ڪنوارو آهيان.

وهنجي نڪتس ته نوڪرياڻي صفائي پوري ڪري چڪي هئي ۽ مس وانگ ايندڙ مسواڙيءَ لاءِ ڪمرا ٺاهي پاڻ صوفا سيٽ تي ويٺي هئي. روز جي عادت وانگر آئون به سگريٽ پيئڻ لاءِ اتي وڃي ويٺس.

”مسز وانگ، اهو ته ٻڌاءِ،“ مون پڇيومانس، ”تنهنجو نئون مسواڙي اڪيلو آهي يا شادي شده.“

”شادي شده،“ مسٽر وانگ ٻڌايو. ڪائنس مون کي ڇيل پراڻي ڳالهه شايد وسري ويئي هئي.

”اهي ڇاٽا ڪن*؟“

”مڙس ماسٽر آهي، زال جي مون کي خبر ناهي. پر لڳي ٿو ته اها به چڱي پڙهيل ڳڙهيل آهي.“

اتي اوچتو رڌڻي ۾ ڪنهن ٿانءَ ڀڃڻ جو آواز ٿيو. مسز وانگ جو اڌ سڄيل منهن وڌيڪ سُڄي ڳاڙهو ٿي ويو.

”ڇا آهي ڇوري؟“ هن رڙ ڪري پڇيو، ”بيوقوف ڪنهن جاءِ جي، ڇا ڪري وڌءِ؟“

بورچي خاني مان ڪنهن به ورندي نه ڏني، رڳو ڀڳل ٿانو جي ٽڪرن ڪٺڻ جو آواز ايندو رهيو. مسز وانگ سخت ڪاوڙ مان رڌڻي ڏي ڊوڙي ويئي.

”ڇا پئي ڪرين ڪُتي؟ هر وقت تنهنجا هوش خطا آهن! ڪنهن يار جو ويٺي سوچين ڇا؟“

”اهو مون کان ناهي ٿيو،“ نوڪرياڻي ڏڪندي چيو، ”توهان جي ڌيءَ پيالو ڀڳو آهي. ڇو جو هوءَ پٽ تئي ڪائڻ چاهي.“

مسز وانگ کي هڪڙو ئي ڀار اها ڌيءَ هئي. هوءَ ڪا ٽن سالن جي مس هئي پر ويچاري روزانو موڇڙن جي مُنهن ۾ هئي. کيس ڳالهه ڳالهه تي ائين دڙڪا ۽ مار ملندي هئي ڄڻ هوءَ سڳي ڌيءَ نه پر زرخريد ٻانهي هجي. ماءُ کي رڌڻي ۾ ڏسي هو ايترو ڏڪي ويئي جو اکين ۾ ڳوڙها تري آيس.

”شيطان ڪنهن جاءِ جي،“ ماڻس رڙ ڪري، کيس پاڻ ڏي ڇڪيندي چيو، ”ڪائيندينءَ نه ته جيئري ڪيئن رهندينءَ؟“

ڏيڻس روئڻ شروع ڪري ڏنو. مسز وانگ کي هٿ ۾ ڏنڊي هئي جيڪا هوءَ جادوجي لڪڻ طور ڏيڻس تي ڪم آڻيندي هئي. هن نوڪرياڻي کي پٽ جو پيالو آڻڻ لاءِ چيو ۽ پنهنجي اڳيان ڏيڻس کي کارائي پورو ڪرايو. شروع شروع ۾، اهوسڀ ڪجهه ڏسي آئون ڏڪي ويندو هوس. ڀار ويچاري کائڻ کان انڪار ڪندي هئي ۽ پوءِ جيئن ئي ماڻس پٽ جي پيالي سان اڇي حاضر ٿيندي هئي ته هو واڪا ڪري روئندي هئي. مسز وانگ هڪ هٿ ۾ پٽ جو پيالو جهليندي هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ ڇمچو يا لڪڻ.

"ڪائي پورو ڪر نه ته موچڙا هڻنديسانءِ!"

ڇوڪري ڏاڍو ڏکيائي سان ڪائيندي هئي.سندس اکينءِ ڳوڙها هوندا هئا ۽ ڊپ مان ماءُ ڏي هيسيل نگاهن سان گهوري ڏسندي هئي. هوءَ پيٽ جو چمچو وات ۾ وجهي جهلي بيهندي هئي. نه چٻاڙيندي هئي نه ڳهندي هئي، پوءِ ماڻس اهو لڪڻ وهائي ڪڍندي هيس. ان بعد گرانهه پٺيان گرانهه ڳهندي ويندي هئي.

"ڏس ته سهي!" ماڻس هڪ ڏينهن مون کي سمجهائيندي چيو، هوءَ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ۽ هيڊائين ٿيندي وڃي، ان ڪري جو چڱيءَ طرح نٿي کائي."

ننڍڙي ٻار عجيب تڪليف واري حالت ۾ هوندي هئي. سندس ننڍڙو منهن هيڊائون لڳندو هو ۽ هڏن تي ته چڻ هڏا ئي هڏا هئس، گوشت بلڪل نه- سندس اڻ تجربيڪار ماءُ جي حد کان وڌيڪ خيال رکڻ جي باوجود.

رات جي ماني ختم ٿيڻ مهل مسٽر وانگ شهر کان موٽندو هو. هو پاڻ پنهنجي ننڍڙي ڪار هلائي ايندو هو ڇو جو جنهن ڊرائيور کي ڪجهه ڏينهن اڳ رکيو ويو هو سو استعيفى ڏيئي هليو ويو. در تي پهچي هر روز جي وهنوار موجب پهرين هو ٻه دفعا هارن وڄائيندو هو. ان جو مطلب زال کي ٻڌائڻ هو، "آئون اچي ويو آهيان." ۽ ساڳي وقت ڪار مان لهڻ وقت سندس نالو وٺي، زور سان سڏ ڪندو هو ۽ پوءِ ڏاڪڻ تي چڙهڻ وقت پنهنجن ڳرن بوٽن سان زور زور سان ٺڪاءَ ڪري چڙهندو هو.ا هو سندس گهر ۾ گهڙڻ جو دستور هو. پوءِ چاهي هو ڪٿي رات جو ڪيڏي به دير سان اچي پر گهر ۾ رهندڙ پاتيءَ جو ۽ نه پاڙي پتيءَ واري جو خيال ٿيندو هوس.

اجهه، مسٽر وانگ، گهر ۾ گهڙڻ سان تبديلي محسوس ڪئي. هن کي اها ڄاڻ هئي ته گهر ۾ ڪجهه نوان مسواڙي اچي رهيا آهن پر فرنيچر جي اها ردوبدل کيس پسند نه هئي.

"ڪاڏي واري ڪمري مان ميز کي ڪيڏي ڊرائينگ روم ۾ رکڻ جي رٿ ڪنهن ڏنئه؟" هن پنهنجي زال کان پڇيو.

"پوءِ پلا ڪٿي رکان؟" مسز وانگ جي آواز ۾ گهر جي مالڪ واري اٿارٽي هئي.

"اها رڌڻي ۾ به ته وجهي سگهينءَ ٿي."

"رڌڻي ۾؟ توکي خبر هجڻ کپي ته ساڳيو رڌڻو مسواڙين کي به ڪم ۾ آڻڻو پوندو. ان ۾ وجهي ان کي ويتر ڪيئن ننڍو ڪجي.

مون کي ان جي ڪا پرواهه ناهي. آئون اها ميز رڌڻي ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو ۽ اهو ڪم ائين ٿيڻ کپي."

سو نوڪرياڻيءَ کي وري ڪم ڪرڻو پيو. اڃا هاڻ هاڻ صاحب کي ماني کارائي بس ڪئي هئائين ته وري کيس سامان هيڏانهن هوڏانهن ڪري ميز کي ڊرائينگ روم مان ڪيڏي رڌڻي ۾ رکڻي پيئي.

مسٽر وانگ تيستائين سوٽ ڪوٽ لاهي پاجامون گنجي پائي چڪو هو ۽ گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦيريون به پائيندو رهيو ته ٿوري ٿوري ساهيءَ بعد ٽڪون به اڇلائيندو رهيو.اها ٽڪ ٽڪ ڪرڻ سندس خاص عادتن مان هڪ هئي جيڪا گهر ۾ ئي سرانجام ڏيندوهو ۽ فقط آواز ۽ نمونو

ٽڪ اچلڻ جو ڪندو هو، باقي سچ پچ ۾ ٽڪ يا ڪانگهارو وات مان نڪرندو نه هوس. سندس ٻي عادت ذري ذري هٽ ڏوئڻ جي هئي. بس جنهن وقت به موقعو ملندو هوس ته هٽ ڏوئيندو وتندو هو. سمهڻ واري ڪمري ۾ جيئن ته هٽ ڌوئڻ لاءِ نل نه هو سو هر وقت هٽ ڏوئڻ لاءِ رڌڻي ڏي پڄندو هو، نيرن ڪري اٿڻ مهل، اخبار پڙهي پوري ڪرڻ مهل، ڪپڙا پائي بس ڪرڻ مهل، وارن کي ڦڻي ڏيڻ بعد، يا ڪنهن به وقت هو ڪنهن شيءِ کي ڇهي ونندو هو ته هٽ ڏوئڻ لاءِ رڌڻي ڏي پڄندو هو. انهن ڳالهين پنيان چڱو وقت ضايع ٿئي ٿو، سو صبح جو آفيس لاءِ ڪڏهن به ڏهين کان اڳ گهر مان نڪري نه سگهندو هو.

مسٽر وانگ هر ڳالهه ۾ سست پڻ هو. جيئن ته سندس جوءِ مسز وانگ کي اڄ گهٽو ڪجهه ٻڌائڻو هو سو مڙس جو واندو ٿي ڳالهيون ٻڌڻ جو سخت بي صبريءَ سان انتظار ڪندي رهي. آخرڪار هو رڌڻي ۾ ويئي جتي هو هٽ ڌوئي رهيو هو. هنن آهستي آهستي ڳالهيون شروع ڪيون . پر پوءِ اوچتو ئي مسز وانگ تکي ٿي ويئي:

”رڳو ترس، ترس. جڏهن به توکان آئون پئسن جي گهر ڪريان ٿي ته ترسڻ لاءِ چوندو رهين ٿو!“

”رڙين ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ مسٽر وانگ هاڻ پاڻ رڙ ڪري چيو.

اهو چوڻ بعد مسز وانگ رڌڻي مان سڌي پنهنجي ڪمري ڏي ٺڦ ٺڦ ڪندي پهتي ۽ جيڪا شيءِ سامهون نظر ايندي ويس ان کي پٽ تي سٽيندي ويئي.

زال مڙس کي ائين وڙهندو ڏسڻ هڪ عام ڳالهه هئي ڇو جو اهي بحث مباحثا روز جو ڪم هو. ڇهه مهينا، جيڪي آئون هنن سان گذاري چڪو هوس، ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهڙا نظارا سؤ کن ڏسي چڪو هوس. ڪڏهن ٽن ڏينهن کان وڌيڪ هن گهر ۾ سڪون جو واءُ نه وريو هوندو. صلح سڪون فقط تڏهن هوندو هو جڏهن مسٽر وانگ واپار خاطر سنگاپور کان ٻاهر هليو ويندو هو. هنن لاءِ جهيڙي ڪرڻ جو وقت به مقرر نه هو. ڪڏهن ڪڏهن ته اڌي رات کان پوءِ به شروع ٿي ويندا هئا ۽ تمام وڏي گوڙ گهمسان سان، جهيڙي کان پوءِ زال شين جي اڇل شروع ڪندي هئي ۽ پاڙي جا ٻار ۽ زالون چوڌاري بيهي تماشو ڏسنديون هيون. پهرئين دفعي جڏهن مون کين وڙهندو ڏٺو ته ڏڪي ويس. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪريان.مون کين ڇڏائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڏٺم ته جيترو آئون وچ ۾ پوان ٿو اوترو هو وڌيڪ وڙهن ٿا. سو پوءِ آخرڪار اهوئي فيصلو ڪيم ته ٻين ماڻهن جي نصيحت تي هلي کين سندن حال تي ڇڏي ڏيان.

”تون هيڪاندو ڪو رحمدل آهين،“ هڪ پاڙي واري عورت مون کي چيو، ”هنن جي وچ ۾ پوڻ اجايو آهي. ها باقي تون پنهنجو پاڻ کي مصيبت ۾ وجهڻ چاهين ٿو ته پوءِ ڀلي پئه.“

پاڙي واري عورت بلڪل صحيح چيو، ڇو جو ان کان اڳ گهمري، جهيڙي دوران کين پرچائڻ جي ڪوشش ڪيم ٿي ته مسز وانگ ماڳهين مونکي دڙڪو ڏيندي چيو؛ ”ميان تون پنهنجي وچي ڪر، وڏو آهين وچ ۾ پوڻ وارو.“

ان ڪري، ان کانپوءِ جڏهن به هو وڙهندا هئا ته آئون چپڙي ڪري دربند ڪري اندر ائين سمهي رهندو هوس ڄڻ ننڊ هجيم.

هاڻ زال شين کي ٽڏا هڻي رهي هئي ۽ ڪٻٽن جا خانا کولي بئگن ۾ سامان وجهي رهي هئي. مڙس رڌڻي مان هٿ ڌوئي، ٽڪ ٽڪ ڪندي ڪمري ۾ پهتو.

”ڪرين ڇا پيئي-؟“

”آئون وڃان پئي. هتي منهنجي لاءِ ڪجهه نه رهيو آهي.“ مڙس هن دفعي هيٺاهين وٺڻ جو فيصلو ڪيو؛ ”آخر ڳالهه ڇا آهي؟ مون کي ته گهٽ ۾ گهٽ ٻڌائي سگهين ٿي ته توکي ڪهڙي ڇا؟“

”مون کي گهر جو خرچ هلائڻ لاءِ پئسا کپن. ڇڱيءَ طرح ٻڌءِ يا اڃا نه؟ تنهنجن ئي نوڪرن کي پگهار ڏيڻو اٿم.“ مسز وانگ وري رڙ ڪري چيو،

”اهي ڪڏهن ترسي نه سگهندا. ان جي توکي خبر آهي؟ توکي اها به خبر آهي ته سڄي سال اندر ڪيترا ڀاڻ وٺ نوڪر آيا ۽ ڀڄي ويا؟“

”مون کي خبر آهي،پر تنهنجي بي صبريءَ ڪري ذري ذري نوڪر بدلايو ڇڏين.“

”بڪواس بندڪر! جيڪڏهن تون سمجهين ٿو ته اهو منهنجو ڏوهه آهي ته آئون هينئر سامان ويڙهي پنهنجي گهر هلي ٿي وڃان! تون ڇا ٿو سمجهين آئون پيٽ سان آهيان ان ڪري هتان وڃي ڪانه سگهنديس ڇا؟ هون!“

مسٽر وانگ. آڻ مڃي آواز هيٺاهون ڪيو: ”نه پياري آئون توکي ڪو ڏوهه نٿو ڏيان، پر تڏهن به تون ڏينهن ٻه ٻيو به انتظار ڪري سگهين ٿي، يا نه؟“

”جنهن وقت به نوڪرياڻي ڀڄيو وڃي ٿي ته تون مون تي ڏوهه ڏين ٿو. هن کان اڳ واري نوڪرياڻيءَ جو ئي ڪٿي مثال وٺ، هو ڪم ڇڏي ويئي ته ڪاوڙ مون تي ڪئي، ان ڪري جو تنهنجو هن سان عشق پئي هليو!“

”ڇڱو هاڻ پياري معاف ڪر. اهو منهنجو ڏوهه هو، جو شروعات ڪيم. بس ڏوهه قبول ٿو ڪريان. بس؟“

مڙس هن دفعي نٿي چاهيو ته جوڙس آسمان مٿي تي کڻي.

مسٽر ۽ مسز وانگ جي هيءَ ڪتي ۽ ٻليءَ واري گهرو زندگي سنگاپور جي ڪيترن ئي رهاڪن لاءِ غير معمولي ناهي. اهوئي لڙائيءَ جو هڪ پئٽرن آهي، جيڪو سنگاپور جي ڪيترن ئي گهرنن۾ هلندو رهي ٿو. مسز وانگ مسٽر وانگ جي ڪا پهرين زال ناهي.مسٽر وانگ جي پهرين زال اڃا جيئري آهي ۽ سنگاپور جي اپر سرنگون روڊ تي مسٽر وانگ جي ماءُ ۽ مسٽر وانگ جي ٻن پٽن سان گڏ جنهن گهر ۾ رهي ٿي اهو مسٽروانگ جو پنهنجو گهر آهي، جيڪو هن پاڻ ٺهرايو هو. هننجي فئملي ڪا وڏي نه هئي. اهو هڪ آدرش قسم جو ڪٽنب هو- گهٽ ۾ گهٽ شروع وارن ڏينهن ۾، پر پوءِ جڏهن مسٽر وانگ جو پيءُ مري ويو ته ورثي ۾ ڪيس وڏي ملڪيت هٿ ۾ آئي- جنهن سان هن پنهنجو ذاتي ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو. هي ان وقت ٽيهن سالن کان ڪو ٻه سال وڏو هوندو، جو هن هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ڪم ڪندڙ ڇوڪريءَ تي عاشق ٿي پيو ۽ ماءُ جي ڪيترو جهلڻ ۽ منٿن ميڙين جي باوجود هن سان شادي ڪري ورتي. ان دڪان ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪريءَ کي جيڪا هينئر سندس ٻي زال آهي، ان وقت هڪ ٻواءِ فرينڊ به هو، جيڪو هن وٽ دڪان تي ايندو هو. ان مان جان ڇڏائڻ ۽ مسٽر وانگ جي ٻي زال ٽيڻ لاءِ هن ڇڱيون تڪليفون ۽

اٽڪلون ڪيون. شاديءَ بعد هو شهر ڪان ٻاهر هڪ مسواڙ تي گهر وٺي اچي رهيا. هن مسٽر وانگ جي ٻي زال ٿي رهڻ لاءِ اهي شرط شروط مڃرايا ته شادي بعد مسٽر وانگ کي هر رات هن وٽ اچي رهڻو پوندو. ان تي سندس پهرين زال شروع ۾ڪافي رڙيون ڪوڪون ڪيون پر پوءِ نيٺ ماٺ ٿي ويئي. ڪيئن ۽ ڇو- اها خبر ناهي.

ڊپارٽمينٽل اسٽور جي هيءَ ڇوڪري پوءِ مسٽر وانگ جي ٻي زال ٿي رهڻ لڳي. هن کي هاڻ نوڪريءَ جي ڪا ضرورت نه هئي سو دڪان جي ڪم تان استعيفى ڏيئي، ٻي زال جي حيثيت ۾ آرام واري زندگي گذارڻ لڳي. شروع شروع ۾، سندس شادي شده زندگي تمام رومانوي گذرڻ لڳي پر پوءِ مڙس صاحب جلد ان مان به ٿڪجي ۽ بيزار ٿي پيو، ۽ وري ساڳيا ناچ گهر ۽ جوا جا اڏا، ۽ جهڙو پلي بواءِ پهرين هو اهڙو ٿي پيو ۽ آڌي رات کان اڳ گهر اچڻ جو نالو نه وٺڻ لڳو.

ٻي زال رڙيون دانهون شروع ڪيون ۽ وڙهڻ لڳيس پر هو کيس اهوئي چئي سمجهائيندو هو ته هن جو ڌنڌو ڌاڙي ڪجهه اهڙي نوعيت جو آهي جنهن ۾ ڪامورن ڪڙن کي خوش ڪرڻ لاءِ اهڙن هنڌن تي وٺي وڃڻو پوي ٿو. مسز وانگ مڙس جي اها ڳالهه ٻڌي ان کي ٻاهرين دل سان ضرور قبول ڪيو پر پنهنجو پاڻ کي خوش رکڻ لاءِ هو پاڻ به چڪر تي نڪري پوندي هئي ۽ آڌي رات جو مڙس جي گهر پهچڻ کان اڳ موٽي ايندي هئي جيئن مڙس کي شڪ نه پوي ته هو به ڪا ڏڪا کائيندي وتي. ان ڪري ٻار جي سڄي سار سنڀال نوڪرياڻيءَ جي هٿ ۾ وڃي رهي. پوري پرگهور نه ٿيڻ ڪري هوءَ هر وقت گدلي رهڻ لڳي. نه سندس ڪپڙا وقت تي مٽايا ويندا هئا ۽ نه کيس وهنجاريو ويندو هو. هوءَ ڪنهن غريب جي ٻار يا رول ٻار وانگ لڳندي هئي.

مسٽر وانگ کي شروع ۾ به نوڪرياڻيون هيون جيڪي رڌ پچاءُ، ڪپڙا ڌوئڻ، ٻار جي سار سنڀال ۽ ٻهاري ڏوپ کي منهن ڏينديون هيون.ڪين ڌوئڻ لاءِ هر وقت ڍير ڪپڙن جو هوندو هو، ڇاڪاڻ جو مسٽر وانگ روز نه فقط قميص پر سوٽ ۽ پاجامو پڻ بدلائيندو هو. نتيجي ۾ هر وقت ميرن ڪپڙن جو ڍير لڳل هوندو هو. زال مڙس،ٻنهي کي نه فقط هن ڳالهه لاءِ نوڪرن تي الزام هڻڻ جي عادت هئي پر بنا سبب جي ڪين ڌڙڪا پڻ ڏيندا هئا. باقي جڏهن ڪين پگهار ڏيڻ جو وقت ايندو هو ته ان ۾ جلدي نه ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن، آفيس کان موٽڻ مهل، مون جهڙو گهر ۾ قدم رکيو ته مسز وانگ جو آواز ڪن تي پيو. هو نوڪرياڻيءَ کي دڙڪا ڏيئي رهي هئي.

”ڪهڙي ڪاهل انسان آهين. هر ڳالهه ۾ ايڏي سستي! ڪهڙي قسم جي تون ڇوڪري آهين؟ وتين ٿي ماڻهن سان غير اخلاقي تعلقات رکندي.“

نوڪرياڻي پڻڪندي اتان هلي ويئي.

”ڇا پئي چوين؟“

مالڪياڻي نوڪرياڻيءَ پٺيان پٺيان لڳي آئي. نوڪرياڻيءَ شرمائيندي ڪاوڙ مان چيس: ”آئون ڇوان ٿي اها آئون نه آهيان پر تون آهين جو وتين ڌارين سان غير اخلاقي تعلقات ڳنڍيندي. ڇنه ڇا مان غلط آهيان؟“

”ها. تون غلط آهين. گهٽ ۾ گهٽ آئون شادي شده ماڻهن سان تعلقات نٿي رکان.“ مسز وانگ وراڻيو.

”هي جو مسٽر وانگ سان رکيو ويٺي آهين.“ نوڪرياڻيءَ ٺهه پهه وراڻيس.

”توکي اهو چوڻ جي ڪيئن همت ٿي آهي!“

””ڪنهن جي ٻي زال ٿي رهڻ کي تون شرمناڪ ڳالهه نٿي سمجهين؟“

ان جهيڙي مان هڙ حاصل اهو ٿيو جومسز وانگ ٻئي ڏينهن ان نوڪرياڻيءَ کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو ۽ ان بعد هاڻ گهر جي ڪم ڪار لاءِ باقي هڪ نوڪرياڻي وڃي بچي. گهڻي ڪم ۽ مسز وانگ جي ڏنگي طبيعت ڪري ڪابه نوڪرياڻي ٽن مهينن کان وڌيڪ رهي نٿي سگهي.

پر بدقسمتي ڪڏهن به اڪيلي نٿي اچي. نوڪرياڻي جي وڃڻ بعد مسز وانگ لاءِ ٻيون به مصيبتون پيدا ٿي پيون. هڪ ته انهيءَ وقت سندس سس صاحبان، ڏڪندي ۽ رڙيون ڪندي اچي گهران نڪتي:

”آئون توسان ڳالهائڻ ٿي چاهيان، بيحيا بيشرم عورت.“

مسز وانگ پنهنجي سس کي ڪڏهن به ڪٽ ۾ نه آندو ٿي. پر هن دفعي اچڻ سان هن اهڙا جهيڙالو قسم جا لفظ ڳالهايا جومسز وانگ في الحال ته وائڙي ٿي ويئي.

”مونکي اهو ٻڌاءِ،“ پوڙهي عورت چيو، ”منهنجي ڌيءَ تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“

مسز وانگ کي ڪجهه ڪجهه لڳو ته هو ڪهڙي ڳالهه ڪٿي آئي آهي پر ڳالهه ڪندي ڪجهه خيال ٿي ڪيائين. هوءَ ڪوچ تي ماٺ ڪري هڪ هنڌ ويهي رهي. نئين آيل مسواڙي جي زال به نجاڻ اتي ئي موجود هئي. هن کي مسٽر وانگ جي ماءُ جي خبر نه هئي. يا هن کي ڇا ڪرڻ کپي، اها ڄاڻ نه هئي.

”ٻڌاءِ! ٻڌاءِ! ڪچين چو نٿي!“

”ٻڌاءِ ته منهنجي ڌيءَ توکي ڇا ڪيو آهي جو تون هن جي خلاف ڳالهائيندي وتين؟“

”مون ته ڪنهن بابت به نه ڳالهايو آهي.“

”ڇا ٿي چوين، ته تو ڪجهه نه چيو آهي“؟ پوءِ، ڇو منهنجي ڌيءَ نالي چوندي ورتين ته هوءَ ڊرائيور سان سمهي ٿي؟“

”مون نه چيو آهي.“

”پر اها تون ئي آهين جنهن اهو منهنجي پنهنجي پٽ کي به چيو آهي.“ پوڙهي عورت چڙ ۾ ڳاڙهو ٿيندي چيس،. ”تون بيحيا ۽ غليظ قسم جي ڪوڙي آهين.“

مسز وانگ وڌيڪ ٻڌڻ بدران ٽپ ڏيئي اٿي، پنهنجي ڪمري ڏي ويئي ۽ پنهنجو پرس کڻي ٻاهر نڪتي، نئين مسواڙڻ هي لقاءُ ڏسي تعجب ۾ پئجي ويئي. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هن کي ڇا ڪرڻ کپي. . هن مسز وانگ کي جهلڻ چاهيون ٿي.

”مسز وانگ ڪيڏانهن وڃين ٿي-؟“

مسز وانگ بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي هلي ويئي.

””وڃڻ ڏينس رن کي.“ پوڙهي سس چيو. ”هن ذليل عورت جي اچڻ ڪري سڀ گهر تباهه

ٿي ويا آهن.“

مون کي چڱيءَ طرح سڌ هئي ته مسز وانگ ڇا ڪرڻ وئي پئي: هوءَ خودڪشي ڪرڻ جي بهاني سان وئي پئي ڇو جو سس سندس بي عزتي ڪئي. مسز وانگ جو مڙس سان جهيڙو ڪرڻ وقت اهو دلپسند شغل هو. پر جيئن ته ان وقت سندس مڙس نه هو ان ڪري خودڪشي ڪرڻ جو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو. مون کي ياد آيو ته هڪ دفعي مڙس سان وڙهڻ بعد هن پنهنجي پاڻ کي ٻوڙي پنهنجو آنت آٽڻ جو دڙڪو ڏنو، پر سمنڊ جي ڪناري تي پهچي، ماٺ ڪري اتي ڇپر تي پٽل ماري اهڙو نمونو ڪري ويهي رهي جو سڀ ڏسندڙ اچي گڏ ٿيا.مسز وانگ کي مجبور ٿي معافي وٺڻي پيئي ۽ منٿون ڪري گهر وٺي آيس. ڪڏهن ڪڏهن، مسز وانگ گهر ڇڏي وڃڻ جو دڙڪو ڏيئي، سامان ٻنگ ۾ وجهڻ شروع ڪندي هئي، پر ڪمري مان هڪ انچ به چرڻ بدران، اتي ئي مڙس جو انتظار ڪندي هئي ته اچي معافي وٺيس.

اٽڪل اڌ رات ڌاري، هلڻ جي ٺڪ ٺڪ مان صاف لڳو ته مسٽر ۽ مسز وانگ ٻئي گڏ اچي ويا. ظاهر هو ته مسز وانگ مڙس کي دير تائين ڳوليندي رهي. گهر پهچڻ سان عورت وري رڙيون شروع ڪري ڏنيون. نوان مسواڙي به رڙين تي اٿي پيا پر جيئن ته چڱي رات گذري چڪي هئي ان ڪري هنن ڪمري مان نڪري گهر جي مالڪن جي وچ ۾ پوڻ نٿي چاهيو. ان ڪانپوءِ سندن ٻن سالن جو ٻار ننڊ مان اٿي پيو ۽ ان جي رڙين تي وري مسز وانگ جي ڏيءَ ننڊ مان اٿي روئڻ لڳي. ان تي مسز وانگ مڙس کي ڇڏي اچي ڏيءَ ۾ ڪٽڪا وڌا.

”چوري آهي ڇا، جو روئڻ ڪيو اٿئي. منهنجو اڃا جنازو ته نڪتا ڪٿن.“

”ڇواڇي ڇري ٿي آهين، ٻار تي ڇو ڪاوڙ ڪري رهي آهين؟ ٻار ڪهڙو گناهه ڪيو؟“

”ڇري آئون نه ٿي آهيان. ڇري ٿي آهي ماٺهين يا پيٺهين! هر هڪ سان وتي معاشقا ڪندي، ويندي بورچي ڊرائيور کي به نه ڇڏيو اٿس.“

”بڪواس بند ڪر! ڇا اها سٺي ڳالهه آهي ته گهر ۾ موجود هر ماڻهو تنهنجي لباڙ ٻڌي.“

”ها، ڇو جو آئون ڇري ٿي پيئي آهيان. رڳو ماٺهين ۽ پيٺهين کي خبر آهي ته گهر ۾ ڪيئن هلجي. وڃ وڃي تون به انهن سان مل. ڇڏ منهنجي پڇر.“

اهو هڪ اڻ وسرندڙ نظاروهو جنهن سڄي گهر کي جهنم بنائي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن، نئون مسواڙي بنا اک هڻن جي اسڪول روانو ٿيو ۽ اوڄاڳي ڪري مون کي سڄو ڏينهن مٿي ۾ سور هليو.

نوان مسواڙي (ماسٽر ۽ سندس زال) نومبر ۾ آيا هئا. ان بعد ٻيو سڄو مهينو مسٽر وانگ پنهنجي واپار جي سلسلي ۾ انڊونيشيا ۾ هو ۽ گهر کان غير حاضر رهيو. انهن ڏينهن ۾ مسز وانگ هر روز سير سپاٽي لاءِ ٻاهر ويندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن ته رات به ٻاهر گذاري ٻئي ڏينهن ايندي هئي. مسٽر وانگ سال جي آخر ۾ آيو. سو اهي سڀ غير حاضريءَ وارا ڏينهن اسان مسواڙين سک چين ۾ بسر ڪيا.

نئون مسواڙي ماسٽر روز صبح جو ستين بجي اسڪول لاءِ نڪرندو هو ۽ شام جو ستين ڌاري گهر پهچندو هو. گهر ۾ پهچڻ بعد، هو وري گهرڪان ٻاهر نڪرڻ جونالو نه وٺندو هو. پنهنجي

ڪمري ۾ ويهي ڪتاب پڙهندو يا شاگردن جون ڪاپيون جاچيندو هو. مون کي هن سان گهڻو ڪري آچر يا موڪل واري ڏينهن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو ملندو هو. هو بيحد مانيٺو ۽ ڀاڙهو طبيعت جو هو. سندس زال هڪ سيبائتي ۽ سلجهيل گهرو قسم جي عورت هئي. سڄو ڏينهن گهر جي صفائي، رڌ پچاءُ ۽ ٻار جي سار سنڀال لهڻ ۾ رڌل رهندي هئي. جيتوڻيڪ ٻئي چڱي ڏکي زندگي گذاريندا هئا پر بيحد خوش ۽ سڪون۾ هئا. مسٽر وانگ جي فئملي ۽ هنن ۾ڪيڏو زمين آسمان جو فرق هو. مسٽر وانگ پئسي وارو هو ان ڪري ٻه زاليون رکي سگهيو ٿي. ذاتي ڪار هئس ۽ نوڪر چاڪر هئس پر ان هوندي به هن جهنم جهڙي گهرو زندگي گذاري ٿي.

مسز وانگ نون مسواڙين سان ڀهرين ته ڏاڍو قربائتي ٿي هلي پر پوءِ نئين سال جي شروعات ويجهي ٿيڻ تي سندس نمونو ئي ڦري ويو. اهو آچر جو ڏينهن هو. نوان مسواڙي پنهنجي ٻار سميت چڪر تي ٻاهر ويل هئا. آئون جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيس ته منهنجو مسز وانگ سان مهاڏو ٿيو. هن جي هٿ ۾ شهرجي ڪائونسل جو بل هو ۽ منهن تي سخت ڪاوڙ جو روپ.

”سائين منهنجا، هي ذرا بل ڏسجو ۽ اندازو لڳايو ته مون کي هر مهيني بجليءَ ۽ پاڻيءَ لاءِ ڪيترو ناڻو ڏيڻو پوي ٿو!“

هُن بل مونکي ڏنو. اهوارڙهن ڊالرن جو هو.

”گهر ۾ ڀاتين جو تعداد به ته وڌي ويو آهي. سو ظاهر آهي بل ته ٿورو وڌيل ايندو.“

”پر اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟“ مسز وانگ ڪاوڙ مان چيو، ”هنن ته مون کي چيو هو ته هو ماستر آهن. ۽ مون سمجهيو ته ماستر ماڻهو صبح جو سوير اٿڻ لاءِ رات جو به سوير سمهندا هوندا. مون منجهائن اها اميد رکي هئي ته هو پڪ شام جو نائين بجي بتي بند ڪري سمهي رهندا، پرهي آڌي رات کان اڳ ڪڏهن به بتي بند نٿا ڪن.“

مون کي سمجهه ۾ نه آيو ته گهر جي مالڪڻ کي ڪهڙو جواب ڏيان. لڳو ٿي ته هن کي اسڪول ماستر جي، روز مره جي زندگي جي ڪابه خبر نه هئي.

”محترما، توهان جي ان بابت غلط سوچ آهي. ماستر ماڻهوءَ کي اسڪول جو رهيل ڪم گهر ۾ اچي ڪرڻو پوي ٿو، هن کي رات جو شاگرد جا نوٽبڪ ڏسڻا پون ٿا. ماستر جي زندگي اهڙي آرام ده ناهي جهڙي مثال طور دڪاندار جي، جنهن کي دڪان بند ڪرڻ بعد گهر ۾ ڪجهه به ڪرڻو نٿو پوي.“”پر هنن لاءِ مون کي اهو ٻڌايو ويو هو ته هنن جي هاڻ شادي ٿي آهي. هتي اچڻ بعد خبر پيئي ته هنن کي هڪ ٻار به آهي!“

”ٻلا هڪ ٻار هجڻ سان ڪو فرق ته نٿو پوي. يا پوي ٿو؟“

”خير ٻار جي ڪري ڪيترائي ڪپڙا ڌوئڻا پون ٿا. ٻارن کي ڪير پيارڻ لاءِ رات جو ذري ذري اٿڻوپوي ٿو ۽ اليڪٽرسٽي ضايع ٿئي ٿي.“

بهرحال اهو منهنجومٿي جوسور نه هو. مون کي اها خبر هئي ته هي گهر جنهن ۾ هنن مون کي ۽ ماستر فئملي کي مسواڙ تي رکيو آهي، ان جا مسٽر وانگ پنجاهه ڊالر مهيني جي حساب سان ڀري ٿو. ان مان هڪ ڪمرو مون کي ڏيئي مسٽر وانگ ٽيهه ڊالر مهيني ۾ مون کان اوڳاڙيا ٿي ۽ ٻيو ڪمرو ۽ ڊائننگ روم ماستر جي فيملي کي ڏيئي ڪائنس پنجيتاليهه ڊالر ورتائين ٿي، ان حساب سان،

مسز وانگ اسان پنهي کان پنجهتر ڊالر ڪمايا ٿي جن مان پنجاهه ڊالر مسواڙ جا گهر جي اصل مالڪ کي ڏيڻ بعد به پنجويهه ڊالر بچايا ٿي، جن مان بجلي، پاڻيءَ جو بل ڏيئي سگهيو ٿي. ان جي باوجود سندس رهائش چڻ مفت ۾ ٿي ٿي. پر ان هوندي به هو وڌيڪ پئسا ناهڻ جي خيال ۾ آهن چا؟"

"نوان مسواڙي، جيڪڏهن وڌيڪ بجلي استعمال ڪرڻ چاهين ٿا ته ڪانئن آئون پنج ڊالر وڌيڪ مسواڙ جي گهر ڪنديس."

"نوان مسواڙي- ماستر ۽ سندس زال چڪر هٽي جڏهن گهر موٽيا ته مسز وانگ سائڻ هڪدم مسواڙ جي ڳالهه ڪئي. هنن شريف ماڻهن يڪدم ها ڪئي ۽ مسز وانگ ڪانئن هر مهيني وڌيڪ مسواڙ وٺڻ لڳي.

هڪ ڏينهن ماستر صاحب جو پٽ بيمار ٿي پيو. هو سڄو ڏينهن رڙيون ڪندو رهيو ۽ سخت بي آراميءَ ۾ هو ۽ رات به سمهي نه سگهيو. جيئن ئي آڌي رات جو مسٽر وانگ موٽيو ۽ دستور موجب گهر پهچڻ سان ڪار جو هارن ٽڻان هارن ڏيئي واڪا ۽ سڏ ڪيا ته هن وري وني روئڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ سمهڻ جونالو ئي نٿي ورتائين. ماستر وانگ ماني ٽڪي کائي بتي بند ڪري وڃي ستو. هيڏانهن هنن جو ٻار اجا روئندور هيو. ان تي مسز وانگ کي اهڙي اچي چڙ لڳي جوپنهنجي ڪمري ۾ رڙيون ڪري ڳالهائڻ لڳي. آخر خارن ۾ اچي هن کٽي ريڊيو آن ڪيو ۽ سڄو گهر ڌٻڻ لڳو. ماستر جي زال سمجهي ويئي ته مسز وانگ ڪاوڙجي پيئي آهي. سو پنهنجي ٻار کي ماٺ ڪرائڻ جاڏاڏا وس ڪيائين. آخرڪار گوڙ جهڪو ٿيو ان سان گڏ ٻار به ماٺ ڪئي. پر ڪجهه رات گذرڻ بعد ٻار جي وري اک کلي پيئي ۽ وٺي روئڻ شروع ڪيو. منهنج به اکي کلي پيئي ۽ ٻڌم ته ٻار جي ماءُ پنهنجي ماستر مڙس کي سڏي رهي هئي.

"مهرباني ڪري بتي ته اُٿي ٻارجانءِ."

ماستر هنڌ تان اُٿي بتي جو سئچ هيٺ ڪيو پر ڪجهه به نه ٿيو.

"لڳي ٿو ته شهر ۾ اڄ بليڪ آئوٽ ڪئي ويئي آهي." ماستر افسوس مان چيو.

جيستائين مون کي خبر آهي ته بليڪ آئوٽ جو ڪوبه اعلان نه ڪيو ويو هو. مون کي ٻار جي تڪليف جو خيال ٿي رهيو هو سو ڏسڻ لاءِ اٿيس ته واقعي ٻين گهرن جون به بتيون بند آهن يا نه. پاڙي جي ڪن گهرن جو بتيون اجا ٻري رهيون هيون. سومون مسز وانگ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. هوءَ ڏت هٽي ستي رهي. پر منهنجي گهڻن سڏن تي آخر مسٽر وانگ جواب ڏنو.

"مسٽر وانگ" مون ڪيس منٿ ڪندي چيو، مهرباني ڪري مين سئچ آن ڪندؤ. ماستر جو پٽ سخت بيمار آهي." مسز وانگ ڪجهه پٽ پٽ ڪئي پر مسٽر وانگ منهنجو چيو موٽائڻ نه چاهيو ۽ اٿي گهر جي بتي کولي.

بتي ته هلي آئي، پر ٻار تڪليف کان روئندو رهيو. آئون ڪا دير ڪنهن عورت جي سڏڪن جو آواز ٻڌندو رهيس. اها ماستر جي زال هئي.

مسز وانگ پيٽ سان هئي ۽ هاڻ مٿين مهينن کي اچي ويجهي ٿي هئي. نئين مسواڙي ماستر جي زال کيس صلاح ڏني ته هوءَ ڪنهن ڊاڪٽرياڻي کي ڏيکاري پر مسز وانگ اهو بيڪار ٿي

سمجهيو. هوءَ پهرين به ٻار ڄڻي چڪي هئي ۽ هن ان کي دنيا ۾ سولي ۾ سولو ڪم سمجهيو ٿي ۽ هن دفعي ته اڃا به آسان سمجهيائين ٿي ۽ ان ڪم لاءِ اسپتال وڃي ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڏيکارڻ هن لاءِ پئسي ۽ وقت جو اجايو زيان هو. ان ڪري هوءَ پنهنجن ڏنڏن کي لڳي رهي، يعني جڏهن مسٽر وانگ گهر کان ٻاهر نڪري ويندو هو ته هوءَ پاڻ به غائب ٿي ويندي هئي ۽ ڏهين کان اڳ گهر نه موٽندي هئي.

هڪ رات موٽڻ مهل هن کي اوچتو سخت سور اچي ٿيا. ماستر جي زال کيس اسپتال وڃڻ جي صلاح ڏني. پر هن چاهيو ٿي ته ساڻس گڏ سندس مڙس پڻ هلي سو تکو تکو وري گهر مان ٻاهر هلي وئي. ڪلاڪ ڏيڍ بعد هوءَ وري گهر ۾ داخل ٿي،اڪيلي ئي اڪيلي. هن دفعي هوءَ سخت ڊنل ۽ گهٻرايل نظر اچي رهي هئي.

”خير ته آهي. اسپتال ڇو نه وئينءَ؟“ ماستر جي زال پڇيس.

مسز وانگ ڪجهه به جواب نه ڏنو ۽ سڌو ڪمري ۾ گهڙي وئي. پٺيان پٺيان ماستر جي زال به ويس.

”ڇو مڙسين نه مليو؟“

”مون کيس ڳولي ته ورتو پر هو جوا کيڏڻ ۾ مشغول هو. تمام گهڻو هارائي چڪو آهي. مون سان گڏ اسپتال هلڻ کان صاف صاف انڪار ڪيائين. ڇوي ٿو ته آئون اڪيلي هلي وڃان.“

”ته پوءِ اڪيلي ئي هل. توکي دير ڪرڻ نه کپي.“

”پر آئون ڏاڍي ڪمزوري محسوس ڪري رهي آهيان. مون کي ڪجهه شيون ۽ سامان به کڻڻو آهي.

”ڇئين ته آئون توسان گڏ هلان.“

مسز وانگ وڌيڪ ڳالهائي نه سگهي. ماستر جي زال پنهنجو ٻار ماستر جي حوالي ڪري، مسز وانگ کي سهارو ڏيئي ٻاهر وٺي آئي ۽ ٽئڪسي ۾ ويهاري اسپتال ڏي وٺي وئي.

جيسين ماستر جي زال اسپتال کان موٽي، سڄو گهر انتظار ڪندو رهيو، جيئن مسز وانگ جي خبر پوي. فجر مهل هوءَ گهر پهتي ۽ ٻڌائين:

”مسز وانگ کي پٽ ڄائو، پر افسوس جو مري ويو!“

”اسپتال کان اڳ، ٻار ٽئڪسي ۾ ئي ڄمي ويو. ماستر جي زال کوچ تي ويهندي ڳالهه ڪئي. هوءَ سخت ٿڪل لڳل رهي هئي. ”اسان اڃا ٽئڪسي ۾ ويناسين ئي مس ته ٻار ڄمي ويو. ۽ اسپتال ۾ پهچڻ کان اڳ مسز وانگ بيهوش ٿي وئي.“

”هاڻ ڪيئن آهي؟“

هاڻ صحيح آهي. ان ڪري آئون موٽي آئي آهيان.“

”منهنجا مولا تون رحم ڪجانءِ.“

ماستر صاحب تعجب مان ڪنڌ ڌوڻيو:

”ڇا ته ماڻهو آهن. زال جي ويم کان به وڌيڪ اهم جوا آهي.“

ڪجهه دير بعد مسٽر وانگ جوا جي اڏي تان گهر پهتو. شايد هو سڄي رات جوا کيڏي

آخري ڪوڙي به هارائي موٽيو هو.

”سائين منهنجا!“ نوڪرياڻي ڪيس رڙ ڪري ٻڌايو، ”مالڪياڻيءَ کي ٻار ٿيو هو.“

مالڪ بنا ڪنهن ڌيان جي هائوڪار ۾ ڪنڌڌوڻيون.

”پر ٻوءِ اهو مري ويو.“

”ڇا؟ مسٽر وانگ ڇڳي طرح اکيون ٻٽي، تعجب مان پڇيو.

اسپتال ڏي ويندي، ٻار ٽئڪسي ۾ ئي مري ويو.“

مسٽر وانگ جواب ۾ ڪجهه نه چيو، پر ان ئي وقت پويان پير ڪري ٻاهر هليو ويو.

هفتي اندر مسز وانگ اسپتال مان ڊسچارج ٿي گهر پهتي. زال پنهنجي مڙس لاءِ اهوئي چوندي رهي ته هن ئي سندس ٻار ماريو جو آخري وقت تائين جوا جي پچر نه ڇڏيائين. ان ڪري هوءَ وقت اندر اسپتال پهچي نه سگهي ۽ ٻار رستي تي ئي مري ويو.

مسز وانگ جڏهن ڇڱيءَ طرح چاق ٿي ويئي ته هن پنهنجي پراڻي نوڪري، ڊپارٽمينٽ اسٽور واري، وري ڪرڻ جو سوچيو. مسٽر وانگ هن جو ارادو بدلائي نه سگهيو ۽ سندس لاءِ ٻيو چارو به نه هو سو هر روز هو پاڻ ڪيس پنهنجي ڪار ۾ دڪان تي ڇڏي ايندو هو.

جيئن ته هن پنهنجي خرچ لاءِ پنسو پاڻ ٿي ڪمايو ان ڪري هاڻ پهرين کان وڌيڪ آزاد ۽ مٿانهون محسوس ڪيو- اها هڪ اهڙي حقيقت هئي جيڪا سندس ڳالهين مان ظاهر ٿي ٿي.

”ڪنهن جي رومانوي زندگيءَ ۾ شادي ڪابه رنڊڪ پيدا نٿي ڪري.“ هڪ ڏينهن هن ماستر جي زال کي چيو، ”ڇاهي تنهنجي شادي هجي ته به ماڻهو پنيان ڊوڙندا رهن ٿا. آئون شاديءَ کان اڳ جڏهن ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ڪم ڪندي هيس ته ان وقت منهنجو هڪ ٻواءِ فرينڊ هو. هو مون تي ايترو ئي عاشق هو جيترو منهنجو مڙس. هو مون سان ملڻ بهاني دڪان تي شيون وٺڻ ايندو هو. ان بعد منهنجي شادي منهنجي مڙس سان ٿي ۽ هن سان مون ملڻ ڇڏي ڏنو هاڻ آئون وري ساڳي ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آئي آهيان ته هو وري اچڻ لڳو آهي. جيتوڻيڪ هن کي ڇڱيءَ طرح ڄاڻ آهي ته آئون شادي شده آهيان.“

”خيال ڪجاڻءِ ڪٿي تنهنجي مڙس کي ان بابت خبرنه پوي.“

”هن کي پوندئي ڪانه. ڇو جو آئون پنهنجي يار سان گڏ سئنيما هال جهڙن هنڌن تي وڃاڻءِ ڪانه ٿي جو مون کي گهڻا ماڻهو ڏسن. ماڻهن کان آئون تمام خبردار رهان ٿي. هڪ دفعو ڏسي وٺندا ته پوءِ ڳالهه مان ڳالهوڙو ناهي وٺندا. اسين فقط انهن هنڌن تي وڃون ٿا جتي ماٺ ۽ خاموشي آهي. جن هنڌن تي هرهڪ نٿو پهچي.

”پر تڏهن به توکي خبردار رهڻ کپي.“

”پر ان ۾ آخر خرابي ڪهڙي آهي. اسان رڳو ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ ملون ٿا. آخر ڪار شادي شده عورتن کي ٻين سان دوستي رکڻ جو اوترو ئي حق آهي جيترو شادي شده مردن کي آهي. يا نه-؟“

ماستر جي زال کوبه تبصرو ڪرڻ نٿي چاهيو، پر مسز وانگ ان هوندي به پنهنجي سچي ڪهاڻي ٻڌائڻ جي موڊ ۾ هئي: ”مون واري ٻواءِ فرينڊ کي مون بابت هر ڪا خبر آهي، سمجهين ٿي

يا نه؟ هن کي اها به خبر آهي ته منهنجو مڙس سان اڪثر جهيڙو ٿيندو رهي ٿو.“

”مون هن کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو آهي ته سڀ مرد هڪجهڙا آهن. هو توهان تي رڳو تيستائين عاشق آهن جيستائين توهين هنن جون نه ٿيون آهيو. هڪ دفعو توهان آڻ مڃي ته معنى توهان جي انا ۽ وجود ڇڻ ختم ٿي ويو. پر هي ڪلندو رهي ٿو ۽ اهوئي چوي ٿو ته سڀ مرد اهڙا نه آهن.“

”ان جي معنى ته هو اهو ثابت ڪرڻ چاهي ٿو.“ ماسٽر جي زال مرڪيو.

”ڇئي نٿي سگهان. آئون ڪيس بلڪل سمجهي نه سگهي آهيان.“ مسز وانگ ان وقت سمجهي ويئي ته شايد هوءَ پنهنجي ننڍڙي ڳالهه ٻولهه دوران گهٽو ڪجهه اڳيان نڪري ويئي آهي.

مسٽر وانگ کي آخرڪار زال جي ڪرتوتن جي خبر پئجي ويئي. هڪ ڏينهن هن ڪانئس اڳ ٻڌي پڇيو:

”ڇا تون ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان گڏ ٻاهر ويندي رهي آهين؟ مثال طور، ڪار ۾؟“

”منهنجي هڪ دوست توکي هڪ ڏينهن سنگاپور جي هڪ علائقي ڪاتونگ ۾ ڏٺو هو. تون ڪنهن ماڻهو سان ڪار ۾ وڃي رهي هئينءَ. منهنجا هتي سنگاپور ۾ ڪافي ڄاڻو سڃاڻو ۽ دوست آهن، خبر اٿئي؟“

”بس جڏهن تون پنهنجي ڪئبري ڊانسر ڇوڪري سان گڏ جرونگ ۾ وڃي سگهين ٿو ته منهنجي خيال ۾ مون کي به اهو حق آهي ته پنهنجن ڄاڻ سڃاڻ سان ڇڪر تي هلي وڃان.“

”بواءِ فرينڊ سان يا ڪئبري ڊانسر ڇوڪرن سان؟“

سجيئن ته هن کي پڪ نه هئي ته هن پيري هوءَ هيءُ ويڙهه ڪٿي سگهندي يا نه، ان ڪري جواب ڏيڻ بدران ماٺ اختيار ڪئي پر مڙسس شايد هن جي خلاف سڀ ثبوت گڏ ڪري ڇڪو هو سو تڪو ٿيندو ويو. ايتريقدر جو ڌڙڪن ۽ رڙين جي دور بعد مسز وانگ ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ڪم ڪرڻ واري نوڪريءَ تان استعيفى ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. ۽ پوءِ هوءَ هڪ دفعو وري گهرو عورت ٿي گهر ۾ گهارڻ لڳي. پر مسٽر وانگ هر هڪ ڪلاڪ هن سان گذاري نٿي سگهيو. هن کي پنهنجو ’واپار‘ هو ۽ ’واپاري دوست‘ هئا جن کي ڪيس منهن ڏيڻو هو. هوا ڪٿر رات جي ماني تي نه ايندو هو ۽ مٿين ڳالهه بعد ته رات جو ٻي ٻي بجي گهر موٽڻ لڳو. مسز وانگ به وري ٻاهر وڃڻ شروع ڪيو- ظاهر آهي مڙس جي اجازت ۽ ڄاڻ بنا.

ٻه ٽي مهينا ائين ئي گذري ويا بنا ڪنهن مصيبت جي. پر پوءِ يڪو وڏو هنگامو برپا ٿي ويو؛ مسٽر وانگ جي سالي، مسز وانگ کي ڪنهن ماڻهوءَ سان گڏ هوٽل جي ڪمري ۾ ڏسي ورتو. هن ڪمري جو نمبر نوٽ ڪري پنهنجي ڀيڻ کي فون ڪيو- جيڪا مسٽر وانگ جي پهرين زال هئي. هن ماءُ کي اطلاع ڪيو جنهن مسٽر وانگ جي ڀيڻ کي چيو ته هنيئر جو هينئر ڪار ۾ ڇڙهي مسٽر وانگ کي ڳول. چاهي ان لاءِ توکي سڄو شهر ڇاڻو پوي. مسٽر وانگ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي گهر پهتو ۽ گهر ۾ گهڙڻ سان پنهنجي زال کي ٻه چار ٺڪڙ وهائي ڪڍيا. هوءَ اوچتو هي حملو ڏسي هڪي ٻڪي رهجي ويئي ۽ پاڻ ڪٽي ڪوچ تي ڇڏيو.

”ان ڪان ته ٻڌي مر رندي ڪنهن جاءِ جي.“ مسٽر وانگ ڪاوڙ مان چيس

مسز وانگ ڪجهه هوش سنڀالي ڪوچ تان اٿي مڙس جي پرسان آئي؛ ”توکي ٿيو ڇا آهي، جهنگلي جانور؟“

مسٽر وانگ وات سان جواب ڏيڻ بدران ڪيس ڪوچ ڏي ڌڪو ڏنو ۽ ڪمري ۾ رکيل شيون پچڻ لڳو. گهر ۾ رهندڙ نوڪرياڻي ۽ اسان سڀ مسواڙي، هي لقاءُ ڏسي وائڙا ٿي وياسين جو هي پهريون دفعو هو جو واقعي وڏو جهيڙو ٿي رهيو هو.سندس ڌيءَ سڏڪا ڀري ڪنڊ ۾ رو.ئڻ لڳي.

”مون آخر تنهنجو ڇا ڦٽايو آهي؟ يا چريو ٿي پيو آهين، جهنگلي مرون!“

”هوٽل وارو ڪارو منهن تو ڏيکارين. مون وٽ تنهنجي هر ڳالهه جي هاڻ ثابتي آهي!“

مسز وانگ ڪوچ تي پاڻ کي ڦٽو ڪري روئڻ لڳي. ٻاهر پاڙي جي ٻارن جو ميڙ اچي گڏ ٿيو. مسٽر وانگ وڏي رنڀ ڪري کين چيو:“ هليا وڃو. توهان جو ڇا وڃي ٻين ۾. وڃي پنهنجي ڪريو.“

پر پوءِ ڪيس ئي آخر ۾ شرمندي ٿي. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڇا ڪري رهيو آهي يا کيس ڇا ڪرڻ کپي. جيڪي ڪجهه هٿ چڙهيس ٿي تنهن کي پڇي پور ڪيائين ٿي. نه وري سندس زال کي سمجهه ۾ ٿي آيو ته ڇا ڪري، سواءِ روئڻ ۽ سڏڪن ڀرڻ جي. نيٺ جڏهن مسٽر وانگ گهر جو سامان زيان ڪري ٿڪجي پيو ته پوءِ اهو چئي ٻاهر نڪري ويو: ”آئون توکي ڏيکاريندس ته آئون ڇا ٿو ڪري سگهان.“

ان رات هو واپس نه آيو ۽ نه وري مسز وانگ سڄي رات سمهي سگهي. سڄي رات هوءَ سامان هيٺ مٿي ڪندي رهي ۽ ٻنگون ٺاهيندي رهي. ٻي ڏينهن صبح جو هوءَ به گهر ڇڏي هلي وئي.

ڪنهن کي به خبر نه پيئي ته مسز وانگ ڪيڏانهن هلي وئي پر جڏهن مسٽر وانگ موٽيو، ۽ ڪمري جي جاچ ورتائين ته خبر پيس ته قيمتي شيون مڙيئي ميڙي ڪٺي وئي آهي. هو سمجهي ويو ته هن خودڪشي نه ڪئي آهي فقط ڀڄي وئي آهي.

”ڪيڏي ته بي شرم آهي.“ هن چيو ۽ پاڻ به گهر ڇڏي نڪري ويو. مسٽر وانگ جي ماءُ ۽ ڀيڻ ان بعد نظر آيون. اهي مسٽر وانگ جو باقي سامان ٻڌڻ لاءِ آيون هيون ۽ سڄي پاڙي کي مسٽر وانگ جي ٻي زال بابت ٻڌايو. ويندي وقت هو پاڻ سان مسٽر وانگ جي ٽن سالن جي ڌيءَ به وٺي ويون.

ان واقعي بعد مسز وانگ وري ڏسڻ ۾ نه آئي. مهيني جي آخري تاريخ تي، مسٽر وانگ پاڙي جي ٽرڪ وٺي آيو جنهن ۾ پنهنجو سامان ڪڍائي ويو ۽ گهر جي نوڪرياڻيءَ وڃي ٻئي هنڌ نوڪري ڳولي.

*لي جو لِن (Lee. Ju. Lin)*

[هن افساني ’پيار جو آڪيرو‘ جو ليکڪ لي- جو تمام ڪراڙو ليکڪ آهي. پاڻ چيپن کان ملايا آيو. اڄڪلهه سنگاپور ۾ رهي ٿو.]

# نيڪلس

مٿئلڊا هڪ اهڙي ڦداور خوبرو نوجوان خاتون هئي، جيڪا شايد تقدير جي غلطيءَ ڪري ڪلارڪن جي خاندان ۾ پئدا ٿي پئي. هن نه ڏيج آندو، نه خوشنما اميدون ۽ نه اهي ذريعا جن جي ڪري هن کي ڪا شهرت ملي ها، پسند ڪئي وڃي ها ۽ ڪو امير ڪبير يا ڪا ممتاز شخصيت هن سان محبت ڪري ها يا هن سان شادي جي خواهش رکي ها. سو هن تقدير تي شاڪر رهي هڪ معمولي ڪلارڪ سان ڪٿي شادي ڪئي، جنهن تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪئي ٿي.

هوءَ هر وقت اندر ئي اندر ۾ ڪڙهندي پڇندي رهي ٿي، ڇو ته هن پنهنجو پاڻ کي پيدائشي طور زيب زينت ۽ عيش عشرت جو حقدار سمجهيو ٿي. پنهنجي گهر جون ساديون شيون ڏسي هن جو اندر سڙيو ٿي. هن غريباڻي گهر جون جهونيون ڀتيون، گنل ڀيٺل ڪرسيون ۽ ڊٺل رنگ ۽ روغن واريون شيون سندس درد جو باعث بڻيل هيون.

هن جي جاءِ تي ڪا ٻي عورت هجي ها ته انهن ڳالهين ڏي ڪو ڌيان ئي نه ڏئي ها، پر ڪيس کي اهي ئي شيون اذيت پهچائي رهيون هيون ۽ انهن ڳالهين تي سوچي ڪاوڙ ٿي لڳس. پنهنجو معمولي گهر ڏسي هن کي دل ئي دل ۾ وڏين محلاتن ۽ ڪشاده گهرن جا خيال ٿي آيا، جن ۾ خوبصورت روشندان ۽ رنگين خوبصورت پڙدا ٽا ٿين. چست ۽ چوبند دربان مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪن ٿا. ۽ انهن گهرن جا وڏا ڊرائنگ روم، عمدو ۽ باوقار فرنيچر انهن ڪمرن جي سونهن هوندو آهي. جڏهن هوءَ کائڻ جي گول ميز تي رات جي ماني کٽي وهندي هئي ته ان جو ميز پوش هفتي کان ميرو هوندو هو ۽ هن جو مڙس هن جي سامهون ميز تي ويٺل هوندو هو. جڏهن هوءَ ڊش جو ڍڪڻ مٿي ڪندي هئي ته مڙس خوشيءَ مان چوندو هو: ”واهه ڙي واهه! ڇا ته شاندار گوبي رڌي اٿئي. آئون ٻئي ڪنهن به ڊش کي هن کان چڱو نه چوندس.....“ ۽ ان وقت هوءَ انهن عمدن کاڌن جو سوچڻ لڳندي هئي.... چمڪندڙ چانديءَ جي ٿانون جو سوچيندي هئي.... کائڻ جي ڪمري جي ڀتين تي لڳل خوبصورت پڙدن ۽ تصويرن بابت سوچڻ لڳندي هئي، جن تي قديم زماني جي شخصيتن جون پينٽگون هونديون هيون يا وري پرين وارن جهنگلن ۾ ڪنهن ناياب پکيءَ جون سينريون. هوءَ انهن قسمين قسمين کاڌن جو سوچڻ لڳندي هئي، جيڪي شاندار ڊشن ۾ سجائي رکيا آهن..... ۽ مهمانن جي واتان ٿيندڙ تعريف ۽ واهه واهه جي صدا ٻڌبي آهي.

هن عورت وٽ پائڻ لاءِ نه فراڪ هئا ۽ نه ئي گهه ڳهٽا. هن وٽ ڪجهه به ته نه هو. ويتر ستم اهو ته اهي ئي شيون هيون جن سان هن کي بيحد گهڻو پيار هو. هن کي ائين لڳندو هو ڄڻ هوءَ ڄائي ئي انهن شين لاءِ آهي. ڪيڏي نه خواهش هئي هن کي ته هو ماڻهن جي دل لڀائي..... هن کي ڳوليو وڃي..... هوءَ لڪل به رهي ته نگاهن جو مرڪز به. ۽ ماڻهو هن سان دوستي رکڻ لاءِ آتا هجن.

جڏهن هوءَ ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهندي هئي ته سندس ان وقت هڪ ساهيڙي هئي جيڪا

بيحد امير هئي..... جنهن سان هن ملڻ پسند نٿي ڪيو، ڇو ته جڏهن هيءَ ان سان ملاقات ڪري موٽندي هئي، تڏهن بيحد اذيت ۾ مبتلا ٿي ويندي هئي. طبيعت بي مزي ٿي ويندي هيس. ايڏو ته رنج ملندو هوس ۽ اينري ته نااميديءَ جو ڪيفيت طاري ٿي ويندي هيس جو هوءَ سڄو سڄو ڏينهن روئندي رهندي هئي.

هڪ ڏينهن جڏهن هن جو مڙس گهر موٽيو ته هو خوش خوش هو.... هن جي هٿ ۾ هڪ وڏو لفافو هو. ”اڄي ڏس..... هن ۾ ڪا شيءِ آهي، تو لاءِ.“ هن چيو.

هن جهٽ پٽ لفافو ڦاڙي کوليو ۽ ان مان هڪ ڪارڊ ڪڍيو، جنهن تي هي لفظ ڇپيل هئا:

”جناب وزير تعليم ۽ ان جي بيگم صاحبا، جناب ۽ مادام نوريل کي عرض ٿا ڪن ته هو ارڙهين جنوري بروز سومر، بوقت شام وزير موصوف جي قيام تي پهچي، هنن جي عزت افرائي ڪن.“

هن خوش ٿيڻ بجاءِ، جنهن جي هن جي مڙس کي اميد هئي، دعوت نامي کي ڪٽي ميز تي اڇلايو ۽ پنهنجي منهن پُٽڪڻ لڳي، ”تنهنجو ڇا خيال آهي ته آئون هي لفاف وٺي ڇا ڪنديس؟“

”پر منهنجي مئي..... منهنجو خيال هو ته توکي ان جي ملڻ تي خوشي ٿيندي.. تون ڪڏهن ٻاهر نڪرين ئي نٿي.... ۽ هي هڪ موقعوملي ويو آهي. بلڪه هڪ عاليشان موقعو! مون کي هي دعوتنامو هٿ ڪرڻ ۾ ڪافي دشواري ٿي. هرڪو ان کي حاصل ڪرڻ جو خواهشمند هو..... ۽ هي فقط ڪجهه خاص الخاص ماڻهن لاءِ آهي.... نوڪرين وارن مان فقط چند ماڻهو ان کي حاصل ڪري سگهيا آهن. تون هلنديءَ ته اتي توکي آفيسرن وارو ٺاٺ ٻاٺ ملندئي.“

هن مڙس ڏانهن بيزار نظرن سان ڏٺو ۽ بيحد ٺڏائيءَ سان چيو: ”تنهنجي خيال ۾ مون وٽ آهي ڇا جو پائي اهڙيءَ جاءِ تي هلجي؟“

هن شخص ان باري ۾ ته سوچيو به نه هو. هن هٻڪندي چيو؛ ”پياري..... اهوئي لباس ڪٽي پاءِ جيڪو تون ٿيٽر ۾پائي هلندي آهين... مون کي ته اهو تمام خوبصورت ٿو لڳي.“ هو خاموش ٿي ويو. هيڪاندو احمق لڳڻ لڳو ۽ جڏهن هن جي زال روئڻ لڳي ته هن جي اڃا به دل ٽٽي پئي. عورت جي اکين مان ڳوڙها ٽپ ٽپ ڪري ڳلن تان وهڻ لڳا. هن وري هٻڪندي چيو: ”ڳالهه ته ڪر. ڇا ڳالهه آهي؟“

عورت وڏيءَ ڪوشش سان پنهنجي دٻايل جذبن کي قابو ۾ رکي، پنهنجا آلا ڳل اُگهي نرم آواز ۾ پنهنجي مڙس جي سوال جو جواب ڏنو:

”ڪجهه به نه. ڳالهه هيءَ آهي ته مون وٽ ته ڪي سنوان سبتا ڪپڙا به نه آهن... ان ڪري آئون ان دعوت ۾ هلي نٿي سگهان. تون هي دعوت جو ڪارڊ پنهنجي آفيس جي ڪنهن اهڙي دوست يا ساٿيءَ کي ڏئي سگهين ٿو، جنهن جي زال وٽ مون کان بهتر پوشاڪ ميسر هجي.“

مڙس کي ڌڪ ته ٿيو، پر هن پيار واري لهجي ۾چيو: ”ميٿلڊا! ترس، مون کي سوچڻ ڏي. هڪ سٺي وڳي تي گهڻو خرچ ٿيندو؟ اهڙو وڳو جيڪو ٻين ڪاڄن تي به ڪم اچي سگهي. ڪو سادو لباس؟“

ڪجهه گهڙين لاءِ هو سوچ ۾ گم ٿي وئي. دل ئي دل ۾ حساب ڪرڻ لڳي. ڪجهه اينرن

پئسن جو سوچڻ لڳي. جيڪي گهرڻ سان هو انڪار به نه ڪري ۽ جنهن کي پڌي هن جو ڪفايت پسند ڪلارڪ مڙس ڏجي هليو به نه وڃي. آخرڪار هن شرمائيندي چيو:

”مون کي بلڪل صحيح طرح ته خبر ناهي، پر مون کي لڳو ته چار سؤ فرئنڪ مان ڪم هلي ويندو.“

اهو ٻڌي مڙس جي منهن جو رنگ ڪجهه ڦڪو ٿي ويو. ڳالهه هيءَ هئي جو هن ويچاري ايتري ئي رقم پنهنجي لاءِ بچائي رکي هئي- ان نيت سان ته هڪ عدد بندوق خريد ڪري، هو به شڪارين جي ڪنهن ٽولي ۾ شامل ٿيندو ۽ ايندڙ اونهاري ۾ نيناري جي ميداني علائقي ۾ ڪجهه دوستن سان گڏ شڪار ڪري ايندو، جيڪي گذريل آچر تي ڪجهه پکين جو شڪار ڪري آيا هئا. پر خير. هو چوڻ لڳو:

”چڱو پلا آئون توکي چار سؤ فرينڪ ڏئي ڇڏيندس، پر ڪوشش ڪري ايترن پئسن مان ڪو عمدو لباس خريد ڪجانءِ.“

جيئن جيئن دعوت وارو ڏينهن ويجهو ٿيندو ويو، مئڊم لوزيل غمگين، پريشان ۽ بي چين رهڻ لڳي. خير هن جو وڳو ته بلڪل تيار ٿي ويو هو. هڪ شام هن جي مڙس هن کي چيو:

”پياري توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ گذريل ٽن ڏينهن کان تون عجيب حرڪتون ڪري رهي آهين ۽ تنهنجي چهري تي اها رونق نظر نٿي اچي.“

هن جواب ڏنو: ”مون کي پريشاني اها آهي ته مون وٽ ڪو به ڳهه ڳٽو نه آهي. هڪ به قيمتي پٿر نه اٿم. ڪا اهڙي شيءِ نه اٿم جنهن سان پاڻ کي سجائي سگهان. آئون سپني جي وچ ۾ مسڪين نظر ايندس.، ان ڪان ته آئون اهو پسند ڪنديس ته پارٽيءَ ۾ ئي نه هلان.“

هن چيو: ”هيئن ڪجانءِ پياري! ڪنهن ڳهه ڳٽي بدران قدرتي گل ئي ڪٽي سجائي هلجانءِ. ڏهه فرئنڪن ۾ توکي ٻه يا ٽي عاليشان گل ملي ويندا.“

پر هوءَ ان تي راضي نه ٿي، جواب ڏنائين: ”نه.... ان کان وڌيڪ بي عزتيءَ جي ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي ته ههڙين امير عورتن جي وچ ۾ هڪ نيچ قسم جي انداز ۾ هلجي.“

ان تي هن جي مڙس کي اوچتو ڪو خيال اچي ويو ۽ هن رڙ ڪري چيو: ”پاڻ به ڪهڙا ته احمق آهيون! تون وڃ ۽ وڃي پنهنجيءَ ساهيڙيءَ مئڊم فورسٽيئر کان ڪجهه زيور اڌارا وٺي اچ. تنهنجي هن سان چڱي خاصي سڃاڻپ آهي، هوءَ توکي ضرور ڏينهن ٻن لاءِ زيور ڏئي ڇڏيندي.“

هن خوش ٿي دانهن ڪئي: ”واهه واهه. بلڪل صحيح ٿا چئو. مون کي ته ان ڳالهه جو خيال ئي نه پئي آيو.“

ٻئي ڏينهن هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر وئي ۽ هن کي پنهنجي ڏک واري ڳالهه ٻڌايائين. مئڊم فورسٽيئر پنهنجي شيشي جي دروازن واري ڪٻٽ تائين وئي. ان مان هن زيورن جو هڪ وڏو دٻو ڪڍيو. واپس آئي، ان کي هن کوليو ۽ چيو: ”اچي وٺ منهنجي جان! جيڪو توکي وڻي سو پاڻ پسند ڪري کڻ.“

هن پهرين ته ڪجهه ڪنگڻ ڏٺا، پوءِ موتين وارا گلوبند، پوءِ وينس شهر جو ٺهيل هڪ صليب، جنهن تي نهايت ڪاريگريءَ سان ٺُڪ جو ڪم ٿيل هو. هن آرسيءَ اڳيان واري واري سان

ڳهه پائي ڏٺا. ڪجهه گهبرائجي وئي ۽ فيصلو ڪري نه پئي سگهي ته زيور ڪٿي يا ڇڏي ڏئي.

۽ پوءِ هن سوال ڪيو: ”انهن کان علاوه ڪجهه ٻيا آهن تو وٽ؟“

”ڇو نه- بلڪل آهن. تون پاڻ پنهنجي پسند جي شيءِ ڳولي وٺ. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته توکي ڇا پسند آهي.

ڏسندي ئي ڏسندي هن کي هڪ ڪاري رنگ جو ساٽن جو دٻو هٿ آيو، جنهن ۾ هيرن جو هڪ نهايت عاليشان نيڪلس رکيو هو، جنهن کي ڏسي هن جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي. هن نيڪلس کڻي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو ۽ انهن هيرن جي آب تاب جي سامهون بي بس ٿي ويئي. تڏهن هن هڪ بيقرار لهجي ۾ گهبرائيندي چيو؛ ”ڇا تون مون کي هي.... فقط هي هڪ... هار اڌارو ڏئي سگهندينءَ؟“

”ڇو نه پلا.... بلڪل کڻي وڃ.“

هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي جذبات مان جهومڻ لڳي ۽ پوءِ قيمتي نيڪلس کڻي گهر هلي آئي.

پارٽيءَ جو ڏينهن اچي ويو. بال ڊانس ۾ مئڊلڊا جي وڏي ڌوم مچي وئي. هو سڀني عورتن ۾ حسين هئي. باوقار، مرڪندڙ ۽ سونهن سان ڀرپور مردن هن ڏانهن تي ڏٺو ۽ هڪ ٻئي کان هن جو نالو پئي پڇيو ۽ هن سان ڄاڻ سڃاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. وزارتي ڪابينا جا جيترا به ماڻهو هئا، تن مان هر هڪ هن سان ڊانس ڪرڻ چاهي ٿي. وزير تعليم به هن ڏي ڪجهه ڌيان ڏنو.

هوءَ جوش ۽ جذبي سان ڊانس ڪندي رهي- مستيءَ واري ڪيفيت ۾، خوشيءَ ۾ مدهوش ٿي. هر ڳالهه کان بي نياز ٿي.... پنهنجي حسن جي فتحيابين جي ڇانو ۾.... پنهنجي ڪامرانين جي عظمت سان سرشار، جيڪي هن جي نصيبن ۾ آيون هيون. ۽ اهو نتيجو هو انهن امنگن جو ۽ ان احساس جمال جو جيڪو ڀرپور ۽ ڪامل هو ۽ جيڪو هر عورت جي دل لاءِ شيرين ٿئي ٿو.

هوءَ گهر ان وقت وئي، جڏهن صبح جا چار وڄي رهيا هئا. هن جو مڙس اڌ رات گذرڻ تي ٽڪجي اتي ئي هڪ ميڪ اپ روم ۾ سمهي رهيو هو.

هلڻ وقت سيءَ کان بچڻ لاءِ هن پنهنجي زال جي ڪلهن تي گهر ۾ پائڻ واري شال اوڍائي ۽ جلدي گهر ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا. جيئن ڪو ڪين اوچي وڳي مٿان ساديءَ شال ۾ نه ڏسي سگهي. مڙس گهڻو ئي چاهيو ته ڪا گهوڙي گاڏي گهرائي وٺجي، مٿان زال کي سيءَ لڳي، پر هوءَ ترسڻ لاءِ تيار نه هئي ۽ وڏيون وڏيون ٻرانگون ڀري ڏاڪڻيون لهي رستي تان اچي نڪتي. رستي تي ڪا گاڏي نظر نه آئي ۽ هو هيڏانهن هوڏانهن لوُنڊا هڻي ڳولڻ لڳا.

ٻئي ڄڻا پيادا ئي پيادا هلندي هلندي درياهه سين ڏي نڪري ويا. آخرڪار گوديءَ تي هنن کي هڪ پراڻي طرز جي سواري ’ڪوپي‘ ملي وئي جيڪا رات جي وقت هلي ٿي ۽ پئرس ۾ آڌيءَ رات ڪانپوءِ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جو اهڙين سوارين جي گهٽ مشهور هجڻ ڪري، ڏينهن جي وقت ۾ انهن ۾ چڙهندي ماڻهو شرمائين ٿا!

ڪوپي، مارٽير اسٽريٽ تي سندن گهر جي دروازي تائين کيس کڻي آئي ۽ هو ٽڪل ٽڪل پنهنجي گهر جون ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳا.

هن عورت لاءِ ته ڪيل پڇاڻيءَ تي پهچي چڪو هو، پر جيستائين مرد جو تعلق هو ته صبح جو ڏهين بجي تائين آفيس ۾ پهچڻو هو.

عورت شال کي ڪلهن تان لاهي پلنگ تي اڇلايو، آرسيءَ جي سامهون بيهي پنهنجي حسن جي تاب کي آخري دفعو ڏٺو...... اوچتو هن کان دانهن نڪري ويئي.... اهو نيڪلس هن جي ڳچي ۾ نه هو.

هن جو مڙس جيڪو تقريبن اڌ ڪپڙا لاهي چڪو هو، تنهن چيو: "ڇا ماجرا آهي؟"

"هوءَ ديوانگيءَ واري انداز ۾ هن ڏي ڊوڙي ۽ کيس چيو: "مون وٽ ....... مئڊم فورسٽيئر جو نيڪلس موجود ناهي."

هو گهبرائجي ويو. هن چيو: "ڇا چيئي؟ اهو ڪيئن ٿيو. اهو ناممڪن آهي." ۽ پوءِ ٻنهي ڄڻن ان نيڪلس کي عورت جي ڪپڙن جي تهن ۾ ڳوليو. هن جي کيسن ۾ ڏٺو.... مطلب ته هر هنڌ ڳوليو. پر اهو نه مليو.

هو پڇڻ لڳو: "ڇا توکي يقين آهي ته جڏهن اسان هن گهر مان هليا هئاسين ته نيڪلس تو وٽ هو؟"

"ها. هال مان نڪرڻ وقت مون پاڻ ان کي هٿ سان محسوس ڪيو هو."

"پر اهو جيڪڏهن رستي تي ڪري ها ته ان جي ڪرڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ها. ٿي سگهي ٿو اهو گاڏي ۾ رهجي ويو هجي."

"ها اهو ممڪن آهي. ڇا تو گاڏيءَ جو نمبر ڏٺو؟"

"نه..... ۽ پلا تو؟ تو نمبر نوٽ ڪيو پلا؟"

"نه."

هو ٻئي هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳا. ٻئي بيحد غمگين هئا. پوءِ مڙس وري پنهنجا ڪپڙا پاتا ۽ چيو:

"آئون وڃان ٿو.... اهو ئي رستو وٺي جنهن تي پاڻ پنڌ آيا هئاسين، ڏسان ٿو متان اتي ملي وڃي."

پوءِ هو هليو ويو. هوءَ پنهنجو شام وارو وڳو پائي ويٺي رهي. هن ۾ ايتري همت نه پئي ٿي جو وڃي بستري تي ليٽي. هو هڪ ڪرسيءَ تي ئي ويهي رهي.

ان وقت هن جي دل ۾ نه ڪا خواهش هئي ۽ نه ڪا سوچ. صبح جو ستين وڳي ڌارين هن جو مڙس موٽيو. نيڪلس جو ڪٿي ڪو پتو نه پيو.

هو پوليس وارن وٽ به ويو ۽ ڪوپي گاڏين جي آفيس ۾ به ۽ هن اخبار وارن کي به اشتهار ڏنو. نيڪلس جي بدلي ۾ انعام جي پيشڪش ڪئي...... مطلب ته هن هر اهوڪم ڪيو، جنهن ۾ کيس ذري جيترو به شڪ يا اميد هئي.

شام جو هو گهر ناڪام ٿي پهتو. هن جو چهرو هئڊ جهڙو ڦڪو هو. هو چوڻ لڳو: "هاڻ تون پنهنجيءَ ساهيڙيءَ کي خط لکي موڪل ته نيڪلس جو ڪنڊو ڀڃي پيو آهي ۽ تون هن جي مرمت ڪرائي پوءِ کيس موٽائيندينءَ. اهڙي طرح پاڻ کي ڀڄ ڊڪ لاءِ ٿورو وڌيڪ وقت ملي ويندو."

جيئن سندس مڙس ڪيس لڪرايو، تيئن ئي هن خط لکي پنهنجي ساهيڙيءَ کي موڪليو.

هڪ هفتو گذري ويو ۽ هنن ٻنهي جون سڀ اميدون مٽي ۾ ملي ويون. مسٽر لوزيل جيڪو پنهنجي زال مئڊم مٿلڊا کان پنج سال وڏو هو، اعلان ڪيو: ”پاڻ کي هر صورت ۾ هن وڃايل زيور جي بدلي ۾ ڪجهه ڪرڻو پوندو.“

ٻئي ڏينهن ان دٻي کي جنهن ۾ نيڪلس بند هو، ان سوناري وٽ کڻي ويا جنهن جو ان تي نالو ڇپيل هو.

سونارو دڪان جي رجسٽرن ۾ ڳولڻ لڳو. پوءِ ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي چيائين: ”مئڊم! هي نيڪلس منهنجي دڪان جو نه آهي. مون ته فقط دٻو وڪيو آهي.“

ان بعد هو هڪ سوناري وٽان ٻئي وٽ پهتا- ان ڳولا ۾ ته جيئن گم ٿيل هار جهڙو ڪٿي نطر اچي وڃي. ٻئي ڄڻا دماغ تي زور ڏيئي گم ٿيل نيڪلس بابت سوچڻ تي لڳا... ۽ ٻئي ڄڻا بي حال ۽ بي چين ٿي ويا ٿي.

ڦرندي ڦرندي هو رايل پئلس پهتا، جتي هڪ دڪان تي هيرن سان جڙيل هڪ هار کين نطر اچي ويو، جيڪو هوبهو گم ٿيل نيڪلس جهڙو هو. ان هار جي قيمت چاليهه هزار فرئنڪ هئي... هنن کي اهو ڇٽيهه فرئنڪن ۾ ملي رهيو هو.

هنن سوناري کي منٿ ميڙ ڪئي ته مهرباني ڪري کين گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مهلت ڏني وڃي جيسين هو ان کي خريد ڪرڻ جو سوچي وٺن. تيسين هو ڪنهن ٻئي کي وڪڻي نه ڏئي. ان سان گڏ دڪان سان اهو به معاهدو ڪيائون ته فيبروريءَ جي آخر تائين جيڪڏهن هن کي گم ٿيل نيڪلس ملي ويو ته هو اهو هار کانئن چوٽيهه هزار فرئنڪن ۾ موٽائي وٺندو.

هاڻ لوزيل وٽ پيءُ جي ورثي ۾ مليل ارڙهن فرئنڪ موجود هئا. باقي هن قرض ورتو ۽ فرض به هيئن ورتائين ته ڪنهن کان هزار فرئنڪ اڌار ورتائين ته ڪنهن کان سؤ فرينڪ. هو قرض وٺي هر هڪ کي لکت ۾ ڏيندا رهيا ته سندن قرض آهي ۽ هو هنن کي جلد موٽائي ڏيڻ جا واعدا ڏيندا رهيا. وياج خورن کان به ڪجهه رقم ورتا.ئون. هنن پنهنجو سڄو وجود داءَ تي لڳائي ڇڏيو. بنا سوچي سمجهي جتي ڪٿي پنهنجون صحيحون ڪندا رهيا. ان جو به فڪر نٿي ڪيائون ته هو رقم موٽائي ڏيڻ جا واعدا نباهي به سگهندا يا نه.، ،مستقبل جي باري ۾ هنن کي جيڪا بي چيني هئي، جيڪا جسماني اذيت ۽ ذهني عذاب هنن کي ملڻو هو ان جي تصور کان ڪنبندي، هو سوناري جي دڪان تان نئون هار خريد ڪرڻ لاءِ پهچي ويا. دڪاندار جي ڪائونٽر تي هنن ڇٽيهه هزار فرئنڪ اڳيان وڌايا ۽ هار وصول ڪيو.

جڏهن مئڊم لوزيل (مئٿلڊا) ان نيڪلس کي کڻي مئڊم فورسٽيئر وٽ پهتي ته هن ٿڌي نموني سان چيو: ”توکي هي جلدي موٽائڻ کتو ٿي جو شايد مون کي به ان جي پائڻ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.“

پوءِ هن زيورن جو دٻو کوليو ۽ آٿڻ واريءَ کي اهو دپ ٿيو ته ڪٿي هوءَ سڃاڻي نه وٺي ته هي سندس وارو هار نه پر ٻيو آهي ۽ جي هن سڃاڻي ورتو ته هو ڇا سوچيندي. ۽ هن کي ڪهڙو جواب ڏيڻ کپي. ڇا هوءَ هن کي چور سمجهندي؟ پر مئڊم فورسٽيئر خاموشيءَ سان نيڪلس کڻي

رکيو.

بهرحال پهرين منزل ته هنن پوري ڪئي ۽ ورتل اڌارو زيور واپس ڪيو. هاڻ ٻي وڏي منزل هئي قرض چڪائڻ جي، ۽ قرض به قرضن جهڙو هو. اهڙو تهڙو نه هو جو مهيني ٻن جي پگهار يا بکن ڪاٽڻ سان لهي وڃي. "هوءَ هر صورت ۾ قرض لاهيندي." هن دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪيو. پهرين ته هنن گهر جي نوڪرياڻيءَ کي موڪل ڪرائي ڇڏي ۽ پوءِ اهو وڏو گهر ڇڏي هڪ سستي جاءِ مسواڙ تي وٺي رهڻ لڳا.

هاڻ هن گهر جي صفائي ۽ رڌ پچاءُ پاڻ ڪرڻ شروع ڪيو. هن اهو ڪم ڪڏهن نه ڪيو هو پر هاڻ پاڻ ٿانوَ ڌوئيندي رهي. تيل هاڻا ديڳڙا ۽ ڪٽڇيون صاف ڪندي رهي ۽ هن جا گلابي رنگ وارا ننهن چوپا ٿيڻ لڳا. ڪپڙا به پاڻ ڌوئڻ لڳي... چاهي سندس ۽ مڙس جا ڪپا ۽ گنجيون هجن چاهي ميز پوش... هوءَ هر شيءِ پاڻ هٿن سان ڌوئي اس تي وجي سُڪائيندي هئي، جيئن اهي ڌوٻيءَ جا پئسا بچي پون.ا ستري به پاڻ ڪرڻ لڳي ته گهر کي ٻهاري به پاڻ ڏيڻ لڳي ۽ پوءِ گهر جو گند ڪچروڊٻي ۾ گڏ ڪري رستي جي ٻئي ڪناري وٽ اڇلي ايندي هئي. ان غريباڻي گهر ۾ پاڻيءَ جو بندوبست به نه هو، ان ڪري صبح ساڻ اٿي ٻه ٻه ڏاڪڻيون لهي هيٺان پاڻي ڀري اچڻ لڳي. گهر جي پاڄي پٽي وٺڻ لاءِ پڻ پاڻ وڃڻ لڳي ۽ سندس جسم تي هر وقت عام عورتن وارا سادا ڪپڙا هئا. سودو سلف وٺڻ وقت هن جو دڪاندارن سان پئسي پئسي تي تڪرار هليو ٿي. هن کي هر وقت پئسو بچائڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو فڪر رهيو ٿي، جيئن قرض لهندو هلي، نه ته قرض سان گڏ وياج ٿي چڙهيو، هن جو مڙس به هاڻ پارٽ ٽائيم جاب ڪرڻ لڳو هو... يعني ڪجهه دڪاندارن جا ڏيتي ليتي جا رجسٽر ڻاهيندو هو جن وٽان کيس ٿورو گهڻو پگهار مليو ٿي. رات جو ڪنهن نه ڪنهن جي لکائي جو ڪم گهر کڻي اچڻ لڳو، جنهن نقل نويسيءَ لاءِ هن کي في صفحي جي حساب سان اجورو مليو ٿي.

ٻنهيءَ کي هيءَ جدوجهد جي زندگي گذاريندي ڏهه سال گذري ويا. انهن ڏهن سالن جي خاتمي تي هنن سڄو قرض وياج سميت لاهي پورو ڪيو!

مئٽلڊا—يعني مئڊم لوزيل هاڻ پوڙهي نظر اچڻ لڳي هئي. هوءَ هونءَ ته پورهئي ڪري هڪ سخت جان ۽ مضبوط عورت بنجي چڪي هئي.... غريب گهر جي هڪ ڏڏر قسم جي عورت! هن جا وار منجهيل فراڪ پچيون پچيون ٿيل. هٿ ڳاڙها کلن لٿل، ڳالهايائين ٿي ته وڏي آواز ۾ ۽ جڏهن فرش ڌوتائين ٿي ته وڏين وڏين باردين ۾ پاڻي وجهي... ڪڏهن ڪڏهن هن جو مڙس آفيس ۾ هوندو هو ته هوءَ دري وٽ ويهي گذريل ويل ڏينهن ۽ ان دعوت بابت سوچيندي هئي، جنهن ۾ هن کان هار گم ٿيو هو... ان ڊانس پارٽيءَ بابت جنهن ۾ هن جي حسن جي هاڪ هلي هئي، هن جون تعريفون ٿيون هيون. ڪاش اهو نيڪلس گم نه ٿئي ها ته حالتون ڇا هجن ها؟ ڪنهن کي ڇا خبر؟ ها ڪير ڇا ٿو چئي سگهي؟ هي زندگي به ڇا زندگي آهي. اهي ڪنهن انسان کي اڳتي جي خبر! ترَ جي گٽي سؤ چوٽون کائي وارو حساب آهي. هڪ ننڍڙي ڳالهه ڪنهن کي تباهه ڪري سگهي ٿي ته ڪنهن کي بچائي مٿاهون رتبو بخشي سگهي ٿي!.

هڪ آچر واري ڏينهن تي هوءَ پئرس جي شانزاليزي علائقي ۾ پنهنجا هفتي جا ڪم پورا

ڪرڻ لاءِ ڦيريون پائي رهي هئي ته اماڪ هن جي نظر هڪ عورت تي پيئي، جيڪا پنهنجي ٻار سان گڏ واڪ ڪري رهي هئي. هي مئڊم فورسٽيئر هئي... اڃا تائين جوان، اڃا تائين سهڻي ۽ خوبصورت ۽ ڪشش واري. مئٽلڊا هن کي ڏسي متاثر ٿي. ڇا مون کي هن سان ملڻ کپي. بلڪل ڳالهائڻ کپي ۽ هاڻ جڏهن ته هن قرض به لاهي ورتو آهي ته سچي ڳالهه ٻڌائڻ ۾ ڪابه خرابي ناهي. هن کي سچي ڪٿا ٻڌائڻ کپي.

هوءَ هن جي ويجهو پهتي، ”صبح بخير جين!“ هن جي ساهيڙي هن کي سڃاڻي نه سگهي ۽ اهو ٻڌي ته هڪ معمولي عورت ڪيس ائين پنهنجائپ مان سڏي رهي آهي، هو اڃا به حيران ٿي وئي، هن ٻڏندڙ لهجي ۾ چيو ”پر مئڊم! آئون اوهان کي سڃاڻان نٿي... لڳي ٿو ته توهان کي ڪا غلط فهمي ٿي آهي.“

”نه آئون مئٽلڊا لوزيل آهيان. مسٽرلوزيل جي زال، تنهنجي ننڍپڻ جي ڪلاس ميٽ!“

هن جي ساهيڙيءَ تعجب مان دانهن ڪئي. ”اوهه. منهنجي مئٽلڊا ويچاري! تون ڪيڏو نه بدلجي ويئي آهين!“

”ها پيڻ! ڇا ڪريان. جڏهن کان توسان ملي آهيان، منهنجي لاءِ ڏکيا ڏينهن شروع ٿيا آهن. ڪجهه ته واقعي پنهنجيءَ بدبختي ڪري... جيڪا تنهنجي ڪري ٿي.“

”منهنجي ڪري“؟ اهو ڪيئن؟“

”توکي ياد هوندو ته اڄ کان ڏهه سال کن اڳ تو مون کي وزير جي گهر دعوت ۾ پنهنجو هيرن جو نيڪلس پائي وڃڻ لاءِ ڏنو هو؟“

”ها، مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي.“

”ته ٻڌ، مون کان اهو هار گم ٿي ويو هو.“

”پيڻ اهو وري ڪيئن ٿو ٿي سگهي. تو ته مون کي اهو هار موٽائي ڏنو هو!“

”مون توکي هوبهو ان جهڙو هڪ ٻيو نيڪلس موٽايو هو ۽ ان جي قيمت ادا ڪرڻ ۾ اسان ٻنهي زال مڙسن ڏهه سال لڳائي ڇڏيا. اسان جهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي ڪٽل آهن، هي ڪم پورو ڪرڻ ڪو آسان نه هو. اهو تون به سمجهي سگهين ٿي. بهرحال هاڻ ته اهو معمالو ختم ٿي چڪو آهي ۽ مون کي به دلي طرح سڪون آهي.“

مئڊم فورسٽيئر ڳالهه کي ڪپيندي چيو؛ ”تون چوين ٿي ته تو منهنجي نيڪلس جي بدلي ۾ نئون نيڪلس خريد ڪيو هو؟“

”هائو، ته ڇا تو ان وقت ان تي غور نه ڪيو. هو ٻئي هڪجهڙا هئا.“

۽ هن فخر محسوس ڪندي چپن تي مُرڪ آندي... مئڊم فورسٽيئر تي ان ڳالهه جو اثر ٿيو. هن مئٽلڊا جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي چيو:

”او منهنجي غريب ۽ ابوجهه مئٽلڊا ! مون وارا هيرا ته نقلي هئا... ان جي قيمت ته پنج سؤ فرئنڪ به نه هئي!“

[فرانس جي جڳ مشهور اديب گائي دي موپاسان جي ڪهاڻي.]

# ذهين ترين

فرعون مصر رعميسس ٽيون پنهنجي دور ۾ دنيا جو سڀ کان گهڻو دولتمند حاڪم هو. هن جو خزانو ايڏو ته هو جو ان جي ماليت جو اندازو ڪو لڳائي نٿي سگهيو. بس ائين سمجهو ته ان جي دولت جو حساب ڪندي ڪندي انگ ڪٽي ٿي پيا. نوبت ايستائين اچي پهتي جو هن جي خزاني لاءِ جيڪي ڪمرا مقرر ٿيل هئا، سي ننڍا ٿي پيا. اهو ڏسي هن پنهنجي شاهي محل لڳ پٿرن جي هڪ اهڙيءَ خوبصورت عمارت ٺهرائڻ جو حڪم ڏنو، جنهن ۾ هو پنهنجو خزانو رکائي سگهي ۽ جڏهن به هن جي خزاني ۾ واڌ اچي ته جاءِ جي کوٽ نه ٿئي، جنهن ڪاريگر کي ان عمارت ٺاهڻ جو ڪم سونپيو ويو، اهو پنهنجي هنر ۾ ماهر هو ۽ عمر جي حساب سان به هو جهرو پوڙهو ٿي چڪو هو، پر جيئن ته فراخدلي ۾ شاهه خرچ هو ان ڪري هو پنهنجن پٽن لاءِ ڪجهه به ڪري نه سگهيو.

هن کي جڏهن هن عمارت ٺاهڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو ته هن جي ذهن ۾ هڪ منصوبو اڀريو، جنهن هيٺ هو پنهنجن پٽن جو مستقبل محفوظ ڪري سگهيو ٿي. هن پنهنجي فني هوشياريءَ ۾ ڪيڏ جو مظاهرو ڪندي عمارت ٺاهڻ وقت ان ۾ هڪ اهڙو نظام رکيو جو خزاني جي عمارت جي ٻاهرين پٽ ۾ هڪ خاص سر تي دٻاءُ وجهڻ سان پٽ جو اهو حصو زمين ۾ اندر دٻجي ويو ٿي ۽ ڪوبه شخص ان رستي کان عمارت ۾ داخل ٿي سگهيو ٿي.

عمارت ٺهي راس ٿي ته شهنشاهه پنهنجو سمورو خزانو ان عمارت ۾ رکرايو ۽ اجا ٿورا ئي ڏينهن مس گذريا ته پوڙهو رازو سخت بيمار ٿي پيو. جڏهن پوڙهي کي ان ڳالهه جي پڪ ٿي ويئي ته سندس عمر جون آخري گهڙيون اچي ويجهيون ٿيون آهن ته هن پنهنجي ٻنهي پٽن کي سڏايو ۽ هنن کي ان سر جو سربستو راز ٻڌايو. راز ٻڌائڻ کان چند ڪلاڪ پوءِ پوڙهو رازو هن دنيا مان وفات ڪري ويو ۽ هن جي پويان فقط به پٽ رهجي ويا.

پيءُ جي موت کان ڪجهه ڏينهن پوءِ ٻنهي ڀائرن کي جڏهن پئسن جي ضرورت پئي ته هڪ رات هو ٻئي خزاني واري عمارت جي پوئين پاسي واري حصي ۾ پهتا ۽ پنهنجي مرحوم پيءَ جي فني مهارت مان فائدو وٺندي، عمارت اندر داخل ٿي ويا ۽ رات اندر ئي هنن خزاني جو هڪ حصو ٻيءُ باحفاظت جاءِ تي منتقل ڪري ڇڏيو. صبح جو جڏهن شهنشاهه ٻاهرين دروازي کان عمارت اندر داخل ٿيو ته هن جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. پهرينءَ نظر ۾ ئي هن کي احساس ٿي ويو ته هن جي ملڪيت جو هڪ حصو غائب ٿي چڪو آهي. اڳين گيٽ وٽ جن چوڪيدارن پهرو ڏنو ٿي، اهي ئي سڀئي ديانتدار ۽ فرض شناس هئا. ۽ هنن تي ڪنهن طرح به شڪ ڪرڻ اجايو هو، ۽ ويتر اهم ڳالهه اها هئي ته مين گيٽ تي جيڪا مهر لڳائي وئي هئي، اها پڻ ائين جو ائين هئي. جڏهن ته دروازي ٽٽڻ يا ڀڃڻ جي ڪابه ڪا نشاني موجود نه هئي. شهنشاهه ۽ وزيرن کي خزاني جي ائين گم ٿي وڃڻ جو راز بلڪل سمجهه ۾ نه آيو. پر ان هوندي به وڌيڪ خبردار ۽

سجاڳ رهڻ ڪارڻ چوڪيدارن جو تعداد وڌايو ويو، جيئن ان قسم جي واردات جو ڪو امڪان نه رهي. پر ان سان ڪو فائدو ۽ بچاءُ نه ٿيو. رازي جا پٽ وقت بوقت خزاني مان مال چورائيندا رهيا ۽ شهنشاهه حيران ۽ پريشان ٿيندو رهيو.

لڳاتار ٽن وارداتن کان پوءِ شهنشاهه چورن کي جهلڻ لاءِ اهڙو منصوبو تيار ڪيو، جنهن مان کيس اطمينان ٿي ويو ته هي ڪارگذاري جيڪڏهن انسانن جي آهي ته هو هن جي ڦندي مان بچي نه سگهندا. ان منصوبي هيٺ شهنشاهه خزاني جي چوڌاري ڳجها پڃرا رکرائي ڇڏيا، جيئن ڪير چوريءَ جي ارادي سان اچي ته انهن مان بچي نه سگهي.

شهنشاهه جي ان منصوبي تي عمل ٿيڻ کان ڪجهه ڏهاڙا پوءِ هڪ رات ٻني پائر عادت موجب خزاني واري عمارت جي پٺ کان وڃي نڪتا. وڏي ڀاءُ کي سر کي دٻايو جڏهن پٽ زمين اندر ٿي ته هو عمارت اندر داخل ٿي ويو ۽ ننڍو ڀاءُ ٻاهر ٻيهي هيڏانهن هوڏانهن نظر رکڻ لڳو. وڏو ڀاءُ جڏهن خزاني جي ويجهو پهتو ته هڪ لڪل پنجوڙ ۾ ڦاسي پيو. هن اوچتي آفت تي هو بيحد گهبرائجي ويو. هن ان ڦندي مان پاڻ ڪڍڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر اهو ڳجهو پنجوڙ هڪ ٿلهي رسي سان سوگهو ٿيل هو. ۽ هو ڪنهن طرح به پنهنجو پاڻ کي ڇڏائي نه سگهيو. جڏهن هو سمجهي ويو ته هاڻ هنجي نصيب ۾ موت ئي آهي ته هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي سڏ ڪيو. ننڍو ڀاءُ اندر آيو ته وڏي ڀاءُ هن کي چيو: ”آئون هاڻ موت جي چنبي مان نه ڪري نٿو سگهان، پر آئون چاهيان ٿو ته تون سدا سلامت هجين. هڪدم منهنجي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏ. چو جو جيڪڏهن منهنجي سڃاڻپ ٿي وئي ته شهنشاهه جا سپاهي تو تائين پهچڻ ۾ دير نه ڪندا. ننڍي ڀاءُ پهرين ته ڦندو کولڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر جڏهن هن کي ڪنهن طرح به ڪاميابي نصيب نه ٿي ته آخرڪار هن دل تي پٿر رکي، وڏي ڀاءُ جي چوڻ موجب سندس سسي ڪپي پاڻ سان گهر کڻي آيو.

صبح ٿيو ته شهنشاهه مين گيٽ جي مهر ٽوڙي خزاني اندر داخل ٿيو. چور جو ڌڙ موجود هو پر سسي غائب، بادشاهه کي ڏاڍي حيرت لڳي. عمارت ۾ داخل ٿيڻ جو ٻيو ڪو گس نه هو. پٽين ۾ به ڪو سوراخ نه هو، پوءِ چور ڪهڙي رستي کان اندر داخل ٿيو؟ ان ڳجهه کي معلوم ڪرڻ لاءِ هن هڪ منصوبو ناهيو. هن حڪم ڏنو ته چور جو ڌڙ ٻاهرين پٽ تي لڙڪايو وڃي ۽ شاهي چوڪيدار ان تي پهرو ڏيندا رهن. ان نظاري کي ڏسي جيڪڏهن ڪو شخص پاڻ کي قابوءَ ۾ نه رکي سگهي ۽ هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي وڃن ته هن کي هڪدم گرفتار ڪيو وڃي.

ماءُ کي خبر پئي ته هن جي پٽ جو ڌڙ شاهي عمارت جي پٽ تي لڙڪايو ويو آهي ته ماءُ جي ته دل ڦچي پئي. هن پنهنجي ننڍي پٽ کي سڏيو ۽ حڪم ڏنو ته ڪنهن نه ڪنهن طرح پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي اتان کسڪائي وٺي.

ماءُ چيو: ”جيڪڏهن تون ائين نه ڪندين ته آئون شهنشاهه کي ٻڌائي ڇڏينديس،ته هن جي خزاني جو چورايل مال تو وٽ آهي.“

ننڍي پٽ پهرين ته ماءُ کي سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته هي ڪم تمام خطرناڪ ۽ ناممڪن آهي، پر ماءُ تي انهن ڳالهين جو ڪوبه اثر نه ٿيو. آخر هو پريشان ٿي گهر کان ٻاهر

نڪتو ۽ هڪ باغ ۾ ويهي سوچڻ لڳو ته ماءُ جي خواهش ڪهڙي طرح پوري ڪئي وڃي. هو جڏهن اتان اٿيو ته هڪ اٽڪل هن جي دماغ ۾ اچي چڪي هئي.

هو ٻه گڏهه خريد ڪري انهن تي شراب سان ڀريل چار پکالون رکي شاهي خزاني واري عمارت ڏي روانو ٿيو. جڏهن هو اتي پهتو ته شاهي چوڪيدارن کان نظر بچائي هن ٻن پکالن جا منهن کولي ڇڏيا ۽ پوءِ جڏهن هنن مان شراب وهڻ لڳو ته هو بچاءَ لاءِ رڙيون ڪوڪون ڪرڻ لڳو: ”هاءِ هاءِ! آئون ته تباهه ٿي ويس. لٽجي ويس. آهي ڪو جو منهنجي مدد ڪري...“ ڪاوڙ مان پنهنجن ٻنهي گڏهن کي مارڻ لڳو- ڄڻ ته انهن گگدامن جو ڏوهه هجي. جڏهن شاهي چوڪيدارن هي حال ڏٺو ته هن جون واڇون ٽڙي ويون ۽ هو پنهنجا ٿانوَ کڻي گڏهن ڏي ڊوڙڻ لڳا ۽ وهندڙ شراب مان وٽان ڀري ڀري پيئڻ ۾ مست ٿي ويا. نندي ڀاءُ جو انهن کي ائين ڪندي ڏٺو ته منصوبي مطابق هنن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ پوءِ جلدي ئي ڪٽي ماٺ اختيار ڪيائين. شاهي چوڪيدار هن جي حا حالت ڏسي مزووئڻ لڳا ۽ هن سان چرچا ڀوڳ ڪرڻ لڳا، جيئن هو پنهنجي نقصان جو غم وساري ڇڏي. ننڍو ڀاءُ هنن جي ان جذبي مان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هن خاش خوشيءَ سان هنن کي ٻي پکال پيئڻ لاءِ ڏني. چوڪيدارن کي اهڙو عمدو شراب مفت ۾ ڪڏهن به نه مليو هو، سو هو چرين وانگر هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيئي پيئڻ لڳا ۽ ويا هڪ ٻئي پويان وٽان خالي ڪندا. هنن پنهنجي ههڙي بهترين ميزبان کي به ان دعوت ۾ شريڪ ڪرڻ چاهيو، پر هن پنهنجي طبيعت جي ناچاڪائيءَ جو بهانو ڪري ڳالهه کي ٽاري ڇڏيو. ڪجهه دير بعد جڏهن رات جي ڪاراڻ ڇانئجڻ لڳي ۽ هيڏانهن سڀ چوڪيدار نشي ۾ ڌت ٿي زمين تي ڪري پيا ۽ گهاٽي ننڊ جا مزا وٺڻ لڳا، تڏهن ننڍو ڀاءُ ماٺ ميٺ ۾ اٿيو ۽ پنهنجي ڀاءُ جو ٽنگيل لاش لاهي گڏهه تي رکي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

[مٿين ڪهاڻي يونان جي عظيم تواريخ نويس هيرو ڊوٽس جي لکيل آهي. پاڻ 485 ق. م ڄائو ۽ 525 ق. م گذاري ويو.]

# وفا جي پتلي

هن پنهنجو نالو ٻڌايو.

ٿي سگهي ٿو هن سمجهيو هجي ته آئون ڪو ٻوڙو آهيان ۽ وڏي آواز ۾ ٻڌان ٿو. مون ڪانئس وري سندس نالو پڇيو. هن وري چيو: ”جمي.“

مون چيومانس: ”پر هي ترڪن جو نالو ته نٿو لڳي. تنهنجو اصل نالو ڇا آهي؟“

”منهنجو اصل نالو جميلا آهي، پر توهان مون کي جمي چئي سگهو ٿا. آمريڪن سڀ مون کي ان ئي نالي سان سڏين ٿا.“

هوءَ منهنجي نئين گهر ۾ ڪم ڪرڻ واري نوڪرياڻي هئي. تمام ٿلهي ۽ ڦيڦي جسم واري عورت هئي، جيڪا گوشت جو هڪ جبل ٿي لڳي. وزن ٽي سؤ پائونڊ نه ته اڍائي سؤ پائونڊ ضرور ٿيندس.

هن جي عمر پڪ سٺ سال کن هئي.

مون ترڪئي ۾ رهڻ دوران ڏٺو هو ته ترڪ آمريڪن وانگر مختصر نالا پسند ڪن ٿا. اسماعيل کي سمائيل ڪري ڇڏيندا. بيلانٽ کي بلي سڏيندا، پر هن ٿلهيءَ ۾ سٺ سالن جي پوڙهيءَ کي جميءَ جهڙي رومانوي نالي سان پاڻ کي سڏائڻ ڪجهه ٺهيو ڪونه ٿي.

”چڱو جمي. هاڻ مون کي اهو ٻڌاءِ ته مسز برائون توکي گهٽي پگهار ڏيندي هئي.

”چار سؤ ليرا ماهوار.“

آئون چڱو حيران ٿيس جو هن پنهنجي پگهار بلڪل صحيح ٻڌائي. مون مسز برائون کان سندس پگهار جو پهرين ئي پڇي ڇڏيو هو ته هوءَ جميءَ کي مهيني ۾ ڇا ڏئي ٿي.

”چڱو هاڻ مون سان شروعات ساڍن چار سؤ ليرن سان ڪري سگهين ٿي.“ مون پڇيو.

”ٺيڪ آهي.“ جميءَ چيو ۽ هن ان ئي وقت منهنجي اپارٽمينٽ جي صفائيءَ شروع ڪئي.

منهنجي بدلي انهن ڏينهن ۾ ازمير (ترڪيءَ) ۾ ٿي هئي ۽ مون کي گهر جي ڪم لاءِ ڪنهن مائيءَ جي سخت ضرورت هئي. انهن ڏينهن ۾گهر جي ڪم لاءِ ڪنهن مائيءَ کي رکڻ شان ۽ وڏ ماڻهپي جي علامت نه هو، پر ضرورت ئي سمجهيو ويندو هو. ترڪيءَ ۾ تڏهن سپر مارڪيٽون نه هيون، گهر جي ڪم واريءَ کي روز ڀاڄيون، ميووا، بيضا، گوشت، کير، مرچ مسالا ويندي پيئڻ جو پاڻي خريد ڪرڻ لاءِ بازار وڃڻو پيو ٿي. ۽ اهي سڀ شيون مختلف هنڌن تان مليون ٿي. مون کي ترڪي ڊبل روٽي ڏاڍي وڻي ٿي، جو اها چڱي خاصي وزني ۽ ٿلهي ٿئي ٿي ۽ اڻ ڇٽيل اٽي مان ٺاهي وڃي ٿي. جڏهن ان کي ٽوسٽ ڪري، مکڻ هڻي کائيندو هوس ته ڏاڍو مزو ايندو هو. ان ڊبل روٽي ۾ هڪ خامي به هئي. اها هيءَ ته هڪ ڏينهن کان مٿي تازي نٿي رهي سگهي. ٻئي ڏينهن اها اهڙي ته سخت ٿيو وڃي جو گهر ناهڻ ۾ سر طور استعمال ڪري سگهجي ٿي. ان ڪري به مون کي گهر جي ڪم لاءِ عورت جي ضرورت هئي.، جيڪا گهر جي صفائيءَ وغيره کان علاوه مون لاءِ روز تازي ڊبل روٽي خريد ڪري اچي، جيڪا 1961ع ۾ فقط ڏهن سينٽن ۾ ملي ٿي.

جڏهن آئون ترڪيءَ جي شهر ديار بڪير ۾ رهيل هوس ته ٻن سالن جي عرصي ۾ مون وٽ گهر جي ڪم ڪار لاءِ هڪ ڇوڪر به هو ۽ ٽي نوڪرياڻيون به. انهن ڏينهن ۾ پنهنجي امير هجڻ جو ڏيک ڏيندي مون کي خوشي ٿي ٿي. پر ترڪيءَ ۾ پنج سال گذارڻ بعد آئون ترڪن جي رنگ ۾ ڪافي رنگجي ويو هوس.

منهنجي جڏهن ازمير ۾ بدلي ٿي ته مون کي اها ڳڻتي وٺي وئي ته نئين نوڪرياڻيءَ جي ڳولا مون لاءِ مسئلو نه بڻجي پوي. هتي مون کي هڪ تمام اتاهين بلڊنگ جي ستينءَ ماڙ تي اپارٽمينٽ مليو، جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي ٺهيل هو. بالڪنيءَ مان سمنڊ جو نظاروو بلڪل چٽو ۽ سهڻو لڳو ٿي. ٻئين جي روشنيءَ ۾ جبل تي سڪندر اعظم جو پراڻو قلعو تمام سنو لڳو ٿي. هن اتاهينءَ عمارت ۾ڏاڪڻيون به هيون ته لفٽ به. لفٽ ۾ بلڪل شفاف شيشا لڳل هئا. پوءِ مون کي خبر پئي ته مينهوڳي ۾ هي لفٽ خراب ٿيو پوي. ائين ڪيترائي پيرا ٿيو جو هلندي هلندي لفٽ خراب ٿي بيهي رهي ٿي. ان وقت بالڪنين ۾ بيٺل ترڪ عورتون مون کي لفٽ اندر ڦاٿل ڏسي ٽهڪ ڏينديون هيون ۽ پوءِ انهن ئي عورتن مان ڪا نيڪدل عورت لفٽ جي مستريءَ کي اطلاع ڪندي هئي، جيڪو پوءِ پراسرار انداز ۾ لفٽ کي وري چالو ڪري ڇڏيندوهو.

جنهن ڏينهن آئون ازمير، ان اپارٽمينٽ ۾ سامان کڻي اچي رهيو هوس، ان بلڊنگ جي چوڪيدار مون کان پڇيو: ”ڇا توهان کي گهر جي ڪم لاءِ ڪنهن مائيءَ جي ضرورت آهي؟ آئون هڪ تمام سنيءَ نوڪرياڻي جو بندوبست ڪري سگهان ٿو.“ هن جي راز سان ڳالهه ڪرڻ واري نموني مون کي گهڻو ڪجهه سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو.

ترڪيءَ ۾ رهڻ دوران مون ترڪ نوڪرياڻين ۽ غيرملڪي غير شادي شده ماڻهن بابت آئون تمام گهڻيون دلچسپ پر ڏکويل ڪهاڻيون ٻڌي چڪو هوس. هڪ واقعو ته اهڙو آهي جنهن کي وسارڻ سان به آئون وساري نٿو سگهان. اسان جي ڪمپنيءَ ۾ هڪ جرمن نوجوان ڪم ڪيو ٿي. هو سنهو سيپڪڙو ۽ ڊگهو هو. شراب ٻدران پاڻي ٿي پيتائين. هن جي گهر جيڪا ڪم واري مائي آئي ٿي اها پنجاهه کن ورهين جي ٿيندي. هڪ ڏينهن هن چيو، سپاڻي مون کي ڪم آهي، آئون اچي نه سگهنديس ڪم ڪار لاءِ پنهنجي بدران ڌيءَ کي موڪليندس.

ٻئي ڏينهن ڪم تي هن جي ڌيءَ شيرين آئي. هو بيحد خوبصورت ۽ صحتمند هئي، جرمن نوجوان ادولف کي هوءَ بيحد پسند اچي وئي. هن ڇوڪريءَ کي اها رات پاڻ وٽ ئي ترسائي ڇڏيو. صبح جو ڇهين وڳي شيرين جي ماءُ، هن جو پيءَ ۽ پائر هٿن ۾ رائفلون ۽ بندوقون کڻي فليٽ ۾ داخل ٿيا ۽ هن ادولف کي شيرين سان شادي ڪرڻ لاءِ مجبورڪيو.

منهنجي خيال ۾ هو وڏا احمق هئا. ادولف سان ڏاڍ زبردستي ڪرڻ جي ڪا ضرورت نه هئي. هو ته پهرين ئي شيرين کي پسند ڪري چڪو هو. ٻنهي جي شادي ڌوم ڌام سان ٿي. آئون به ان ۾ شريڪ ٿيو هوس. شاديءَ کانپوءِ هي جوڙو خوش خوش زندگي گهارڻ لڳو.

مون عمارت جي چوڪيدارکي چيو ته جنهن نوڪرياڻي جي هو ڳالهه ڪري رهيو آهي ان سان منهنجي ملاقات ڪراءِ. ٻئي ڏينهن هو هڪ عورت کي پاڻ سان وٺي آيو. هو بندري قد جي جوان عورت هئي. چوڪيدار هن کي ڪمري اندر ٽيلهو ڏيئي مون طرف ڏنو ۽ پاڻ هليو ويو.

هن عورت کي انگريزي نٿي آئي. پر مون کي هن سان ڳالهائڻ ۾ ڪابه رنڊڪ نه ٿي، ڇو ته هاڻ آئون چڱي خاصي ترڪي ڳالهائي سگهيس ٿي. مون هن کي پنهنجي اپارٽمينٽ جو معائنو ڪرائيندي چيو. ”آئون چاهيان ٿو جڏهن آئون ڪم تان واپس اچان ته مون کي پنهنجو اپارٽمينٽ صاف سٿرو ملي. ڪم جا وقت تون پاڻ ئي طئه ڪر ته تون ڪهڙي ڪهڙي وقت اچي سگهين ٿي. ڪم ختم ڪرڻ تي تون گهر وڃي سگهين ٿي.“

”ان کان علاوه مون کي ڇا ڪرڻو آهي.“ هن پڇيو.

”ڪجهه نه، چوڪيدار کي مون ٻڌائي ڇڏيو آهي ته تنهنجو پگهار چار سؤ ليا آهي. هيءَ اٿئي گهر جي ڪُنجي.“

”اوڪي!“ هن انگريزيءَ ۾ مرڪندي چيو.

ٻئي ڏينهن آئون جڏهن گهر پهتس ته هوءَ موجود هئي.ا ندر داخل ٿيس ته هوءَ ڊوڙندي آئي. مون اپارٽمينٽ جو جائزو ورتو. هن دل لڳائي صفائي ڪئي هئي. هر شيءِ پنهنجي جاءِ تي صحيح سلامت ۽ صاف سٿري رکي هئي.

”وڏي مهرباني!“ چڱو هاڻ شب بخير!“ مون چيو.

”بس. ٻيو ڪو ڪم؟“ هن پڇيو.

”نه. مهرباني، شب بخير!“

ٻيو ڏينهن ڇنڇر جو هو. ڏهين وڳي آئون اجا هنڌ تي ستو پيو هوس ته هو سڌو مون واري بيڊروم ۾ داخل ٿي. زور زور سان تاڙيون وڄائي چوڻ لڳي:

”اٿو. اٿو. ڏهه ٿي ويا آهن. اٿو اٿو.“

مون ڪيس هٿ جي اشاري سان چيو ته هوءَ تيسين ٻئي ڪمري جي صفائي شروع ڪري. منهنجي ڪالهه واري رات ڪلب ۾ صحيح طرح نه گذري هئي. پنجين وڳي صبح جو موٽيوهوس ۽ ڇنڇر جو ڏينهن ئي هڪ اهڙو هوندو آهي، جنهن ڏينهن آئون دل ڀري ننڊ ڪري وٺندو آهيان. مونکي ننڊ ۽ آرام جي سخت ضرورت هئي هن منهنجي اشاري جي ڪا پرواهه  نه ڪئي. تاڙيون وڄائي وري زور سان چوڻ لڳي: ”اٿو! اٿو! صاحب ڏهه وڄي چڪا آهن.“

مون کي باهه وٺي ويئي. خبر ناهي مون کي ڇو ايڏي چڙ اچي وئي. رڙ ڪري چيومانس هلي وڃ ڇوري هتان- هن فليٽ مان، هن بلڊنگ مان، هلي وڃ، ٽري وڃ.“

هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. هن مون ڏي هڪ نگاهه وڌي ۽ ڀوءِ ڪمري کان ٻاهر وٺي ڊوڙ پاتائين. مون کي پنهنجي ان برتاءَ تي شرم آيو. ننڊ به اکين مان اُڏامي چڪي هئي. آئون هنڌ تان اُٿيس. وهنجي سهنجي ڪپڙا بدلائي ٻئي ڪمري ۾ آيس ته ڏسان هيءَ اتي اوچنگارون ڏئي روئي رهي هئي. مون هن کي ٻن هفتن جو پگهار اڳواٽ ڏيندي چيو ته ’آئون پنهنجي ڪئي تي سخت پشيمان آهيان ۽ هاڻ مون کي تنهنجي ضرورت ناهي. ڇو ته ڇنڇر جي ڏينهن مون کي پنهنجي ننڊ ۽ آرام وڌيڪ پيارو آهي.‘ هوءَ روئندي ٻن هفتن جو پگهار وٺي رواني ٿي وئي. بعد ۾ مون کي احساس ٿيو ته آئون هن کي سمجهائي به سگهيس ٿي، پر هاڻ ڇا ٿو ٿي سگهي. آئون هن کي نوڪريءَ مان ڪڍي چڪو هوس.

ٻئي ڏينهن آفيس ۾ هڪ سيڪريٽري عورت مسز برائون مون کان پڇيو: ”ڇا توکي گهر جي ڪم لاءِ سٺيءَ نوڪرياڻيءَ جي ضرورت آهي؟“

”هن جي عمر ڇا ٿيندي؟“ مون جواب بدران سوال ڪيو مانس، جنهن جي مسز برائون کان ٿورو ڇرڪ نڪري ويو.

”جمي سٺ سالن جي ٿيندي. هوءَ تمام محنتي، سٺي ۽ ايماندار مائي آهي. ايندڙ هفتي اسان ترڪيءَ جو هي شهر ازمير ڇڏي رهيا آهيون. هوءَ اسان جي گهر ۾ ڪم ڪري ٿي. آئون چاهيان ٿي ته اسان جي لڏڻ کان اڳ هن کي ڪنهن سٺي گهر ۾ پورهيو ملي وڃي.“

جمي جنهن جو اصل نالو جميلا هو، منهنجي اپارٽمينٽ ۾ آئي. هن کي ڏسي آئون اچرج ۾ پئجي ويس. هو تمام ٿلهي ۽ ٺِڳي هئي. هن جو قد ڪو پنج فوٽ هوندو ۽ ويڪرائي به ڪجهه اينتري ئي ڪٿي ڇئجي. هوءَ دروازي وٽ بيٺي هئي ۽ سڄو دروازو انساني گوشت سان ڀريل لڳي رهيو هو. مون هن کي وهڻ لاءِ چيو پر هو اندر اچي، بيٺي رهي. شايد ان جو سبب اهو به هجي ته ڪمري ۾ وهڻ لاءِ ڪا به اهڙي مناسب جاءِ نه هئي جنهن تي هو ويهي سگهي. ڪيترن ڏينهن کان صفائي نه ٿي هئي. چئني طرف رسالا، اخبارون، ٻوڙهاٺيون پليٽون، گلاس ۽ ٻيون شيون پکڙيون پيون هيون. ٿي سگهي ٿو سندس ٿولهه ڪري ڪيس اهو به ڊپ هجي ته جنهن ڪرسيءَ تي هوءَ وهڻ جي ڪندي اها ان ئي وقت چيڪاٽ ڪري ٻه اڌ ٿي پوندي.

پڳهار سان گڏ جڏهن ٻين جو به فيصلو ٿي ويو ته هن پنهنجو ڪوٽ لاٿو ۽ ان ئي وقت ڪم ۾ جنبي وئي. هن آهستي آهستي ڪم ڪيو ٿي، پر ڪلاڪ سوا اندر سڀني ڪمرن جي صفائي ڪري هر شيءِ چنڊي ناهي صحيح جاءِ تي ڪري رکي. مون رڌڻي ۾ ڏسڻ نٿي چاهيو ڇو جو مون ٻاهر وڃي کائڻ چاهيو ٿي. هن جي محنت کي ڏسي مون چيو؛

”اڄ جي لاءِ ايتروڪم ڪافي آهي. باقي سڀاڻي اچي پورو ڪجانءِ.“

”پر رڌڻو، ٿانوَ ٿپا....“

”نه اڄ اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت ناهي.. ڪم تي اچڻ ۽ وڃڻ جو وقت تون ئي مقرر ڪري ڇڏجانءِ. آئون فقط ايترو چاهيان ٿو ته گهر صاف سٿرو ڏسڻ ۾ اچي.

”صحيح آهي مسٽر جان! ائين ئي ٿيندو، شب بخير.“

”شب بخير، جمي.“

جميءَ کي ڪم ڪندي هڪ هفتو گذري ويو. منهنجو گهر صاف سٿرو رهڻ لڳو. ريفريجريٽر ۾ ڏهاڙي تازي ڊبل روٽي نظر اچڻ لڳي. منهنجون قميصون ڌوتل ۽ استري ٿيل نظر اچڻ لڳيون. شام جو جڏهن آئون گهر موٽندو هوس ته ٻئي ڏينهن جي رڌ پچاءَ يا ڪم ڪار معلوم ڪرڻ لاءِ هوءِ منهنجي انتظار ۾ ويٺي هوندي هئي.

جڏهن هن کي ڪم ڪندي پندرهن ڏينهن ٿي ويا ته مون کي مسز برائون جي ڳالهه تي سؤ سيڪڙو يقين ٿي ويو ته جمي بيحد محنتي، ايماندار ۽ سگهڙ نوڪرياڻي آهي.

هن ۾ ڪجهه خاميون به هيون، پر اسان ۾ اهو ڪير آهي جنهن ۾ ڪا خامي نه هجي. هڪ شام جو جڏهن آئون دير سان گهر پهتس ته مون کي هٿن ڌوئڻ واري گينديءَ ۾ هڪ پڳل گلاس نظر

آيو. هن جي بيپرواهيءَ تي مون کي تعجب لڳو، پر پوءِ جلد ئي،مون کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته هن پڪل گلاس اڇلي ڇو نه ڇڏيو. هن مون کي ٻڌائڻ چاهيو ٿي گلاس ڀڳو آهي، چوري نه ٿيو آهي. ٻيون ڪم واريون جن جو مون کي تجربو آهي. اهي ائين نه ڪنديون هيون. جيڪڏهن ڪا شيءِ ڀڄي پوندي هئي ته ٻڌائڻ بدران ان کي لڪائي ڇڏينديون هيون.

مون اهو گلاس اتي ئي رهڻ ڏنو. ٻئي ڏينهن آيس ته اهو گلاس ڳنڍيو پيو هو. منهنجي پڇڻ تي جميءَ ٻڌايو: ”مسز برائون مون کي هڪ سالوشڻ سان پڪل شيشي کي ڳنڍڻ سيکاريو هو.“

هوءَ تمام گهڻين خوبين جي مالڪ هئي. هن منهنجي هر ڳالهه جو خيال رکيو ٿي. گهر جي هر شيءِ هن جي نگاهه هيٺ رهي ٿي. آئون آفيس توڙي ڪلب ۾ جميءَ جي ڪم، محنت ۽ ايمانداريءَ جي واکاڻ ڪندو رهيس ٿي. اهو ٻڌي ٻين کي مون تي رشڪ آيو ٿي.

”سگريٽن جو هڪ وڏو دٻو نظر نه پيو اچي.“ هوءَ اوچتو مون کان سوال ڪندي هئي.

”ڪنهن نه کنيو آهي. اڄ آئون ئي ان کي آفيس کڻي ويو هوس.“

”۽ هو ڳاڙهي رنگ وارو ڪتاب به ٽيبل تان غائب آهي.“ هن پڇيو ٿي.

”ڪهڙي ڳاڙهي رنگ وارو ڪتاب؟“

”ڪالهه ته هتي ميز تي پيو هو.“ هن اشارو ڪري ٻڌايو ٿي.

”اهو ڳاڙهي رنگ وارو ڪتاب. هاڻ مون سمجهيو. اهو منهنجو نه هو. ان کي پڙهي واپس ڪري ڇڏيم.“

هڪ ڏينهن شام جو مون کي هڪ ترڪ ڪاريگر کي پنهنجي اپارٽمينٽ ۾ سڏرايو، جنهن اسان جي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪيو ٿي. ٽانوَن ڏوئڻ واري گيندي مان پاڻي ٽمي رهيو هو. هن ان جي مرمت ڪري ڇڏي. مون هن کي ڪجهه اجورو ڏيڻ چاهيو ته هن وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪجهه سال اڳ مون کي ڪنهن هڪ سائي رنگ جو سئيٽر سوکڙيءَ طور ڏنو. آئون سئيٽر پائڻ پسند نٿو ڪريان. ڪٻٽ جي هيٺين خاني ۾ اهو پيو هو. اتان ڪڍي مون اهو سئيٽر هن ترڪ ڪاريگر کي تحفي طور ڏئي ڇڏيو. ان وقت جمي پنهنجو ڪم ختم ڪري وڃي چڪي هئي.

ٻئي ڏينهن هن مون کان پڇيو: ”سائين هو سائي رنگ جو سئيٽر ڪيڏانهن ويو؟“

آئون حيران به ٿيس ته خوش به. هن منهنجي هر شيءِ جي حفاظت ڪئي ٿي.

”ڪيڏانهن نه ويو آهي. مون ڪنهن کي تحفي ۾ ڏئي ڇڏيو آهي.“

هوءَ محنتي ۽ ايماندار ته هئي، ڪم به تمام گهڻو ڪندي هئي. هيڏانهن آئون جيڪا قميص لاهيندوهوس ته هو ان ئي وقت ڌوئي ڇڏيندي هئي.

”جمي! تون اهو ڪم سڀاڻ به ڪري سگهين ٿي. ڇڱي دير ٿي چڪي آهي. گهر وڃي آرام ڪر.“ هڪ ڏينهن مون هن کي چيو ته هن وراڻيو:

”آئون گهر ۾ ڪٿي ٿي رهان مسٽر جان! هڪ ننڍڙو ڪمرو آهي، جنهن جي مسواڙ اڍائي سؤ ليرا آهي ۽ گهر جي مالڪ کي مسواڙ وڌائڻ جي لڳي رهي ٿي.“

اهو ٻڌي مون کي ڌڪ ٿيو.

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پنهنجي منهن ڳائيندي رهندي هئي. هڪ به ڀيرا مون کيس پنهنجو پاڻ

سان ڳالهائيندي به پڌو.

”ڇا ڇئي جمي.“ مون پڇيو ٿي.

”ڪجهه نه. آئون پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهي هيس.“ هن جو جواب هوندو هو.

هڪ ڏينهن گهر موٽيس ته جميءَ کي ڪمري جي فرش تي اڌ مئي حالت ۾ ليٽيل ڏٺم. آئون منجهي پيس. ههڙي صورت ۾ ڇا ڪريا. پوليس کي اطلاع ڪريان، ايمبولينس گهرايان؟ جمي کي هيٺ تائين ڪيئن لاهي سگهندس؟ ننڍڙي لفٽ ۾ هن جو ڳرو وجود ته پورو نٿي پيو. هوءَ ڏاڪڻين رستي مٿي ايندي هئي.

پوءِ مون ڏٺوته گوشت جي ان ڍڳ ۾ ڪجهه ڪجهه چرپر آئي. آءٌ تڪڙو ٿي هن جي پرسان ويهي هن جو هٿ مهٽڻ لڳس. هن جي ٻئي هٿ ۾ هڪ پيچڪش مضبوطي سان جهليل هو.

”جمي جمي هوش ۾ اچ. مونکي ٻڌاءِ ته توکي ڇا ٿيو آهي؟“

”اوهه! مسٽر جان!“ هن آهستي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. مون ڪنهن طرح سان زور لڳائي هن کي اٿاري وهارڻ ۾ڪاميابي حاصل ڪئي پوءِ ڊوڙ پائي پاڻيءَ جو گلاس کڻي آيس. هو ڪنجهي رهي هئي.

”ٿوري وسڪي پي ڏس، طاقت اچي ويندءِ.“ مون هن کي صلاح ڏني.

”نه مسٽر جان! آئون شراب نه پيئندي آهيان.“ هن ڪڇيو.

”جمي پلا اهو ٻڌاءِ ته توکي ڇا ٿيو آهي؟“ مون پڇيو.

هن پنهنجون اکيون گهمايون ۽ هٿ ۾ جهليل پيچڪش سان پٽ تي موجود هڪ سئچ بورڊ ڏي اشارو ڪيو. آئون يڪدم سمجهي ويس ته هن کي اليڪٽرسٽي جو شاڪ لڳو آهي. جنهن جي جهٽڪي ڪري هن جا. هي حال ٿيا آهن.

غلطي منهنجي هئي. آئون جڏهن کان هن اپارٽمينٽ ۾ آيو هوس ته بجلي جي ٻن اگهاڙين تارن کي سئچ بورڊ اندر ڊڪرائي نه سگهيو هوس. بجليءَ جون هي تارون اسان کان اڳ هن گهر ۾ رهڻ وارا، پٽ واري لئمپ لاءِ استعمال ڪندا هئا. ويندي وقت هو لئمپ ڪڍي تارون کليل ڇڏي ويا. هڪ ڏينهن مون ارادوبه ڪيو ته انهن اگهاڙين ۽ کليل تارن کي ڪٽي ڇڏيان، پر پوءِ ڳالهه دل تان لهي ويم. مون کي ته اها به خبر نه هئي ته انهن ۾ اليڪٽرڪ ڪرنٽ موجود آهي يا نه. ويچاري جميءَ کي ان ڏينهن ڪوخيال اچي ويو ته انهن اگهاڙين تارن کي سئچ ۾ لڳائي ڇڏڻ کپي. تارن ۾ ڪرنٽ موجود هو. هن کي شاڪ لڳي ۽ فرش تي ڪِري پئي.

مون کي جتي پنهنجي غلطيءَ جو سخت احساس ٿيو، اتي جميءَ جي فرض شناسي ۽ جان بچڻ تي تمام گهڻي خوشي به ٿي. ڪجهه منٽن بعد هن جي طبيعت سڌرڻ لڳي. هن کي اٿارڻ لاءِ مون هن جي مدد ڪئي ٿي ته مون کي منع ڪري پاڻهي زور لڳائي اٿي ويٺي.

اهڙي طرح ڪيترائي مهينا گذري ويا. جمي منهنجي لازمي ضرورت ٿي پئي. آئون پارٽين ۽ آفيس ۾ اڪثر هن جي فرض شناسي جو ذڪر ڪرڻ لڳس. هڪ ڏينهن جڏهن هو پنهنجو ڪم ختم ڪري بس ڪيو ته هوءَ منهنجي ڪمري ۾ آئي.

”ڇئه جمي! ڇا ڳالهه آهي؟“

مون اندازو لڳائي ورتو ته هوءَ ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي پر هن کان ڪڇيو نٿو ٿئي.

”ڇئه ڇئه جمي! ڇا ڳالهه آهي؟“ مون وري پڇيو مانس.

”اَئون مرڻ واري آهيان- قبر ۾ وڃڻ چاهيان ٿي.“

”ڇا چئي؟“ هن جي ڳالهه مون کي سمجهه ۾ نه پئي آهي.

”اَئون پنهنجي وطن ۾ مرڻ چاهيان ٿي، مسٽر جان! توکي شايد خبر نه هجي ته اَئون ترڪيءَ جي ترڪ نه پر قبرصي ترڪ آهيان.منهنجو وطن قبرص (Cyprus) آهي، جنهن تي ڌارين جو قبضو آهي. منهنجي ماءُ، پاءُ، ڀيڻ- سڀني کي يونانين قتل ڪري ڇڏيو هو. اَئون ڪنهن طرح پنهنجي جان بچائي ڪجهه ساٿين سڃاڻن سان گڏ ترڪي اچڻ ۾ڪامياب ٿي وئي هيس. هاڻ اَئون پوڙهي ٿي چڪي آهيان. مرڻ واري آهيان. اَئون پنهنجي وطن ورڻ ٿي چاهيان. منهنجي هڪ ويڳي ڀيڻ اوڏانهن رهي ٿي. اَئون هن وٽ وڃي سگهان ٿي.“

جميءَ جي ڳالهه ٻڌي اَئون غمگين ٿي ويس. اڄ تائين هن مون کي اهو ٻڌايوئي نه هو ته هو پنهنجي وطن کان پري آهي ۽ هن جي وطن تي يونانين جو قبضو آهي. هن کي مون وٽ ڪم ڪندي لڳ ڀڳ ٻه سال ٿي چڪا هئا. اَئون هن کي وڃڻ کان جهلي نٿي سگهيس.

”جمي! ٻڌاءِ ته تولاءِ اَئون ڇا ٿو ڪري سگهان؟“

”مون وٽ پئسن جي کوٽ آهي.“ هن ڏڪندي ٻڌايو.

”ڪيترا پئسا گهٽ آهن؟“ مون کانئس پڇيو.

هن جيڪا رقم ٻڌائي اها تمام معمولي هئي، هن جي پگهار جا پئسا پڻ مون کي ڏيڻا هئا. پگهار سميت مون کيس سندن ضرورت جا پئسا وڌائي ڏنا ۽ هوءَ هر هر منهنجو ٿورو مڃيندي رهي.

”جمي تو مون کان ڪا خاص رقم نه گهري آهي. ٻڌاءِ ته قبرص ڪڏهن وڃي رهي آهين؟“

”سڀاڻي“

”سڀاڻي؟“ مون حيرت مان پڇيو.

”ها، سڀاڻي هڪ ٻيڙيءَ رستي رواني ٿي رهي آهيان.ا ها هتان قبرض وڃي رهي آهي.“

جميءَ منهنجي منهن ڏي ڏٺو. هن منهنجي ذهن ۾ ايندڙ خيالن جو اندازو لڳائي ورتو.

”نئين نوڪرياڻيءَ لاءِ توهان فڪرمند نه ٿيو. مسٽر جان! مون ان جو انتظام ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي هڪ ساهيڙي آهي جا منهنجي پاران تنهنجو ڪم ڪندي. توهان کي مون وانگر هن سان به ڪڏهن شڪايت پيدا نه ٿيندي.“

اَئون هن کي ڏسندو رهيس. هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هوءَ پنهنجيون ڪجهه هلڪيون ڦلڪيون شيون منهنجي اپارٽمينٽ ۾ ئي رکي ڇڏيندي هئي. اهي شيون هن منهنجي سامهون هڪ وڏي ڪاغذي ٿيلهي ۾ وڌيون. اَئون سمجهي ويس ته هو ائين ڇو ڪري رهي آهي. هن مون کي ڏيکارڻ چاهيون ٿي ته هو فقط پنهنجيون ئي شيون کڻي وڃي رهي آهي.

وڃڻ جي گهڙي اچي وئي. هن پهريون دفعو مون سان هٿ ملايو ۽ هلڻ لڳي. ڪجهه قدم وڌڻ کانپوءِ هوءَ مڙي ۽ مون وٽ آئي. مامتا جهڙي شفقت سان هن منهنجي ڪلهن تي ٿڦڪي ڏني ۽

تکو تکو هلي وئي. آئون دير تائين ماٺ ۾ ويٺو رهيس.

ٻئي ڏينهن اها نوڪرياڻي ڪم تي اچي وئي، جنهن کي جميءَ پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪرڻ لاءِ چئي وئي هئي. هن جي عمر به سٺ ورهيه کن ٿيندي. پر هوءَ سنهي سڪل ۽ ڏڳهي هئي.

”تنهنجو نالو؟“ مون پڇيومانس.

”خَدي.“ هن وراڻيو.

”سچو ۽ اصلي نالو ٻڌاءِ.“

”خديجه....“ هن جواب ڏنو.

ڀڳهار ۽ گهر ۾ گهڻو ڪم ڪار هن کي ڪرڻو آهي. اهو طئه ڪري هوءَ ڪم ڪرڻ لڳي. بس نالي جو ڪم ٿي ڪيائين ڪپڙا به ڪي خاص استري نٿي ڪيائين. گلاس تي به داغ رهجي ويا ٿي. مون کي هوءَ ڪا چڱي نه لڳي. ان جو سبب سندس ڪم ۾ ڪوتاهيون نه هيون، پر هن ۾ اها ماما ۽ شفقت بنهه نه هئي، جنهن جو شديد احساس مون کي هاڻ جميءَ جي وڃڻ بعد ٿي رهيو هو.

مون هن کي ٻئي هفتي ئي موڪل ڪرائي ڇڏي. ان ڏينهن مون کي جمي ڏاڍو ياد آئي. منهنجو گهر بي ترتيبيءَ جو شڪار ٿي ويو. ميرن ڪپڙن ۽ ٿانوَن جا ڍير لڳي ويا. گهر جي ابتڙ حالت ڏسي مون کي جمي ياد اچي وئي. ڪيترين ئي راتيون اهڙيون به آيون جو آئون ڪنهن دوست جي گهر ۾ رهي ٿي پيس ۽ پنهنجي فليٽ نٿي آيس.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن آئون پنهنجي گهر پهتس ته مون جميءَ کي ڏٺو. هوءَ منهنجي اپارٽمينٽ جي دروازي سان ٽيلهه لڳائي سهڪي رهي هئي.

جمي! تون هتي؟“ بي اختيار منهنجي زبان مان نڪتو.

”اوهه مسٽر جان! اوه مسٽر جان!“ هن ٻڙڪيو- جيئن هن عادت موجب پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو ٿي.

مون دروازو کوليو. هو اندر داخل ٿي.

”جمي! ڇا ٿيو؟ تون واپس ڪيئن اچي وئين؟“ مون بي صبري مان پڇيو.

”آئون پنهنجي اباڻي وطن پهتيس ته منهنجي ويڳي پيڻ نه هئي. خبر پئي ته هوءَ مري چڪي آهي. هاڻ آئون اتي ڪنهن وٽ رهي سگهيس ٿي. ڪير سهارو ڏئيم ها. سو آئون موٽي آئي آهيان.“ هن نهايت سادگيءَ سان پنهنجي روئداد ٻڌائي.. ڳالهه ختم ڪرڻ سان هن پنهنجو ڪوٽ لاهي هڪ طرف رکيو ۽ وري صفائي ۾ لڳي وئي. ان ڏينهن کان جيستائين منهنجي بدلي انقره نه ٿي جمي منهنجي گهر ۾ ڪم ڪندي رهي. جڏهن آئون انقره وڃڻ لڳس ته هن کي ڪئرنگٽن جي گهراڻي ۾ نوڪري وٺرائي ڏنم. مون کي اهو دلي اطمينان هو ته جمي سٺي گهراڻي ۾ڪم ڪندي. جمي مون کي ڍير دعائن سان گڏ انقره روانو ڪيو.

مونکي انقره آئي هڪ سال ٿي چڪو هو ته مون کي ڪئرنگٽن وارن طرفان خط مليو.

ڊيئرجان!

جمي مري وئي، هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ سُتي پئي هئي ته سُتي سُتي هن جو ساهه نڪري

ويو. هن جي ساهيڙين اسان کي هن جي موت جي خبر ٻڌائي. مون کي بيحد افسوس ٿيو. آئون هن جو آخري ديدار ڪرڻ ويس. هوءَ بيحد سڪون ۾ نظر اچي رهي هئي. هو تمام سٺي ۽ تمام نيڪ روح هئي. اسان هن جي دفن ڪفن ۾ چڱي مدد ڪئي. هن جي قبر تي ڪتبو به لڳرايو. مون هن کان ڪيترائي دفعا پڇيو به هو ته هوءَ مون کي پاڻ بابت تفصيل سان ٻڌائي. بساهن فقط ايترو ٻڌايو هو ته هن جو پورو ۽ اصلي نالو جميلا آهن. اسان هن جي قبر تي لکرايو آهي:

"جميلا

وفات 1965ع."

موت سڀني لاءِ آهي، پر اسين هن کي تمام گهڻو ياد ڪنداسين."

مسٽر ڪئرنگٽن.

خط پڙهي آئون جهڙو ساڻو ٿي پيس. ها هن کي مرڻو ئي هو، پر ڪاش هوءَ جيڪر پنهنجي اباڻي وطن قبرص ۾ مري ها جنهن تي ڌارين جو قبضو آهي.ا ها عورت جيڪا ڌارين ۾ ماءُتا ۽ شفقت ورهائيندي هئي، ان کي پنهنجي وطن ۾ مرڻ لاءِ ٻه گز زمين به نه ملي.

["وفا جي پتلي" ڪهاڻي دراصل هڪ انگريزي ڪتاب 'Scotch and water' جو هڪ باب آهي. هن ڪتاب (اسڪاچ ۽ وسڪي) جو مصنف جان ڊي ٿمپين آهي. پاڻ ڏهه سال کن ترڪيءَ ۾ رهيو ۽ جيڪي ڪجهه هن ڏٺو يا تجربو ٿيس ان جو احوال هن ڪتاب ۾ڏنو اٿس. ترڪيءَ جي ماڻهن جي نفسيات ۽ شخصيت، تهذيب ۽ قدر (Values) ٿمپين پنهنجي ڪتاب ۾ جنهن سهڻي ۽ فنڪارانه نموني سان ڏنا آهن، ان جو اندازو هن هڪڙي باب پڙهڻ سان لڳائي سگهجي ٿو، جيڪو پنهنجي جاءِ تي هڪ ڪهاڻي پڻ آهي..]

# حقيقتن جي ڄاڻ

بوٽ ٺاهيندڙ موچي سائمن کي نه پنهنجو گهر هو ۽ نه زمين. هو هڪ هاريءَ جي جهوپڙيءَ ۾ رهيو ٿي. گذر سفر انهن چند ٽڪن مان ٿيندو هوس. جيڪو پورهئي بدران کيس اجورو مليو ٿي. انهن ڏينهن ۾ انسان جي پگهر ۽ پورهئي جي قيمت گهٽ، ڪڻڪ جو اگهه وڌيڪ، هو. جيڪي ڪجهه ڪمائيندو هو، پيٽ حوالي ٿي ويندو هوس. زال ۽ مڙس وٽ سيءَ کان بچڻ لاءِ فقط هڪڙو گرم ڪوٽ هو، جنهن کي هنن ٻنهي واري وٽيءَ تي پائي وقت ٽي پاس ڪيو. ڪوٽ ڪيترن هنڌان ڦاٽي چڪو هو ۽ نئون ڪوٽ ٺهرائڻ لاءِ هو گذريل سال کان رڍن جون کلون خريد ڪرڻ جو ارادو ڪري رهيو هو. هن دفعي سياري جي موسم شروع ٿيڻ کان اڳ هن ڪجهه رقم پاڇي ڪري رکي هئي. ٽي روبل زال جي پيتيءَ ۾ ٽاري رکيا هئا، ۽ اهڙا پنج روبل ۽ ويهه ڪوپڪ (سؤ ڪوپڪ هڪ روبل برابر ٿين ٿا) ڪجهه گراهڪن وٽ رهت هئس.

هڪ ڏينهن صبح ساڻ هو کلون وٺڻ جي ارادي سان گهر کان ٻاهر نڪتو. قميص مٿان هن پنهنجي زال جي جنڪيٽ پاتي ۽ ان مٿان اهو اڌڙيل گرم ڪوٽ، کيسي ۾ ٽي روبل وڌائين. وڻ مان هڪ لڪڻ ڀڃي هٿ ۾ جهلي ۽ پوءِ نيرن ڪري هو پنهنجي مقصد پوپان نڪتو. هن سوچيو..... گراهڪن کان جيڪڏهن هن کي پنج روبل ملي ويا ته ان ۾ هي ٽي روبل ملائڻ سان ڪم ٿي ويندو. آخر هو ان علائقي ۾ پهتو جتان اوڌر وصول ڪري هن کي کلون وٺيون هيون. هڪ هاري ته گهر ۾ ئي نه هو. ان جي زال وعدو ڪيو ته سندس اوڌر ٻئي هفتي ضرور موٽائي ڏيندا. البت ان جي ادائگي سندس مڙس ئي ڪندو. سائمن ٻئي قرضيءَ وٽ پهتو. هن قسم کڻي چيو ته مون وٽ ته هڪ پائي به نه آهي. ها ايترو آهي ته توکي جوتن جي مرمت جا ويهه ڪوپڪ ڏئي سگهان ٿو.

هاڻ هن وقت کلون اوڌر تي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو. پر وڪڻڻ واري هن تي اعتبار نه ڪيو. هن چيس، ”ميان ڏوڪڙ هٿ ڪري آءُ، پوءِ جيڪا کل وڻئي اها کڻي وڃ. اهو اسين ٽا سمجهون ته قرضين کان اوڌر واپس وٺڻ ڪيڏو مٿي جو سور آهي.“

ٻئسن جي اوڳڙ واري هن چڪر ۾ سائمن کي هڪ ته اهي ويهه ڪوپڪ مليا ۽ ٻيو اڌ ڇنل بوٽ جيڪو هڪ هاري کيس ترو لڳائڻ لاءِ ڏنو.

سائمن جي دل ئي ڀڃي پئي. هو سوچي نڪتو هو ته هنکي هٿن جي ڪيل پورهئي جو اجورو ملندو، پر هيڏي قرض مان کيس چوٿون حصو به نه ملي سگهيو. ويهن ڪوپن جو وودڪا (روسي شراب) پي گهر ڏي روانو ٿيو. ٿڌڪار ڪري هن تي شراب جي نشي چڱو اثر ڪيو ۽ هو سرور جي حالت ۾ هڪ هٿ ۾ ڇنل بوٽ ۽ ٻئي هٿ ۾ جهليل لڪڻ پٽ تي ڄميل برف کي هڻندو جهونگاريندو ويو. رکي رکي پنهنجو پاڻ سان ڳالهايائين ٿي.

”مون وٽ ڪنهن جانور جي کل جو ڪوٽ ناهي ته ڇا ٿيو. جسم ۾ ته گرمي آهي. وودڪا ( روسي شراب) منهنجي جسم جي رڳ رڳ ۾ ڊوڙي رهي آهي. هاڻ مون کي ڪنهن به گرم ڪوٽ

جي ضرورت ناهي. ان بنا به منهنجو گذر ٿي سگهي ٿو. البت زال ضرور وائڙي ٿي ويندي ۽ هن کي وائڙو ٿي وڃڻ به کپي. ڪيڏي ڏک جي ڳالهه آهي ته هڪ ماڻهو سڄو سڄو ڏينهن پورهيو ڪري ۽ موٽ ۾ هن کي اجورو نه ملي! اها به ڪا ڳالهه. جيڪڏهن تو هن پيري پئسا نه آندا ته تنهنجي کل ڇڪي وٺندس. پڌئي! ۽ منهنجي هٿان تون بچي وئين ته سمجهه ته تون وڏو خوش نصيب آهين. ڏس ته سهي، هو مون کي فقط ويهه ڪوپڪ ڏئي ٿو. انهن ويهن ڪوپڪن مان ماڻهو ڇا ٿو ڪري سگهي؟ شراب پي پنهنجي اندر جو غم هلڪو ڪري سگهي ٿو. ڇني رهيو هو ته اڇڪلهه پئسي جي سوڙهه اٿم. هوندس مون کي ڇاهي؟ تو وٽ رهڻ لاءِ گهر آهي، ڍور ڍڳا آهن، الله جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي. مون وٽ فقط اهو ڪجهه آهي، جيڪي ڪجهه منهنجي جسم تي آهي. توکي ته تنهنجي ٻنيءَ تان ڪڻڪ به ملي ويندي. پر مون کي اتي جي ڪٽي ڪٽي جو ملهه ڏيڻو ٿو پوي. آئون ڪٽي ڇا به سوچيان، فقط رکيءَ سکيءَ مانيءَ پويان هر هفتي منهنجي کيسي مان ٽي روبل نڪريو وڃن. ان کان علاوه ٻيون به ته گهرجون آهن. ڏيڍ به روبل کائڻ لاءِ کپي. ان ڪري جيڪي ڪجهه تو وٽ منهنجي رهت آهي. اهاجلدي واپس ڪر ۽ وڌيڪ بڪ بڪ نه ڪر!"

پنهنجي ئي خيالن ۾ سوچن جي وهڪ ۾ هو ان خانقاهه (گرجا گهر) تائين پهچي ويو هو جيڪو رستي جي ڪنڌ تي آهي. هن ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺو ته خانقاه جي پنيان ڪيس اڇي رنگ جي ڪا شيءِ نظر آئي. شام جي اونداهي ڌنڌ ۾ هن کي خبر نه پئجي سگهي ته اهو ڇا آهي. هن دل ئي دل ۾ چيو: "شايد ڍڳو آهي، پر نه هن جو مٿو ماڻهوءَ جهڙو ٿو لڳي. بلڪل اڇو ڪير جهڙو. پر هي ماڻهو هتي ڇا پيو ڪري؟"

هو ان جي شيءِ جي ايترو ته پهچي ويو جو اها هاڻ ڪيس بلڪل چٽيءَ طرح نظر اچي رهي هئي. هو ان کي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو. اهو واقعي انسان هو. خبر ناهي جيئرو يا مئل، پر هو بلڪل اگهاڙو هو. خانقاه وٽ اونڌو منهن ڪريو پيو هو. غريب موچي ڊڄي ويو.

هن کي ضرور ڪنهن قتل ڪيو آهي ۽ هن جا ڪپڙا لاهي هن کي هتي اگهاڙو اڇلي ويو آهي. جيڪڏهن آئون هن جي ويجهو ويندس ته پوليس ٿاڻي تي مون ئي وٺي هلندا." هن پنهنجي منهن چيو ۽ پوءِ ڪجهه دير بيهي سوچيندو رهيو ۽ پوءِ هلڻ لڳو. هو ان خانقاه وٽان نظر بچائي هلڻ لڳو. جيئن اهو ماڻهو هن کي ڏسي نه وٺي. ٿورو اڳيان هلي هن مڙي ڏٺو. هو ماڻهو هاڻ اونڌي منهن زمين تي ليٽڻ بدران پلٽي ماري ويٺل هو. شايد هن ڏي ڏسي رهيو هو. موچي ويتر ڊڄي ويو. "آئون هن وٽ وڃان يا نه؟" هن سوچيو، "ويجهو وڃي ڪٽي ڪنهن مصيبت ۾ نه ڦاسي پوان! خبر ناهي ڪير آهي! هو هتي ڪنهن سٺي نيت سان ٿورو ئي آيو هوندو. ٿي سگهي ٿو ٽپ ڏيئي مونکي ڇهتي وجي ۽ گهٽو ڏئي منهنجو ساهه ڪڍي ۽ مون لاءِ پڇڻ ڏکيو ٿي پوي. ائين نه ٿئي ته هو مون لاءِ بار ٿي پوي. آئون ههڙي اگهاڙي ماڻهوکي ڇا ٿو ڪري سگهان؟ مو وٽ ته هن کي ڏيڻ لاءِ ڪپڙا ئي منهنجي ڪل ڪائنات آهن. خدائي آهي جيڪو مونکي هتان بچائي سگهي ٿو.

موچي وڏيون وڏيون ٻرانگهو پري هلڻ لڳو ۽ خانقاه کان ڪافي پري نڪري ويو. امالڪ هن کي پنهنجي ضمير ٺوڪيو ۽ هو بيهي رهيو.

"سائمن! ڇا پيو ڪرين؟" هن پنهنجو پاڻ چيو.

”ٿي سگهي ٿو هو ويچارو سورن جو ستايل هجي ۽ هن کي ڪنهن مدد جي ضرورت هجي. تون هن وٽان ڪسڪي نڪتو آهين. ڇا تون ايڏو امير ٿي ويو آهين جو توکي ڇورن ڌاڙيلن جو ڊپ ٿو لڳي. سائمن! افسوس آهي توتي.“

هو اهو سوچي موٽيو ۽ سڌو ان ماڻهوءَ وٽ آيو. سائمن، هن ڌارئين ماڻهوءَ کي غور سان ڏسڻ لڳو. هي هڪ صحتمند نوجوان هو. هن جي جسم تي ڪنهن به رهنڊ يا رانپوٽي جو نشان هو. البت هو سيءَ کان ڏڪي رهيو هو ۽ بيحد گهڻي ڊپ ۾ هو. هن نگاهون مٿي ڪڻي سائمن ڏي نهاريو پر پاڻ ائين ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيو. سائمن به چار وکون پيون ڪڻي هن جي ويجهو آيو. اجنبي ڄڻ ننڊ مان سجاڳ ٿيو. هن هڪ دفعو اکيون ڇنڀي پوءِ سائمن ڏي نماڻين اکين سان نهاريو. سندس ان ادا سائمن جي ڄڻ دل جيتي ڇڏي. هن هٿ ۾ جهليل بوٽ هن اڳيان رکيو ۽ پوءِ پنهنجو ڪوٽ لاهي هن کي پائڻ لاءِ ڏنو.“ وڌيڪ ڪڇڻ جو وقت ناهي. اچي، جلدي جلدي هي پاءِ.“

سائمن هن کي هٿن کان جهلي اُٿاري بيهاريو. هن ڏٺو ته نوجوان جو جسم صاف سٿرو ۽ صحيح سلامت هو. هن ڪوٽ نوجوان جي ڪلهي تي رکيو، پر هو ڪجهه اهڙو ته بدحواس لڳي رهيو هو جو هن کي ڪوٽ جون ٻانهون ئي نه پئي مليون. سائمن هن جا هٿ جهلي ڪوٽ جي ٻانهن ۾ وڌا ۽ بٽڻ لڳائي اڳٽ جهڙي رسي سان ڪوٽ کي سوگهو ڪيو، پوءِ پنهنجي ڦاٽل ٽوپي لاهي، نوجوان جي حوالي ڪرڻ ٿي چاهي ته سخت سيءَجي لهر ۾ سندس اگهاڙو مٿو برف ٿي ويو. هن سوچيو: ”آئون ته بلڪل گنجو آهيان ۽ هن جا ڊگها ۽ گهنڊيدار وار آهن.“ هن پنهنجي ٽوپي واپس پنهنجي مٿي تي ڪڻي رکي. پوءِ وري خيال آيس ته گهٽ ۾ گهٽ هن جا اگهاڙا پير ڍڪڻ کپن.... هن کيس پيرن ۾ مرمت لاءِ کنيل بوٽ پارايو ۽ چيو؛ ”ڏس دوست! هاڻ تون سرديءَ کان ڪجهه نه ڪجهه بچي وئين ۽ سولائيءَ سان هلي چلي سگهين ٿو. صحيح ٿو چوان نه؟“

نوجوان بنا ڪجهه ڪڇڻ جي بيٺو رهيو ۽ پنهنجين معصوم نگاهن سان سائمن موچي کي ڏسندورهيو......

”تون ڳالهائين ڇو نٿو؟“ ”سائمن چيو، ”هتي بيٺي بيٺي ته سڪي سوڪ ٿي ويندين. ڪمزور آهين ته هي وٺ لڪڻ، سهاري جو ڪم ڏيندءِ. هاڻ هل جلدي ڪر. سيءَ تمام گهڻو آهي.“

نوجوان سائمن جي قدم سان قدم ملائي هلڻ لڳو. هلندي هلندي سائمن پڇيس:

”ميان، ڪٿي جو رهاڪو آهين؟“

”آئون هن پَٽَ جو نه آهيان!“ هن جواب ڏنو.

”منهنجو خيال به اهوئي آهي. آئون هن علائقي جي ماڻهن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان، پر تون هتي خانقاه ۾ڪيئن پهتين؟“

”آئون نٿو ٻڌائي سگهان.“

”ڪنهن توتي ظلم ڪيو آهي؟“ سائمن پڇيس.

”نه، مون تي ظلم ڪنهن نه ڪيو آهي. مون کي خدا سزا ڏني آهي.“

”ها اهو سچ آهي ته خدا ئي اسان جو حاڪم آهي، پر توکي ته مانيءَ جي به ضرورت آهي ۽ مٿو لڪائڻ جي جاءِ جي به. ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو اٿئي؟“

”مون لاءِ سپ جڳهيون هڪ جهڙيون آهن!“ نوجوان چيو.

سائمن حيران هو ته نوجوان نه ته غنڊو يا داداگير ٿي لڳو ۽ نه وري سندس ڳالهائڻ جو طريقو ڪميني قسم جو هو. تنهن هوندي به هن پنهنجو اتو پتو نٿي ڏنو. ”ڪهڙي خبر ويچاري سان ڪهڙو حادثو پيش آيو آهي!“ هن دل ئي دل ۾ سوچيو ۽ وڏي آواز ۾چيو:

”اڄ پوءِ منهنجي گهر هليو آءُ. گهٽ ۾ گهٽ سيءَ کان ته بچي پوندين.“

سائمن هن کي وٺي پنهنجي گهر جي راهه اختيار ڪئي. اجنبي هن سان گڏ وک کڻندو هليو. هوا تيز ٿي وئي هئي. سائمن جي جسم تي فقط هڪ قميض رهجي وئي هئي. سيءَ ڪري هن جا ڏند وڄڻ لڳا. هن تان ووڊڪا شراب جو نشو به هاڻ لهي چڪو هو ۽ جسم جڻ ته چيلهه وٽان ڪپجي پئي رهيو هوس. هو سيسڙاٽ پريندي سوچڻ لڳو: ”آئون ته رڍن جون کلون خريد ڪرڻ ويو هوس. اهي ته خريد نه ڪيم، ماڳهين پنهنجو ڪوٽ به لاهي ٻئي کي ڏئي ڇڏيم ۽ گهر ۾مفت جو هڪ بيڪار ۽ نڪمو ماڻهو وٺيو پيو اچان. ميٽرينا ڏسندي ئي ڦاٽڻ شروع ڪندي.“ زال جو خيال ايندي ئي هن جي جسم ۾ غم جي لهر ڊوڙي وئي. پر جيئن ئي اجنبي تي نظر پيس ته هن کي هن جون اهي معصوم نگاهون ياد اچي ويون، جن سان هن خانقاه ۾ ويٺي ويٺي هن ڏي نهاريو هو. بيوسي ۽ لاچارگيءَ واريون نگاهون. لطف ۽ ڪرم جون طلبگار نگاهون ان ياد سان هن جي اندر ۾ ڄڻ گل ٽڙي پيا.

سائمن جي زال ان ڏينهن هر شيءِ پهرين ئي تيار ڪري رکي هئي. هن ڪاٺيون چيري ڇڏيون هيون. پاڻي پري ڇڏيو هو. هن ٻارن کي کارائي پياري ۽ پاڻ به کائي پي ڇڏيو هو- بس مانيءَ جي ڪي پور بچيل هئا ۽ ميٽرينا اهو ويٺي سوچيو ته سائمن پڪ ڳوٺ مان کائي نڪرندو ۽ هي مانيءَ بور سپاڻي ڪم اچي ويندا.“ هن مانيءَ جو هڪ هڪ ٽڪرو هٿ ۾ کڻي هن جي ڳرائي محسوس ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي منهن پڙڪڻ لڳي؛ ”هڪ هڪ ٽڪر ڪافي رهندو. پٽيان ڪي به چار ليون اٽي جون وڃي بچيون آهن. جمعي تائين هنن ٽڪرن تي گذارو ٿي سگهي ٿو.“

هن ماني دٻڪين ۾ ڍڪي ڪاري هيٺ رکي ۽ پوءِ مڙس جي ڦاٽل قميص کڻي هن کي چتيون هڻڻ لڳي. سُئيءَ جا ڪڻ هڻندي هڻندي هن کي مڙس جو خيال آيو.

”ڪٿي ڪنهن جي ڳالهين ۾ اچي ڦاسي نه پيو هجي، آهي صفا موڳو. هڪ ٻار به ڪيس بيوقوف ناهي سگهي ٿو. اٺ روبل ڇڱي وڏي رقم آهي. ڪوٽ خريد ڪري وٺي ته سئو آهي. رنگيل کلون وٺڻ کان به سنئون سڌو هڪڙو عمدو ڪوٽ وٺي ڇڏي! گذريل سال سياري ۾بناڪوٽ جي ڏاڍي تڪليف ٿي هئي. آئون نه ته درياهه تي وڃي سگهيس ٿي نه ڪنهن ٻئي هنڌ. هن کي ٻاهر وڃڻو هوندو هو سو سپ ڪجهه هوئي پائي ويندو هو ۽ منهنجي پائڻ لاءِ ڪجهه به نه بچندو هو. ڇڱي دير ٿي وئي آهي. هن کي هيستائين گهر ۾ اچي وڃڻ کپي.ا هو ڊپ اٿم ته ڪٿي هو پيئڻ نه ويهي رهيو هجي.“ ڇڙواڳ خيال هن جي دماغ ۾ اڳيان پٺيان ڊوڙي رهيا هئا. اوچتو در وٽ هن جي قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ڪو اوپرو ماڻهو اندر داخل ٿيو. ميٽرينا سبڻ بند ڪري سئي قميص ۾ ٽنبي اٿي غور سان ڏسڻ لڳي ته ڪير آهي. هاٿي پيو به اندر گهڙيو جيڪو سندس مڙس سائمن هو. ڏاڙئين ماڻهوءَ جو مٿو اگهاڙو هو ۽ پير ۾ ڇنل جوتا هئس. ميٽرينا هڪ ئي نظر سان سمجهي وئي

ته سندس مڙس شراب جي ڏپ ۾ چانيو پيو آهي.

”اهائي ڳالهه ٿي نه، شراب ۾ ڏت ٿيو پيو اچي!“ هن دل ئي دل ۾ چيو ۽ پوءِ جڏهن هن ڏٺو ته هو بنا ڪوٽ جي آهي ۽ فقط جنڪيٽ جسم تي اٿس ۽ کڇ ۾ به ڪا هڙٻڙ نه اٿس ته هوءَ ٿبيءَ ۾ پئجي وئي. هن جو مٿو افسوس کان جهڪي ويو ۽ دل نااميدي جي عالم ۾ پُرڻ لڳي.

”سپ پئسا شراب ۾ ٻوڙي آيو آهين.“ هن پٽڪڻ شروع ڪيو، ”۽ پاڻ سان گڏ هڪ لچي کي گهر ۾ وٺي آيو آهين.“

ميٽرينا هڪ طرف ٿي هنن کي رستو ڏنو. هو جهوپڙيءَ ۾ گهڙيا. پوءِ هوءَ هنن جي پنيان پنيان اندر آئي. هن ڏٺو ته اجنبي جي جسم تي هن جي مڙس جو ڪوٽ هو. ڪوٽ جي هيٺان ڪا قميص نه هئي. اجنبي جهوپڙيءَ ۾ گهڙي، هڪ هنڌ خاموش اکيون جهڪائي بيهي رهيو.

”ضرور ڪو بدمعاش آهي!“ ميٽرينا دل ۾ چيو، ”شايد ڊڃي ويو آهي!“ هن اجنبيءَ ڏي گهوري ڏٺو ۽ پوءِ چلهه جي ويجهو وڃي بيٺي.

”ميٽرينا چپن ۾ ئي ٻڙ ٻڙ ڪئي ۽ ائين ئي پٿر وانگر چلهه وٽ بيٺي رهي. بس هنن ٻنهي ڏي واري وٺيءَ تي ڏسي پوءِ انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيائين.

سائمن سمجهي ويو ته زال سخت ڪاوڙ ۾ آهي، پر اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ ته هن ڪجهه نه ڏٺو، اجنبيءَ کي ٻانهن کان جهلي چيو: ”ويهو پائو، ڪجهه کائي وٺون.“

اجنبي به کٽ تي ويهي رهيو.

”ڪجهه وڌيڪ اٿئي يا نه؟“ سائمن وري پڇيو.

ميٽرينا ڪاوڙ ۾ ٻاهه ٿي وئي:

”ها رڌيو اٿم پر تولاءِ نه. شايد تنهنجو عقل شراب سان گڏ وهي ويو آهي! تون ته ڪوٽ لاءِ کلون وٺڻ ويو هئين ۽ آيو اهڙي حالت ۾ آهين جو تنهنجي بدن تي پراڻو پاتل ڪوٽ به ڪونهي ۽ پاڻ سان گڏ ٻيو به هتو ڪٿو وٺي آيو آهين. تو جهڙن آلين موالين لاءِ مون وٽ ڪا کائڻ پائڻ جي شيءِ ڪانهي!“

”بس ميٽرينا بس، زبان اجائي نه هلاءِ. گهٽ ۾ گهٽ اهو ته پڇ ته هي آهي ڪير؟“

”هي ماڻهو ڪير آهي؟“

سائمن کيسي ۾هٿ وجهي، ٽن روبلن جا نوٽ ڪڍي زال جي هٿ تي رکيا: ”هي وٺ پئسا! ٽريفونوف اجا ڪجهه نه ڏنو. البت وعدو ڪيو اٿائين ته هو اوڌر واري رقم جلد ادا ڪندو.“

ميٽرينا جي ڪاوڙ جو پارو اجا مٿي چڙهي ويو. هڪ ته بيوقوف کلون نه آنديون ۽ ٻيو ڪوٽ هڪ اگهاڙي کي پارائي گهر وٺي آيو آهي ۽ هاڻ مانيءَ جو ٿو پڇي. هن جهپ هڻي ميز تان نوٽ کڻي ورتا ۽چيو:

”مون وٽ توهان لاءِ ڪا ماني ٽڪي ڪانهي. اسان دنيا جهان جي شرابين ۽ اگهاڙن جي پيٽ پالڻ جو ڪو ٺيڪو ڪونه کنيو آهي....“

”ميٽرينا پنهنجي زبان کي لغام ڏي! پهرين ٻڌي ته وٺ هي ڪير آهي؟“

”آئون صحيح چوندي هيس ته تو جهڙي شرابيءَ سان شادي نه ڪنديس. ريشمي ڪمپڙي

جو تاڪيو جيڪو منهنجي ماءُ مون کي ڏيڄ ۾ڏنو هو،اهو به تو شراب ۾ ضايع ڪري ڇڏيو ۽ هاڻ ڪوٽ خريد ڪرڻ وئين ته سڀ پئسا شراب پٺيان اڏائي آئين.“

”مون ته فقط ويهه ڪوپڪ خرچ ڪيا آهن،“ سائمن پنهنجي زال کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ”۽ هي ويچارو اجنبي.....“

پر ميٽرينا هن جي هڪ به نه ٻڌي. هن جي زبان ڪئنچيءَ وانگي هلندي رهي ۽ پوءِ هن ڏهه سال پراڻا دفنايل مڙدا ڪڍي ٻاهر ڪيا.

ڳالهائيندي ڳالهائيندي ميٽرينا سائمن تي وار ڪيو ۽ هن کي قميص جي ٻانهن کان جهلي پڇيو:

”منهنجي جئڪيٽ هيئنر جو هيئنر مون کي لاهي ڏي. اها ئي ته منهنجي سچي ملڪيت آهي. تون هميشه ان کي پائيندو وتين. واپس ڏي مون کي لالچي ڪتا، توتي ته ڪا الله جي مار پوي!“

سائمن جئڪٽ کي ڇڪي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا ميٽرينا ڪانئس وٺي دروازي ڏي وڌي.... پر پوءِ وڌندي وڌندي ترسي پئي. هن کي پنهنجي ڪئي جوافسوس ٿيو ۽ هن غصو پي وڃڻ ٿي چاهيو. پر .... پر هي اجنبي ڪير آهي، آخر ڪا ته خبر پوي! هوءَ سوچڻ لڳي ۽ پوءِ هڪدم چيو: ”جيڪڏهن هي ڪو شريف انسان هجي ها ته ائين اگهاڙو نه هجي ها! هن جي بدن تي ته قميص به ڪانهي. هي ماڻهو جيڪر چڱو آهي ته ٻڌاءِ توکي ڪٿي مليو؟“

سائمن جواب ڏنو: ”اهوئي ته آئون توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿو. هي مونکي واپس ايندي وقت خانقاه ۾ مليو. غريب الف اگهاڙو سيءَ ۾ ڏڪي رهيو هو. خدا ڪٿي مون کي هن ڏي موڪليو نه ته هي وڃي ٻئي جهان کان نڪري ها. مان ڪپڙا ڍڪائي هيڏي وٺي آيو آهيانس. ميٽرينا، اجايو خفي نه ٿي. خفو ڪرڻ گناهه آهي. اهو نه وسار ته اسان سڀني کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي.“

چڙ وارا لفظ ميٽرينا جي زبان تي ايندي ايندي ترسي پيا. هن جي نظر اجنبيءَ تي وڃي پئي، جيڪو کٽ تي ماٺ ڪريو هڪ هنڌ نماڻين اکين سان ڏسي رهيو هو. ”ميٽرينا تنهنجي دل ۾ خدا جي محبت ناهي؟“ سائمن چيو. ميٽرينا تي هن جي انهن لفظن عجيب اثر ڪيو. هن جي نظر اجنبي تي پئي ۽ دل پاڻي ٿي ويس. هوءَ دروازي وٽ وري موٽي آئي، هن چلهه تان ماني ڪڍي. ميز تي رکيل هڪ گلاس ۾ شربت ٺاهيو ۽ مانين جا ٽڪر ڪڍي ڪانئن ڇرين سان گڏ رکيا ۽ چيو: ”اچوماني کائو.“

”ٻاءُ اچ، تون به ويهه.“ سائمن اجنبيءَ کي دعوت ڏني. سائمن ماني جا ٽڪرا وڏيڪ ننڍا ڪري پاڻيءَ جهڙي ڇڊيءَ رس ۾ پُسايا ۽کائڻ شروع ڪيو. ميٽرينا ڪنڌ ۾ مٿي تي هٿ ڏيئي اجنبي کي ويئي ڏنو. هن جي دل ۾ هر وقت رحم جا جذبا پيدا ٿي رهيا هئا. هاڻ هن کي هي اجنبي سٺو ماڻهو لڳي رهيو هو. اتي اوچتو ئي اوچتو اجنبيءَ جو منهن چمڪڻ لڳو ۽ هن اکيون مٿي کڻي ميٽرينا ڏي ڏٺو ۽ پنهنجي منهن مرڪيو. هنن ماني کائي بس ڪئي ته ميٽرينا سندن اڳيان ٿانوَ کنيا ۽ پوءِ اجنبيءَ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي:

”ڪٿي جو رهڻ وارو آهين؟“ هن چيو.

”آئون هن علائقي جو نه آهيان.“

”پر هتي ڪئين پهتي؟“

”معاف ڪجو محترمه، آئون ڪجهه ٻڌائڻ کان لاچار آهيان.“

”ڪنهن توکي ڦريو لٽيو آهي؟“ ميٽرينا پڇيو.

”خدا مون کي سزا ڏني آهي!“ اجنبيءَ وراڻيو.

”۽ تون هتي اگهاڙو پيو هئين؟“

”ها اگهاڙو ۽ سيءَ ۾ ڏڪي رهيو هوس. سائمن مون تي ترس کائي مون کي پنهنجو ڪوٽ پارايو ۽ پاڻ سان وٺي آيو. تو مون کي ماني کارائي آهي ۽ مون تي رحم ڪيو آهي. ان جي جزا توهان کي خدا ڏيندو.“

ميٽرينا اٿي ۽ سائمن جي اها قميص کڻي اجنبيءَ کي ڏني جنهن کي ٿوري دير اڳ چتيون لڳائي رهي هئي. هوءَ هڪ پتلون به کڻي آئي.

”هي وٺ قميص ۽ پتلون. انهن کي پائي چڙهه ۽ جتي وڻئي آرام ڪر- چلهه وٽ يا پر واريءَ ڪوٺيءَ ۾.“

اجنبيءَ ڪپڙا پاتا ۽ پوءِ ڪوٺي ۾ ليٽي پيو. ميٽرينا ڏيو گل ڪري چڙهيو ۽ ڪوٽ کڻي پنهنجي مڙس وٽ چلهه جي ويجهو وڃي ليٽي. سيءَ کان بچڻ لاءِ هن پنهنجي مٿان ڪوٽ ورائي چڙهيو. پر ننڊ سندس اکين کان جڻ ڪي ڪوهه پري هلي وئي هئي. هوءَ هر هر اجنبيءَ جو خيال اچڻ تي سوچڻ ۾ غرق ٿي وئي ٿي.ا وچتو هن کي ياد آيو ته مانيءَ جو آخري پور به ختم ٿي چڪو آهي. هاڻي هوءَ سڀاڻي ڇا ڪندي! ۽ هن کي ان جو به ڏک ٿي رهيو هو ته قميص ۽ پتلون به هن کي ڏئي ڇڏيم. پر پوءِ اجنبي جي مرڪ جڻ کنوڻ وانگر هن جي دماغ تي واسو ڪري وئي ۽ ميٽرينا باغ بهار ٿي وئي. هوءَ دير تائين جاڳندي رهي. هن ڏٺو ته هن جو مڙس به جاڳي پيو.

”سائمن.“ هن ڌيرج سان سڏ ڪيو.

”جي! سائي،من وراڻيو.

”مانيءَ جو آخري ٽڪرو به ختم ٿي ويو آهي ۽ گهر ۾ اٽي لپ به نه آهي. سڀاڻي جو ڇا ٿيندو! شايد ٿورو اٽو مارٿا کان اوڌر تي ملي وڃي.“

”حياتي رهي ته کائڻ لاءِ به ڪجهه نه ڪجهه ملي ويندو.“

عورت ٿوري دير ماٺ ڪري، ليٽي رهي، پوءِ چيائين:

”ماڻهو ته ڀلو ٿو لڳي، پر هو ٻڌائي ڇو نٿو ته ڪير آهي؟“

”شايد ڪو ڪارڻ هوندو.“ سائمن چيو.

”سائمن! ڪجهه دير بعد ميٽرينا وري پنهنجي مڙس کي سڏ ڪيو.

”جي!“

”اسين ته ماڻهن کي ڏيندا رهون ٿا. پر هو اسان کي ڇو نٿا ڏين؟“ ميٽرينا چيو.

سائمن هاڻ ان جو ڪهڙو جواب ڏئي! ”هاڻ ماٺ به ڪٽي ڪر!“ هن چئي پاسو ورايو ۽ ٿيءَ گهڙي ڪونگهرا هڻڻ لڳو.

سائمن صبح جو سوير اٿي ويٺو. ٻار اڃا ستا پيا هئا. هن جي زال پنهنجي پاڙيسرياڻيءَ ڪان اٿو ونڻ هلي وئي هئي. اجنبي اڪيلو ڪٽ تي ويٺو هو. هو پراڻي قميص ۽ پتلون ۾ هو ۽ نظرون مٿي ڪپائي ڏسي رهيو هو. هن جو چهرو ڪالهه جي مقابلي ۾ زياده روشن ۽ کُليل هو.

”ڏس دوست!“ سائمن هن کي چيو، ”پيٽ لاءِ کائين چوڏن جي ضرورت آهي ۽ اگهاڙي بدن لاءِ ڪپڙي جي. ماڻهوءَ کي زندگي گذارڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوي ٿو. تون ڪو ڪم ڪري سگهين ٿو؟“

”نه، مون کي ڪو ڪم نٿو اچي.“

سائمن اچرج ۾ پئجي ويو. پر چيو:

”جيڪڏهن ڪو سکڻ چاهي ته هن لاءِ هر ڪم سولو آهي.“

”جيڪڏهن ماڻهو ڪم ڪن ٿا ته آئون به ڪندس.“

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”مائيڪل.“

”چڱو ته مائيڪل! جيڪڏهن تون پاڻ بابت ڪجهه ٻڌائڻ نٿو چاهين ته نه سهي، پر توکي پنهنجي لاءِ روزي ضرور ڪمائڻي پوندي. منهنجي چوڻ مطابق ڪم ڪندين، ته آئون توکي رهڻ لاءِ جاءِ به ڏيندس ته کائڻ لاءِ ماني به.“

”الله توکي جزا ڏيندو! تون جيڪي ڪجهه مون کي سيکاريندين اهو سکي وٺندس. مون کي ڪم ٻڌاءِ.“

سائمن جوتا ٽانڪڻ جي ڏور کنئي ۽ پنهنجي آڱوٺي جي چوڌاري ويڙهي ٻٽي ڪرڻ لڳو. ”هي ڪم تمام سولو آهي.... ڏس!“ هن چيو.

مائيڪل غور سان ڏور ٺهندي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پاڻ به ائين ڪرڻ لڳو. سائمن هن کي پوءِ ٽانڪو هڻڻ سيکاريو ۽ مائيڪل بنا ڪنهن تڪليف جي اهو ڪم به جلدي سکي ويو. هاڻ هن ڪيس ڪل کي چيرڻ ۽ ان جا وار اندر ڪري سبڻ سيکاريو ۽ مائيڪل اهو به سکي ويو. سائمن جيڪو ڪم ڏسيو ٿي، مائڪل جهٽ پٽ اهو ڪري ڏيکاريو ٿي. ٽن ڏينهن اندر هو جوتن ناهڻ جو اهڙو ته سٺو ڪاريگر ٿي ويو، ڄڻ سالن کان هو اهو ڪم ڪندو رهيو هجي. هو بنا ڪنهن آرام جي هر وقت ڪم ۾ رڌل رهيو ٿي. ماني به گهٽ ٿي کاڌائين. ڪم ختم ٿيڻ تي چپ چاپ پنيءَ پر سڌو ليٽي آسمان ڏي نهاريندو رهيو ٿي. هو ٻاهر تمام گهٽ نڪتو ٿي. ڪنهن شيءَ جي ضرورت پيس ٿي ته گهرايائين ٿي. هڪ ڳالهه ضرور هئي ته هو نه کليو ٿي نه ڪنهن سان چرچو ڀوڳ ڪيائين ٿي. ان پهرين ڏينهن واري مرڪ کانپوءِ ڪنهن به هن کي مرڪندي نه ڏٺو.

ڏينهن پويان ڏينهن گذرندا ويا. اهڙي طرح اچي سال پورو ٿيو. مائيڪل هڪ تمام سٺو موچي ٿي ويو ۽ سندس نانءُ ڏيهان ڏيهه پکڙجي ويو. هڪ هڪ جي وات تي اهوئي هو ته سائمن جي ڪاريگر جهڙا عمدا ۽ مضبوط بوٽ ڪوبه نٿو ناهي. ماڻهو پري پري کان هلي اچي سائمن کان بوٽ ٺهرائڻ لڳا. نه فقط بوٽ پر سليپر، چمپل، گهيتلا، چاکڙيون وغيره پڻ. اهڙي طرح سائمن جي قسمت ئي بدلجي وئي.

سياري جا ڏينهن هئا. هڪ ڏينهن سائمن ۽ مائيڪل سگريءَ جي پر ۾ ويٺي بوٽ ٺاهيان. ايتري ۾ هڪ گاڏي جنهن ۾ ٽي گهوڙا جوٽيل هئا، ٽن ٽن ڪندي اچي هن جي جهوپڙيءَ ٻاهر بيٺي. هن دري مان ليئو پائي ڏٺو ته هڪ صاف سٿرا ڪپڙا پهريل نوڪر جلدي لهي گاڏيءَ جو دروازو کوليو ۽ پوءِ هڪ معزز ماڻهو ڪنهن اوچي جانور جي کل جي ڪوٽ ۾ گاڏيءَ مان ٻاهر نڪتو ۽ سائمن جي جهوپڙيءَ ڏي وڌيو. ميٽرينا اڳيان وڌي جهوپڙيءَ جو دروازو کوليو. معزز ماڻهو تمام ڊگهو، ويڪرو ۽ ڳري جسم جو هو. هو جهڪي پوءِ جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ جڏهن سڌو ٿي بيٺو، ته هن جو مٿو ڇت سان وڃي لڳو. جهوپڙي هن جي پڪڙيل جسم سان ڄڻ ته پرجي وئي.

سائمن اٿي هن کي ادب سان ڪيڪاريو ۽ حيرت مان هن کي ڏسندو رهيو. سائمن پاڻ به سنهو سڪل هو ۽ مائيڪل به، ميٽرينا ته بس رڳو.... هڏين جي مٺ هئي. پر هي شخص ڄڻ ته ڪنهن ٻي دنيا جو باشندو لڳو ٿي ڳاڙهو آلو بخاري جهڙو منهن، بلڪل گول گول، ڳچي مينهن جهڙي ٿلهي ۽ مضبوط هڏ ڪاٺ وارو جسم.

معزز ماڻهوءَ زور سان کنگهڪار ڪئي، پوءِ پنهنجو ڪوٽ لاهي بينچ تي ٿي ويٺو ۽ چيو:

”توهان ٻنهي ۾ سٺو ڪاريگر ڪير آهي؟“

”مون کي ئي سمجهو سائين!“ سائمن ڪي قدر جهڪي ورندي ڏني.

معزز ماڻهوءَ نوڪر کي سڏ ڪندي چيو: ”چمڙو کڻي اچ.“ هڪ ڇوڪرو ڀڄندو ڀڄندو اندر آيو ۽ بنڊل آڻي سامهون رکيو.

”هن کي کول.“ معزز ماڻهوءَ حڪم ڏنو.

نوڪر حڪم جي پوئواري ڪئي ۽ معزز ماڻهوءَ چمڙي ڏي اشارو ڪري چيو: ”موچي! سڃاڻي سگهين ٿو ته هي ڪهڙو چمڙو آهي؟“

”تمام عمدو سائين منهنجا!“ سائمن چمڙي تي هٿ لاهيندي چيو.

”بيشڪ تمام عمدو آهي، پر احمق، تو اهڙو چمڙو ڪڏهن به نه ڏٺو هوندو. هي جرمنيءَ کان آيل چمڙو آهي ۽ هن جي قيمت ويهه روبل آهي.“

”سرڪار! آئون ڀلا هن کي ڪٿي ڏسي سگهيس ٿي.“ سائمن هيسيل آواز ۾ وراڻيو.

”صحيح آهي! هاڻ ٻڌاءِ منهنجا بوٽ ٺاهي سگهندين؟“

”حاضر سائين! ڇونه!“ سائمن چيو.

”واقعي!“ معزز ماڻهو زور سان چيو، ڄڻ هن کي يقين نه پئي آيو، ”پر هڪ ڳالهه ڌيان سان ٻڌ! بوٽ اهڙا ٺاهجانءِ، جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال ته ضرور هلن. نه هنن جي شڪل بدلجي ۽ نه ئي ڪو ٽوپو ادڙي. اهڙا بوٽ ٺاهي سگهين ته مون لاءِ ٺاهه، جي نٿو ٺاهي سگهين ته مونکي هينئر ئي جواب ڏي. ياد رک ته جيڪڏهن سال اندر بوٽ خراب ٿي پيا ته جيل ڏياري ڇڏيندوسانءِ. مزدوري ڏهه روبل ڏيندو سانءِ پر پوري سال ڪانپوءِ!“

سائمن ويچارو ڊڄي ويو. جواب ڏئي ته ڪهڙو ڏئي. هن مائيڪل ڏي ڏٺو. هن کي ٺونٺ هڻي آهستي چيائين، ”هي ڪم هٿ ۾ کڻان؟“

مائيڪل هائوڪار ۾ ڪنڌ کي هيٺ مٿي ڪيو.

۽ سائمن بوٽ ناهڻ جو ذمو پنهنجي مٿان کنيو.

معزز ماٺهوءَ پنهنجي نوڪر کي سڏايو ۽ حڪم ڏنو ته ڪاٻي پير جو بوٽ لاهه. بوٽ لهي ويو ته هن چيوِ: ”پير جي ماپ وٺ.“

سائمن سترهن انچ ديگهه واروهڪ ڪاغذ کنيو، پهرين هن کي هٿ سان صاف ڪيو ۽ پوءِ پنهنجو هٿ پنهنجي قميض سان صاف ڪيو، جيئن معزز ماٺهوءَ جا جراب ميرا نه ٿين ۽ پوءِ هن جي پير جي ماپ ورتي. کڙي جي ماپ پئي ورتائين ته ڪاغذ ڪٽي پيو. هن جا مريا ڇا ته ٿلها هئا.

”ڏسجانءِ بوٽ پين وٽ يا کڙين وٽ سوڙهو نه ٿئي!“

سائمن پهرين واري ڪاغذ ۾ ٻيو ڪاغذ به ڳنڍيو. معزز ماٺهو جهوپڙيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ۽ پوءِ هو مائيڪل ڏي گهوري ڏسڻ لڳو.

”هي شخص ڪير آهي؟“

”منهنجو ڪاريگر آهي، هي ئي توهان جو بوٽ ناهيندو.“

”ڏسجانءِ! معزز ماٺهو مائيڪل سان مخاطب ٿيو.“ بوٽ هڪ سال کان گهٽ نه هلي!“

سائمن مائيڪل ڏي ڏٺو. هو معزز ماٺهوءَ کي ڏسڻ بدران جهوپڙي جي پرئينءَ ڪنڊ ڏي نهاريندو رهيو. ڄڻ اتي ڪو ٻيو همراهه هجي. مائيڪل ائين ئي نظرون ڄمائي ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ اوچتو هن مرڪيو ۽ هن جو چهرو زور سان چمڪڻ لڳو.

”اڙي ڄٽ! ڇو پيو ڏند ڪڍي کلين؟“ معزز ماٺهوءَ گجندڙ آواز ۾ چيو، ”هيڏانهن ڏس، بوٽ وقت تي تيار ڪري ڏجانءِ!“

”بي فڪر ٿيو، اهو وقت تي تيار ٿي ويندو.“ مائيڪل چيو.

”وري به ڪن کولي ٻڌي ڇڏ. بوٽ وقت تي تيار هجڻ کپي!“ معزز ماٺهوءَ تاڪيد ڪئي. پنهنجو ڪاٻو بوٽ ۽ ڪوٽ پاتو ۽ دروازي ڏي روانو ٿيو. پر دروازي وٽان لنگهندي هن کان جهڪڻ وسري ويو ۽ هن جو مٿو هڪ ڪڙي سان وڃي لڳو. هن گار ڏني پنهنجي مٿي کي آڊيو ۽ گاڏي ۾ ويهي روانو ٿي ويو.

هو هليوويو ته سائمن چيو: ”اُف! ماٺهو آهي يا گوشت جو جبل، هي ته جيڪر ڪارائيءَ سان به نه ڪٽي سگهجي. دروازي جي ڪڙي ٽٽي پئي، پر سندس مٿي کي ڪجهه به نه ٿيو.“

”ڪوبه ماٺهو جي ائين نوابن وانگر پلجي تاتجي ته ڪيئن نه مضبوط رهي! اهڙي مضبوط جبل کي ته طوفان به نٽا لوڏي سگهن.“ ميٽرينا چيو.

سائمن مائيڪل کي چيو:

”پاڻ بوٽ ناهڻ جي ذميواري ته کڻي ورتي آهي. هاڻ پاڻ کي خيال رکڻ کپي. تمام گهڻو قيمتي چمڙو آهي ۽ مالڪ بيحد گرم طبيعت جو. ڪٿي مصيبت ۾ نه پئجي وڃون. منهنجي خيال ۾ تنهنجي نظر به تيز آهي ۽ هٿ به. تون ئي هي ماپ وٺ ۽ ناهه، آئون مٿان جي سلائي ۽ شڪل ڪٿي درست ڪندس...“

مائيڪل چمڙو کنيو ۽ ميز تي وڇايو. پوءِ ان کي ٻيڻو ڪيو ۽ ڪئنچيءَ سان ڪتريو. ميٽرينا ڏسي رهي هئي. هن بوٽ ٺهندي ڏٺا هئا. پر مائيڪل ته چمڙي مان ڪا عجيب شيءِ ڪتري

رهيو هو. گول گول. هن ڳالهائڻ چاهيو، پر ورې سوچيو:

"شايد مون کي سمجهه ۾ نه پيو اچي. امير ماڻهوءَ خبر ناهي ڪهڙي قسم جي بوٽ جو آرڊر ڏنو آهي. مائيڪل ئي بهتر سمجهي ٿو. مون کي دخل اندازي نه ڪرڻ کپي."

مائيڪل چمڙو ڪٽي ورتو ته بوٽن وانگر ٻنهي جا اڳ سبڻ بدران هن فقط هڪ هڪ طرف سبيو جيئن نرم سپاٽا سببا آهن. ميٽريناکي ورې تعجب لڳو، پر اجا به هن کيس نه ٽوڪيو. مائيڪل ٻن پهرن تائين سبندو رهيو. سائمن ماني کائڻ لاءِ اٿيو، هن جي نظر پيئي ۽ هن ڏٺو ته مائيڪل بوٽ نه پر سپاٽو ٺاهي ڇڏيو آهي.

"ابوه! هي ڇا ڪري ڇڏيئي؟" سائمن کان رڙ نڪري وئي. پر پوءِ هن دل ئي دل ۾ چيو؛ "مائيڪل مون وٽ هڪ سال کان ڪم ڪري رهيو آهي. هن اڄ ڏينهن تائين ڪاغلطي نه ڪئي آهي. پوءِ ههڙي خطرناڪ غلطي هو ڪيئن ڪري ويٺو آهي.... معزز ماڻهوءَ اپي ڪڙيءَ وارو بوٽ ٺاهڻ لاءِ چيو هو ۽ هن لسي ترې وارو نرم سپاٽو ويهي ٺاهيو آهي. قيمتي چمڙي جي ويهي ستياناس." ڪئي اٿس ۽ پوءِ وڏي آواز ۾ چيائين: "دوست! هي تو ڇا ڪري وڌو؟ مون کي ته تو تباهه ڪري رکيو. هن ماڻهو ته اُپي ڪڙي وارو بوٽ ٺاهڻ لاءِ چيو هو."

اتي اوچتو ڪنهن دروازو کڙڪايو. هنن دريءَ مان ليئو پائي ٻاهر نهاريو. هڪ ماڻهو پنهنجو گهوڙو ڪلي سان ٻڌي رهيو هو. سائمن دروازو کوليو. اهوئي نوڪر جيڪو معزز ماڻهوءَ سان گڏ آيو هو. اندر داخل ٿيو.

"صبح بخير!" هن چيو.

"صبح بخير!" سائمن جواب ڏنس." سائين حڪم ڪريو؟"

"منهنجي مالڪڻ مون کي توهان ڏي موڪليو آهي، بوٽن جي سلسلي ۾." نوڪر چيو.

"ڇا حڪم هن ڪيو آهي؟" سائمن پڇيس.

"اهوئي ته منهنجي مالڪ کي هاڻ انهن بوٽن جي ضرورت نه آهي. هو مري ويو آهي."

"واقعي؟" سائمن حيرت مان پڪ ڪئي.

"ها، صيحيح ٿو چوان. هو گهر به نه پهچي سگهيو هو ته رستي تي گاڏي اندر ئي ساهه نڪري ويو. اسان گهر پهتاسين ۽ نوڪر هن کي گاڏي مان لاهڻ آيو ته هو مٽ وانگر گهرڪي اچي هيٺ ڪريو. وڏي مشڪل سان کيس ڇڪي ڇڪي گهر تائين آندوسينس. هاڻ مالڪڻ جو نياپو آهي ته بوٽ ٺاهڻ لاءِ جيڪو چمڙو ڏنو اٿئون ان مان هن جي پيرن جي ماپ جو نرم سپاٽو ٺاهجو، جيئن سندس دفن جي رسم ۾ ميت کي پارايو وڃي. مهرباني ڪري اسان کي هينئر جو هينئر ٺاهي ڏيو، جيئن آئون پاڻ سان کڻي وڃان.

مائيڪل تختي تان چمڙي جا سليپر کنيا ۽ هڪ ٻئي تي هڻي، ڪپڙي سان صاف ڪري، باقي بچيل چمڙي جي ٽڪرن سان گڏ نوڪر حوالي ڪيا.

"خدا حافظ ڪاريگرو!" نوڪر چيو ۽ گهوڙي تي سوار ٿي هليو ويو.

سال مٿان سال گذرندو ويو. مائيڪل کي هاڻ سائمن سان گڏ رهندي ڇهه سال پورا اچي ٿيا هئا. هو تمام گهٽ ٻاهر نڪتو ٿي ۽ بس ضرورت جي ئي ڳالهه ڪئي ٿي. ايتري عرصي ۾ هو فقط

به دفعا مرڪيو هو. هڪ ڀيرو تڏهن جڏهن ميٽرينا هن کي ماني ڏني هئي ۽ ٻيو دفعو تڏهن جڏهن معزز ماڻهو بوٽ ٺهرائڻ آيو هو. سائمن پنهنجي ڪاريگر مان بيحد خوش هو. هن کي فقط هڪ خوف هو. ڪٿي مائيڪل هن وٽان هليو نه وڃي!

هڪ ڏينهن سڀ گهر ۾ هئا، ميٽرينا چلهه تي چانهه جي ڪٽلي چاڙهي رکي هئي. ٻارن هيڏانهن هوڏانهن ٽپ پئي ڏنا. سائمن هڪ دريءَ وٽ ويٺي بوٽ سبيا ۽ مائيڪل بوٽ ۾ ڪڙي لڳائي رهيو هو. هڪ ٻار بينچ وٽان ڊوڙندي پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ دريءَ مان ليئو پاتو.

”چاچا مائيڪل! هڪ مائي پنهنجي گهر ڏي پئي اچي. هن سان گڏ ٻه ڇوڪريون به آهن. هڪ منڊي ٿي لڳي“

ٻارن جي ڳالهه ٻڌي مائيڪل ڪٽي بوٽ رکيو ۽ مڙي دريءَ مان ڏسڻ لڳو. سائمن کي به حيرت لڳي. مائيڪل ڪڏهن به ائين گهٽيءَ ڏي گهوري ڏٺو هو ۽ هاڻ هو دريءَ سان لڳاتار هنن کي ڏسندو رهيو.

سائمن به ٻاهر نظر ڊوڙائي، واقعي هڪ سٺي لباس ۾ عورت ٻن ننڍين ڇوڪرين کي پاڻ سان وٺي پئي آئي . ڇوڪرين کي اوچا ڪوٽ پهريل هئا ۽ مٿي تي شالون اوڍيل هيون. هڪ ڇوڪريءَ جي کاٻي ٽنگ ۾ ڪو عيب هو، جنهن ڪري هوءَ منڊڪائي رهي هئي. ميٽرينا دروازو کوليو. پهرين ڇوڪريون داخل ٿيون ۽ پوءِ عورت پاڻ.

”صبح بخير، نيڪ انسانو.....! “

”ڀلي ڪري آيائو! “ سائمن کين ڪيڪاريو.

عورت ميز وٽ ويهي رهي. ٻئي ڇوڪريون هن جي گوڏن سان لڳي ويٺيون. ڇڻ جهوپڙيءَ وارن کان ڊڄي رهيون هجن.

”مونکي هنن ڇوڪرين لاءِ بهار جي موسم جا جوتا کپن. “ عورت چيو.

”جيتوڻيڪ اسان ڪڏهن ننڍي ماپ جا بوٽ نه ٺاهيان آهن، پر منهنجو ڪاريگر مائيڪل ان ڪم جو ماهر آهي. توهان جنهن قسم جا بوٽ چوندائو، اسين اهڙا ٺاهي ڏينداسين. “ سائمن چيو ۽ هن مائيڪل ڏي ڏٺو. هو پنهنجو ڪم ڇڏي ننڍڙين ڇوڪرين کي چتائي ڏسي رهيو هو. سائمن کي ڏاڍو عجب لڳو. بيشڪ ڇوڪريون بيحد پياريون هيون. هنن جون اکيون پونئر جهڙيون ڪاريون ۽ ڳٽا گلابي هئا. هو نفيس رومال ۽ اوني شالن ۾ ويڙهيل هيون، پوءِ به سائمن حيران هو. مائيڪل هنن کي ائين ڏسي رهيو هو ڄڻ هو پهرين کان هنن جو وقف هجي. آخر هن قيمت ادا ڪئي ۽ پيرن جي ماپ وٺڻ لاءِ چيو. عورت منڊي ڇوڪريءَ کي پنهنجي جهول ۾ ويهاريو ۽ چيو:

”هن ڇوڪريءَ جون ٻه ماپون وٺ. هڪ بوٽ هن جي منڊي پير لاءِ ٺاهجان ۽ ٽي بوٽ ٻئي پير لاءِ. ٻنهي ڇوڪرين جي پيرن جي ماپ ساڳي آهي. ٻئي جاڙيون آهن. “

سا.من ماپ ورتي ۽ چيو: ”ڀيڻ!ڏاڍيون پياريون آهن. هي، ڇا پير جو هي عيب ڪيس ڄائي ڄم کان آهي؟“

”نه هن جي ماءُ هن جي اها ٽنگ چيپاتي وڌي هئي. “

ايتري ۾ ميٽرينا اچي ويجهو ويٺي. هن وڏي غور سان ڏٺو ۽ عورت ۽ ڇوڪرين کي سڃاڻ

جي ڪوشش ڪئي، پوءِ پڇيو: ”هي تنهنجا ٻار آهن؟ “

”نه پيڻ، آئون نه نه هنن جي ماءُ آهيان، نه ڪا ويجهي مائٽياڻي. مون هنن کي فقط پاليو آهي. “

”پوءِ به تون هنن سان هيڏو پيار ڪرين ٿي؟ “

”ڇو نه ڪريان؟ مون هنن کي پنهنجي ٻچ پياري آهي. منهنجو هڪ ئي ٻار هو جيڪو رب پاڪ واپس گهرائي ورتو. مون کي پنهنجي ان ٻار سان ايترو پيار نه هو، جيترو هنن ڇوڪرين سان آهي. “

”ڪنهن جون نينگريون آهن، هي؟ “ ميٽرينا هن ڏي ڏسي سوال ڪيو.

عورت سڄي ماجرا ٻڌائي:

”اٽڪل ڇهه سال کن اڳ جي ڳالهه آهي. هنن ڇوڪرين جا ماءُ پيءُ هڪ ئي هفتي ۾ هڪ ٻئي پويان گذاري ويا. پيءُ ڪاٺير هو، وڻ وڍي رهيو هو ته وڻ جو هڪ ڏار هن مٿان اچي ڪريو، سندس آنڊا ٻاهر نڪري آيا ۽ هو اُٿ مري ويو. اهو اڱاري جو ڏينهن هو. ٽن ڏينهن بعد هي ڪڪيون پيدا ٿيون. سندن ڪو سار سنڀال لهڻ وارو نه هو. بس اسان ئي اڪيلا پاڙيسري هئاسين. ماءُ اڪيلي سر ٻار ڄڻي مري وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو آئون هن جي خبر لهڻ ويس ته خبر پئي ته هو ڪا دير کان ٿڌي ٿي چڪي هئي. مرندي وقت هوءَ پنهنجي هڪڙي ٻار مٿان اچي وئي هئي ۽ ان جي ٽنگ چيچجي وئي. ڳوٺ جي ماڻهن هن جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو. ٻارڙيون ٻي يار مددگار رهجي ويون هيون. ڳوٺ جي ماڻهن جي چوڻ تي مون هنن کي سنڀالڻ جو ذمو کنيو. ان وقت منهنجو ٻار ٻن مهينن جو هو. آئون پهرين پهرين فقط تندرست نينگريءَ کي کير پيارڻ لڳس ۽ منڊيءَ کي ڇڏي ڏيندي هيس. منهنجي وهم گمان ۾ به نه هو ته ڪا هيءَ بچي ويندي. پوءِ مون کي خيال آيو ته هن غريب معصوم جو ڪهڙو ڏوهه؟ مون ترس ڪائي هن کي به کير پيارڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح منهنجي ڇاتين تي ٻار پلجڻ لڳا. هڪ منهنجو پٽ ۽ ٻه هي ڇوڪريون. آئون جوان ۽ سگهاري هيس، الله جو ڏنو سڀ ڪجهه هو. خدا منهنجي ڇاتين ۾ ايڏو ته کير پري ڇڏيو جو ڪڏهن ڪڏهن ته اهو ائين ئي وهڻ لڳندو هو- خدا جي ڪرڻي ائين ٿي جو هي ڇوڪريون ته پلجي ويون، پر منهنجو پٽ ٻه سال به نه جي سگهيو ۽ الله کي پيارو ٿي ويو ۽ پوءِ وري مون کي ڪو ٻار نه ٿيو. منهنجو مڙس اڄڪلهه ان جي واپاريءَ جي چڪيءَ تي ڪم ڪري ٿو. چڱو پگهار اٿس ۽ اسان جو سٺو گذر ٿي رهيو آهي. منهنجو پنهنجو ڪو ٻار ناهي، جيڪڏهن هي نينگريون نه هجن ها ته آئون ڪيڏو اداس رهان ها. ڪيڏي اڪيلائي محسوس ڪريان ها. آئون ڇو نه هنن کي دل جان سان چاهينديس. هي منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه آهن. “

هن هڪ ٻانهن جي وڪڙ سان منڊي ڇوڪريءَ کي پنهنجي سيني سان لڳايو ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي ڳلن تي ڪرندڙ ڳوڙهن کي اگهيو. ميٽرينا ٿڌي آهه ڀري چيو:

”اهو چوڻ بلڪل سچ آهي ته انسان ماءُ پيءُ بنا رهي سگهي ٿو، پر خدا بنا هرگز نٿو رهي سگهي. “

هو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته اوچتو جنهن ڪنڊ ۾ مائيڪل ويٺو هو اهو روشن ٿي

ويو ۽ پوءِ اها روشني سڄي جهوپڙيءَ ۾ پکڙجي ويئي. سڀ ھن طرف ڏسڻ لڳا. مائيڪل چپ چاپ ويٺو ھو. ھن جا ھٿ گوڏن تي رکيل ھئا ۽ ھو پاڻ نظرون کڻي ڪري مرڪي رھيو ھو.

عورت ڇوڪرين کي وٺي رواني ٿي. مائيڪل پنھنجو ڪم ڪار ڇڏي اٿي کڙو ٿيو. ھن پنھنجو پيشبند (اڳيان ٻڌل ڪپڙو) لاٿو. پوءِ سائمن ۽ سندس زال اڳيان ڪنڌ جهڪائي چيو:

"منھنجا مالڪ، الوداع! خدا مون کي معاف ڪري ڇڏيو آھي. آئون توھان کان معافي ٿو گھران، مون کان ڪا خطا ٿي ھجي ته مھرباني ڪري مون کي معاف ڪري ڇڏجو! "

ھنن ڏٺو ته مائيڪل جي وجود مان روشني نڪري رھي ھئي. سائمن به اٿي بيٺو. ھن ڪنڌ جهڪايو ۽ چيو:

"مائيڪل آئون ڏسي رھيو آھيان ته تون ڪو عام ماڻھو نه آھين.آئون نه ته توکي ترسائي سگھان ٿو ۽ نه ڪو سوال پڇي سگھان ٿو. بس ايترو ٻڌاءِ ته جڏھن تون مون کي خانقاھه وٽ مليو ۽ مون توکي گھر آندو ان وقت تون ڏکيول ھئين، پر پوءِ جڏھن منھنجي زال توکي ماني کارائي ته تو ڇو مرڪيو ھئو ۽ تنھنجو چھرو ڇو روشن ٿي ويو ھو؟ پوءِ جڏھن ھو امير ماڻھو بوٽ ٺھرائڻ آيو، ته تنھنجي چپن وري مرڪ اچي وئي ھئي ۽ تنھنجو چھرو چلڪڻ لڳو ھو ۽ ھاڻ ھيءَ عورت جڏھن به ڇوڪريون وٺي آئي ته تنھنجي چپن تي ٽيون دفعو مرڪ تري آئي ۽ تنھنجو چھرو جرڪڻ لڳو. مائيڪل مون کي بس ايترو ٻڌاءِ، ته تنھنجو چھرو ڇو ايڏو منور آھي ۽ تون ٽي دفعا ڇو مرڪئين؟ "

"ھيءَ روشني منھنجي جسم مان ان ڪري نڪري رھي آھي جو خدا منھنجو ڏوھه معاف ڪري ڇڏيو آھي ۽ آئون ٽي دفعا ان ڪري مرڪيس جو خدا مون کي ٽي سچايون معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو ھو. اھي مون معلوم ڪري ورتيون آھن. ھڪڙي سچائي ته ان وقت معلوم ٿي جڏھن تنھنجي زال مون تي ترس کاڌو، ان ڪري منھنجي چپن تي خوشيءَ کان مرڪ اچي وئي. ٻي سچائيءَ جو مون کي ان وقت علم ٿيو، جڏھن امير ماڻھو بوٽ ٺھرائڻ آيو. ان تي مون وري مرڪي ڏنو ۽ ھاڻ جڏھن انھن معصوم ٻارڙين کي ڏٺم ته مون کي ٽين ۽ آخري سچائيءَ جي ڄاڻ ٿي وئي ۽ مون ٽيون دفعو مرڪيو. " مائيڪل جواب ڏنو.

"مائيڪل خدا توکي ڪھڙي ڪارڻ سزا ڏني؟ ۽ اھي ٽي سچايون ڪھڙيون آھن، آئون به ڄاڻڻ چاھيان ٿو؟ " سائمن چيو.

"خدا مون کي پنھنجي حڪم عدوليءَ تي سزا ڏني. آئون ملائڪ ھوس ۽ آسمانن تي رھندو ھوس. مون خدا جي نافرماني ڪئي. ھڪ دفعو خدا مون کي ھڪ عورت جو ساھه ڪڍڻ لاءِ موڪليو. آئون اڏامي زمين تي پھتس ته ڏٺم ته ھڪ بيمار عورت اڪيلي سٽي پئي آھي. ھن جي پاسي کان ٻه ڄاڙيون ٻارڙيون آھن، جن کي ھن ان وقت ڄڻيو ھو. مون کي ڏسڻ سان سمجھي وئي ته آئون ھن جي جان ڪڍڻ آيو آھيان. ھن ٻاڏائيندي چيو: "اي ملائڪ! منھنجي مڙس کي اڃا ھاڻ دفنايو ويو آھي. ھو ھڪ وڻ ھيٺان اچي مري ويو ھو. منھنجي نه ته ڪا ڀيڻ آھي نه ماءُ، ھنن يتيم ٻارڙين کي ڪير نپائيندو؟ خدا جي واسطي منھنجو ساھه نه ڪڍ. ڀلا ٿورو ترسي پئه. مونکي ھنن معصوم ٻارڙين کي گھٽ ۾ گھٽ کير پيارڻ جيتري مھلت ڏي، پوءِ آئون انھن کي تنھنجي قدمن ۾

رکي مري ويندي‌س. ٻار پلا ماءُ پيءَ بغير به پلجي سگهن ٿا؟ ”
”مون اڳيان وڏي هڪ نينگري کي هن جي چاتيءَ سان لڳايو ۽ ٻيءَ کي هن جي ٻانهن ۾ ڏنو ۽ خدا وٽ آسمان ڏي موٽي ويس. مون خدا تعاليٰ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: ”آئون هن عورت جو ساهه ڪڍي نه سگهيو آهيان. هن جو مڙس هڪ وڻ جي هيٺان اچي مري ويو آهي. هاڻ هن کي ٻه جاڙيون ڌيئون ڄايون آهن. هوءَ التجا ٿي ڪري ته هن جو ساهه نه ڪڍيو وڃي. هوءَ چوي ٿي ته هن کي پنهنجين ٻارڙين کي نپائڻ لاءِ ايتري مهلت ڏني وڃي جيسين هلڻ چلڻ جي لائق ٿي سگهن. ٻار ماءُ بنا نٿا پلجيو سگهن. مون هن جو ساهه قبض نه ڪيو. ”
ان تي خدا تعاليٰ فرمايو: ”وڃ، وڃي ان عورت جو ساهه ڪڍ ۽ ٽي سچايون معلوم ڪر. هڪ اها ته ماڻهوءَ جي اندر ۾ ڪهڙي شيءِ رهي ٿي، ٻي اها ته ماڻهوءَ کي ڇا نه ڏنو ويو ۽ ٽي اها ته ماڻهو ڪنهن سان جيئي ٿو؟ تون آسمانن ڏي تيسين نه اچي سگهندين، جيسين انهن ٽين سچائين جي ڄاڻ نه حاصل ڪندين. ”
آئون وري زمين تي آيس ۽ ان عورت جو روح قبض ڪري ورتم. ٻارڙيون هن جي ڇاتيءَ تان ڪري پيون. هن جو جسم به کٽ تي ڊرڪي پيو ۽ هڪ نينگريءَ جي ٽنگ ڀيٽي ٿي هن جي جسم هيٺان دٻجي وئي. مون ان ڳوٺ مان اڏامي خدا جي حضور ۾ هن جي جان پيش ڪرڻ چاهي. پر تيز هوا ۽ طوفان منهنجا پَر روڙي ڇڏيا. عورت جو روح اڪيلو ئي آسمان ڏي اڏامي ويو ۽ آئون ڌرتيءَ تي ان هنڌ اچي ڪريس.
سائمن ۽ ميٽرينا هاڻ سمجهيو ته هنن وٽ ڪير رهيل آهي ۽ هو ڪنهن کي ماني ڪپڙا ڏيندا رهيا. هو هيبت ۽ خوشيءَ وچان روئڻ لڳا.
ملائڪ چيو:
”آئون رستي جي ڪناري اڪيلو ۽ اگهاڙوپيو هوس. مون کي ڪجهه خبر نه هئي ته انسان جون ڇا ضرورتون آهن. بک ۽ سيءَ ڇا ٿو ٿئي؟ ان جي خبر ان وقت پيم. جڏهن انسانن جو روپ ڌاريم. مون کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڇا ڪرڻ کپي. پوءِ جتي آئون اچي ڪريو هوس ان جي ويجهو هڪ خانقاهه نظر آيم. اتي پهتس ته من سردي کان بچڻ لاءِ ڪا ڍڪيل جاءِ ملي وڃي. پر خانقاهه تي تالو لڳل هو. هوا کان بچڻ لاءِ آئون ان جي اوٽ ۾ ٿي ويٺس. شام ٿي رهي هئي ۽ مون کي سخت بک ۽ سيءَ لڳي رهيو هو. ايتريقدر جو منهنجي جسم ۾ سور ٿيڻ لڳو. اوچتو مون هڪ ماڻهوءَ کي رستوپار ڪري پاڻ ڏي ايندي ڏٺو. هن جي هٿن ۾ بوٽن جو جوڙو هو ۽ هو پنهنجو پاڻ سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. انسان بنجڻ کانپوءِ مون پهريون دفعو جڏهن هڪ فاني انسان جي صورت ڏٺي ته مون تي وحشت طاري ٿي وئي. مون هڪ طرف پري ٿي وڃڻ چاهيو ٿي. مون ٻڌو ته ماڻهو پنهنجو پاڻ کي چئي رهيو هو. ”سيءَ کان بچڻ لاءِ پنهنجي جسم کي ڪنهن سان ڍڪيان ۽ ٻارن جو پيٽ ڪيئن ڀريان. ” ان تي مون سوچيو، آئون هتي سردي ۽ بک وگهي مري رهيو آهيان ۽ هي ماڻهو پاڻ به ان مصيبت ۾ مبتلا آهي. پلا هي منهنجي مدد ڪيئن ڪري سگهي ٿو! هن ماڻهوءَ مون ڏي ڏٺو ۽ مون هن ڏي گهوريو ته هن جي صورت وڌيڪ وحشتناڪ ٿي وئي. هو منهنجي پرسان گذري ويو ۽ آئون مايوس ٿي ويس.

”اوچتو مون هن جي پيرن جو آواز ٻڌو. ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺم پر سڃاڻي نه سگهيس. پهرين هن جي چهري تي موت ڪي نچندو ڏٺو هوم، پر هاڻ ان ئي چهري تي زندگي ۽ خدا جي وجود جا آثار ڏيکائي ڏئي رهيا هئا. هو مون وٽ آيو، پنهنجا ڪپڙا مون کي پارايائين ۽ پنهنجي گهر وٺي آيو.

گهر ۾ هڪ عورت اسان جو استقبال ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي.... ۽ پوءِ هن جي زبان ڪئنچي وانگر هلڻ لڳي. هوءَ عورت مرد کان به وڌيڪ وحشتناڪ ڏسڻ ۾ آئي ٿي. هن جي زبان مان موت ظاهر ٿيو ٿي. هن جي چوڏاري موت جي سڙيل ڌپ ائين پکڙيل هئي جو مون کي ساهه کڻڻ ۾ دشواري ٿي رهي هئي. هن مون کي وري سرديءَ ۾ ڌڪڻ چاهيو ٿي ۽ مون چاتو ٿي ته جيڪڏهن هن ائين ڪيو ته ضرور مري ويندس ۽ اتي هن جي مڙس هن کي خدا ياد ڏياريو ۽ هوءَ بلڪل بدلجي وئي. هوءَ مانيءَ کڻي آئي ته مون ڏٺو ته هن جي چهري تان موت جا آثار رخصت ٿي چڪا هئا. هوءَ زندهه ٿي چڪي هئي ۽ هن جي چهري تي خدا جي قدرت چمڪي رهي هئي. تڏهن مون کي پهريون سبق ياد اچي ويو. جنهن کي سکڻ لاءِ خدا مون کي موڪليو (معلوم ڪر ته ماڻهو جي اندر ڪهڙي شيءِ رهي ٿي) ۽ آئون سمجهي ويس ته ماڻهوءَ جي اندر محبت رهي ٿي. ان سچائيءَ جي ظاهر ٿيڻ تي آئون پهريون دفعو مرڪيس.

مون اڃا ٻجو سبق نه سکيو هو. اڃا مون کي اهو معلوم نه ٿيو ته ماڻهوءَ کي ڇا نه ڏنو ويو. تو وٽ رهندي مون کي هڪ سال گذري ويو ته هڪ ماڻهو بوٽ ٺهرائڻ آيو جيڪي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال هلن- خراب ٿيڻ يا ڦاٽڻ بغير.... مون هن ڏي ڏٺو ته اچانڪ هن جي ڪنهن پٺيان پنهنجي رفيق اجل جي ملائڪ ڏيکائي ڏني. اهو ملائڪ فقط مون کي ئي نظر آيو ٿي. مون هن کي سڃاتو ٿي ۽ مون کي اها به ڄاڻ هئي ته سج لٿي کان اڳ، هيءَ امير ماڻهوءَ جو ساهه قبض ڪري وٺندو. مون سوچيو؛ ”هڪ ماڻهو هڪ سال جي تياري ڪري رهيو آهي ۽ ڄاڻ اها به نه اٿس ته هو شام ٿيڻ کان اڳ مري ويندو. “ تڏهن مون کي خدا جو ٻيو فرمان ياد اچي ويو ۽ مون کي ڄاڻ ٿي ته انسان کي هن جي پنهنجين ضرورتن جو علم نه ڏنو ويو آهي ۽ آئون ٻيو دفعو مرڪيس. آئون پنهنجي ساٿي ملائڪ کي ڏسي خوش ٿيو هوس ۽ ان لاءِ به خوش ٿيو هوس ته خدا مون تي ٻي حقيقت ظاهر ڪري ڇڏي آهي.

اڃا ٽينءَ سچائيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ باقي هو ته ماڻهو ڪهڙي شيءَ سان جيئي ٿو. آئون ان انتظار ۾ وقت گذاريندو رهيس ته خدا مون کي آخري سچائي کان آگاهه ڪري. ڇهين سال ٻه جاڙيون نينگريون ان عورت سان گڏ آيو. مون انهن ڇوڪرين کي هڪدم سڃاڻي ورتو. هي ڪيئن بچي ويون ۽ اڄ جيئريون جاڳنديون آهن! ان جو احوال هوءَ عورت ٻڌائي چڪي. مون سوچيو ته انهن ڇوڪرين جي ماءُ مون کي آزيون نيزاريون هنن جي لاءِ ڪيون ٿي. مون هن جي ڳالهه درست سمجهي ورتي ته ٻار ماءُ پيءُ بنا نٽا پلجيو سگهن. پر هاڻ اها حقيقت آشڪار ٿي. هڪ ڌارئين عورت- جنهنجي ساڻن نه ڪا مٽي مائٽي هئي ۽ نه دوستي ياري، تنهن هنن کي نپائي وڏو ڪيو ۽ جڏهن ان عورت هنن ٻارڙين لاءِ محبت جو اظهار ڪيو- جيڪي سندن پيٽ ڄايون نه هيون، ته مون هن جي اندر خدا جو جلوو ڏٺو. آئون سمجهي ويس ته انسان ڪهڙي شيءِ سان جيئي ٿو. آئون سمجهي ويس ته خدا مون کي آخري سبق به سمجهائي ڇڏيو آهي ۽ منهنجو قصور

پڻ معاف ڪري ڇڏيو آهي. تڏهن منهنجي چپن تي ٽيون دفعو مرڪ اچي وئي.“

ملائڪ جي جسم تان زمين جو لباس لهي ويو ۽ هو نوري لباس ۾ ملبوس ٿي ويو. هن جو جسم ايترو منور ٿي ويو جو ان تي اک نٿي کپي سگهي. هن جو آواز بلند ٿي ويو، چڻ آسمان تان ڳالهائي رهيو هجي. هو چئي رهيو هو: ”مون کي هاڻ ڄاڻ ٿي وئي آهي ته انسان نفس پرستيءَ سان نه، پر محبت سان جيئن ٿا. ماءُ بلڪل بي خبر هئي ته هن جي ٻارن کي پنهنجي زندگيءَ جي لاءِ ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي. نه هن امير ماڻهوءَ کي علم هو ته هن کي پنهنجي لاءِ ڪهڙي شيءِ جو ڪپ آهي. اهڙي طرح ڪنهن به ماڻهو کي اهو علم نه ڏنو ويو ته جڏهن شام ايندي ته هن کي پنهنجي لاءِ بوٽ کپندا يا سليپر....!

”آئون انسان جي حيثيت ۾ جيئرو رهيس. پنهنجي حفاظت پاڻ ڪرڻ سان نه، پر ان ڪري جيئرو رهيس ته هڪ راهگير جي دل ۾ محبت موجود هئي ۽ هن جي زال مون تي ترس کاڌو ۽ مون سان سٺو سلوڪ ڪيو. هو يتيم ٻارڙيون ان ڪري حيات نه رهيون ته ڪو هنن جي ماءُ هنن جي حفاظت ۽ نگهداشت ڪئي ٿي، پر اهي ان ڪري زنده آهن جو هڪ بلڪل غير عورت جي دل ۾ محبت موجزن هئي. هن هنن ٻارين تي ترس کاڌو ۽ هنن تي شفقت جو هٿ رکيو. اهڙيءَ طرح سڀ ماڻهو پنهنجي بهبود جي فڪر سان نٿا جيئن. پر ان لاءِ جيئن ٿا جو هنن جي دلين ۾ محبت موجود آهي. “

”پهرين مون فقط ايتري ڳالهه سمجهي ٿي ته خدا پنهنجي ٻانهن کي زندگي بخشي ۽ چاهيائين ته هو بس زندهه رهن. پر هاڻ آئون ان کان وڌيڪ سمجهڻ لڳو آهيان. آئون سمجهي ويو آهيان ته خدا نٿو چاهي ته ماڻهو فقط پنهنجي زندگي گذارين. ان ڪري هن اها ڳالهه ڳجهي رکي آهي ته هر فرد کي پنهنجي لاءِ ڪهڙي ڪهڙي گهرج آهي. البت هن هرهڪ کي اهوضرور ٻڌائي ڇڏيو آهي ته سڀني ماڻهن کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي. آئون اهو به سمجهي ويو آهيان ته حقيقت ۾ اها محبت آهي جنهن جي زور تي ماڻهو زندهه آهن. “

پوءِ ملائڪ خدا جي وڏائيءَ جي واکاڻ ڪئي ۽ سڄي جهوپڙي ان جي آواز سان ڏڪندي رهي. پوءِ ڇت ڦاٽي ۽ نور جي هڪ لاٽ زمين کان آسمان تائين بلند ٿي ويئي. سائمن ۽ هن جي زال ۽ ٻار زمين تي سجدي ۾ ڪري پيا. ملائڪ جي ڪلهن وڏا وڏا پَرَ نمودار ٿي ويا ۽ هو آسمان ڏي اڏامي ويو.

سائمن کي جڏهن هوش آيو ته هن ڏٺو ته جهوپڙي جهڙي هئي اهڙي ئي بيٺي هئي ان ۾ سواءِ هن جي زال ۽ ٻارن جي ٻيو ڪوبه نه هو. “

[روس جو جڳ مشهور ليکڪ ۽ اخلاقي ڏاهو ڪائونٽ ليونڪولائيوچ ٽالسٽاءِ، وورگانديءَ جي ڪناري پرسان هڪڙي ڳوٺ ”ييناپا پوليانا“ ۾ ڄائو. ٽالسٽاءِ ڪازان يونيورسٽيءَ ۾ قانون ۽ مشرقي ٻولين جو علم پڙهيو ۽ ڊگري وٺي نه سگهيو. مسلسل ناڪامين بعد فوج ۾ وڃي ڀرتي ٿيو. اتي ئي سندس لکڻ پڙهڻ سان چاهه وڌيو ۽ فوج واري نوڪري دوران ئي ٽن جلدن ۾ پنهنجي جيون ڪٿا لکيائين ۽ ڪجهه عرصي بعد فوجي نوڪري ڇڏي مستقل طور اچي اباڻي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو.

سندس ٻه ناول ”وار اينڊ پيس“ ۽ ”اينا ڪرنينا“ سڀ کان وڌيڪ مشهور آهن ۽ دنيا جي شاهڪار ناولن ۾ شمار ٿين ٿا. هن ڪانسواءِ ٻه هن ڪيتريون ئي لڪٿيون لکيون.

عمر جي آخري حصي ۾ هن سڀ ڪجهه تياڳي فقيري پاتي. ]

# قيدي

عدالت جو ڪمرو تماشائين سان ٽِٽاٽپ ڀريل هو. گوڙ جو اهو علم هو جو ڳالهائڻ واري کي پنهنجو آواز ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو. ماڻهن جون نگاهون دروازي ڏي کتل هيون. ٿوري دير بعد ٻه سپاهي هڪ نوجوان کي وٺي اندر داخل ٿيا.

پوري يارهين وڳي جج عدالت جي ڪمري ۾ قدم رکيو. هن ڳاڙهي رنگ جي فائيل تي هڪ مٿاڇري نظر وڌي، ڪجهه شاهدن جا بيان ۽ پوءِ هڪدم ڪٽهڙي ۾ بيٺل هن بدنصيب نوجوان سان پنهنجي روزمره واري لهجي ۾ مخاطب ٿيو:

”اڪينوف! توتي ريازن شهر جي سوداگر ميلووان کي قتل ڪرڻ ۽ ان جا ويهه هزار روبل ڦرڻ جو ڏوهه ثابت ٿي چڪو آهي. مختلف ثابتين ۽ شاهدن جي بيانن مطابق عدالت توکي مجرم قرار ڏئي ٿي. ان جرم جي ڏوهه ۾ توکي عمر قيد جي سزا ڏني وڃي ٿي، جيڪا توکي سائيبريا ۾ گذارڻي پوندي. “

اڪينوف خاموشيءَ سان اها سزا ٻڌي، پنهنجو ڪنڌ جهڪايو.

اڪينوف روس جي هڪ شهر ولاديمير جو رهاڪو هو. هو شهر جي سٺي سوداگرن مان هڪ هو. گرميءَ جا ڏينهن هئا ۽ هو هڪ صبح جو ڀر واري شهر ۾ لڳندڙ ميلي ۾ وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو. اڪينوف جي زال مرينا کي اوچتو ڪو خيال آيو ۽ هن مڙس کي ٻانهن کان جهلي اُداس لهجي ۾ چيو: ”اڪينوف اڄ ڪٿي ٻاهر نه وڃ. “

اڪينوف وراڻيو: ”گهٻراءِ نه. آئون جلد موٽي ايندس. “

هن جي زال کي ڪنهن ريت به تسلي نه ٿي ٿي ۽ هن زور ڀريندي چيو.

”اڪينوف ڏس منهنجي دل چئي رهي آهي ته تون ٻاهر ڪيڏانهن نه وڃ. مون رات تمام ڊپ وارو خواب ڏٺو آهي ته شهر کان موٽڻ تي تنهنجا سڀ وار اڇا ٿي ويا آهن. “

اڪينوف پنهنجي زال جون اهي چرين واريون ڳالهيون ٻڌي کل ۾ اونڌو ٿي ويو ۽ هن زال کي چيو:

”اڇا وار ٿي وڃڻ ته ڀاڻ خوش قسمتيءَ جي ڳالهه آهي. هاڻ ته مون کي ميلي ۾ ضرور وڃڻ کپي، جتي منهنجون ڪيتريون ئي شيون وڪامي سگهن ٿيون ۽ تولاءِ ۽ تنهنجي ٻارن لاءِ ڪيتريون ئي سوکڙيون آڻي سگهان ٿو. “

اهڙي طرح اڪينوف پنهنجي زال مارينا کي ڪيتريون ئي دلداريون ڏئي گهر کان روانو ٿيو.

رستي تي اوچتو هن جي ملاقات هڪ ٻئي سوداگر ميلووان سان ٿي. هي ٻئي پاڻ ۾ گهاٽا دوست هئا. هو ٻئي ڄڻا هڪ مسافر خاني ۾ رات گذارڻ لاءِ ٽِڪي پيا. رات جو چانهه بعد ٻئي ڄڻا هيڏانهن هوڏانهن جون خبرون ڪندا رهيا ۽ پوءِ ٿوري دير بعد ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي کان موڪلائي

پنهنجن ڪمرن ڏي سمهڻ لاءِ هليا ويا.

اڪينوف صبح ساجهر اٿڻ سان ڪوچوان کي ٽانگي ۾ گهوڙا ٻڌڻ جو حڪم ڏنو ۽ مسافر خاني ۾ ٽڪڻ جو بل ادا ڪري هو پنهنجي باقي سفر تي روانو ٿي ويو. هن جو خيال هو ته گرمي تمام گهڻي آهي. سج مٿي چڙهڻ ۽ تپش وڌڻ کان اڳ هو چڱو سفر صبح جي ٿڌ ۾ ڪري وٺندو. منجهند ڌاري ڏينهن واقعي تپي باهه ٿي ويو. لڳاتار سفر ڪرڻ ڪري هو ٿڪجي به پيو هو ۽ جيئن ئي هن کي مسافر خانونظر آيو ته هن اُن ۾ ترسڻ جو ارادو ڪيو.

مسافر خاني ۾ هن کي اجا ٿوري ئي دير آرام ڪندي مس گذري ته هوٽل جومالڪ پوليس جي انسپيڪٽر ۽ ٻن سپاهين کي پاڻ سان وٺي هن کي ٻڌايو ته تو ميلووان سان گڏ رات گذاري هئي. صبح جو جڏهن مسافر خاني جو نوڪر هن کي اٿارڻ لاءِ هن جي ڪمري ۾ پهتو ته هن کي مئل حالت ۾ ڪريل ڏٺائين. هن کي ڪنهن قتل ڪيو آهي. ڪجهه ماڻهن جو بيان آهي ته رات جو آخري وقت هو توهان سان ڏٺو ويو هو. انسپيڪٽر ٿوري دير لاءِ ترسي پوءِ چيو: ”ان سلسلي ۾ اسين توهان جي سامان جي جاچ ڪنداسين. ڪجهه سوال به پڇنداسين.

اڪينوف هي سڀ ڳالهيون ٻڌي پريشان ٿي ويو ۽ هن جي دل ڪنهن اڻڄاتل خوف کان ڌڪڻ لڳي. هن جي سامان جي جانچ ڪئي وئي. ٻئگ جي هڪ خني مان رت هاڻو ڇرو نڪتو جنهن کي ڏسندي ئي انسپيڪٽر رعبدار آواز ۾ پڇيو:

”پئسا ڪٿي آهن، مسٽر؟ “

اڪينوف جي دماغ ۾ ڄڻ ڪنهن مترڪو وهائي ڪڍيو هجي. هن هٻڪندي هٻڪندي چيو: ”آئون اڻ ڄاڻ آهيان. مون کي ته ڪابه خبر ناهي. هي ڇرو منهنجو ناهي. توهان مون تي ڀروسو ڪيو، ته هي ڇرو منهنجو نه آهي ۽ نه مون هتي رکيو آهي. “

پوليس هن کي ان ئي وقت گرفتار ڪري پاڻ سان وٺي وئي.

عدالت ۾مخالف ڌر جي وڪيل هن تي الزام لڳايو ته رات جو دير تائين اڪينوف کان علاوه ٻئي ڪنهن به مقتول کي نٿي سڃاتو. ان کان علاوه قتل ڪرڻ وارو هٿيار يعني رت وارو ڇرو پڻ اڪينوف جي ٻئگ مان نڪتو آهي ۽ هن جي ڳالهائڻ جوانداز پڻ سندس مجرم هجڻ جي پڪ پيو ڏئي.

اڪينوف قسم تي بيان ڏنو ته هو بي ڏوهي آهي. چانهه پيئڻ کانپوءِ هو پنهنجي ڪمري ۾ سمهڻ لاءِ هليا ويا هئا ۽ پوءِ ان بعد هن ميلووان کي نه ڏٺو ۽ هي رت هاڻو چاقو پڻ ڪنهن ٻئي ڪٿي منهنجي ٻئگ ۾ رکيو هجي.

پر رڳو پنهنجو پاڻ کي بي گناهه سڏائڻ تي عدالت ملزم جي بي گناهيءَ تي يقين نٿي ڪري سگهي.

ولاديمير شهر ۾ اڪينوف جي چال چلن جي پڇا ڳاڇا ڪئي وئي. شهر جي واپارين ۽ ٻين ماڻهن کان فقط ايترو معلوم ٿي سگهيو ته زندگيءَ جي شروعاتي سالن ۾ هو شراب جو عاشق هو، ساز ۽ موسيقيءَ جو پڻ، پر شادي کانپوءِ هن اهي ڳالهيون به ڇڏي ڏنيون هيون. مجموعي طرح هو هڪ سٺو ۽ نيڪ ماڻهو سمجهيو وڃي ٿو.

اڪينوف جي زال ماڻهن واتان ڳالهيون ٻڌي سخت پريشان ٿي وئي. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڇا ڪري. عجيب حالتون پيدا ٿي پيون هيون. هوءَ پنهنجن ٻارن کي پاڻ سان وٺي پنهنجي مڙس سان ملڻ لاءِ جيل ڏي رواني ٿي. مڙس سان ملي هن کيس پنهنجي گهر جو سڄو احوال ٻڌايو ۽ کانئس سندس حال پڇيو ته هن تي ڇا وهي رهيو آهي.

اڪينوف سڀ ڳالهيون بنا ڪنهن رک رکاءُ ۽ لڪائڻ جي هن سان ڪيون ۽ پوءِ هن پنهنجي زال کي چيو ته هوءَ روس جي بادشاهه زار وٽ رحم جي اپيل ڪري ته هڪ بي گناهه ماڻهوءَ کي انهن ڏوهن جي سزا ملي رهي آهي جيڪي هن بلڪل نه ڪيا آهن. مهرباني ڪري هن سان انصاف ڪيو وڃي.

مارينا ڏکويل آواز ۾ کيس ٻڌايو ته هن شهنشاهه کي عرض ڪيو هو پر شهنشاهه هن جي درخواست رد ڪري ڇڏي. اڪنيوف دلشڪستو ٿي هيڏانهن هوڏانهن پنهنجي جيل جي ڪوٺيءَ ۾ ڇت کي ڏسڻ لڳو. ملاقات جو وقت ختم ٿي رهيو هو. هن جي زال اٿي ۽ جيل جي سيخن کي ٻنهي هٿن سان جهلي چوڻ لڳي:

”پيارا اڪينوف پنهنجي دل تتل زال کي سچ ٻڌاءِ ته ڇا واقعي اهو ڏوهه تو ڪيو آهي. “

هن پنهنجو منهن مٿي ڪري مارينا جي چهري تي آخري نگاهون وڌيون ۽ پوءِ ٻنهي هٿن سان پنهنجي منهن کي لڪائي پٺيان ٿي ويو.

اڪينوف کي ٻين ڏوهارين سان گڏ سائبيريا موڪليو ويو. سائبيريا روس جي اتر ۾ (اتر قطب جي بلڪل ويجهو) علائقو آهي جتي ٻارهوئي سخت ٿڌ رهي ٿي. اتي وڏن ڏوهن جي مجرمن لاءِ روس طرفان قيد خانا ٺهيل آهن. اڪينوف سائبيريا جي جيل ۾ ويٺي ويٺي هن تي لڳل الزامن جو سوچيندو رهيو، پر جڏهن هن کي اها ڳالهه ياد آئي ته هن جي زال به هن تي شڪ ٿي ڪري ته هن جي دل ڄڻ ته ٻڏي ٿي وئي. هو سوچيندو رهيو ته اي خدا تون ئي دلين جو مالڪ آهين ۽ حقيقت کان واقف آهين. آئون توکان رحم جي ئي اميد ڪريان ٿو. هن قيد خاني ۾ ئي هڪ ڪتاب ”اوليائن جون ڳالهيون“خريد ڪيو. هر آچر تي هو ان ڪتاب جا صفحا پڙهندو هو ۽ قيد خاني جي گرجا گهر ۾ ڳائڻ وارن سان گڏ شامل ٿي ڳائيندو هو. عبادت سان اڪينوف جي دل کي ڇڱو سڪون نصيب ٿيو.

هن کي پنهنجي گهرجي ڪا خبر نه پئي. هن پنهنجي زال کي ياد ڪيو ٿي ۽ ٻارن جو پڻ سوچيو ٿي. قيد ۾ اچڻ بعد هن کي ڪنهن به کلندي يا مرڪندي نه ڏٺو. واندڪائيءَ ۾ يا ته هن مذهبي ڪتاب پڙهيو ٿي يا خلائن ۾ گهوريو ٿي. قيدخاني جي آفيسرن هن جي نيڪ طبيعت ڪري هن جي عزت ڪئي ٿي. قيد خاني ۾ ڪڏهن ڏوهارين جي وچ ۾ جهيڙو جهڳڙو ٿي پيو ٿي ته فيصلي لاءِ اڪينوف کي وچ ۾ آڻيندا هئا. قيدين کي ڪڏهن ڪا ڳالهه آفيسرن کي مڃائڻي هوندي هئي ته هو اڪينوف کي پنهنجي نمائندي طور موڪليندا هئا. اهڙي طرح اڪينوف کي سائبيريا جي جيل ۾ ڇهويهه سال گذري ويا. هن جي مٿي جا وار برف جهڙا اڇا ٿي ويا، سندس اڇي ڏاڙهي وڌي وئي هو هاڻ ڪنڌ ۽ ڪلها هيٺ جهڪائي هلڻ لڳو هو.

هڪ برفباري واري ۽ خشڪ صبح جو مجرمن جو هڪ ٻيو جٿو هن جيل ۾ پهتو. رات

جي وقت جڏهن ڪوئين ۾ پرندڙ ٻتيون وسايون ويون ته پراڻا قيدي نون آيل قيدين جي چوڌاري ٿي ويٺا. گهٽيءَ ۾ پرندڙ هلڪي بلب جي چونجهي روشني ڪوئين ۾ اچي رهي هئي. جيل ۾ پهريون ڏينهن ۽ پهرين رات وڏي تڪليف واري ٿئي ٿي. نوان پراڻا قيدي پنهنجون پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌائڻ ۾ مصروف ٿي ويا. اڪينوف به ان متل محفل ۾ اچي ويٺو.

هاڻ هڪ سٺ سالن جي مضبوط همراهه جو وارو هيو. هن پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪندي چيو:

”دوستو! آئون ته بي قصورجهليو ويو آهيان. “

”صحيح آهي توڪٽي قانون جي خلاف ڪو ڪم نه ڪيو هوندو. “ هڪ پراڻي قيديءَ هن سان همدردي ڪندي چيو، ”بلڪل اهڙي طرح جيئن اسان ڪو ڏوهه نه ڪرڻ جي باوجود هتي ويٺا آهيون. “

”دوستو! “ هن نئين آيل ڏوهاريءَ پنهنجي ڳالهه وري شروع ڪئي. ”آئون هڪ برف گاڏي ۾ جوٽيل هڪ گهوڙي ڪي ڪاهي ويو هوس جنهن تي مون ڪي چوريءَ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو. جيتوڻيڪ هي ڪم مون فقط جلد گهر پهچڻ لاءِ ڪيو هو. منهنجو ارادو هو ته آئون هن ڪي ڇڏي ڏيان جو هن جو ڪوچوان منهنجو دوست هو ۽ منهنجي خيال ۾ ائين ڪرڻ ۾ ڪو حرج نه هو. پر هائو! هڪ دفعي مون کان واقعي هڪ ڏوهه ٿي ويو هو، جنهن جي سزا ۾ مون ڪي گهڻو اڳ هتي اچڻ کتو ٿي، پر ان وقت آئون بچي ويو هوس. پر ان جي سزا مون ڪي هاڻ ملي آهي جو آئون هن وقت بيگناهه آيو آهيان“

اڪينوف منهن مٿي ڪٽي هن ڏي ڏٺو. ”تون ڪٿي جو رهڻ وارو آهين

”ولاديمير جو. “ اڪينوف وراڻيو.

”منهنجي زال به ان ئي شهر جي آهي. منهنجو نالو مسمي اونچ آهي. “

اڪينوف وڏي حيرت مان هن کان پڇيو، ”تون واقعي ولاديمير جو آهين ڇا؟ ڀلا اتي جي اڪينوف سوداگر متعلق ڪا ڄاڻ اٿئي؟ “

”ها. آئون هن ڪي سڃاڻان ٿو، “ هن جواب ڏنو، ”اڪينوف فئملي ولاديمير جي مشهور سوداگرن جي فئملي آهي. هنن جي پيءُ گهڻو گهڻو اڳ هڪ قتل ڪيو هو جنهن جي ڏوهه جي سزا هو سائيبيريا جي ڪنهن قيد ۾ ڪاٽي رهيو آهي. “

اڪينوف خاموشيءَ سان خلا ۾ گهورڻ لڳو.

”ڀاءُ تون ڪهڙي جرم ۾ هتي آيو آهين؟ “ مسمي اونچ جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ ماٺ ڪي ختم ڪندي پڇيو.

جيل جي ٻين قيدين مسمي اونچ ڪي ٻڌايو ته ڪهڙي طرح اڪينوف کي ناجائز طور سزا خاطر سائيبيريا موڪليو ويو آهي. مسمي اونچ قاتل اکين سان اڪينوف ڏي ڏٺو ۽ پوءِ هڪي هڪي پڇيو: ”تون آهين مسٽر ايوان اڪينوف.... تون ڪيڏو ته پوڙهو ٿي ويو آهين. “

ٻين قيدين حيرت مان هن کان پڇيو: ”ڇا تون اڪينوف ڪي پهرين به ڏٺو آهي؟ “

پر هو خاموش رهيو. هن فقط ايترو چيو: ”عزيزو هيءَ حيرت جي ڳالهه ناهي ته اسان جو

ميلاپ هتي ئي ٿيو آهي.

اڪينوف آهستي چيو: ”شايد تو مون کي پهرين به ڪٿي ڏٺو آهي يا هن معاملي متعلق ٻڌو هجي. هيءَ دنيا افواهن سان پري پئي آهي ۽ آئون ٻڌڻ بنا ڪيئن ٿي رهي سگهيس. پر ان کي تمام وڏو عرصو گذري چڪو آهي. “

هن لاپرواهيءَ سان جواب ڏنو.

اڪينوف کي ائين لڳو ته هي شخص قاتل کي سڃاڻي ٿو يا شايد هي پاڻ ئي قاتل هجي. هو ماٺ مٺوڙي ۾ اتان اٿي ويو.

هو سڄي رات جاڳندو رهيو. مختلف خيال هن جي دماغ ۾ ايندا رهيا. هن پنهنجي زال متعلق سوچيو. هن جو اُداس چهرو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندڙ نيڻ هن جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳا. هن کي ياد آيو ته هوءَ ڪيئن هن سان کل خوشيءَ سان ڳالهيون ڪندي هئي. هن پنهنجي ٻارن کي ياد ڪيو. هو تمام ننڍا هئا. هن پاڻ بابت سوچيو. هو ان وقت جوان هو، خوش باش هو. پوءِ جيل جا ڇهويهه سال هن کي ياد اچڻ لڳا. حالتن هن کي وقت کان اڳ پوڙهو ڪري وڌو. اهو سڀ ڪجهه سوچي هو غمگين ٿي ويو ۽ هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

پندرهن ڏينهن گذري ويا، نه ته هي هن جي ڪوٺيءَ ۾ ويا ۽ نه هن سان ڪا ڳالهه ٻولهه ٿي. هو اڪيلو اڪيلو اُداس رهڻ لڳو. هن کي ڪنهن به حالت ۾ سڪون نٿي آيو.

هڪ رات جڏهن هو قيدخاني ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيو هو ته جن تختن تي رات جو قيدي سمهن ٿا، انهن مان هڪ تختي جي هيٺان ڪجهه مٽي ٻاهر نڪتي پئي آهي. هو اتي بيهي سوچڻ لڳو ته ائين ڇلا ڇو آهي. اوچتو مسمي اونچ تختي جي هيٺان پين تي هلندو ٻاهر نڪتو. اڪينوف کي ڏسي هن جي منهن جو پنو لهي ويو.اڪينوف جلدي وڃڻ لڳو، پر مسمي اونچ دوڙ پائي هن جا هٿ جهليا ۽ هن کي ٻڌايو. ”مون پٽ جي هيٺان هڪ سوراخ کوٽي ورتو آهي ۽ هر روز جڏهن قيدين کي ڪم تي نيو وڃي ٿو ته اسين بوٽن کي مٽيءَ سان پري ونون ٿا ۽ ٻاهر نڪري رستي تي بوٽ خالي ڪريون ٿا. پوڙها ماٺهو تون چپ رهجانءِ. تون به ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ضرور ٻاهر وڃي سگهندين. پر جيڪڏهن سپاهين کي خبر پئجي وئي ته هو مون کي ڇهبڪ هٽي هٽي ماري ڇڏيندا.

اڪينوف هن ڏي ڏٺو. هو ڪاوڙ ۾ ڏڪڻ لڳو. هن پنهنجو هٿ ڇڏايو ۽ اهو چئي هليو ويو: ”مونکي ٻاهر ڀڄڻ جي ڪا تر جيتري به خواهش ناهي. “

ٻئي ڏينهن جڏهن قيدي ڪم تي نڪتا ته حفاظتي پوليس محسوس ڪيو ته قيدين مان ڪنهن شخص پنهنجي بوٽن مان ڪجهه مٽي ڪيرائي آهي. پوليس کي پڪ ٿي وئي ته ڪو سرنگ کوٽي رهيو آهي. هنن هڪدم سرنگ جي ڳولا ڪري ورتي. سڀني قيدين کي ٻاهر ٽڏ ۾ بيهاري جيل جي منتظم هنن کي ڦهريلين نگاهن سان ڏٺوءِ پوءِ ڪائنن پڇيو ته اها سرنگ ڪنهن کوٽي آهي. سڀئي قيدي خاموش رهيا. آخر جيل جو منتظم اڪينوف ڏي آيو ۽ چيو ته تون نيڪ ۽ سچار پوڙهو ماڻهو آهين. خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي ٻڌاءِ ته سرنگ ڪنهن کوٽي آهي.

اڪينوف جا چپ ۽ هٿ ڏڪڻ لڳا. هن سوچيو ته هن شخص منهنجي زندگي تباهه ڪري

ڇڏي آهي. مون کي ڪهڙو حق ٿو ملي جو آئون هن جي زندگي بچايا. هن کي پنهنجي ڪئي جي سزا ملڻ کپي ۽ پوءِ هن کي اهو به خيال آيو ته جيڪڏهن مون هن جي شڪايت ڪئي ته هو هن کي چهبڪ هڻي هڻي ماري ڇڏيندا. ٿي سگهي ٿو ته هن نه ڪيو هجي مون کي هن تي اجايو شڪ هجي. هن جي مار کائڻ مان مونکي ڪهڙو فائدو رسندو. منتظم وري رڙ ڪري هن کان پڇيو: "پوڙها ماڻهو مون کي سچ سچ ٻڌاءِ ته اها سرنگ ڪير کوٽيندو هو؟ "

اڪينوف هڪ نگاهه مسمي اونچ تي وڌي ۽ چيو:

"جناب منهنجي لاءِ اهو ٻڌائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. توهان کي جيڪو سلوڪ وڻي اهو پلي مون سان ڪريو. آئون توهان جي قبضي ۾ آهيان، پر خدا جي شايد اها مرضي ناهي ته ڪو آئون توهان کي ٻڌايان. "

ان رات اڪينوف پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ستو پيو هو ته ڪو هن وٽ آيو. اڪينوف اونداهه ۾ هن کي سڃاڻي ورتو. هو مسمي اونچ هو. هو خاموشيءَ سان اچي هن وٽ ويٺو ۽ ڪنڌ جهڪائي آهستي آهستي چوڻ لڳو:

"اڪينوف مون کي مهرباني ڪري معاف ڪر. آئون اهو ئي شخص آهيان جنهن سوداگر کي قتل ڪرڻ بعد رت هاڻو ڇرو تنهنجي ٿيلهي ۾ رکيو هو. آئون توکي به قتل ڪري تنهنجي ملڪيت ڪٽڻ وارو هوس، پر مون کي تنهنجي ڪمري جي ٻاهران ڪنهن جي ڳالهائڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. پوءِ مون ڇرو تنهنجي ٿيلهي ۾ لڪايو ۽ دريءَ کان غائب ٿي ويس. "

هو گوڏن ڀر جهڪيو. "اڪينوف مون کي معاف ڪر. خدا جي واسطي مون کي معاف ڪر. آئون اقرار ڪندس ته سوداگر کي مون ماريو آهي ۽ پوءِ تون پنهنجي گهر وڃي سگهندين. "

هو فرش تي پنهنجو مٿو هڻندو رهيو. "اڪينوف جڏهن هنن مونکي چهبڪن سان ماريو پئي ته مون لاءِ اهو برداشت ڪرڻ اهڙو ڏکيو نه هو جهڙو هينئر تنهنجي خاموشيءَ کي برداشت ڪرڻ آهي. تون منهنجو راز ظاهر نه ڪيو ۽ مون تي رحم ڪاڌو. يسوع مسيح جي صدقي مون کي معاف ڪري ڇڏ. آئون تمام گهڻو بدقسمت آهيان" هن جي اکين مان ڳوڙها لارون ڪري وهڻ لڳا.

اڪينوف هن کي دلداري ڏني ۽ چيو: "همت کان ڪم وٺ منهنجا دوست. جيڪي ڪجهه ٿيڻو هو سو ٿي ويو. مون ڇويهه سال مصيبتون سَٺيون، هاڻ آئون ڪيڏانهن وڃي سگهندس. منهنجي زال مري چڪي آهي. ٻارن کي به هاڻ آئون ياد نه رهيو هوندس. هاڻ منهنجي لاءِ ڪو گهر ٺڪاڻو نه رهيو آهي. خدا جي دربار ۾ تون پنهنجي جرم جو اقرار ڪٿي ڪر. خدا توکي معاف ڪري ڇڏيندو. شايد آئون توکان وڌيڪ گنهگار هجان. "

انهن جملن سان هن جي دل جو بار هلڪو ٿيو ۽ هن جي دل مان واپس گهر وڃڻ جي تمنا ختم ٿي وئي.

ٻئي ڏينهن مسمي اونچ جيل جي منتظم اڳيان پنهنجي ڏوهه جو اقرار ڪيو. هن جي ڏوهه قبولڻ جي خبر گورنر تائين پهتي. جنهن ولاديمير جي حڪومت سان رابطو ڪيو. پوليس وڌيڪ تحقيقات ڪري اڪينوف جي بي گناهه هجڻ جي تصديق ڪئي. پنجن هفتن بعد سائيبيريا جي گورنر هن کي باعزت آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو.

ان ڏينهن اڪينوف تمام گهڻو بيمار هو. هن جا ساٿي سنگتي هن کي باعزت آزاد ٿيڻ جي خبر ٻڌائڻ لڳا.

”بي....... ڏوهي........... آهيان. “ هن ٻڏل آواز ۾ پڙڪيو، ”مون کي .......... آزاد........ ڪيو پيو وڃي! “ پوءِ هن جو ڪنڌ هڪ طرف لڙڪي پيو.......... ۽ هن جا سڪل چپ ان قسم جي انصاف تي مُرڪندا رهيا.

[هيءَ ڪهاڻي پڻ ليو ٽالسٽاءِ جي آهي، جنهن جي زندگيءَ جو احوال هن کان اڳ واري ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ اچي چڪو آهي. ]